

شاهڪار لکڻين جي چونڊ

ماهوار ڊائجسٽ

# ڪرشما

”ڪپيل ٻانهن جو وارث“

امر جليل جي شاهڪار لکڻي

”تاريخ جو تاج“

عظيم تاريخدان ابن خلدون جي زندگيءَ جو احوال

”پيار ۾ پاڻ ڪھڙو؟“

هندستان ۾ رهندڙ سنڌي اديب گوبند خوشحالاڻيءَ جو ناول

ماهوار

# ڪرزما

جلد پيون، شمارو پنجون، نومبر 2006ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي) : ڊاڪٽر خالد نوراني
سب ايڊيٽرز : مقصود قاضي
ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ
ٽائيٽل ڊزائين : علي اڪبر ڇتو
ڪمپيوٽر لي آئوٽ : فيصل ميمڻ
صدر الدين گرافڪس اينڊ پرنٽرز ڪراچي.
فون: 021-2214834 موبائيل: 0300-2800427
قيمت في پرچو : 30 رپيا
ساليانو في : 300 رپيا

**مواد موڪلڻ لاءِ پتو:**
پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او)، ڪراچي

**سول ڊسٽريبيوٽرس:** (1) عرفان علي نوراني (ڪراچي کان وٺي نواب شاهه تائين)
موبائيل: 0333-2745033
(2) اختيار علي سولنگي (موري کان وٺي جيڪب آباد تائين)
موبائيل: 0333-7594472

**اشتهارن لاءِ ايڊريس:**

**عرفان علي نوراني**
بنگلو نمبر D-121/B بلاڪ پنجون،
ڪلفتن ڪراچي
موبائيل: 0333-2745033
موبائيل: 0300-9223834

E-mail: krizmadigest@yahoo.com

هيءَ ڊائجسٽ پبلشر مير محمد نورانيءَ القادر پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو

| صفحو | ليکڪ | ڪهاڻي |
| --- | --- | --- |
| 16 | ڪرزما پوسٽ | ڪرزما |
| 22 | عمر حميد | ابن خلدون |
| 52 | رينا شهاڻي | هڪ هو رشتو! |
| 54 | امر جليل | ڪپيل پانهن جو وارث |
| 72 | فياض چنڊ ڪليري | ڪلو ڪاسائي راضي ٿي ويو! |
| 85 | امر لغاري | ماڏو لعل |
| 100 | نرتن نوشاد | پڄڻ جي ڪا راهه ناهي |
| 125 | حسن منصور | چوڪيون |
| 131 | ايس سرمد | شيطان ۽ هاري |
| 135 | سيف الحق تنيو | گرگٽي رنگ |
| 137 | عظيم | آزاديءَ لاءِ! |
| 141 | ڪرشن راهي | عزت ڪپي اڏاري |
| 262 | افشين ميمڻ | ناقابل يقين ڪٿائون! |

148
الطاف شيخ
دهليءَ جو درشن

162
ليوگي پراندلو
سنڌيڪار: سنڌو نوراني
نرم گاهه

165
ثروت صولت
سنڌيڪار: گلزار وليائي
خوش پري زندگيءَ جو راز

179
بلراج منيرا
سنڌيڪار: فهيم ميمڻ
نشو

190
مقصود احمد قاضي
حجاج بن يوسف

179
ڪرشن چندر
سنڌيڪار: جمشيد خان
اخباري نجومي

203
طارق بغرا
سنڌيڪار: امر اياز مهر
اسان جو پٽ

228
جيفري آرچر
سنڌيڪار: نصرالله عباسي
هابيل ۽ قابيل

200
ڊاڪٽر منظور ميمڻ
شيطاني جنت

247
محبوب سمون
حضرت اليسع عليہ السلام

278
متفرقہ
شاعري

282
***
ٺهڪ ٽائم

290
گوبند خوشحالاڻي
پيار ۾ پاڙ ڪهڙو؟

# درخواست

سنڌي ڪتاب تمام ٿورا وڪامجن ٿا. سنڌي رسالا ته بنهه گهٽ آهن. جيڪي ڇپجن ٿا، اهي به اهڙو مواد نه ٿا ڏين، جنهن سان پڙهندڙن ۾ هر مهيني رسالو وٺڻ جو چاهه پيدا ٿئي. جيترو گهڻا ماڻهو رسالن کي پڙهندا، اوترا وڌيڪ رسالا ڇپبا ۽ اوترا وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ جا لکندڙ پيدا ٿيندا ۽ اسان جو ادب ترقي ڪندو.

هر سنڌي ماڻهوءَ کي ان ڏس ۾ سوچڻ گهرجي.

هر سنڌي ماڻهو پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪري ته سنڌي ادب جو واڌارو ٿي سگهي ٿو. اسان پڙهندڙن کي اڳ به هڪ عرض ڪيو هو ته هو ان ڳالهه جو پڪو پهه ڪن ته هو هر مهيني هڪ اهڙي سنڌيءَ کي ڪرزما وٺرائيندا، جنهن پهرين هي ڊائجيسٽ نه ورتو هجي. انهيءَ تي عمل ڪرڻ سان ٿوري عرصي ۾ هن ڊائجيسٽ جي وڪري ۾ هزارن ۾ لکن جي واڌ اچي سگهي ٿي، جنهن ڪري مختلف ڪمپنيون به اشتهار ڏيئي سگهن ٿيون ۽ ٻيا ماڻهو به سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ کي فائديمند سمجهي، هن ڪيتر ۾ اچي سگهن ٿا. اميد ته اسان جي هن وينتيءَ تي ٿورو سوچيندا ۽ ان کي هينئن سان هنڊائيندا.


**پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او) ڪراچي**

ع

ڊاڪٽر خالد نوراني بنگلو نمبر D,121/B بلاڪ پنجون، ڪلفٽن ڪراچي. 0300-9223834

عرفان علي نوراني 0333-2745033

# پنهنجي پاران

جڏهن رميش لنڊن ۾ پنهنجي انگريز دوست کي اها ڳالهه ٻڌائي ته ان کي يقين ئي نه پئي آيو ته هن ايڪيهين صديءَ ۾ اها ڳالهه ممڪن ٿي سگهي ٿي. رميش پنهنجي ماءُ پيءُ کان پنهنجي وطن جي باري ۾ صرف ٻڌو هو، جيڪي اڌ صديءَ کان به اڳ پنهنجي وطن کي ڇڏي پرديس ۾ آيا هئا. رميش جو جنم به پرديس ۾ ٿيو هو. پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ کان وطن جون ڳالهيون ٻڌي ٻڌي رميش کي ان وطن سان ڄڻ غائبانه عشق ٿي پيو هو. کيس لڳو ٿي ته اها ڪا جادوئي زمين آهي جتي صرف پيار ۽ محبت هوندي، گيت ۽ گل هوندا، چوڌاري ساوڪ هوندي، ماڻهو پڙهيل ڳڙهيل ۽ مهذب هوندا ڇو ته سندس والدين جو اهو نظريو هو ته سندن وطن وٽ دنيا وارن لاءِ امن جو پيغام آهي جيڪو اڄ جي اشانت دنيا جي گولي کي امن ۽ خوشيون ڏيندو پر........

وطن گهمي اچڻ کان رميش جڏهن پنهنجي دوست کي روئي ان جو احوال ٻڌايو ته سندس دوست کي ڄڻ مٿس اعتبار ئي نه پئي آيو...... ڇا هن دور ۾ به ڪا اهڙي جاءِ هن دنيا جي مٿان ٿي سگهي ٿي جيڪا رميش ٻڌائي رهيو هو. اهڙيون ڳالهيون ته صرف خيالي ڪتابن ۾ هونديون آهن پر هن کي خبر هئي ته رميش زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالهايو هو. رميش کيس ٻڌايو ته هو صرف هفتو کن پنهنجي ديس ۾ رهي سگهيو. جيڪڏهن اتان هليو نه اچي ها ته گهٽجي مري وڃي ها. اتي کيس ڪو ٻه پڪو روڊ نظر نه آيو. چوڌاري ڀڳل رستا هئا. گٽرن منجهان ڪنو پاڻي وهي رهيو هو. اتي وڏا وڏا شاندار بنگلا هئا پر انهن بنگلن جي ٻاهران گندو مينهن جو پاڻي يا وري نالين جو پاڻي گڏ ٿيل هو. ڪنهن به ماڻهوءَ کي ان ڳالهه جي ڪا پرواه ڪو نه هئي. انهن جي سوچ اها هئي ته سندن گهر اندر سٺا هجن باقي ٻاهر ڇا هجي ، انهيءَ سان انهن جو ڪو واسطو نه هو. ڪروڙين ماڻهن جي ملڪ ۾ ڪو رسالو نه هو. اتي ماڻهو پنهنجو پئسو ڀري شوق منجهان ڪتاب شايع ڪرائين ٿا، اهي به رڳو پنج سو ڪاپيون. انهن منجهان ڪي مفت ۾ دوستن کي ڏنيون وڃن ٿيون ۽ باقي وڪري لاءِ ڏجن، جيڪي به سالن کان پوءِ کپجن. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ اخبار آهي. دريا سڪا پيا آهن. پاڻيءَ جا ڪئنال ويران آهن. زمينون سم ۽ ڪلر جي حوالي آهن. ان جاءِ تي ڪنهن ڪارخاني يا ڪاروبار جو ڪو تصور ڪو نه آهي. نه شهرن يا ڳوٺن ۾ ڪي باغ آهن ۽ نه وري ڪي لائبريريون. ڊاڪٽر ڪمپنين کان پئسا وٺي مهنگيون دوائون غريبن کي لکي ڏين ٿا. اسڪولن ۾ مال جا وٿاڻ ٺهيل آهن. جيڪو ماڻهو مئٽرڪ کان پوءِ پڙهي نه ٿو سگهي تنهن کي ماستري جي نوڪري ڏني وڃي ٿي. جيڪو به صرف پگهار وٺڻ لاءِ اسڪول اچن ٿا نه ته ڏينهن جو ڪو ٻيو ڌنڌو ڪن ٿا. اتان جي ماڻهن جا ذهن ستل آهن ۽ سوچڻ سمجهڻ کان عاري آهن. تفريح جو ذريعو ٽي وي ڪيبل آهي جيڪا هر امير توڙي غريب جي گهر ۾ لڳل آهي، جن تي چوويهه ئي ڪلاڪ ناچ گانا ڏسي اتان جا ماڻهو وقت گذارين ٿا. سياسي نمائندا اتان جون ايجنسيون چونڊرائين ٿيون، جنهن کي اهي ماڻهو بنا ڪنهن چون چرا جي قبوليو ڇڏين. سياست ۾ اچڻ جي معني غير قانوني طريقي ڦرلٽ ڪرڻ ۽ راتورات امير بنجڻ آهي. اهو به اتي ڄڻ ڪاروبار هو. لک لڳايو، ڪروڙ ڪمايو. ڪروڙ لڳايو، اربين ڪمايو. دوست جڏهن ڪائنس ان وطن جو نالو پڇيو ته رميش سڏڪو ڀري چيس، اها منهنجي والدين جي ايڪويهين صديءَ جي سنڌ امڙ آهي.

# ڪرزما پوسٽ

هنن صفحن تي اسان پنهنجي پڙهندڙن جا رايا ۽ تنقيدون ڏيندا آهيون. ڪجهه دوستن اها شڪايت ڪئي آهي تہ پوسٽ باڪس لاءِ رجسٽرڊ ڊاڪ يا ڪوريئر سروس وارا خط نہ ٿا وٺن. انهن دوستن کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ اهي هن پتي چيف ايڊيٽر ڪرزما ڊائجسٽ هائوس نمبر B/121_D بلاڪ 5، ڪلفٽن، ڪراچي تي بہ پنهنجا پارسل ۽ خط موڪلي سگهن ٿا. دوستن کي درخواست ڪجي ٿي تہ پنهنجا رايا ۽ تنقيدون اسان کي هر مهيني پندرهين تاريخ کان پهرين موڪلين ڇو تہ ان کان پوءِ پرچو پريس ۾ هليو ويندو آهي. دوستن کي اهو بہ عرض آهي تہ پنهنجي ائڊريس سان گڏ جيڪڏهن پنهنجو فون نمبر يا پرپاسي جو فون نمبر رابطي لاءِ موڪليندا تہ مهرباني ٿيندي. ڇو تہ ان صورت ۾ ادارو ساڻن موادلاءِ ترت رابطو بہ ڪري سگهي ٿو. ڪرزما پڙهندڙن کي اطلاع ڏني وڃي ٿي تہ جيڪڏهن انهن کي ڪرزما جي نئين مهيني جي ڪاپي نٿي ملي سگهي تہ اهي پنهنجي علائقي جي ڊسٽيبيوٽرن کان فون ذريعي گهرويٺي گهرائي سگهن ٿا. اداري پاران ڪرزما ڊائجسٽ جي خريداريءَ لاءِ ڊسٽيبيوٽرن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ لاءِ ڊائجسٽ جي آخري صفحي تي رابطي واري فون/موبائيل نمبر لسٽ مهيا ڪئي ويئي آهي.

(ادارو)

**وضاحت:** سپ ڪان اول سائين امر جليل سان هتي تحريري معذرت ڪئي وڃي ٿي تہ آڪٽوبر 2006ع واري ڪرزما ڊائجسٽ جي "ٽائيٽل پيج" تي سندس نالو امر جليل بدران امير جليل لکجي ويو هو ان لاءِ اسان ساڻس معذرت خواهہ آهيون. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ جڏهن سائين امر جليل کي ان غلطيءَ تي زباني معذرت ڪئي وئي تہ سائين چيو تہ ڪرزما وارا توهان ڇو پيا مون غريب کي امير ڪيو. جيڪڏهن مون کي امير ڪندو تہ پوءِ مان پاڪستان خريد ڪري وٺندس. **(ادارو)**

هميشہ وانگر ڪرزما جو نئون شمارو سنو لڳو پر رسالي کي وڌيڪ محنت جي ضرورت آهي. توهان لکڻ وارن کي سٺي موٽ نہ ٿا ڏيو پوءِ بہ اسان مايوس ٿي رسالي کي ڇڏڻ وارا نہ آهيون. ڪجهہ اسان جون بہ شيون ڇپيندا ڪريو.

**مقبول احمد ڇتو، نٿو**

ادا! توهان جي ڳالهہ صحيح آهي تہ رسالي کي وڌيڪ محنت جي ضرورت آهي. توهان جهڙن پائرن جو ساٿ هوندو تہ اڳتي وڌندا رهنداسين. توهان جو خط شايع ڪيون پيا. **(ادارو)**

مان هر مهيني ڪرزما باقائدگيءَ سان پڙهندو آهيان. رات جو پڙهڻ جو موقعو ملندو آهي ڇو تہ ڏينهن جو ڪم ڪندو آهيان. هي خط بہ رات جو ڏهين وڳي لکي

رهيو آهيان. مان جيڪي شيون موڪليان ٿو اهي شايع نہ ٿيون ڪيون وڃن. شايد هن رسالي ۾ سفارش هلي ٿي.

**غريب نواز جمالي، جهڏو**

سائين! مان هي ستون مان رات جو ادائي وڳي لکي رهيو آهيان. هي رسالو سِيني سنڌين جو آهي. يقين ڪندو تہ اداري جا ساٿي ڪيترن اديبن سان اڃا تائين مليا ئي نہ آهن. گلزار ولياٽي، امر اياز، طفيل مگسي، ريٽا شهاڻي، فياض چنڊ ڪليري، منور سراج، ۽ شاعر انهن مان آهن جيڪي ڪڏهن بہ اداري جي ڪنهن ماڻهوءَ سان نہ لهہ وچڙ ۾ نہ آيا آهن. اهي مواد موڪلين ٿا ۽ انهن جي معياري مواد جي ڪري انهيءَ کي شايع ڪيو وڃي ٿو. ڇا توهان چاهيندا تہ اسان سفارشن يا دوستيءَ جي بنياد تي مواد ڇاپيون؟ توهان کي رسالو ان ڪري وڻي ٿو جو ان جو مواد سٺو هوندو آهي. جيڪڏهن سفارش تي رسالو هلندو تہ پوءِ هڪ بہ ئي سنڌي رسالي جو ادبي موت اچي ويندو جيڪا ڳالهہ توهان بلاشڪ پسند نہ ڪندا. اميد تہ ساٿ هلندو رهندو. معياري مواد موڪليو. ان کي ضرور شايع ڪيو ويندو. ( **ادارو**)

ماهوار ڪرزما جو نئون پرچو پڙهي خوشي ٿي جنهن ۾ ڏاتار ليکڪن جون ڏاتون پنهنجي مڪمل سونهن سان جلوه افروز هيون پوءِ اهو نظم هجي توڙي نثر. ان سان گڏ دنيا جي چوٽيءَ جا فيلسوف، سائنسدان، رياضي دان، جن جا اسان فقط نالا ئي پڙهيا هئا، انهن هستين جون سوانح حيات پڙهي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيو آهي. جنهن رسالي ۾ امر جليل جون ڪهاڻيون، الطاف شيخ جا سفرناما، ريٽا شهاڻيءَ جا ناول، ڪرشن چندر جا افسانا، ڊاڪٽر نور ناز جهتيال جون لکيل سوانح حياتون، ڊاڪٽر خالد نورانيءَ جا پراسراريت تي لکيل لکتون، ڪلثوم گل عباسيءَ جا لطيفا ۽ انيڪ سٺن شاعرن جي شاعري هجي تہ اهو رسالو واقعي املهہ آهي.

**رضا عباسي ماتلي**

پهريون دفعو ڪرزما ورتم. مان ڪڏهن پهرين ڪنهن رسالي ڏانهن خط نہ لکيو آهي. صرف خاموش قاري آهيان. پر ڪرزما پڙهي توهان ڏانهن هي خط لکي رهيو آهيان. ڪرزما مڪمل ادبي رسالو آهي. هن ۾ ڏنل سوانح حيات، نوبل انعام، تاريخي ، نئون ليکڪ، سنڌ ڪلاسڪ ڪهاڻي سلسلا عمده آهن. امر جليل سنڌي ڪهاڻيءَ جو بي تاج بادشاه آهي. ڪيس عرض ڪيو تہ نئين سنڌي ڪهاڻي لکي. حسن منصور، فياض چنڊ ڪليري، صديق منگيو نئين دور جا بهترين ليکڪ آهن. هن ڊائجسٽ کي بند نہ ڪجو. اهو سنڌي ٻوليءَ جو وڏو نقصان ٿيندو.

**غلام رسول سرڪي ڪراچي**

نئين شماري ۾ امر جليل جي ڪهاڻي " شهيد موتي ايندا آهن" ڊاڪٽر نور ناز جهتيال جي سوانح حيات "باغي"، عزيز قاسماڻيءَ جي "ڪاري" الطاف شيخ جو

پياري ٻوليءَ ۾ لکيل سفرنامو، گوبند خوشحالاڻيءَ جو ناول بهترين هئا. ۽ شاعريءَ ۾ ياسين بادل، عبدالرحيم عبد ڪنڀر، فراخ جانوري، مظهر جروار، سرمد چانڊيو، حنيف عاطر ڀنهل، جون تخليقون ساره جوڳيون هيون.

**منو سانگهڙائي**

جيئن تہ مون ڀرين ڪڏهن بہ ڪو رسالو يا ڊائجسٽ نہ پڙهيو آهي. هن دفعي هڪ دوست مون کي آگسٽ جو شمارو پڙهڻ لاءِ ڏئي ويو. پڙهي حيران ٿي ويس. ايڏو بهترين ادب. امر جليل جي لکيل ڪهاڻي "چتي ڪتي جو موت"، ريتا شهاڻي جي "ماءُ جي پيرن هيٺان"، طفيل مگسيءَ جي " پوڙهائپ" خالد نورانيءَ جي " موت کان پوءِ جا عجيب اسرار"ڏادا وٽيا. هاڻي آئون هر مهيني ڪرزما وٺندس ۽ پڙهندس.

**بشير احمد اعوان ڪنڊڪوٽ**

ادا! توهان جي مهرباني جو اوهان کي رسالو وڻيو. اسان جي محنت لاپ پئي (**ادارو**)

ماهوار ڪرزما جو تازو شمارو پنهنجي انڊلٺي رنگن سان سرشار مليو. اهڙي نفسانفسيءَ جي دور ۾ بہ اوهان ڪرزما جهڙو ڪوڙ صفحن وارو ميگزين پنهنجي سچي محبت ۽ محنت سان سينگاري اسان تائين پهچايو پيا. اوهان کي جس هجي جو سنڌ جي بهترين لکارين کان لکائي اسان کي سٺو مواد پڙهڻ لاءِ ڏيو ٿا. شاعري جي پڻ چونڊ سٺي آهي.

**مجيب سنڌي دوڙ**

سيپٽمبر جو شمارو ڪافي دير سان مليو. مهرباني ڪري وقت سر پهچائيندا ڪريو. خوبصورت لکڻين سان سينگاريل ڪرزما مليو تہ تمام گهڻي خوشي ٿي پر افسوس ٿيو چو تہ انهيءَ ۾ منهنجو خط شامل نہ ڪيو ويو هو. بهرحال شاعري موڪليان پيو. ڪهاڻين ۾ امر جليل جي ڪهاڻي، باغي، مرڻ کان پوءِ جا عجب اسرار، دولت جو پجاري ۽ اصحاب ڪيف، گوبند خوشحالاڻيءَ جو ناول بهترين لکڻيون هيون.

**ساجن ايم راجہ ٽنڊو محمد خان.**

نئون شمارو سريلا رنگ ڪٽي ميدان ۾ پهتو. اوهان جي درخواست تي عمل ڪندي ڪجهہ دوستن کي بہ شماري پڙهڻ ۽ ونڻ تي آماده ڪيم، جن پڙهڻ کان پوءِ تعريفن جا دفتر کولي ڇڏيا. "پنهنجي پاران" جو هڪ هڪ لفظ سچائي جا ساز وڄائيندو رهيو. توهان هر دفعي سنڌين کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو پر الائجي ڇو اسان جا سنڌي ڀائر رڳو ڳالهين ڪرڻ تائين محدود آهن. هن دفعي امر جليل جي " مهدي منهنجو پٽ"، ڊاڪٽر نور ناز جهتيال جي " باغي"، "ڪنبندي نيٽ ڪٺار"، "پيار جي پالوت"، "مورت" "مرڪ ۽ ممتا" "شاه جي ڪنجري" "شيطاني جنت" "هڪ ڳڏه جي ڪهاڻي" پنهنجي مٽ پاڻ هيون. هن دفعي شاعريءَ جي چونڊ بہ

زبردست هئي خاص ڪري نجمہ نور قلپوٽو، جمشيد خان، ايس نصرت، آزاد بابر سنڌي، سرمد چانڊيو،گل بهار باغائي، پياسي منظور ابڙو، غريب نواز جمالي جن جي شاعري نهايت خوبصورت هئي. **مير محمد نوتڪاٽي، گڙهو بدين**

ادا! اسان جو ايمان آهي تہ جيڪڏهن هر ڪو سنڌي پنهنجي حصي جو ڪم ايمانداريءَ سان ڪري تہ هوند سنڌ وري اها جنت بنجي پوندي جنهن جي جهلڪ اسان کي شاه جي رسالي کي پڙهي نظر اچي ٿي. ان سان ڪو فرق نہ پوي تہ ان تي عمل ڪيو وڃي ٿو يا نہ. اها باه ڏينهن ۾ نہ ٻرندي آهي. ان لاءِ سال کپن. سنڌ تہ صدين کان ستل آهي. سيئي ڪوششون ڪندا رهنداسين. اميد تہ هڪ ڏينهن روشنيءَ جو سج نڪرندو ۽ اسان سنڌي سرها ٿينداسين. (**ادارو**)

هر مهيني جيان هن مهيني آڪٽوبر جو " ڪرزما" جو شمارو نظر مان گذريو. پرڪشش ٽائٽل سان گڏ معياري مواد جي ڪري بيحد وڻيو. مان هڪ مختصر ڪهاڻي موڪليان پيو. اميد تہ شايع ڪندا. **امداد جسڪاڻي پنو عاقل**

ادا! توهان جي ڪهاڻي زيرِ غور آهي. جيڪڏهن شايع ڪرڻ جهڙي هوندي تہ ضرور شايع ڪئي ويندي. (**ادارو**)

ڪرزما ڊائجسٽ هر هنڌ خاص طور تي اندرون سنڌ ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي رهيو آهيان. اسان جي دعا آهي تہ ڪرزما ڪاميابيءَ جي هر منزل طئہ ڪري. مان هڪ ڪهاڻي موڪلي رهي آهيان، جنهن ۾ ڪجهہ ڪچايون پڪايون درست ڪري رسالي ۾ جاءِ ڏيندا. **ماروي پتو، ميرپور پتو**

ادي! توهان رسالي ۾ ڪهاڻيون پڙهي ڏسو تہ اهي ڪيئن لکيل آهن ۽ ڪهڙي انداز سان شروع ۽ ختم ڪيون وڃن ٿيون. انهن وانگر لکي صاف لفظن ۾ پني جي هڪڙي پاسي لکي موڪليو. معياري لکڻي هوندي تہ ضرور شايع ڪئي ويندي. (**ادارو**)

توهان جو ڪرزما تمام پلو ڊائجسٽ آهي. مان اوهان جو ريگيولر پڙهندڙ آهيان. آڪٽوبر مهيني واري ڪرزما ڊائجسٽ ۾ سپني کان سني ۾ سني ڪهاڻي مون کي نرتن نوشاد جي لکيل "هڪ عاشق جو بدلو" لڳي. ان کان علاوه ٻيون بہ ڪهاڻيون پنهنجو مٽ پاڻ هيون. **نرگس جمالي حيدرآباد**

گذريل چار مهينن کان ڪرزما ڊائجسٽ ۾ ڪافي بهتري آئي آهي. ڪهاڻيون تہ سيئي سٺيون آهن پر هتي مان هڪڙي ڳالهہ ڪندس تہ ادا عزيز قاسماڻي هڪ سٺو لکندڙ آهي پر سندس ڪهاڻين جو رک ۽ طريقو ايترو خاص موهيندڙ ناهي. هن کي

گھرجي تہ نالي وارن اديبن جھڙوڪ "امر جليل"، "الطاف شيخ"، "نسيم کرل" ۽ ٻين اديبن جي لکڻين کي فالو ڪري.

**محمد جعفر جتوئي مورو**

ڪرزما ڊائجسٽ جو آڪٽوبر شماري جو بيچيني سان انتظار ڪيم ڪافي ڏينهن کان اسٽالن جا چڪر ڪاٽي ٿڪي پيس پر مون کي ڪرزما نہ مليو. هڪ تہ توهان دير سان ڪرزما اسٽالن تي پهچايو ٿا ۽ ان کان علاوه ٿوري مقدار ۾ حيدرآباد شهر ۾ ڪاپيون موڪليو ٿا. مهرباني ڪري منهنجي هن التجا تي ڌيان ڏيندا.

**طلسي داس حيدرآباد**

مان ڪافي مهينن کان وٺي اوهان جو ڊائجسٽ پڙهي رهيو آهيان. آڪٽوبر جي شماري ۾ ڊاڪٽر نور ناز جهتيال جي "باغي"، امر جليل جي ڪهاڻي "عاشق ۽ شهيد موتي ايندا آهن"، فياض چند ڪليري جي "آئس برگ"، حسن منصور جي "بڪ جو پٽ"، سومرو سرمد جي "شور"، رياض بلوچ جي "رات جو رولو" بهترين ڪهاڻيون هيون. پر سڀ کان وڌيڪ سني ڪهاڻي نرتن نوشاد جي "هڪ عاشق جو بدلو" لڳي. وڌيڪ مان اڃا ڊائجسٽ نہ پڙهيو آهي. ان کان علاوه هتي اهو عرض ڪيان ٿو تہ مهرباني ڪري وقت سر ڊائجسٽ مارڪيٽ ۾ آڻيندا. اسان انتظار ڪري ڪري ٿڪجي پئون ٿا.

**عبدالرحيم بخش واهي پانڌي نوابشاهہ**

***انهن دوستن جا نالا جن جا خط جاءِ نہ هئڻ سبب شايع نہ ڪري سگهيا آهيون:***

الطاف حسين اداسي ڪشمور، رستم بڙدي شاهپور چاڪر، عبدالعزيز باڪوڙ موري، سنڌو سومرو دادو، اختر علي ڪيريو سڪرنڊ، رحيم بخش ڪوسو ڪشمور، الهہ داد جت قاضي احمد، ساحل فياض سومرو، وفا خان محمد احمداڻي، رافيہ پيٽي حيدرآباد، ڪلثوم ڪورائي مورو، عبالقادر پيٽي پليڏنو ڳوٺ، غلام مرتضي ڪيريو سڪرنڊ، پياسي منظور ابڙو دوڙ، رياض جتوئي ڪراچي، نواب شيخ ڪراچي، محمد خان ميمڻ ٺٽو، قائم خان نونهاري بدين، شاهہ محمد نوتاڻي چور، ڪشور ميرپورخاص، حبيب الرحمان لغاري، مولوي محمد لقمان ماڪوڙائي ٽنڊوآدم، ٻاجهي خان گاڏاهي ڳوٺ، مشتاق پيچارو ملان مڪڻ ٽنڊو آدم، نعيم جروار ٽنڊو الهہ يار، سالڪ علي ڪلوڙ گھوٽڪي، رحمت بجير چور، رحمت اڪيراج صابر ڦاٽڪ، منظور جلباڻي سانگھڙ، مير حسن ڪوسو دوڙ ۽ ٻيا.

❊........❊........❊

عبدالرحمان ابن خلدون تاريخ جو اهو نالو آهي جنهن ”تاريخ“ جي علم کي نئين جهت ۽ معني ڏني. تاريخ سندس ان ڪم کي وساريو ڪونہ آهي. سندس نالو صدين گذرڻ جي باوجود اڄ بہ تاريخ جي صفحن تي محفوظ آهي ۽ دنيا جو هر پڙهندڙ سندس نالي کان واقف آهي.

## تاريخ جو تاج:

# ابن خلدون

## عمر حميد

### تاريخ جي علم کي اصل تاريخ بنائڻ واري جو احوال

سلطان ابوالحسن تخت تي قدم رکڻ کان پوءِ پنهنجي سلطنت جي حدن تي نظر ڦيرائي تہ هو گهبرائجي ويو. هن جي دنيا ڪيتري نہ ننڍڙي هئي. عربن جي دنيا، جنهن تان ڪڏهن سج لهندو ئي نہ هو سا ڪيتري نہ سوڙهي ٿي ويئي هئي. هاڻ سڄ جا فقط ڪجهہ ڪرڻا ئي ان تائين پهتا ٿي. طليطلہ، قرطبہ، اشبيلہ ۽ اندلس عربن جي هٿن مان نڪري چڪا هئا. عربن جي آباديءَ جو وڏو حصو مراڪش ۽ تيونس طرف جلاوطن ڪيو ويو هو. باقي جيڪو اقتدار بچيو هو ان مان بہ اڌ تي تہ ڪجهہ امن هو باقي اولهہ ٽن حصن تي ورهائجڻ تي مجبور هو. جيڪو بنو عبدالواد، بنو حفص ۽ بنو مرين جي وچ ۾ ورهايل هو ۽ سلطان ابوالحسن بنو مرين جي نمائندگي ڪري رهيو هو.

اهو ڏسي هن جي عربي رڳن ۾ رت جي گردش تيز ٿي ويئي ۽ اهو خيال ذهن ۾ ويهي رهيس تہ اهي ورهايل علائقا هڪ ئي قبيلي جي اقتدار هيٺ گڏ ٿيڻ گهرجن ۽ بنو مرين قبيلي کان بهتر ٻيو ڪهڙو قبيلو ٿي پئي سگهيو. هن هڪ ڀيرو ٻيهر عربي سلطنت جي نقشي کي پنهنجي ذهن جي ديوار تي لڳايو تہ ڪيس بنو عبدالواد جي حڪومت ٻن سگهارن پاڙيسرين جي وچ ۾ گهيريل نظر آئي. هن وڏيڪ ويچاريو تہ بنو عبدالواد جي گاديءَ جو هنڌ تلمسان، سندس گاديءَ جي هنڌ فاس جي بلڪل ويجهو نظر آيو. هن جي اکين ۾ اها ئي چمڪ ابري، جيڪا ڪمزور شڪار کي ڏسي ابرندي آهي ۽ هن ڪنهن صلاحڪار سان صلاح مشوري کان سواءِ ئي تلمسان تي حملو ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري ورتو.

سلطان ابوالحسن جي گاديءَ جي هنڌ ”فاس“ تي اڃا سج پنهنجا ڪرڻا بہ نہ اڇليا هئا، جو سلطنت جا صلاحڪار گڏ ٿي چڪا هئا ۽ سلطان هڪ پرجوش



تقرير جي ذريعي پنهنجو موقف مجلس جي سامهون بيان ڪيو.

اهو پهريون موقعو نہ هو تہ بنو مرين ميري اک سان پنهنجي پاڙيسرين کي ڏٺو هو. هنن ڪيترائي ڀيرا اڳ بہ تلمسان تي چڙهائي ڪئي هئي. پر هن ڀيري سلطان کي پنهنجي انتظامي اهليت ۽ قوت تي پورو ڀروسو هو. هن جو فرمان هو تہ هن ڀيري هو بنو عبدالواد کي اڳوڻن حڪمرانن جيان اهو موقعو نہ ڏيندو تہ هو ٻيهر پنهنجي علائقن تي قابض ٿي سگهن. صلاح ۽ مشوري کان پوءِ محفل پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي ۽ سلطان چڙهائيءَ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون.

ٻئي ڏينهن سلطان ابوالحسن جي خدمت ۾ عالمن،اديبن ۽ شاعرن جي جماعت حاضر ٿي ۽ سلطان جيئن تہ علم دوست هو تنهن ڪري ڪيس انهن اهم فردن جي بہ گهٽي گهرج هئي. هنن سيني سلطان جي ارادي جي واکاڻ ڪئي ۽ سلطان جي ڪاميابي جي لاءِ دعائون گهريون.

مڪمل تياري کان پوءِ، سلطان ابوالحسن، باز جيان تلمسان تي حملو ڪيو ۽ ان تي قبضو ڪري بنو عبدالواد جي حڪومت ختم ڪري ڇڏي هن جي سپاهين پنهنجي گهوڙن جا لغام ڍرا ڇڏي ڏنا ۽ اوير ڏانهن ڪاهيندا ويا.ايستائين جو "بجايا" تي بہ قبضو ڪري ورتائين.جيڪو آفريقا جي تابع هو.ان کان پوءِ هو قسطنطنيہ تي بہ ڇائنجي ويو ۽ اتي جي اميرن کي پنهنجي گادي جي هنڌ "فاس" موڪلي ڏنو.

هو هڪ طوفان جيان پنهجي اڳيان ايندڙ هر ديوار کي ڍاهيندو ويو ۽ فوجين کي اڳتي وڌائيندو ويو ۽ تيونس ۾ وڃي ساهي پٽيائين.

*......*......*

تيونس جا شهري ڊپ سبب گهرن ۾ لڪا ويٺا رهيا. سلطان جا فوجي گهٽين ۾ پهرو ڏيئي رهيا هئا. عبدالرحمان ابن خلدون پنهنجي ڪتب خاني ۾ بند، ڪتابن جي سارسنڀال ۾ رڌل هو. هن ننڍيءَ وهيءَ ۾ ئي ان زماني جا سڀ علم پڙهي ورتا هئا. هن جو پيءُ محمد ابن خلدون هڪ علم دوست شخص هو. عالمن جي هڪ جماعت سدائين هن سان گڏ رهندي هئي.

عبدالرحمان انهيءَ عالم کان تربيت ورتي هئي. هن قرآن، حديث، فقہ، علم نحو وغيره پڙهيو هو ۽ فقط سورنهن سالن جي عمر ۾ ئي تيونس ۾ موجود علم جا ذخيرا هن جي لاءِ گهَٽجي ويا هئا ۽ هو نوَن استادن جي ڳولا ۾، ان وقت جي رواج موجب تيونس مان ٻاهر نڪرڻ جي لاءِ جتن ڪري رهيو هو جو سلطان ابوالحسن تيونس. تي ڪاهي آيو ۽ هن جا خواب فنا ٿيڻ لڳا.

مجبوري جي حالت ۾ هو پڙهيل ڪتابن کي ٻيهر پڙهڻ لڳو. ڪيس تيونس جي مستقل کان وڌيڪ پنهنجي مستقبل جو فڪر لڳل هو. واندڪائيءَ جي انهن گهڙين ۾ هو هڪ ٻي خيال جي چوڌاري، ذهن کي ڊوڙائڻ لڳو. هن پنهنجي وڏڙن جا ڪارناما ٻڌا هئا. هن ٻڌو هو تہ سندس هڪ پڙ ڏاڏو اشبيليہ جو حڪمران هو.

سندس خاندان جا ٻيا بہ ڪيترائي فرد اعليٰ عهدن تي رهي چڪا هئا. هو سوچڻ لڳو تہ هُو بہ پنهنجي وڏڙن جيان وڏوعهدو ۽ مٿيرائپ حاصل ڪري. پوءِ وري اهو خيال تي آيس تہ پهرين علم ۽ فعل ۾ برتري حاصل ڪري. مٿس پهريون پيرو اهو راز کليو تہ منجهس هڪ ئي وقت ٻيئي لهرون گڏوگڏ هلي رهيون هيون ۽ ڪيس انهن لهرن جي وچووچ پنهنجي زندگيءَ جو سفر طئي ڪرڻو هو.

هو بيدليءَ سان ڪتابن کي اٿلائي پٿلائي رهيو هو جو ڪيترن ڏينهن کان پوءِ هن ميزبان خاني ۾ آواز پڌا.هو سدائين انهن مجسلن ۾ شريڪ ٿيندو هو. پڙهنس وٽ ايندڙ علم ۽ ادب دوست ڪيس گهرائي پاڻ سان گڏ ويهاريندا هئا. هن جي موجودگي سان انهن محفلن ۾ روح ڦوڪجي ويندو هو. هن ڪتاب رکيو ۽ ميزبان خاني ۾ پهچي ويو. ڪيترن ئي ڏينهن کان پوءِ سندس نظر شناسا چهرن تي پيئي. ڪجهہ دير جي لاءِ ڪيس ايئن محسوس ٿيو تہ "بنو حفص" جي حڪمراني جا ڏينهن آهن. انقلاب کان اڳ جو زمانو آهي. اوچتو ان احساس پاسو بدلايو. ڳالهہ جو سلسلو اتان ئي شروع ٿيو جتان ٽُٽو هو. سندس اچڻ کان اڳ بحث جو موضوع نئون حڪمران سلطان ابوالحسن هو.

"سلطان جو ملڪ فتح ڪرڻ جو شوق پنهنجي جاءِ تي، پر اها ڳالهہ طئي ٿيل آهي تہ هو علم جو شيدائي ۽ عالمن جو قدردان آهي. تنهنڪري اوهان کي بي فڪر ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اوهان جي شهرت هڪ عالم واري آهي. اسان جو ملڪي سياست ۾ ڪو بہ عمل دخل ڪونهي". هڪ شخص محمد بن خلدون کي چيو.

"ٻڌو اٿم تہ هو پاڻ سان عالمن جي هڪ جماعت بہ وٺي آيو آهي." محمد بن خلدون چيو.

"هائو! اوهان صحيح ٻڌو آهي. انهن مان ٻن ڄڻن سان تہ آئون ملي چڪو آهيان. هڪ ڄڻو عبدالحسن تہ اولهہ جو امام مڃيو وڃي ٿو. حديث جي علم ۾ پري پري تائين سندس ڪو بہ مٽ ڪونهي."

"۽ ٻيو بزرگ!"

"ٻيو بزرگ محمد بن ابراهيم آلابلي آهي. عقلي علمن ۾ وڏي مهارت رکي ٿو."

"جيڪڏهن سلطان جي خلاف ڪو هنگامو نہ ٿيو تہ پوءِ تيونس جو علمي ماحول نهايت خوشگوار ٿي ويندو."

ان کان پوءِ گفتگو ڪو ٻيو رخ اختيار ڪري وئي. جنهن سان نوجوان عبدالرحمان کي ڪا بہ دلچسپي نہ هئي. پر ڪيس اميد جو ڪرڻو نظر اچڻ لڳو.

٭.....٭.....٭

ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ حالتون درست ٿيڻ لڳيون. هڪ ڏينهن تيونس جا ڪجهہ عالم هن جي پيءُ سان ملڻ جي لاءِ اچي نڪتا. جيتوڻيڪ اها ڪا غير معمولي ڳالهہ نہ هئي، پر انهن ۾ هڪ اجنبي چهري کي ڏسي هو چرڪي پيو. اهو ڪير ٿو ٿي سگهي؟ اهو سلطان سان گڏ آيل ڪو عالم تہ نہ آهي؟ پڪ سان ائين ئي آهي. هن جي دل چيو.

پکڙجي ويئي. موت پهه هٽي راڳا ڪري ڇڏيا. ائين ٿي لڳو ڄڻ شهر انسانن کان خالي ٿي ويندو.

ان ويا ٻين سان گڏ عبدالرحمان کان سندس پيءُ ڄماءُ به کسي ورتا. پوءِ جڏهن ويا ۾ گهٽتائي آئي ته عبدالرحمان تي ان ڳالهه جو انڪشاف ٿيو ته هو نه رڳو يتيم ٿي ويو هو پر هڙئي پڏي وئي هئس. ڪيترا وڏا وڏا عالم ۽ اڪابر ان آسماني آفت جي ور چڙهي ويا. جن وٽ سندس امانت هئي ۽ جن کان هو گهڻو ڪجهه سکي ٿي سگهيو.

***

سلطان ابوالحسن کي تيونس تي حڪومت ڪندي اڃا ٻه سال مس گذريا.جو تقدير ڦيرو کاڌو. جن قبيلن سندس ساٿ ڏنو هو سي سندس خلاف ٿي پيا. هُو "قيروان" ۾ هو جو باغين گهيري ۾ وٺي لاٿس. اها خبر جڏهن تيونس پهتي ته حڪومت جي خلاف فساد ٿي پيو. جيڪي عالم, اديب ۽ شاعر اولهه کان آيا هئا. سي واپس موٽي ويا. شهرين اترئين حڪومت جو خاتمو ڪري اڳوڻن حڪمرانن بنو حفص جي حڪومت بحال ڪري ڇڏي.

عبدالرحمان کي حڪمرانن جي ان بدل سدل سان ڪا به دلچسپي نه هئي. کيس فقط عالمن سان دلچسپي هئي, جيڪي ڪانئس کسجي ويا هئا. ان صورتحال ۾ هن هڪ ڀيرو ٻيهر تيونس مان نڪري وڃڻ جو سوچيو.پر سندس وڏي ڀاءُ سخت مخالفت ڪئي. جنهن ڪري هو ڪجهه وقت ترسي پيو.

ان هوندي به هن مناسب موقعي تي نڪري وڃڻ پئي چاهيو پر هڪ واقعي ڄڻ سندس تيونس ۾ رهڻ جو جواز پيدا ڪري ڇڏيو. عبدالمهين شهرين جي ڏمرجي ڊپ سبب ڪٿي لڪيل هو ۽ موقعو ملندي ئي عبدالرحمان جي گهر هليو آيو ۽ پناهه گهريائين. سلطان ابوالحسن جي ماڻهو کي پناهه ڏيڻ موت کي دعوت ڏيڻ جي برابر هو. پر عبدالرحمان ان آب حيات کي پنهنجي هٿان وڃائڻ نٿي چاهيو. هن دروازو بند ڪري, ادبي بي بدل عالم کي پنهنجي ڪتب خاني ۾ وٺي ويو. ان کان وڌيڪ سٺي لڪڻ جي ٻي ڪا جاءِ ٿي نٿي سگهي. جنهن مهل هو پڙهڻ ۾ رڌل هوندو هو, اتي ڪير به اچي نه ٿي سگهيو. هن جي ٻائرن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به خبر پئجي نه سگهي ته ڪتب خاني ۾ ڪتابن کان سوءِ ٻيو ڪو به هو.

*......*......*

اهي ڏينهن هن جي زندگي جا سنهري ڏينهن هئا. عبدالمهين هن جي ويجهو هو جنهن جي زبان مان نڪتل هڪ هڪ لفظ علمي ذخيرو هو. هن ان وقت مان پورو پورو فائدو ورتو. صحاح سته, موطا, ڪتاب السير لابن اسحاق جهڙا ڪتاب هن پڙهي پورا ڪيا.

ٻاهرين دنيا ۾ اقتدار جي هلچل متل هئي. سلطان جي هٿان قسطنطنيه به نڪري ويو هو ۽ ڪافي وقت هو گهيري ۾ رهيو. نيٺ هن ڪن قبيلن کي پاڻ سان ملائي ورتو ۽ گهيرو ٽوڙي, قيروان مان نڪري "سوسس" جي شهر پهتو. جتان

بحري رستي جي ذريعي تيونس پهچي شورش تي قابو پاتائين ۽ قلعي ۾ جيڪا جماعت قاتل هئي، تنهن کي ٻاهر ڪڍيائين.

عبدالمهين به ڪتب خاني مان ٻاهرنڪري سلطان سان وڃي گڏيو پر سندس حالت اها هئي جو سندس اکين ۾ عبدالرحمان جي لاءِ ڳوڙهن جا لڙڪ هئا.

اڃا اها بغاوت پوري طرح ختم ئي نه ٿي هئي، جو هڪ پوائنٽي خبر تيونس وارن لاءِ هڪ ٻيو موقعو فراهم ڪيو. سلطان ابوالحسن جو پٽ ابوعنان جيڪو فاس ۾ سلطان جو نائب هو تنهن پيءُ جي خلاف بغاوت ڪري پنهنجي خود مختيار حڪومت جو اعلان ڪيو. اها خبر ٻڌندي ئي سلطان ابوالحسن پنهنجي پٽ ابوالفضل کي تيونس ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيو ۽ ابوعنان جي بغاوت دٻائڻ لاءِ واپس وريو. هن سان گڏ عالمن جي جماعت به رواني ٿي. عبدالرحمان ابن خلدون هڪ ڀيرو ٻيهر خالي هٿين رهجي ويو.

حفصي گهراڻي جو هڪ وزير "ابن تافراڪين" اسڪندريه ۾ جلاوطني جا ڏينهن گذاري رهيو هو. تنهن سلطان جي تيونس خالي ڪرڻ جي خبر ٻڌڻ شرط تيزي سان تيونس تي حملو ڪيو ۽ هڪ ننڍي لڙائي کان پوءِ سلطان ابوالحسن جي نائب کي اتان ڪڍي، ابو اسحاق کي تخت تي ويهاري اعلان ڪيو ته ابو اسحاق حفصي سندس ڪفالت ۾ رهندو.

*......*......*

ابن خلدن جي شهرت هاڻ ڪنهن کان ڳجهي نه رهي هئي. سندس والد محمد ابن خلدون جون علمي سرگرميون ڪنهن کان ڳجهيون نه هيون. هن جا بنو حفص سان سٺا لاڳاپا هئا ۽ وزير ابن تافراڪين جو واسطو به بنو حفص سان هو. تنهن ڪري جڏهن هو ابو اسحاق جي آڙ ۾ حڪومت ڪرڻ لڳو ته کيس ابن خلدون جي ياد آئي. هن وقت عبدالرحمان جي شهرت اڳ ۾ ئي پهچي چڪي هئي. هن عبدالرحمان کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کيس احسان طور ڪاتب جو عهدو عنايت ڪيو. سلطان ابواسحاق پاران خطن جي ڪتابت هن جي فرضن ۾ شامل هئي.

ان وقت عبدالرحمان جي عمر ويهه سال هئي. هن جا ارادا ۽ عزم جوان هئا ۽ دل ۾ عهدن ۽ مشهوري جي خواهش پڻ هيس. هن ان عهدي کي پهرين ڏاڪي طور قبولي ورتو. ظاهري طرح ته حالتون سندس حق ۾ نظر پئي آيون پر قسمت جي ترڪش ۾ ڪجهه تير اڃا باقي هئا. قسطنطنيه جو حاڪم، جيڪو پڻ تيونس سان واسطو رکندو هو. تيونس تي پنهنجو حق سمجهندو هو. هن مڪمل تياري سان تيونس طرف وڌڻ شروع ڪيو. "ابن تافراڪين" به ان خطري کان غافل نه هو. هن قسطنطنيه جي حاڪم جي چڙهائي جو ٻڌو ۽ سندس مقابلي لاءِ روانو ٿيو.

اهو عبدالرحمان جو تيونس مان نڪرڻ جو پهريون موقعو هو. هو تيونس مان نڪري سلطان ابو اسحاق ۽ لشڪر کان جدا ٿي ڪنهن طرف ڀڄي وڃڻ جو جائزو وٺڻ لڳو. پر کيس ڪو موقعو ئي نٿي

مليو. جو سلطان ابو اسحاق کيس پاڻ کان ڏار نہ ٿي ڪيو. ايتري قدر جو سندس بسترو بہ پنهنجي ئي تنبوءَ ۾ لڳائيندو هو.

نيٺ ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا. زبردست جنگ لڳي جنهن ۾ سلطان قسطنطنيہ جي لشڪر کٽيو. ابن خلدون جي لشڪر ۾ ڀاڄ پئجي ويئي. هاڻ ابن خلدون کي فيصلو ڪرڻو هو تہ هُو ڪيڏانهن وڃي. هو جنگ جي ميدان مان نڪتو ۽ تيونس طرف واپس وڃڻ جي بدران مخالف طرف وڃڻ لڳو ۽ سوچيو تہ "جي زندگي رهي تہ فاس پهچي پنهنجي تعليم جو سفر ٻيهر شروع ڪندو." اڳيان باهہ هئي. هن باهہ کي ترجيح ڏني ۽ ريگستانن ۽ نخلستان مان گذرندو پنهنجي اصل منزل طرف وڌڻ لڳو.

هو بک، اڃ ۽ ٻين تڪليفن کي منهن ڏيندو نيٺ هڪ بدوي قبيلي تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيو. انن ۽ ٻڪرين جي کير هن جي پيٽ ۾ ساهہ وڌو ۽ هو اڳيان وڌڻ جي لائق ٿيو. ايئن هو هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ۽ هڪ قبيلي کان ٻئي قبيلي جو مهمان ٿيندو، شهرن ۽ ويرانن مان لنگهندو، ڏکڻ ۾ زاب جي علائقي ۾ پهتو. جتي هن هڪ مهربان جي مدد سان هڪ ڪپڙن جو نئون وڳو خريد ڪيو ۽ زاب جي حاڪم سان ملاقات ڪئي. زاب جي حاڪم، هن جي علمي قابليت کان متاثر ٿي، کيس نہ رڳو پنهنجو مهمان بڻايو پر هر وقت کيس پاڻ سان گڏ رکڻ لڳو. هو سياري جي سڄي مند زاب جي حاڪم سان گڏ گاديءَ جي هن "بيڪره" ۾ ٽڪيل رهيو.

---

هوڏانهن سلطان ابو الحسن پنهنجي پٽ ابوعنان سان جنگ وڙهي، جنهن ۾ کيس شڪست آئي ۽ هو ان صدمي ۾ مري ويو. هن جي مرڻ کان پوءِ سندس پٽ ابو عنان پنهنجون جنگي سرگرميون جاري رکيون. هن فاس مان نڪري، تلمسان تي چڙهائي ڪئي ۽ ان تي قبضو ڪري ورتو. عبدالرحمان، تلمسان جي ويجهو ئي ٽڪيل هو ۽ ابو عنان جي فتح جي خبر ٻڌندي ئي ساڻس ملڻ لاءِ بيچين ٿي پيو. سياري جي مند جي ختم ٿيندي ئي هو تلمسان روانو ٿي ويو.

جيتوڻيڪ سياسي بي چيني جي ڪري "عالم عرب" جو شيرازو وکريل هو. پر هڪ ادبي ۽ ثقافتي وحدت سڄي عالم عرب ۾ اڃا بہ قائم هئي. اديب، عالم، فقہ اڃان بہ پاڻ ۾ غائبانہ يا سڌوسنئون جڙيل رهندا هئا. هر هڪ جا جا خيال، تصور ٻين تائين پهچندا هئا ۽ انهن مان جنهن کي وڌيڪ شهرت ملندي هئي، ان جي نالي جو ڏونڪو سڄي ملڪ ۾ وڄندو هو.

عبدالرحمان ابن خلدون جو علمي قد اڃا ايترو وڏو نہ ٿيو هو. پر سلطان ابوالحسن سان آيل عالمن جي ڪري هن جو نالو "فاس" تائين پهچي چڪو هو. تنهن ڪري جڏهن هو تلمسان پهتو ۽ ابو عنان جي وزير حسن بن عمر سان مليو تہ هن جو نالو وزير جي لاءِ اوپرو نہ هو. حالانڪ ان وقت عبدالرحمان جي عمر صرف ٽيويهہ سال هئي.

هو وزير حسن بن عمر جي ذريعي ابو عنان سان مليو ۽ هڪ ئي ملاقات ۾ متِس

پنهنجي شخصيت جو جادو ڪري ورتو.
ان وقت ابو عنان جنگ جي حالت ۾ هو. تنهن ڪري ملازمت جو ڪو موقعو نڪري نه سگهيو. ابو عنان "بجايا" فتح ڪرڻ جي لاءِ روانو ٿيو ۽ ابن خلدون درس ۽ تدرس ۾ مشغول ٿي ويو. اتي ئي هن هڪ سني گهراڻي ۾ شادي ڪئي. هن جي علمي شهرت هر سني گهراڻي لاءِ ڪيس پنهنجو ناٺي بڻائڻ جي لاءِ ڪافي هئي.

※......※......※

"بجايا" فتح ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ابو عنان واپس فاس پهتو ته ڪيس اهل علم ۽ ادب کي گڏ ڪرڻ جو خيال آيو. هن ابن خلدون کي به گهرايو. هو ته اڳ ۾ ئي اهڙي دربار سان لاڳاپجڻ جو خواهشمند هو ۽ مٿان وري ڪيس "فاس" مان پيغام آيو هو جتي اڳ ۾ ئي سندس ڪيترائي استاد موجود هئا. سو هُو بنا ڪنهن ديرجي "فاس" پهچي ويو.

ابو عنان هن جو نهايت گرمجوشيءَ سان آذرڀاءُ ڪيو. ڪيس اهو ڏسي اطمينان ٿيو ته سلطان جي مجلس ۾ علم ۽ ادب جا اڪابر اڳ ۾ ئي موجود هئا. ابو عنان ڪيس پنهنجي اهل مجلس ۾ شامل ڪيو ۽ نماز ۾ هن جي حاضري پاڻ سان لازمي ڪري ڇڏي. اهو هن جي لاءِ وڏو اعزاز هو ته ڪيس جيتوڻيڪ سلطان جي صحبت ته نصيب ٿي ويئي هئي پر هو اجا ملازمت جي اوسيئڙي ۾ هو. هو ڪنهن وڏي عهدي جي منتظر هو پر ڪيس شاهي ڪاتب جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو. جيتوڻيڪ اهو عهدو هن پنهنجي خانداني حيثيت کان گهٽ سمجهيو پر بهرحال ڪيس قبول ڪرڻو پيو.

جيتوڻيڪ اهو عهدو هن قبولي ته ورتو. پر هن جي دل ۾ ابو عنان جي لاءِ اها ساڳي عزت نه رهي. هو اتان نڪرڻ جي لاءِ سوچڻ لڳو. ان لاءِ هو ڪنهن مناسب تدبير جي ڳولا ۾ هو. بي دلي جي ان باغ ۾ ڪجهه شاخون اهڙيون به هيون جن سان هو علم جي آبياري ڪري ٿي سگهيو. ان ۾ ڪي عالم هئا ۽ ڪجهه اندلس مان آيا هئا. اڳوڻن استادن عبدالمهين ۽ ابراهيم بن آلابي جي صحبت به ڪيس بيهر نصيب ٿي ويئي. هن جي شخصيت جو سياسي پهلو به ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ جي لاءِ بيچين رهندو هو. جنهن جو ڪيس جلدئي موقعو ملي ويو.

ابو عنان جڏهن "بجايا" فتح ڪيو ته اتي جي امير محمد بن عبدالله حفصي کي پاڻ سان گڏ "فاس" وٺي آيو هو. جيڪو اتي نظر بندي جا ڏينهن گذاري رهيو هو. مٿس فاس مان ٻاهر وڃڻ تي پابندي هئي. تيونس جي حڪمران گهراڻي ۽ ابن خلدون جي گهراڻي ۾ گهاٽا لاڳاپا هئا. تنهن ڪري ابن خلدون هن ۾ غير معمولي دلچسپي ورتي ۽ ٻنهي جي وچ ۾ گهاٽي دوستي ٿي ويئي.

هڪ ڏينهن امير ڪيس پنهنجي دل جو راز ٻڌائيندي چيو ته "ابو عنان مون کي هتي قيدي بنائي وٺي آيو آهي. جيڪڏهن هتان ڀڄڻ جو موقعو مليم ته پنهنجو وڃايل اقتدار بيهر حاصل ڪري سگهان ٿو."

"اها رڳو اوهان جي سڌ آهي يا ان سلسلي ۾ اوهان ڪا عملي ڪوشش به

ڪئي آهي؟" ابن خلدون پڇيس.

"ڪوشش تہ ڪافي ڪئي اٿم، پر ڪاميابي نٿي ملي. هاڻ بڏو اٿم تہ سلطان بيمار آهي. ان جي بيماريءَ مان فائدو وٺي نڪري سگهان ٿو."

"هو بيمار ضرور آهي پر اڃا جيئرو آهي." ابن خلدون وراڻيو.

"جيڪڏهن تون منهنجي مدد ڪرين تہ مون کي اهو موقعو ملي سگهي ٿو. توسان واعدو ٿو ڪريان تہ جيڪڏهن "بڄايا" پهچي ويس تہ توکي پنهنجو وزير بنائيندس ۽ توکي هن شاهي ڪاتب جي معمولي عهدي مان ڇوٽڪارو ملي ويندو."

*......*......*

ابن خلدون کي پنهنجي سياسي مزاج جي پورائيءَ لاءِ هڪ موقعو هٿ اچي ويو. ڳجهين ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو. ابن خلدون امير کي ڀڄائڻ جون سٽون سٽڻ لڳو. هن جي حڪومت جي ڪيترن ئي عهديدارن سان بہ ساز باز ٿي. پر ان سازش جو جلدئي ڦاٽ ڦاٽي پيو.

مخبري ايتري تہ مضبوط هئي جو جانچ جي ضرورت ئي پيش نہ آئي. ابن خلدون کي بلڪل ان مهل وڃي جهليو ويو، جنهن مهل هو امير محمد بن عبدالله سان ملاقات جي لاءِ پهتو هو. امير تہ فقط نظربند رهيو. پر ابن خلدون جو ڏوهہ وڏيڪ سخت هو. هاڻي کيس ڏکهي قيد کي منهن ڏيڻو هو. هن جي اهل ۽ عيال کي شاهي وظيفو ملندو رهيو پر ساڻس ڪنهن کي بہ ملڻ جي موڪل نہ هئي.

جيتوڻيڪ اهو سڀ ڪجهہ هن جي خواهشن جي ابتڙ ٿيو هو. پر هو مضبوط ارادن وارو ماڻهو هو ۽ ان ناڪاميءَ منجهان مايوس نہ ٿيو. هن پنهنجي ان ذلت کي بہ ڪاميابي جي ڏاڪڻ تي سمجهي. هر اپرندڙ سج کيس پنهنجي منزل جي ويجهو ڪندو محسوس ٿيو. هڪ ڏينهن کيس محسوس ٿيو تہ اهو صبح بہ سال پراڻو ٿي ويو آهي. کيس جيل ۾ رهندي بہ سال ٿي چڪا هئا. هاڻ هن 'هو سوچڻ شروع ڪيو. تہ کيس ابو عنان جي موت کان اڳ رهائي ملڻ ممڪن نہ هئي.

ابو عنان جي بيماري ڏکهي ٿيندي ويئي. نيٺ هڪ ڏينهن موت اچي نروار ٿيس. سلطان جي مرتئي کان پوءِ وزير حسن بن عمر حڪومت جون واڳون سنڀاليون ۽ سلطان جي پٽ سعيد کي تخت تي ويهاري. پاڻ کي سندس وصي يا ڪفيل ظاهر ڪيو.

وزير حسن بن عمر ۽ ابن خلدون ۾ گهاٽي دوستي هئي. تنهن ڪري تخت تي ويهندي ئي هن دوستي جو حق ادا ڪيو ۽ ابن خلدون کي جيل مان ڪڍي کيس ڪاتب شاهيءَ جي اڳوڻي عهدي تي بحال ڪري ڇڏيو.

وزير جو ٿورائتو ٿيندي کيس اڃا ٿورا ڏينهن ٿيا هئا، جو اها حڪومت بہ لڏڻ لڳي. وزير جي خلاف آواز اڀرڻ لڳا. پوءِ اهي آواز وڌڻ لڳا. عوام ان نئين تبديلي مان خوش نہ هو. هنن منصور بن سليمان کي تخت تي ويهارڻ تي چاهيو. هنن وزير جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ کيس گهيري ۾ وٺي لاٿو.

ابو عنان جو ڀاءُ ابو سالم، اندلس ۾ جلاوطني جا ڏينهن گذاري رهيو هو. هو

حڪومت تي پنهنجو حق هٿڻ جي دعوي ڪٽي اندلس مان ٻاهر نڪتو. ابن خلدون اهو ٻڌو ته ابو سالم "بجايا" ۾ فوجون گڏ پيو ڪري ته هن ساڻس گڏجڻ مناسب سمجهيو ۽ هن جي حق ۾ عام راءِ هموار ڪرڻ ۾ لڳي ويو. جڏهن کيس يقين ٿي ويو ته ميدان هموار ٿي چڪو آهي ته هو خود امير سالم سان گڏجڻ جي لاءِ "بجايا" پهتو ۽ کيس حالتن کان واقف ڪيائين ۽ اڳتي وڌڻ جي همت وڌايائينس.

"اسان کي تڪڙ کان ڪم نه وٺڻ گهرجي، "ابو سالم چيو "وزير حسن بن عمر وٽ هڪ وڏو لشڪر آهي. بنا ڪنهن سٺي تياريءَ جي مٿس حملو ڪرڻ ناداني ٿيندي."

"هن جو سڄو ڏيان شهرين جي بغاوت دٻائڻ طرف آهي. اوهان جي پهچندي ئي هن جو ڌيان ٻن حصن ۾ ٿي ويندو. هي ئي ته حملي ڪرڻ جو مناسب وقت آهي."

"شهري ته منصور بن سليمان جي حق ۾ آهن."

"بيشڪ! پر ائين به هو مجبوري جي حالت ۾ پيا ڪن. اوهان کي ڏسي هو اوهان جي استقبال ڪندا. مون شهرين جي دلين کي کوٽي ڏٺو آهي. ايتري قدر جو سينئي وزيرن جا محافظ به اوهان جي حق ۾ آهن."

ائين ٻيون به ڪافي ڳالهيون ٿيون ته ابو سالم جي همت وڌي ۽ هو ابن خلدون سان گڏ گاديءَ جي هنڌ پهتو ۽ شهرين کان پنهنجو حق گهريائين. هو سلطان ابوالحسن جو پٽ ۽ سلطان ابوعنان جو ڀاءُ هو. فاس جي تخت تي هن کان وڌيڪ ٻيو ڪنهن جو حق ٿي پئي سگهيو. شهرين جو هڪ وڏو تعداد هن جي مدد لاءِ اٿي ڪڙو ٿيو.

ابو سالم وڏي ٺٺ سان تخت تي ويٺو ۽ ابن خلدون جي سفارش تي سندس دوست عمر بن عبدالله کي پنهنجو وزير مقرر ڪيو. هن ابن خلدون جي خدمتن جو پورو پورو قدر ڪيو ۽ کيس پنهنجو وزير مقرر ڪيو ۽ عدالت جو چيف جج پڻ مقرر ڪيو. اهو هن جي لاءِ وڏو اعزاز هو. هاڻي هن جو ڳاڻيٽو فاس جي اهم ماڻهن ۾ ٿيڻ لڳو ۽ هو پنهنجي موجوده حالت مان خوش هو.

※......※......※

ڪجهه وقت کان پوءِ حالتن ٻيهر ڦيرو کاڌو. ٻن سالن کانپوءِ ابو سالم جي وزير حسن بن عبدالله بغاوت جو جهنڊو ڪڙو ڪيو ابو سالم کي قتل ڪري تخت تي هڪ صغير ٻار ابن تاشفين کي ويهاري ان جي آڙ ۾ حڪمراني ڪرڻ لڳو. جيتوڻيڪ ماڻهن جي دلين مان اڃان ابوسالم جي محبت ڪا نه نڪتي هئي، پر هو نئين حڪمران جي خلاف ظاهر ظهور نفرت جو اظهار ڪرڻ کان لنوائڻ لڳا

ابن خلدون جي لاءِ حالتون اهي ئي هيون پر وقت بدلجي ويو هو. ابو سالم جيڪڏهن هن جو نيازمند هو ته حسن بن عبدالله هن جو دوست هو. حسن بن عبدالله به دوست جو حق ادا ڪيو ۽ کيس نياپو موڪليو ته ان خاص هنڌ تي اچي ساڻس ملي، جتي سلطان پنهنجي خاص مهمانن سان ملندو

ابن خلدون. حسن بن عبدالله سان ملاقات جي لاءِ ويو. ابن خلدون کي اهو ڏسي مايوسي ٿي تہ اتي ڪيترائي عالم ڪائنس اڳ ۾ ئي اتي موجود هئا. حسن بن عبدالله سندس آدر ڀاءُ ڪيو ۽ اشاري سان ويهڻ جو چيائينس. هو پنهنجي لاءِ مخصوص ٿيل ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو. شايد هن جي اچڻ جو ئي اوسيئڙو هو. هن جي ويهڻ کان پوءِ حسن بن عبدالله ڳالهہ ٻولهہ جي شرعات ڪئي ۽ هن سلطان ابن تاشقين جي ترجماني ڪندي قلمدان ۾ عهدا ورهائڻ شروع ڪيا.

ابن خلدون جو نالو اچڻ تي اکيون هن ڏانهن کجي ويون "عبدالرحمان ابن خلدون سندس اڳوڻن عهدن تي بحال رهندو. يعني هو سلطان معظم جي وڪيل ۽ چيف جج جا ڪم سرانجام ڏيندو."

ان سان گڏ وزير کيس جاگير ڏني ۽ وظيفي ۾ واڌارو پڻ ڪيو. مبارڪ سلامت جا آواز بلند ٿيڻ لڳا. ابن خلدون اتي ويٺي وزير ۽ صغير سلطان جا ٿورا مڃيا ۽ سندس ڊگهي عمرجي لاءِ دعا گهري.

دربار ختم ٿي تہ وزير تخت تان لهي اچي ابن خلدون سان ڀاڪر پائي مليو. اها وڏي عنايت هئي. جنهن تي چئني پاسن کان مبارڪن جا آواز اچڻ لڳا.

واپس گهر موٽي اچي ابن خلدون پنهنجي هاڻوڪي حالت تي ويچارڻ لڳو" منهنجا وڏڙا وزير. صاحب ۽ حڪمران پڻ رهيا آهن ۽ منهنجي ڀاڳ ۾ سلطان جو رڳو وڪيل ٿيڻ لکيل آهي. هڪ اڌ جاگير ۽ وظيفي ۾ واڌارو! وزير جي دوستي تي مون کي ڪيترو نہ ناز هو ۽ هن دوستي جي ڪشڪول ۾ ڇا وڌو. اهو تہ سڀ ابو سالم بہ مون کي ڏنو هو. دوستي تہ پنهنجي جاءِ تي، منهنجي ئي سفارش تي ابو سالم کيس وزير مقرر ڪيو هو. ڪجهہ ان جو ئي خيال ڪري ها."

جيتوڻيڪ وزير کيس گهڻو ڪجهہ ڏنو هو. پر اهي هن جي ارادن اڳيان ڪجهہ بہ نہ هئا. هو انهن عهدن تي ڪم تہ ڪندو رهيو پر وزير جي لاءِ هن جي دل ۾ سردمهري اچي ويئي. هڪ وقت اهڙو بہ آيو جڏهن هن جو وزير وٽ اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو.

هن سوچيو تہ وزير ضرور کيس پاڻ وٽ گهرائيندو ۽ سبب پڇندو پر اقتدارجي نشي ۾ چور وزيرکي ان ڳالهہ جي ڪا بہ پرواهہ نہ هئي.

*......*......*

ابن خلدون هاڻ قطعي طور تي مايوس ٿي چڪو هو. کيس فاس ۾ رهندي اٺ سال ٿي چڪا هئا. هو سڄي عمر اتي تہ گذاري نٿي سگهيو. هو ڪيترائي ڏينهن ان مسئلي تي سوچيندو رهيو پوءِ کيس سلطان غرناطہ ۽ سندس وزير السان الدين خطيب جي يادگيري آئي. جن سان فاس ۾ سندس تعارف ٿيو هو. اهو خيال ايندين ئي هن حسن بن عبدالله کان موڪل گهري. هن کيس ان شرط سان موڪل ڏني تہ هو وري تلمسان نہ ايندو. هن پنهنجا ٻار ٻچا پنهنجي سهري وٽ قسطنطنيہ ڏانهن روانا ڪيا ۽ پاڻ اندلس روانو ٿي ويو. اندلس پهچڻ تي سندس توقع کان بہ وڌيڪ آجيان ڪئي ويئي ۽ کيس هر

قسم جون سھولتون ڏنيون ويون.

جڏھن ھن جي سفر جي ٿڪاوٽ لٿي تہ سلطان کيس پنھنجي اھل مجلس ۾ شامل ڪيو. سلطان جو مٿس ايڏو تہ راز ھو جو ھو کيس اٿي ويٺي پاڻ سان گڏ رکڻ لڳو. وقت گذرندو ويو پر سلطان ڪانئس صحبت ڪانسواءِ پيو ڪو بہ ڪم نہ ٿي ورتو. واندڪائي جون اھي گھڙيون ھن جي لاءِ غنيمت ھيون. ھو بي فڪر ٿي لکڻ ۽ پڙھڻ ۾ لڳي ويو. ھن جامع الڪبيرا ۾ خطبو ڏيڻ جي ذميواري سنڀالي ورتي ۽ اتي درس ۽ تدريس ۾ مشغول ٿي ويو. ھن جي علمي سرگرمين اھل غرناط وارن جي نظر ۾ کيس معزز بڻائي ڇڏيو ھو. وزير لسان الدين خطيب جھڙو علم جو ڏٽي ھن جو دوست ۽ ھمدرد ھو. ھو انھن ڪمن ۾ محو ٿي ويو.

*......*......*

ھڪ سال گذريو تہ بادشاھ کي ھن جي ضرورت پيش آئي. ھن کيس سفير بنائي قشتالہ (وچ اسپين) جي بادشاھ ڏانھن موڪليو تہ جيئن ناھ جون ڳالھيون ٻولھيون ڪري.

ھي اھو وقت ھو جنھن قشتاليہ جي بادشاھ اشبيليہ تي قبضو ڪري ان کي پنھنجي گادي جو ھنڌ بنايو ھو. ابن خلدون جي لاءِ اشبيليہ ھڪ جذباتي حوالو ھو. سندس پڙڏاڏو خالد بن عثمان يمني ھو. جيڪو يمني لشڪر سان گڏ ھلندو مختلف ھنڌن تان ٿيندو جنھن شھر کي پنھنجو مستقل آستانو بنايو ھو اھو اشبيليہ ئي ھو. وقت گذرڻ سان گڏ خالد جو نالو خلدون ۾ تبديل ٿي ويو ۽ اھو ئي نسل خلدون جي نالي سان منسوب ٿيو. ٽين صدي ھجري جي آخر ۾ بنو خلدون گھراڻي سياست ۾ حصو ورتو. علم ۽ ادب جي ميدان ۾ پنھنجون خدمتون سرانجام ڏيڻون ۽ مٿاھين درجن جي عھدن تي فائز ٿيو. ان گھراڻي جو ھڪ فرد ڪريب بن خلدون اشبيليہ جو حڪمران بہ رھي چڪو ھو ۽ زماني جي ڦيرن گھيرين کيس اشبيليہ مان جلاوطن ڪرائي تيونس پھچايو ھو.

ابن خلدون تيونس ۾ ئي پيدا ٿيو پر ھن جي اشبيليہ سان جذباتي وابستگي فطري ھئي. ھن اشبيليہ پھچي پنھنجي وڏڙن جا يادگار ۽ آثار ڏٺا ۽ فاتح پڙھي. پوءِ ھو پنھنجي سفارتي مھم ۾ لڳي ويو.

شاھ اشبيليہ ھن جي علمي مرتبي کان واقف ھو ۽ کيس اھا بہ خبر ھئي تہ اشبيليہ سندس وڏڙن جو وطن آھي. ھن چاھيو تہ ابن خلدون سڀ ڪجھہ ڇڏي وٽس رھي پوي. ان لاءِ ھن کيس ڪيتريون ئي آڇون ڪيون. پر ابن خلدون کي اھا ڳالھہ اصولن جي خلاف لڳي تہ ھو شاھ غرناط سان بيوفائي ڪري اشبيليہ ۾ رھي پوي. ھن سفارتي ڪم ڪار لاٿو ۽ واپس غرناط ھليو ويو.

ھو ان سفارتي مھم تان ڪامياب ٿي موٽيو تہ شاھ غرناط کيس اکين ۾ ڪٽي جاءِ ڏني ۽ ھڪ ڳوٺ ھن جي نالي ڪري ڇڏيو. ھن پنھنجي گھراڻي کي بہ قسطنطنيہ مان گھرائي ورتو. ھن جي اھا ڪاميابي دشمنن جي اکين ۾ ڪنڊڪڙ لڳي ۽ ھو اندر ئي اندر سڙڻ لڳا. سازشين ايڏو تہ وڌو چار پکيڙيو جو سندس دوست

وزير لسان الدين خطيب هن جي خلاف ٿي ويو.

*......*......*

ابن خلدون حالتن جي بدلجڻ جو اندازو لڳائي ورتو ۽ هن ڪنهن به نقصان کان بچڻ لاءِ غرناطه ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. امير محمد عبدالله پنهنجي وڃايل حڪومت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو هو. هي اهو ئي امير هو جنهن کي بجائڻ جي سازش جهلجڻ تي ابن خلدون کي گرفتار ٿي جيل وڃڻو پيو هو. ڪيس جڏهن خبر پئي ته ابن خلدون غرناطه ۾ آهي ته هن ڪيس قاصد موڪليو هو ته "واعدي موجب حاجب جو عهدو اوهان جي لاءِ خالي پيو آهي. هڪدم پهچو."

اهو ڳجهو نياپو ابن خلدون جي سامهون هو. حاجب جو عهدو ڪو معمولي عهدو نه هو. بنو اميه کان وٺي ان وقت تائين ان عهدي کي هڪ خاص اعزاز حاصل هو. سلطنت سان هر لاڳاپيل عهديدار حاجب جو محتاج هو.

ڪيس ان آڇ ۾ وڏي ڪشش نظر آئي. هو غرناطه مان نڪرڻ جو ارادو ڪري چڪو هو. جو اها دعوت آيس. هن هڪدم اها آڇ شاهه غرناطه جي اڳيان رکي ۽ ڪانئس ڪل خوشيءَ سان موڪل گهري. ائين تي سال اندلس ۾ رهڻ کان پوءِ ڪيس اها سرزمين به ڇڏڻي پئي.

هو جهاز ۾ سمنڊ جو مشاهدو ڪندي اچي بجايه پهتو جتي عزت، شهرت ۽ دولت هن جي اوسيئڙي ۾ هئي. هن جي پهچڻ شرط سلطان عبدالله هن جي اعزاز ۾ هڪ وڏو ميڙ ڪوٺايو ۽ ڪيس سلطنت جي سڀ کان وڏي عهدي حجابت سان سرفراز ڪيو. تنهن کان سواءِ ڪيس جامع مسجد ۾ خطبي جي ذميداري به حوالي ڪئي. ٻين لفظن ۾ هڪ طرف ڪيس سياست جو سڀ کان وڏو عهدو پيش ڪيو ته ٻي پاسي عالمن جو به اڳواڻ بنائي ڇڏيائين.

هاڻ هن جي شخصيت جا ٻئي پهلو مطمئن هئا. هاڻ هڪ پاسي هو حڪومتي ڪاروهنوار هلائيندو رهيو ته ٻئي پاسي درس وتدريس جو سلسلو به شروع ڪري ڏنائين. ادب، جاگرافي، فلسفو علم نجوم، ڪيميا، شاعري ڪهڙو علم هو جنهن ۾ هو پيڙ نه هو. پر اهو واندڪائي جو وقت هڪ سال کان وڌيڪ سندس ساٿ ڏيئي نه سگهيو.

*......*......*

امير عبدالله جي چاچي جو پٽ سلطان ابو العباس، جيڪو قسطنطنيه جو حاڪم هو ڪئوس شروع ڪري ڏني. هن جو ارادو پنهنجي چاچي جي ملڪ تي قبضي ڪرڻ جو هو. ميدان جنگ ۾ ٻئي لشڪر منهان منهن ٿيا ۽ جنگ جي شروع ٿيڻ کان اڳ سلطان ابو العباس، پنهنجي چاچي سان ملاقات جي لاءِ هن جي خيمي ۾ آيو ۽ ڪيس اتي ئي قتل ڪري ڇڏيو. اهو واقعو ايترو ته تيزي سان ٿيو جو امير بجايه جي فوج ۾ انتشار پکڙجي ويو. جڏهن امير ئي قتل ٿي وڃي ته پوءِ ڪير وڙهندو. ابو العباس شهر تي قبضي ڪرڻ جي لاءِ اڳيان وڌيو.

هيڏانهن امير جي قتل جي خبر سبب شهر ۾ عجيب صورتحال پيدا ٿي

ويٺي. ڪنهن جي بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪجي. ڪنهن چيو تي تہ سلطان ابوالعباس جو آڌرڀاءُ ڪجي. ڪنهن جو وري اهو خيال هو تہ مقتول سلطان جي پٽ جي بيعت ڪجي.

جڏهن ٻئي ڳالهيون سامهون آيون تہ ماڻهن ابن خلدون طرف ڏٺو. ڇو تہ بادشاهہ کان پوءِ وڏو عهدو هن وٽ ئي هو. ابن خلدون پهرين صلاح کي پسند ڪيو تہ ملڪ ۽ رعيت جي سلامتي ان ۾ آهي تہ حڪومت ابو العباس جي حوالي ڪئي وڃي.

سندس اهو مشورو حڪم جي حيثيت رکندو هو. سڀني هاڪار ڪئي. ابن خلدون هڪ جماعت سان گڏ ابوالعباس جي خدمت ۾ پهتو ۽ کيس چيو تہ رعيت اوهان جي اوسيئڙي ۾ آهي. بي گناهن جو رت وهائڻ مان ڪهڙو فائدو. اچي انتظام سنڀاليو ۽ سلامتي جو پروانو جاري ڪريو.

بنا ڪنهن رتو ڇاڻ جي سلطان بجايہ تي قابض ٿي ويو. هو اجا بجايہ ۾ داخل ئي نہ ٿيو هو جو مٿس ابن خلدون جا گڻ ظاهر ٿي پيا. کيس اهو معلوم ٿي چڪو هو تہ ابن خلدون جي صلاح سان ئي بنا جنگ جي بجايہ هن جي حوالي ڪيو ويو هو. ڪجهہ ڏينهن جي اندر ئي ابن خلدون ابو العباس جي دل جيتي ورتي. هن ابن خلدون کي ساڳئي عهدي تي بحال رکيو.

سلطان ابو العباس هڪ لحاظ کان هن جو ٿورائتو بہ هو تنهن ڪري هن اڳين امير کان بہ وڌيڪ ابن خلدون جو خيال رکيو ۽ مٿس مهربانين جو مينهن وسائڻ شروع ڪيو. جنهن سان ٻين اميرن کي حسد ٿيڻ لازمي هو.

بجايہ ۾ هڪ گروهہ اهڙو بہ هو جيڪو مقتول سلطان جي پٽ جي هٿ تي بيعت جو خواهشمند هو. جنهن جي صلاح کي رد ڪري ابن خلدون ابوالعباس جي آجيان ڪئي هئي. ان گروهہ کي يقين هو تہ جيستائين ابن خلدون موجود آهي, هنن جي هڪ بہ نہ هلندي. انهن ابن خلدون جي خلاف محاذ ٺاهي ورتو. انهن مان ڪجهہ سلطان جي ويجهو بہ هئا ۽ هن جا دوست بہ ٺهيل هئا. انهن سلطان جا ڪن ڀرڻ شروع ڪري ڇڏيا.

ابن خلدون ننڍن ننڍن مسئلن ۾ ڦاسي پنهنجو رستو وڃائڻ وارو نہ هو. هن صورتحال جو جائزو ورتو ۽ ان کان اڳ جو سلطان کانئس بدظن ٿئي. هن کانئس موڪل ورتي ۽ بجايہ مان روانو ٿي ويو. پر هن ڀيري هو ڪنهن جي گهرائڻ بدران, پنهنجي تقدير, مالڪ جي حوالي ڪري روانو ٿيو.

*......*.......*

هن ڀيري ابن خلدون جو رخ بدوي قبيلن ڏانهن هو. کيس انهن جي زندگي سان وڏو لڳاءُ هو. هن قبيلن جو نهايت ويجهڙائپ کان مشاهدو ڪيو هو. انهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ مزاجن جو اندازو لڳايو هو. هن جي سياحت جي دوران ڪيتريون ئي اهڙيون گهڙيون آيون هيون, جيڪي هن انهن قبيلن ۾ گذاريون هيون. هن هڪ قبيلي ۾ پهچي پنهنجو لڏو لاٿو. ڪجهہ ڏينهن مهماني ماڻڻ کان پوءِ ٻئي

قبيلي ۾ پهچي ويو. ائين هو مختلف قبيلن ۾ ترسندو زاب جي حاڪم سان ملڻ جي لاءِ ان جي گادي جي هنڌ "بيڪره" ۾ پهچي ويو. اهو هنڌ ۽ حاڪم هن جي لاءِ اوپرا نہ هئا. هو جڏهن پهريون ڀيرو تيونس مان ڀڳو هو تہ بيڪره پهچي ئي ساهي پٽي هئائين.

سندس حاڪم ابن الغرني سان دوستيءَ وارا لاڳاپا هئا. بيڪره پهچي، هن پنهنجي گهر وارن کي بہ اتي گهرائي ورتو. هو هتي مستقل رهائش جي لاءِ آيو هو. هاڻ هو عهدن کان بيزار ٿي چڪو هو. هن جي شخصيت جو علمي پهلو مٿس حاوي ٿي کيس مجبور ڪري رهيو هو تہ هو لکڻ پڙهڻ ڏانهن ڌيان ڏري ۽ جيڪي تجربا ٿيا هئس، سي ايندڙ نسلن لاءِ لکي وڃي. پر هاڻ هو هتي هُتي پکڙيل طاقتن جي مجبوري بڻجي ويو هو. هن جي ڪنهن وقت ڪنهن کي بہ گهرج پئجي ٿي سگهي.

تلمسان جي حاڪم ابو حموءَ کي جڏهن خبر پئي تہ ابن خلدون بيڪره ۾ واندو ويٺو آهي تہ هن کيس پنهنجي حاجب بنائڻ جي آڇ ڪئي. ڪو وقت هو جو هن انهن عهدن لاءِ جان جي بازي بہ لڳائي ڇڏي هئي، پر هن ڀيري هن تلمسان جي حاڪم جي اها آڇ فراخدلي سان رد ڪري ڇڏي.

هو عهدن مان تہ جند ڇڏائي ٿي سگهيو پر فتني ۽ فساد جي طوفان ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڌر جو ساٿ ڏيڻ هن جي مجبوري هئي. هو انهن کان لاتعلق بہ رهي نٿي سگهيو. هو گمنام نہ هو. هوائون هن جو ٽڪاڻو گولي اچي لهنديون هيون.

اولهہ وارن ملڪن جا چار وڏا گاديءَ جا هنڌ هئا. فاس، تلمسان، قسطنطنيہ ۽ تيونس. چئني جي پاڻ ۾ دشمني هئي. تلمسان ۽ قسطنطنيہ ۾ سنئين سڌي عداوت هئي. باقي ٻہ بہ ٻن جا سهڪاري ۽ مددگار هئا يعني اهي چار ئي ملڪ هڪٻئي سان دشمنيءَ ۾ رڌل هئا.

*......*......*

سلطان ابوالعباس، پنهنجي چاچي امير عبدالله کي قتل ڪرڻ کان پوءِ بجايہ جي تخت تي قابض ٿي چڪو هو. امير عبدالله ابوحمو سلطان تلمسان جو سهرو هو. هن جي قتل ابوحمو کي ڪاوڙائي وڌو هو. هو ان ڪوشش ۾ هو تہ ابوالعباس کي ان جي سيڪت ڏي. کيس پنهنجي طاقت وڌائڻ جي لاءِ قبيلن جي مدد جي گهرج هئي. پر کيس ڪاميابي نہ پئي ٿي. هن هڪ ڀيرو ٻيهر ابن خلدون کي آڇ ڪئي، جنهن جو قبائلين تي چڱو اثر هو.

هن ڀيري هو سلطان تلسمان جي آڇ رد ڪري نہ سگهيو. سلطان العباس هونئن بہ سندس محسن امير محمد عبدالله جو قاتل هو. هو بيڪره مان تلمسان پهتو ۽ ابو حمو سان مليو. هن جي فوجي سگهہ جو اپياس ڪيائين ۽ ڪجهہ ڏينهن جي ڳالهين ٻولهين کانپوءِ بدوي آبادين جي طرف روانو ٿي ويو. واپس وريو تہ ساڻس بدوين جو وڏو لشڪر هو. جڏهن اهو لشڪر گڏ ٿي ويو تہ ابو حمو بجايہ تي حملو ڪري ڏنو.

هيڏانهن فاس جي حڪمران ڏٺو تہ سلطان تلمسان بجايہ جي معاملن ۾ قاتل

آهي تہ هن تلمسان تي حملو ڪري ڏنو ۽ تلمسان تي قبضو ڪري ورتو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ سلطان فاس کي ابن خلدون جي ضرورت محسوس ٿي. ايئن ڪيترن ئي سالن تائين فتني ۽ فساد جو اهو دور جاري رهيو ۽ ابن خلدون انهن فتن ۽ فسادن جو بنيادي ڪردار بڻجندو ويو. هو قبائيلن کي ڪڏهن هڪ بادشاهہ جي مدد لاءِ وٺي ايندو هو تہ ڪڏهن ٻئي بادشاهہ جي حمايت ۾. پر بظاهر پاڻ اڻ ڌريو رهندو هو. هن جو انهن قبيلن تي ڪافي اثر ۽ رسوخ هو ۽ هن جي اشاري تي هر وقت تيار رهندا هئا.

هيڏانهن هن جو وڌندڙ اثر ۽ رسوخ خود بيڪرہ جي حاڪم لاءِ خطري جو سبب بنجي ويو. هو سوچڻ لڳو تہ ابن خلدون وٽس ترسيو پيو آهي، متان هن جي لاءِ ئي ڪنهن مصيبت جو سبب نہ بنجي وڃي. هن ڳجهي نموني سلطان اولهہ کي لکيو تہ هو ابن خلدون کي پاڻ وٽ فاس گهرائي وٺي.

ابن خلدون ان چال کان بيخبر پنهنجيءَ ۾ مست هو. ملڪي سياست ۾ عمل دخل هئس بہ تہ ان کان لاتعلق بہ هو. هو هڪ اهڙي حيثيت جو مالڪ هو جو حڪمران هن جي مدد جا محتاج هئا ۽ هيءُ هڪ اهڙي قوت جو مالڪ هو. جيڪا ڪنهن بہ عهدي کي حاصل ٿي نٿي سگهي. هو چرڪيو تڏهن، جڏهن سلطان فاس طرفان طلبي جو پروانو اچي مليس، اهو بہ اهڙي حالت ۾ جو انڪار جي واهہ ئي نہ هئي. ائين هو واندڪائي جا ڇهہ سال گذارڻ کان پوءِ پنهنجي گهروارن سان بيڪرہ مان روانو ٿي ويو.

٭......٭......٭

هو اجا فاس وڃڻ لاءِ "مليانہ" تائين پهتو هو جو سلطان فاس جي عبدالعزيز جي وفات جي خبر مليس ۽ اها بہ خبر پيس تہ سندس پٽ سعيد وزيرابن غازي جي ڪفالت ۾ شاهي تخت تي ويهي چڪو آهي. هن ڪجهہ ڏينهن مليانہ ۾ ترسي حالتن جو جائزو وٺڻ مناسب سمجهيو.

سلطان تلمسان ابو حمو جي دل ۾ ابن خلدون جي لاءِ سخت ڪاوڙ وارا جذبا پريل هئا. ڇو تہ هن ابو حمو کي ڇڏي سلطان فاس جو ساٿ ڏنو هو ۽ قبيلن جي مدد سان تلمسان تي قبضو ڪرايو هئس. هن جي لاءِ ابن خلدون کان بدلي وٺڻ جو اهو سٺو موقعو هو جو ابن خلدون بيڪرہ جي حاڪم جي پناهہ ۾ بہ نہ هو ۽ هن جو محافظ سلطان فاس بہ مري ويو هو.

هن ڪجهہ وبجهن قبيلن کي اشارو ڪيو تہ هو ابن خلدون کي مليانہ مان نڪرڻ شرط گهيري وٺن ۽ کيس اڳتي وڌڻ نہ ڏين.

ابن خلدون فاس جي حالتن کان مڪمل واقفيت ۽ اطمينان کان پوءِ مليانہ مان نڪتو ۽ فاس ڏانهن وڌڻ لڳو. جڏهن هو هڪ ويران هنڌ تي پهتو تہ سندن تاڙ ۾ ويٺل بدوي قبيلا مٿن ڪڙڪي پيا. هنن کيس خوب ڦريو ۽ لٽيو. جن وٽ گهوڙا هئا، سي تہ ڀڄي ويا، باقي قبائيلن جي هٿ چڙهي ويا. ابن خلدون سان اهڙو تہ بروحشر ڪيائون جو سندس ڪپڙا بہ لهرائي ورتائون.

قبائلي تہ هنن کي ڦري لٽي ڪلندا ٺهڪ ڏيندا روانا ٿي ويا پر هي بي بدل عالم پٽ تي اگهاڙو اوڪڙون وينو هو. ابن خلدون هن جي ٻت تي هڪ ليڙ بہ نہ هئي. هو آسمان طرف ڏسي سوچي رهيو هو تہ ان حالت ۾ هو ڪيڏانهن وڃي. سج جي اُس هن جي اگهاڙي بدن تي جڻ نيزا وسائي رهي هئي. هو همت ڪري اٿيو ۽ پنڌ ئي پنڌ ان پاسي روانو ٿي ويو. جنهن طرف سندس ساٿي پڳا هئس. مصيبتون اڃ ۾ ئي گهٽيون ڏنيون هئائين پر هيڙي حالت اڳ ڪڏهن بہ نہ ٿي هيس.

هو هڪ ڏينهن ۾ هڪ رات جي پنڌ کان پوءِ، بک ۽ اڃ سبب بي حال ٿي نيٺ هڪ وسنديءَ ۾ وڃي پهتو ۾ "جبل ويدو" ۾ پنهنجي ساٿين سان وڃي گڏيو. ابن خلدون جي حالت ڏسي هر اک مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا. پر ٿوراٿتا بہ هئا. جو هو جيئرو تہ هو.

زندگي مٿس وري مهربان ٿي. هو ڪجهہ ڏينهن جي علاج کان پوءِ نيڪ ٿي ويو ۽ پنهنجي قافلي کي وٺي فاس پهتو. وزير ابن غازي جيڪو خودمختيار حاڪم جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو هو. هن جوواقف ڪار هو. ڪيس خبرپئي تہ ابن خلدون فاس پهچي چڪو آهي تہ هن سندس آڌرياءَ ڪيو. ڪيس گهر ۾ وظيفو مقرر ڪري ڏنائين.

*......*......*

هتي هو واندڪائي جا ڏينهن گذارڻ آيو هو. پر هتي جون حالتون ڪجهہ ٻيو رخ اختيار ڪري چڪيون هيون. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪيس اندازو ٿي ويو تہ ابن غازي تہ خود مصيبتن ۾ گرفتار آهي. اڳ ۾ هو فاس ۾ اٺ سال گذاري چڪو هو پر هاڻ حالتون ٻيون هيون. ان وقت هو انهن هنگامن مان لطف اندوز ٿيندو هو. پر هاڻ هو ٿڪي چڪو هو. هن پرسڪون حالتن ۾ رهي پنهنجا ڪتاب مڪمل ڪرڻ ٿي چاهيا. پر زماني جي ڦيرين گهيرين ڪيس هڪ هنڌ ٽڪڻ نٿي ڏنو. ان وقت فاس تہ ٻرندڙ مچ هو.

سلطان غرناطہ ڪنهن سبب جي ڪري وزير ابن غازي تي ڪاوڙيل هو. هن نٿي چاهيو تہ هو فاس جي تخت تي هجي، هن امير عبدالرحمان مرينيءَ کي اوير طرف موڪليو تہ هو حڪومت جو دعويدار بڻجي ابن غازي تي غلبو حاصل ڪري. امير عبدالرحمان اوير پهچي پنهنجي لاءِ راهہ هموار ڪرڻ لڳو. هن جي ڳالهين کان متاثر ٿي ماڻهو هن جي چوڌاري گڏ ٿيڻ لڳا.

"منهنجو واسطو بنو مرين سان آهي ۽ فاس تي بنومرين جو حق آهي. پر هي ٻارڙو ڪيئن ٿو حڪومت هلائي سگهي. وزير ابن غازي هن جو حق غصب ڪري حڪومت جو مالڪ بڻجي وينو آهي. ان غاصب جي حڪومت جو خاتمو ٿيڻ گهرجي."

ابن غازي بہ ان ڳالهہ کان غافل نہ هو. هن بہ امير عبدالرحمان جي مقابلي ۾ چڱو موچارو لشڪر گڏ ڪري ورتو. جلد ئي ٻنهي فوجن ۾ جهڙپون ٿيڻ لڳيون.

ابن خلدون جي حالتن تي گهري نظر هئي ۽ هو اندازو لڳائي ٿي سگهيو تہ اهي جهڙپون ڪنهن بہ مهل وڏي لڙائي ۾

تبديل ٿي سگهن ٿيون. هن جو تجزيو هو ته ابن غازي جي اجا به مخالفت وڌندي ۽ اهو ٿي ٿيو. هڪ ٽولو به اٿي کڙو ٿيو جنهن هڪ ٻي مريني امير احمد کي "طنجه جيل" مان آزاد ڪرائي، ان جي هٿ تي بيعت ڪئي. ائين وزير ابن غازي هاڻ ٻن زبردست قوتن جي وچ ۾ گهيرجي ويو.

اها ڳالهه ابن خلدون جي لاءِ اجا به دلچسپ بنجي ويئي. اهو ٿي سگهيو ٿي ته ٻئي قوتون پاڻ ۾ ٽڪرائجي وڃن ۽ ابن غازي جي جان بچي وڃي. پر ٿيو ان جي ٻنهه ابتڙ.

اميرعبدالرحمان نهايت هوشياري سان امير احمد وٽ پهچي ويو ۽ کيس چيائين "ڏس اميراحمد! اسين ٻئي ٻنو مرين سان واسطو ٿا رکون. فاس جي تخت تي اسان ٻنهي جو حق آهي. اسين جيڪڏهن پاڻ ۾ وڙهنداسين ته ان جو فائدو ابن غازيءَ کي پهچندو. اسين اهو ڪري سگهون ٿا ته ملڪ تي گڏجي حڪومت ڪريون."

"اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته هڪ ملڪ جا ٻه بادشاهه هجن!"

"اهو هيئن ته اسين ٻئي گڏجي ابن غازيءَ جو مقابلو ڪريون ۽ جيت جي صورت ۾ ملڪ کي پاڻ ۾ ورهائي ڪٽون."

امير احمد ڪجهه دير ان رڻ تي ويچاريندو رهيو ۽ پوءِ عبدالرحمان ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايائين. ٻنهي ۾ طئي اهو ٿيو ته ملڪ حاصل ڪرڻ کان پوءِ گاديءَ جو هنڌ احمد جو ۽ شهرن جو هڪ حصو عبدالرحمان جو.

صلح جي اها خبر پکڙجي ته ابن غازي گهبرائجي ويو پر وڌيڪ الڪي ۾ ابن خلدون پئجي ويو. هاڻي ابن غازيءَ جي شڪست لازمي هئي. ان کان پوءِ حالتون ڪهڙيون ٿيون رخ اختيار ڪن. ڪجهه چوڻ مشڪل هو. ابن خلدون کي رڳو رت ئي رت نظر اچڻ لڳو. هو هاڻ جهيڙي جهٽي ۽ ڦڏي فساد کان بيزار ٿي چڪو هو ۽ سڪون جي ڳولا ۾ هو. تنهن ڪري هن اندلس وڃڻ جو فيصلو ڪيو. شايد اتي سڪون نصيب ٿيس.

٭......٭......٭

شاهه غرناطه سان سندس لاڳاپا دوستاڻا هئا. هو اڳ ۾ به ٽي سال غرناطه ۾ گذاري چڪو هو. ان جي وزير لسان الدين خطيب سان به دوستي هيس. پر فاس کان اندلس جو سفر ايترو سولو به نه هو. هو طرح طرح جون تڪليفون سهي، نيٺ اندلس پهچي ويو. شاهه غرناطه ساڻس ان ئي محبت سان پيش آيو جنهن محبت سان کيس روانو ڪيو هئائين.

هتي جو ماحول مڪمل طور تي سندس حق ۾ هو. وزيرالسان الدين خطيب، شاهه جي عتاب جو نشانو بنجي نظربند هو پر هن لاءِ ڪو به خطرو نه هو. فاس جي ڀيٽ ۾ هتي سياسي استحڪام به موجود هو.

ڪجهه ڏينهن ته دوستن سان ملندي جلندي ڪچهريون ڪندي گذري ويس، پوءِ هن پنهنجا اڌ ۾ رهيل مسودا ڪڍيا ۽ ان هن جي درستگيءَ ۾ لڳي ويو.

هن جي قسمت ته هن جو ساٿ ڏنو پر فاس وارن کي هن جو غرناطه ۾ رهڻ منظور نه هو. هنن شاهه غرناطه کي لکيو ته

آهيو.“

”اهو اوهان جو ذاتي فيصلو آهي يا ڪنهن جي خواهش آهي. جنهن ڪي اوهين پورو پيا ڪريو.“

”آئون اوهان کان ڪجهه به نه لڪائيندس،“ سلطان چيو. ”فاس وارن جي خواهش آهي ته اوهين هنن جي ملڪ ڏانهن موڪليا وڃو“

”هنن منهنجو ڏوهه به ٻڌايو هوندو. شايد اوهين منهنجي دل آزاري نٿا چاهيو. تنهنڪري ڪجهه لڪايو پيا.“

”هنن جو خيال آهي ته لسان الدين خطيب سان اوهان جا دوستاڻا لاڳاپا آهن. هو هينئر منهنجو دشمن آهي. اوهين سمجهي سگهو ٿا ته دشمن جو دوست به دشمن هوندو آهي.“

”چڱو ٿيو جو اوهان منهنجي حيثيت مون تي چٽي ڪري ڇڏي. اوهان کي شايد اها خبر ڪونهي ته جڏهن پهريون ڀيرو اندلس مان آيو هئس ته ان جو سبب لسان الدين خطيب ئي هو. پر اسان جي دوستيءَ ۾ ڏار پئجي چڪا ويا جنهن ڪري هتان هليو ويو هئس. تنهنڪري اها اڻ ٿيڻي آهي ته هن سان سازباز ڪريان.“

”ڪاش اوهين اڳ ۾ مون کي انهن حالتن کان واقف ڪريو ها. هاڻ ته آئون فاس وارن سان اوهان کي بيدخل ڪرڻ جو واعدو ڪري چڪو آهيان.“

”آئون اوهان جي وعدي جو ڀرم رکندس.“

”توکي ”مرسي هنين“ طرف وڃڻو پوندو.“

”اهو علائقو سلطان ابو حمو جي حڪمراني هيٺ آهي. سلطان سان منهنجا لاڳاپا صفا خراب آهن. اتي وڃڻ منهنجي لاءِ مناسب ڪونهي.“

” سلطان ابو حمو سان منهنجا سٺا تعلقات آهن. تنهنڪري توکي ڪوبه نقصان نه پهچندو.“

ابن خلدون ساڻس وڌيڪ بحث ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. هن حڪمرانن کي چڱي طرح ڄاتو ٿي. شڪ جي ڳنڍ هڪ ڀيرو منجهي وڃي ته پوءِ ان کي سنوارڻ هنن جي وس ۾ ناهي هوندو ۽ سلطان جي دل هن جي لاءِ صاف ٿي نٿي سگهي. جيڪڏهن ڪيس يقين ڏياريو ويو آهي ته آئون لسان الدين خطيب جي لاءِ ڪم پيو ڪريان ته ان غلط فهميءَ کي ڪير به دور نٿو ڪري سگهي.

هن سلطان سان واعدو ڪيو ته جيئن هو چاهيندو تيئن ٿيندو ۽ دوستن جيان نهايت سٺي ماحول ۾ موڪلائي گهر هليو آيو.

٭......٭......٭

گهر ۾ سندس زال جاڳي رهي هئي. ابن خلدون ڪيس سڄي ماجرا کان واقف ڪيو ۽ پوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر سفر جو سانباهو ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هن پنهنجي روانگي جي خبر لڪائڻ ٿي چاهي. پر لڪي نه سگهي. نوڪرن جي واتان اها خبر چوڌاري پکڙجي وئي.

ايئن عالمن جو هڪ وفد اچي سهڙيو.

”اسان کي هينئر خبر پئي آهي ته اوهين اندلس ڇڏي پيا وڃو. اهو به

اوڏانهن جتي سياسي هلچل زمين کي ڏوڏي رکيو آهي“.

”اهو منهنجو نه پر سلطان جو فيصلو آهي.“

”اوهين چئو ته اسين سلطان سان ڳالهايون“

”خدا جي واسطي ائين نه ڪجو.. ائين ڪرڻ سان سلطان جي بدگمانيءَ ۾ واڌارو ٿيندو ۽ هو اهوئي سمجهندو ته مون اوهان کي هن جي خلاف ڀڙڪايو آهي.“

”اوهان جو علمي وجود اندلس جي لاءِ غنيمت هو.پوءِ ڇو سلطان اهو فيصلو ڪيو؟“

”ان جو سبب هن مون کي ٻڌائي ڇڏيو آهي. پر اهو ضروري ڪونهي ته اوهان جي مٿان ظاهر ڪري ڇڏيان. ايترو چئي سگهان ٿو ته سلطان مجبور هو نه ته کيس مون سان ڪو به بغض يا حسد نه آهي.“

ائين شام تائين ملندڙن جو ڏڳهو سلسلو هو جيڪو هلندو رهيو. جيڪا ڳالهه هن جي لاءِ پريشاني جو سبب هئي کيس ڏپ هو ته ائين نه ٿيئي ته سلطان ان کي به منهنجي ڪا چال سمجهي. ائين هن جيڪو خرچ پکو ڏنو آهي. ان کان به نه هٿ ڏوڪڙا پون.

هن جلدي تياري مڪمل ڪئي ۽ رات جي وڳڙي ۾ اندلس مان نڪري ويو.

هو سمنڊ جي لهرن سان ڪيڏندو مرسي هنين (حنين) طرف وڃي رهيو هو. حنين، تلمسان جي حڪومت جو حصو هو جتي ابو حمو جي حڪمراني هئي. جنهن طرفان هن جي دل ۾ ڪيترائي

انديشا، وهم ۽ وسوسا هئا. بهرحال، هو هڪ ڏکي مسافري کان پوءِ مرسي هنين پهچي ويو. جتي هن ابو حمو سان ملاقات ڪئي ته سندس سيئي انديشا ختم ٿي ويا.

سلطان سندس سٺو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ کيس پنهنجي پاسي ۾ ويهاريو.

”مون گذريل واقعن کي وساري ڇڏيو آهي. اوهين پنهنجي دل مان هر انديشي ۽ ڏپ کي ڪڍي ڇڏيو. منهنجي طرفان خير کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي.“

”آئون به گذريل ڳالهين تي ٿڪائي پيو محسوس ڪريان ۽ اوهان پاران خيرجي توقع ڪٽي آيو آهيان.“ ابن خلدون چيو.

”اوهين هت سڪون سان رهو ۽ جنهن شئي جي گهرج هجنو اوهان مون کان گهري وٺجو.“ سلطان ابو حمو چيس.

”آئون هاڻ عهدن جي هُل بکيڙن ۾ پوڻ نٿو گهران. بس رڳو پنهنجي علمي ڪمن کي مڪمل ڪرڻ جي خواهش اٿم.“

”ان جي لاءِ اوهان کي واندڪائي ملندي رهندي“

*.......*......*

ابوحمو ڪيتري ئي عرصي کان بجايه کي فتح ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيو هو پر ان لاءِ ڪا واهه نه ٿي نڪتي. وٽس لشڪر جي کوٽ هئي. هو ابن خلدون جي صلاحيتن کان واقف هو. قبيلن جي مٿان جيڪو اثر ۽ رسوخ هئس ان جو کيس ذاتي تجربو هو. هن ان سلسلي ۾ ڪانئس

ڪم ونڻ ٿي چاهيو ۽ ساڻس سٺي نموني پيش آيو هو.

ابن خلدون ۾ انهن واقعن ڪي وساريو نه هو جيڪي ابوحموءَ جي انتقام جي جذبي سبب پيش آيا هئا. قبائلين هن جا ڪپڙا به لاهي ورتا هئا. هو هتي اچڻ کي ته اچي ويو هو پر ابوحموجي لاءِ ڪا خدمت سرانجام ڏيڻ جي لاءِ تيار نه هو. ڪجهه ڏينهن تائين ته ابو حمو ڪيس ڪجهه به نه چيو ۽ هي مطمئن هو ته ابو حمو پنهنجي وچن جو پيرم رکيو آهي. پر نيٺ هڪ ڏينهن هن جي طلبي ٿي. هو چرڪيو پر ملاقات کان سواءِ ٻي ڪا واهه به نه هيس. کيس اندازو هو ته کيس ڇا جي لاءِ طلبيو ويو آهي.

ابوحمو سندس خدمت چاڪريءَ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي هِتان هُتان جي ڳالهين کان پوءِ نيٺ هو پنهنجي مطلب تي اچي ويو.

"اوهان کي خبر آهي ته بجايه تي قبضو منهنجي ارادن ۾ شامل آهي."

"هائو! ابوالعباس واقعي اوهان جي سهري کي قتل ڪيو آهي ۽ هن جي تخت تي قبضو ڪري اوهان جي غضب کي دعوت ڏني آهي."

"تو کان وڌيڪ ٻيو ڪنهن کي خبر هوندي. اوهين ان وقت منهنجي سهري سلطان بجايه جي حاجب طور ڪم ڪري رهيا هئا ۽ اوهان ئي ابوالعباس جو آڌرڀاءُ ڪيو هو" ابوحمو ٺٺر ڪئي.

"ان وقت بجايه جي عوام کي تباهيءَ کان بچائڻ جو فقط اهو ئي هڪ رستو هو."

"هائو! اوهان بلڪل صحيح فيصلو ڪيو هو. پر اهو ته سمجهندا هوندا ته اها اوهان جي خواهش نه پر مجبوري هئي."

"بلڪل! منهنجي مجبوري هئي."

"مجبوريءَ جي فيصلن کان جيترو جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪجي ان ۾ بهتري آهي. ڇا آئون غلط پيو چوان؟ هاڻ آئون چاهيان ٿو ته مجبوري جي ان فيصلي کي بدلائي ڇڏيان. مون اڳ به ڪوشش ڪئي هئي پر سلطان اولهه منهنجي گاديءَ تي حملو ڪري ڏنو هو ۽ آئون موٽي آيو هئس. اوهان منهنجو ساٿ ڇڏي سلطان عبدالعزيز جي مدد ڪئي هئي."

"هاڻي انهن ڳالهين کي ورجائڻ مان ڪهڙو فائدو؟"

"نهيو! انهن ڳالهين کي ڇڏيون ٿا.. هاڻ ان ڳالهه جو ازالو به ڪريو. آئون بجايه تي حملي جو ارادو رکان ٿو ۽ اوهين قبيلن کي منهنجي مدد لاءِ اياريو. انهن تي اوهان جو گهڻو اثر آهي."

ابن خلدون طئي ڪري چڪو هو ته هاڻ سياسي زندگي کان پاسو ڪري دل جمعيءَ سان لکڻ ۽ پڙهڻ جو ڪم ڪندو. پر پنهنجي خواهش جو اظهار ۽ بادشاهه جي حڪم کان انڪار هن جي وس ۾ نه هو. هن واعدو ڪيو ته هو ضروري تياري کان پوءِ قبيلن کي گڏ ڪرڻ ۽ بادشاهه جي مدد جي لاءِ حينن کان روانو ٿي ويندو.

*......*......*

هو ابوحمو کان موڪلائي گهر پهتو ته سخت مونجهاري جو شڪار هو. پنهنجي سچي ذهانت جي باوجود به هو

فيصلو نہ پي ڪري سگهيو تہ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي. حڪم نہ مڃڻ جو نتيجو ظاهر هوءِ بادشاهہ جي مدد ڪري. ٻيهر سياسي زندگيءَ ۾ قدم رکڻ ڪيس گوارا نہ هو. ڪيس پنهنجي شهرت تي ڪاوڙ اچڻ لڳي.

نيٺ سڄي رات سوچ ويچار ۾ ڳڻ ڳوت ڪانپوءِ هن هڪ اٽڪل سوچي. هن مشهور ڪرڻ شروع ڪيو تہ هو بادشاهہ جي مدد جي لاءِ قبيلن کي گڏ ڪرڻ جي لاءِ پيو وڃي. هن بادشاهہ کان خرچ پڪو ورتو ۽ روانو ٿي ويو. هن پنهنجي دلي ارادو ڪنهن تي بہ ظاهر نہ ڪيو. پر اهو سوچي ورتو هو تہ ڪيس ڇا ڪرڻو آهي. جڏهن هو "لطحا" پهتو تہ "منداس" طرف لڙي ويو ۽ "اولا عريف" ۾ وڃي دم پٽيائين. گويا هو هاڻ ابوحمو جي هٿ مان نڪري چڪو هو. هن اهو سوچي ورتو هو تہ وري ڪڏهن بہ تلمسان نہ ويندو.

هيڏانهن ابو حمو هن جي اوسيئڙي ۾ ڏينهن ڳڻي رهيو هو تہ ڪڏهن تو ابن خلدون قبائيلن کي سندس مدد جي لاءِ وٺي اچي. اهوانتظار ڊگهو ٿيڻ لڳو تہ ڪيس فڪر ٿيڻ لڳو. هن چوڌاري ماڻهو ڊوڙايا پر ڪو بہ ڪڙ تيل نہ نڪتو. ڪٿي بہ ابن خلدون جو نالو نشان بہ نہ مليس. اڃا هو اها ڳجهارت پيچي نہ سگهيو هو جو ڪيس اولاعريف مان هڪ خط اچي مليو. خط جي هر لفظ ۾ ڪيس ابن خلدون جو چهرو نظر اچڻ لڳو. جيڪو قبائيلن کي هن جي حق ۾ رام ڪرڻ جي بدران "اولا عريف" ۾ آرام سان گذاري رهيو هو. ان خط ۾ معذرت گهري ويئي هئي تہ جيئن تہ ابن خلدون باقي عمر درس ۽ تدريس ۾ گذارڻ ٿو چاهي. تنهنڪري هو اوهان جي خدمت نٿو ڪري سگهي. هن جي زال ۽ ٻار اوهان جي ملڪيت ۾ آهن. تن کي هيڏانهن موڪلي ڏيو تہ جيئن دل جي راحت نصيب ٿئي.

ايئن ابن خلدون پنهنجي ڪمن لاءِ نئين جڳهہ ڳولي لڌي هئي.

اولا عريف جي ماڻهن بہ پذيرائي جو حق اداڪري ڇڏيو. ابن خلدون کي نهايت عزت ۽ احترام سان قلعہ ابن اسلاميہ جي هڪ محل ۾ رهايو ويو.

*......*......*

هاڻي ابن خلدون جي عمر چاليهہ سال ٿي چڪي هئي ۽ ويهن سالن کان بہ وڌيڪ عرصو هن ڦڏي فساد جي طوفان ۾ گذاريو هو. هو بادشاهہ گري جا فرض بہ ادا ڪندو رهيو هو تہ ڏکن ۽ تڪليفن جو نشانو بہ بنجندو رهيو هو. ان هوندي بہ هن پنهنجو پلئہ علم ۽ تدريس سان لاڳاپيل رکيو. پر هن جي دل ۾ اها آس ضرور هئي تہ ڪاش ڪيس سڪون جون ڪجهہ گهڙيون تہ نصيب ٿين. هاڻي هو قلعہ اسلام ۾ اچي رهيو تہ ڪيس پنهنجي آس پوري ٿيندي نظر آئي.

تاريخ جو رخ موڙيندي، هو پاڻ بہ تاريخ بنجي ويو هو. تجربي، شاهدي ۽ يادگيريءَ کي واقعن جو خزانو بڻائي ڇڏيو. هن جا اکين ڏٺا واقعا ايندڙ قومن جي لاءِ عبرت جو سامان بنجي ٿي سگهيا. گذريل قومن جي حالتن کان واقفيت جو ذريعو بنجي ٿي سگهيا. هو وقت بوقت انهن واقعن کي لکندو بہ رهيو هو. هاڻي هن

انهن واقعن کي مرتب ڪري ڪتاب جي شڪل ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.

ان رُتا تي غور ڪندي هو ان نتيجي تي پهتو تہ اهو عمل ڪيس تاريخ نويسيءَ طرف وٺي پيو وڃي. تاريخ جي مفهوم تي غور ڪيائين تہ ڪيس اهو چوڻ ۾ ديرنہ لڳي تہ تاريخ فقط گذريل واقعن کي سامهون آڻڻ جو وسيلو نہ آهي پر تاريخ پنهنجي اندر ۾ هڪ تحقيقي نظريو بہ رکي ٿي. تاريخ جو ڳاٽيتو حڪمت جي علمن ۾ ٿيڻ گهرجي ۽ ان ۾ ان شخص کي هٿ وجهڻ گهرجي، جيڪو هڪ ئي وقت ڪيترن ئي علمن تي دسترس رکندو هجي.

ان نظريي تحت جڏهن هن ان وقت مروجہ تاريخن کي غور سان ڏٺو تہ ڪيس سخت مايوسي ڏسڻي پئي. هن ڏٺو تہ نااهلن من گهڙت ڳالهين کي تاريخ جو نالو ڏيئي ڇڏيو هو. هنن کان پوءِ ايندڙ بہ انهن اڳين جي نقش قدم تي هلندا رهيا هئا. انهن نہ واقعن جي سببن تي نظر رکي ۽ نہ ئي من گهڙت خبرن کان تاريخ کي پاڪ ڪيو. گهڻيون ٽٽيون تاريخون تحقيقي پهلو کان بنهہ خالي هيون.

سوچ ۽ ويچار جو ڏيئو روشن ٿيندي ئي هو جڻ غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿيو. هن سوچيو جيڪڏهن اهڙي ڪا تاريخ موجود ڪونهي تہ پوءَ مون کي اها لکڻ گهرجي.

اهو سوچي، هن ڪتاب جو خاڪو جوڙيو ۽ ان لاءِ جن قومن کي بنياد بڻايو اهي ان دؤر ۾ اولهہ ۾ آباد هيون. انهن جون ننڍيون وڏيون حڪومتون قائم هيون. اهي عرب ۽ بربر قومون هيون، جيڪي صدين کان اتي رهنديون هيون ۽ اتي جا ئي اصل رهاڪو شمار ڪيا ويندا هئا.

هن ان ڪتاب جيءَ ترتيب ۽ بابن جي سلسلي ۾ هڪ انوکو طريقو اختيار ڪيو، جيڪو تقليد جي رستي کان بنهہ ڌار هو. ان ۾ هن عمرانيات ۽ تهذيب و تمدن جي حالتن جي تشريح جي گنجائش بہ رکي ۽ گڏوگڏ انسان جيءَ گڻن ۽ اوگڻن جي تشريح جي لاءِ بہ باب رکيا. جيئن ڪائنات جا سبب مڪمل طور تي کلي وڃن ۽ انهن سببن جي بہ خبر پئجي وڃي تہ حڪمرانن ڪيئن پنهنجي پنهنجي حڪومتن جا نقشا وڌايا.

هن ان خاڪي کي هڪ "مقدمي" ۽ ٽن ڪتابن ۾ ورهايو ۽ "مقدمو" لکڻ ويهي رهيو. واندڪائي ۽ تنهائي هن جي رهبري جي لاءِ موجود رهيون. هن جو حافظو ڪيس رستو ڏيکاري رهيو هو.

پوءِ جڏهن هو لکڻ ويٺو تہ پاڻ سان گڏ مسلمانن جي نالي کي بہ جيئرو ڪري ويو. ان وقت يورپ وارا غفلت جي ننڊ ۾ ستل هئا. عربن بہ انهن موضوعن تي ڪجهہ بہ نہ لکيو هو جن تي هو لکي رهيو هو. اجتماعي علم، سياست، سياسي اقتصاديات، فلسفو، تاريخ ۽ قانون جهڙين علمن تي روشني وجهندو ويو.

اهو مقدمو خود هڪ ڪتاب بڻجندو ويو. هن مقدمو نہ پئي لکيو پر هڪ جديد عمرانيات جي فن جو بنياد رکي رهيو هو.

تاريخون تہ لکيون وينديون هيون پر تاريخ جا اصول ڪنهن ۾ بہ بيان نہ ڪيا

ويا هئا. هو پنهنجي مقدمي کان اهو ئي گهرو وني رهيو هوءَ ان سرزمين جو هو اڪيلو بادشاهه هو.

ابن خلدون جي سير ۽ سياحت، هن جو هڪ ملڪ مان ٻئي ملڪ ڏانهن وڃڻ، مختلف قومن سان هن جي اٿي ويٺي، انهن سيني معاملن، هن جي بحث ۽ مباحثي جي تڪميل ڪري ڇڏي. تصور ته اڳ ۾ ئي هن جي ذهن ۾ موجود هئا. سير ۽ سياحت ان ۾ وڌيڪ پختگي پيدا ڪري ڇڏي هئي. هن تاريخ جي علم جي فضيلت بيان ڪئي ۽ تحقيق جي اهميت تي روشني وجهندي مورخن جي غلطين ۽ لوڏن لمن جي نشاندهي ڪئي ۽ انهن سببن جو جائزو ورتو. سندس اهو عمل، علم تنقيد سان واسطو تي رکيو.

مطلب ته هو "مقدمو" پورو ڪري اٿيو ته هڪ اهڙو ڪتاب لکي چڪو هو، جنهن ۾ اهل عرب جا سيئي علم بحث هيٺ اچي چڪا هئا. پر ڪجهه اهڙا علم به هئا جن کي ان وقت تائين زماني جي هوا به نه لڳي هئي. جهڙوڪ عمرانيات، جنهن جي اهل عرب کي خبر ته هئي، پر ابن خلدون ان کي سائنس بنائي ڇڏيو. سندس رکيل بنيادن تي لڳ ڀڳ پنج سو سال پوءِ ان علم جو باقاعده بنياد پيو.

هن "مقدمي" جي تڪميل کانپوءِ ڪنڌ کنيو ته عمرانيات ۽ تاريخ جي باني جو لقب هن جي لاءِ رکيو هو.

٭......٭......٭

هيستائين هن تاريخ طرف قدم وڌايو هو. اهل عرب، بربر ۽ زناته جون حالتون قلمبند ڪري ڪنڌ مٿي کنيو هو. ڪيس عرب ۽ بربر جي شهري ۽ بدوي آبادين جي حالتن ۽ انهن جي هم عصر وڏين وڏين سلطنتن جا واقعا لکڻا هئا.

هيستائين هو پنهنجي يادگيري جي بل تي علم جا موتي وڪيريندو رهيو هو. جو ته مقدمو هن جي ذاتي نظرين تي بحث تي ڪيو پر جڏهن هو انهن قومن جون شروعاتي حالتون لکي وينو ته هن ضروري سمجهيو ته ڪتابن ڏانهن رجوع ڪري.

٭......٭......٭

قلعه بن اسلاميه ۾ تنهائي هئي، پر ڪتاب نه هئا. اهي ڪتاب ان ٽڪريءَ تان هيٺ لهي مختلف شهرن جو رخ ڪري ئي ملي ٿي سگهيا. کيس ان قلعي ۾ رهندي چار سال ٿي چڪا هئا ۽ اهو به ان حالت ۾ ته هو جو هڪ ڏينهن به ان مان ٻاهر نه نڪتو هو. جنهن جي انعام طور کيس "مقدمه" جهڙي تصنيف ملي هئي، پر هاڻ هن جو ٻاهر نڪرڻ ضروري هو.

ادبر ڏانهن وڃڻ مناسب نه هو، جو اتي هو عملي سياست جا ڏينهن گذاري چڪو هو. تنهنڪري هن اهو مناسب سمجهيو ته هو ماٺ مٺي ۾ واپس پنهنجي وطن تيونس هليو وڃي. تيونس مان نڪرندي کيس چوويهه سال ٿي چڪا هئا. تيونس ۾ انهن ڏينهن ۾ سلطان ابو العباس جي حڪومت هئي. ابن خلدون سلطان جي نالي خط لکيو، جنهن ۾ هن پنهنجو مقصد بيان ڪيو ۽ تيونس اچڻ جي موڪل گهري. جنهن کيس تيونس اچڻ جي موڪل ڏني.

ابن خلدون پنهنجا ٻار ٻچا قلعي ۾ ڇڏيا ۽ تيونس روانو ٿي ويو. جڏهن هو

تيونس مان روانو ٿيو هو تڏهن ويهن سالن جو ڳڀرو ۽ گمنام نوجوان هو ۽ هاڻي هو علم ۽ عمل ٻنهي ۾ پختو ٿي چڪو هو. هن جو نالو چئني طرف ٻري رهيو هو.

هو شهر جي حدن ۾ پهتو ۽ ائين پئي لڳو ته ڄڻ سڄو شهر هن جي آجيان لاءِ نڪري آيو هجي. بادشاهه خود هن جي آجيان لاءِ موجود هو. هو بادشاهه سان گڏ سندس رهائش گاهه ڏانهن روانو ٿيو.

سلطان ابو العباس خود به تاريخ جو شوقين هو. هن کيس سڀئي سهولتون مهيا ڪري ڏنيون، جنهن جو هو حقدار هو.

٭......٭......٭

ڪجهه وقت کان پوءِ هن پنهنجو ڪتب به تيونس گهرائي ورتو ۽ اطمينان سان پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويو. سلطان جي مدد سان کيس ڪتابن جا ڍڳ ميسر ٿيندا ويا. تيونس ۾ جيڪو به ڪو ذڪر جوڳو ڪتاب هو اهو هن جي سامهون اچي ويو.

پوءِ ائين ئي ٿيندو آهي، جيئن ٿيو. هن جي سلطان سان ويجهڙائپ، جاهلن کي نه وڻي. ٻي پاسي هن جي عوام ۾ مقبوليت به وڌندي ويئي. جيتوڻيڪ هن جا ڪجهه به سياسي ارادا نه هئا، پر پوءِ به هن جا قدم لڏيا ۽ هو سوچڻ تي مجبور ٿي پيو.

جڏهن مخالفت جو طوفان تيز ٿيو ته هن تيونس ڇڏي ڪنهن ٻي هنڌ وڃڻ لاءِ سوچيو پر سلطان جون مهربانيون کيس مجبور ڪري رهيون هيون ته هو سلطان کي اعتماد ۾ وٺي. هن سلطان سان ملاقات ڪئي.

”اوهان جي مهربانين جو ٿورائتو آهيان پر هتي جا شيخ مون مان خوش ناهن. تنهن ڪري چاهيان ٿو ته ڪٿي وڃي ڪا ڪنڊ پاسو وسايان.“

”دنيا جاهلن ۽ سازشين سان ڀري پئي آهي. اوهين ڇو پيا پريشان ٿيو. هنن کي حسد ڪرڻ ڏيو ۽ اوهين پنهنجو ڪم ڪندا رهو.“

”آئون به ان خيال کان خدمت ۾ حاضر ٿيو هئس ته ڪٿي منهنجي ڪري اوهين ڪنهن امتحان ۾ نه پئجي وڃو.“

”مون کي خبر آهي. اوهين هڪ عظيم ليکڪ آهيو ۽ مون وٽ رهيل آهيو. تنهن ڪري مون کي ڪا به پرواهه نه آهي. اوهين اطمينان سان پنهنجو ڪم ڪندا رهو.“

سلطان هن جي دل وڌائي ته هو دل مان سڀ وسوسا ڪڍي پنهنجي ”تاريخ“ لکڻ ۾ مصروف ٿي ويو. ائين نيٺ چئن سالن جي سخت محنت کانپوءِ هن پنهنجي عظيم تصنيف ”تأريخ ابن خلدون“ لکي پوري ڪئي جيڪا ٻن جلدن ۽ ڇهن ڀاڱن تي مشتمل هئي.

هڪ مبارڪ گهڙي ۾ هن ڪتاب جون آخري سٽون لکيون ۽ خدا جي حضور سجدي ۾ ڪري پيو. خدا کانپوءِ هو جيڪڏهن ڪنهن جو ٿورائتو هو ته اهو سلطان ابو العباس هو. هن سلطان جي شان ۾ هڪ قصيدو لکيو ۽ ڪتاب جو هڪ نسخو هن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. سلطان پنهنجي درٻار ۾ اميرن ۽ وزيرن سان ويٺل هو. ابن خلدون شاندار محفل ۾ ڪتاب سلطان جي خدمت ۾ پيش ڪيو.

ڪتاب جي مختصر تعارف ڪانپوءِ هن
بادشاهه جي شان ۾ قصيدو پڙهيو.

*......*......*

ابن خلدون جي عمر هاڻ پنجاهه سال تي چڪي هئي. هو ايترو ته گهميو ڦريو هو جو هن جي دل پرجي ويئي هئي. هاڻ فقط اها خواهش هيس ته حج تي وڃان. اسڪندريه جي واپارين جو جهاز بندرگاهه تي لنگر انداز هو. هن موقعو غنيمت ڄاتوءِ سلطان کان حج جو فرض ادا ڪرڻ جي موڪل گهريائين. سلطان ٻڏتر جو شڪار ٿي ويو.

"ابن خلدون! منهنجون اکيون هاڻ توکي ڏسڻ جون عادي ٿي ويون آهن." سلطان چيو.

"منهنجي ڪيفيت به اوهان کان مختلف ڪونهي پر مون دنيا جي لاءِ تمام گهڻو مال گڏ ڪري ورتو آهي. هاڻ ڪجهه آخرت جو ثمر به ڪمائي وٺان. اهو سوچي اوهان کان جدائي جو قصد پيو ڪريان."

"مون کي ڊپ آهي ته تنهنجي سير ۽ سياحت جي عادت مون کي اڪيلو نه ڪري ڇڏي"

"آئون پنهنجي اهل ۽ عيال کي اوهان جي عنايت جي حوالي ڪري پيو وڃان. سفر ڊگهو ضرور ٿي سگهي ٿو پر ختم ضرور ٿيندو."

سلطان اهو ٻڌو ته اطمينان ٿيس ۽ هن کيس موڪل ڏيئي ڇڏي

ابن خلدون سفر جو سانباهو ڪيو ۽ ٻاڻيءَ جي جهاز تي سوار ٿيو. جهاز هلندو هلندو نيٺ اچي اسڪندريه جي بندرگاهه تي پهتو. اهو عيد جو ڏينهن هو. هو بندرگاهه تي لٿو ۽ شهر ۾ گهمي ڦري واءُ سواءُ وٺڻ لڳو.

بادشاهه ملڪ ظاهر کي تخت تي ويٺي فقط ڏهه ڏينهن ٿيا هئا. تنهنڪري ان وقت ساڻس ملڻ مناسب نه هو. پر اُنهن بادشاهن جون درٻارون هن جي اوسيئڙي ۾ هيون. جن وٽ نه ڪو تخت هوءِ نه تاج. هو پاڻ به انهن بادشاهن مان هڪ هو. هو انهن سان مليو ۽ مختلف حلقن ۾ ويهي پنهنجي ڪتاب جا ٽڪرا ٻڌائڻ ۽ بحثن ۾ حصو وٺڻ لڳو. هن ڪنهن نتيجي تي پهچڻ لاءِ جيڪو طريقو اختيار ڪيو هو تنهن عالمن کي حيران ڪري ڇڏيو ۽ اهي هن جي علم جي جوهر جا قائل ٿي پيا.

هو اسڪندريه ۾ ان ڪري ترسيو پيو هو ته جيئن حج جي تياري ڪري سگهي. پر انهن علمي بحثن ۾ کيس وقت گذرڻ جو احساس ئي نه ٿيو. هڪ مهينو ترسڻ جي باوجود به هو ان سال حج تي وڃي نه سگهيو. حج جي موسم گذري ويئي هئي. تنهن ڪري هن ٻئي سال حج تي وڃڻ جو ارادو ڪيو.

*......*......*

"جامعه الزهره" جي مشهوري هن جي ڪنن تي پوندي رهي هئي. وقت ڪجهه گهڙيون پلئه ۾ وڌس ته ان جو قدر ڪندي هن قاهره ڏانهن رخ ڪيو. هن جي مصر ۾ هئڻ جي خبر سندس قاهره پهچڻ کان اڳ پهچي ويئي. جامعه الزهره ۾ هن جي لاءِ جاءِ وئي. هن جي سواري جامعه الزهره ۾ ائين لٿي، جيئن آسمان تان

چنبڙ لهي!

عالمن جي زور ڀرڻ تي ٻي ڏينهن جڏهن هو جامعہ الزهره ۾ درس ڏيڻ ويٺو تہ هن جي علم ۽ سحر بياني شاگردن جي دلين تي قبضو ڪري ورتو. ائين هو مصر جي ڪيترن ئي شهرن ۾ پنهنجي علم جي هاڪ ۽ ڏاڪ ويهاريندو اچي بادشاه ملڪ ظاهر سان ملاقات جي لاءِ پهتو.

بادشاه ملڪ ظاهر جي لاءِ هن جو نالو ۽ ڪم اوپرو نہ هو. هو پاڻ ۾ ائين گڏيا، جيئن پراڻا دوست پاڻ ۾ ملندا آهن. ابن خلدون جي دل تي بادشاهہ جي سادگي ۽ خلوص وڏو اثر ڪيو. ڪجهہ ملاقاتن کان پوءِ هن فيصلو ڪيو تہ هو مستقبل طور تي مصر ۾ رهندو. هن پنهنجي ان خواهش جو اظهار بادشاه ملڪ ظاهر جي اڳيان ڪيو.

سلطان ابو العباس سان وعدو خلافي هن کي بي چين ضرور ڪيو پر تيونس ۾ موجود حاسدن جون اکيون بہ اڳيان ڦرڻ لڳيس. هن جڏهن مصر ۾ رهڻ جو فيصلو ڪري ورتو تہ پوءِ جامعہ الزهره ۾ "مالڪي فقہ" جي تعليم ڏيڻ تي مقرر ٿيو.

*......*......*

هو سياست کان لاتعلق بنجي ويو هو ۽ هن طئي ڪري ورتو هو تہ هو فقط درس ۽ تدريس کانسواءِ ٻيو ڪو بہ عهدو قبول نہ ڪندو. پر هن جي مشهوري ڪري بادشاهہ کيس قاضي القضاہ بڻائڻ جي آڇ ڪئي. مجبورين هن جا هٿ جهلي ورتا ۽ هو ان عهدي تي ڪم ڪرڻ لڳو. پر درس ۽ تدريس کي بہ هٿان وڃائڻ نہ ڏنائين.

## ڏاهپ جا ڏس

* اها شيءِ جيڪا هڪ زماني ۾ وڏي چرپائپ سمجهي وڃي ٿي، سان وري ٻئي ڪنهن زماني ۾ وڏي ڏاهپ ليکجي ٿي. (جي ايس مل)

* موت جي سزا ڏوهہ جي خاتمي جو علاج ناهي، اها هڪ اهڙي ئي غلطي آهي، جيئن سمجهيو وڃي تہ خيرات سان غربت ختم ڪري سگهجي ٿي. (هينري فورڊ)

* اهو جيڪو منطقي ڳالهہ نٿو مڃي سو منافق آهي. اهو جيڪو منطق نٿو سمجهي سگهي سو چريو آهي ۽ جيڪو منطقي ڳالهہ چوڻ جي همت نہ ٿو ساري سو غلام آهي. (وليم ترمنڊ)

* توهان جي منطق جي پويان پئجي ويندو تہ هڪ وقت اهڙو بہ ايندو جو توهان جا فيصلا غير منطقي ٿيڻ لڳندا. سيئول بٽلر

* هڪ چور ئي ٻڌائي سگهجي ٿو تہ چور کي ڪيئن پڪڙي سگهجي ٿو. (نامعلوم)

**موڪليندڙ:محرم علي مغيري بيوس**

هن جي شهرت پير پکيڙيا ۽ واندڪائي نصيب ٿيس تہ کيس گهر وارا ياد آيا. جيڪي تيونس ۾ هن جو اوسيئڙو ڪري رهيا هئا. هن سلطان ابو العباس کي خط لکي گذارش ڪئي تہ هو هن جي اهل ۽عيال کي مصر روانو ڪري.

سلطان اهو سوچي تہ هن جا گهر وارا تيونس ۾ هوندا تہ ابن خلدون هتي موٽي اچڻ تي مجبور ٿي پوندو. تنهنڪري کين مصر روانو نہ ڪيو. ڪيترا ڀيرا خط ۽ ڪتابن کان پوءِ بہ هو جڏهن پنهنجي

مقصد ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيو تہ ڪيس مصر جي بادشاهہ جي سفارش جي ضرورت محسوس ٿي. هوڏانهن بادشاهہ ملڪ ظاهر بہ پئي سوچيو جيڪڏهن هن جا گهر وارا هتي نہ آيا هو واپس تيونس هليو ويندو. تنهن ڪري هن هڪ سفارشي خط سلطان ابوالعباس کي لکيو. جنهن جو هاڪاري جواب آيو. سلطان لکيس تہ ابن خلدون جا گهر وارا بحري جهاز جي ذريعي مصر روانا ٿي چڪا آهن.

ابن خلدون اجا عدالتي ڪمن ڪارين کان واندو ٿي گهر پهتو ئي مس هو جو بادشاهہ جو قاصد پهچي ويس. هو ان ئي مهل بادشاهہ ڏانهن روانو ٿي ويو.

بادشاهہ ڪجهہ اعتماد جوڳن ساٿين سان ان وقت دربار ۾ تخت بدران فرش تي ويٺو هو. ٻيا درباري بہ هن جي پيروي ڪندي هيٺ ويٺا هئا.

ابن خلدون بادشاهہ وٽ پهتو. سمجهي ويو تہ ضرور ڪير گذاري ويو آهي.

”جنهن جو موت جيئڻ لکيل هوندو آهي, اهو ٽاري نٿو سگهجي.“

”هائو! ڏاڍي جي اڳيان ڪنهن جي بہ نٿي هلي.“

”انسان جو فرض آهي تہ هو رضا تي راضي رهي ۽ صبر اختيار ڪري“

ابن خلدون حيراني مان اهو سڀ ٻڌي رهيو هو ۽ نيٺ پڇيائين ”عزيزو! آخر ڇا ٿيو آهي؟“

ڪيس ٻڌايو ويو تہ, جنهن جهاز ۾ سندس اهل عيال مصر اچي رهيو هو اهو ٻڏي ويو هو. ڪو بہ مسافر بچي نہ سگهيو هو.

اها هنيان ڦاڙ خبر ٻڌي, هو ڄڻ اڌ مري ويو. دوستن يارن دلاسا ڏنس. پر هو سڄو پڄي ۾ پري پيو. جن جي ملڻ جي آس ۾ هو هتي ويٺو هو سي ئي نہ رهيا. صبر کان سواءِ ٻي ڪا واهہ بہ نہ هئي. هاڻي هن حج تي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. تيارين ۾ مشغول ٿي ويو. بادشاهہ ملڪ ظاهر جي اجازت سان هو روانو ٿيو ۽ منزلون طيءِ ڪندو خدا جي گهر ۾ پهچي ويو.

⁂......⁂......⁂

هڪ سال کان پوءِ هو واپس موٽيو تہ اهو طئي ڪري چڪو هو تہ درس ۽ تدريس کانسواءِ ٻيو ڪو عهدو قبول نہ ڪندو.

حج تان واپس موٽڻ کانپوءِ وٽس ٻي ڪا بہ مصروفيت نہ هئي. تنهنڪري هو پنهنجي تاريخ ۾ مقدمي تي نظر ثاني ڪرڻ لڳو. ان دوران هو ”مدرسہ قمحيہ“ ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ مصروفيتن جي هڪ ٻي صورت نڪري آيس ۽ باقي وقت ڪتاب جي نظرثاني ۾ گذارڻ لڳو.

ان دوران هڪ ڀيرو ٻيهر ڪيس قاضي جي عهدي جي آڇ ٿي. ۽ ڪيس اهو عهدو قبولڻو پيو. ڇو تہ بادشاهہ جو دليل هو تہ اهو عهدو سياسي ڪو نہ هو پر درس ۽ تدريس سان واسطو رکي ٿو.

سياست سان گڏ سياحت کي بہ خيرباد چئي چڪو هو. پر پوءِ بہ هن جي قسمت ۾ جيترا سفر لکيل هئا, انهن مان ڪي اجا باقي رهيل هئا, جن کي هن پورو

ڪرڻ پئي گهريو.

رواج موجب مدرسي جي نوڪري جي دوران ڪيس پنهنجي حصي جو ان وٺڻ لاءِ قاهره کان ٻاهر وڃڻو پوندو هو. تنهن ڪري هو هڪ ڀيري حجاز ويو ۽ ٻئي ڀيري ڪيس بيت المقدس وڃڻو پيو. جتي هن بيت اللحم، بيت الخليل ۽ ٻين پاڪ هنڌن جي زيارت ڪيائين.

"مدرسہ قمحيہ" ڪانپوءِ هو "مدرسہ ظاهريہ" سان لاڳاپيو. ان دوران هن پنهنجي ڪتابن جي مڪمل نظرثاني ڪئي. هن ان نظرثاني ڪيل نسخي جي هڪ ڪاپي بادشاهہ ملڪ ظاهر جي خدمت ۾ پيش ڪئي.

بادشاه ملڪ ظاهر طرفان هڪ وفد "سلطان اولهہ" ڏانهن وڃي رهيو هو. ان ڪتاب جي هڪ ڪاپي "جامع قرويين" جي ڪتب خاني لاءِ سلطان عبدالعزيز جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ موڪلي.

هو درس ۽ تدريس ۾ مشغول هو جو امير تيمور جي حملي جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ آيس. چنگيز خان جي خاندان جو اهو فرد جنهن انساني سرن جا مينار اڏيا هئا. شام جي ملڪ تائين اچي پهتو هو. هن جون فتحون طوفان جي ڪڪرن جيان اڏنديون پئي ڦريون. سڄو ايشيا ڪوچڪ هن جي ڊپ کان ڪنبي رهيو هو.

امير تيمور حلب فتح ڪيو ۽ پوءِ عيلڪ طرف وڌيو ۽ اتان دمشق جو رخ اختيار ڪيائين. اهي خبرون مصر تائين پهچي رهيون هيون.

سلطان ظاهر جي پٽ فرج دمشق جي حفاظت لاءِ هڪ لشڪر ترتيب ڏنو پر هن جي اها ڪوشش تيموري سيلاب جي وهڪري کي روڪڻ جي ناڪام ڪوشش جيان هئي. ابن خلدون جو خيال هو تہ آڻ مڃڻ ڪانسواءِ ٻي هر ڪوشش بيڪار آهي. پر خود ڪيس بہ لشڪر جو حصو بنجڻو پيو. ٻين قاضين سان گڏ سلطان ڪيس بہ لشڪر سان گڏ هلڻ جو حڪم ڏنو. جيتوڻيڪ هو ان وقت قاضي نہ هو.

تيمور جون فوجون دمشق ڏانهن وڌي رهيون هيون. سلطان اڳ ۾ دمشق پهچي بچاءَ جي تيارين ۾ لڳي ويو. شهر جي فصيل کي مضبوط ڪري قلعہ بند ٿي تيمور سان مقابلي جون تياريون ٿيڻ لڳيون.

تيمور دمشق جي ويجهو پهچي چڪو هو. جهنڊن ۽ گهوڙن جي سنبن جي دز آسمان کي لڪائي ڇڏيو هو. تيمور شهر جو گهيرو ڪري جنگ جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون. ائين شهر جي آسپاس جهڙپن ۽ لڙائين جو سلسلو جاري ٿي ويو.

هڪ مهينو گذري ويو. تيمور ان انتظار ۾ هو تہ قلعي ۾ خوراڪ جي کوٽ ٿيندي ۽ دروازا پاڻمرادو کلي ويندا. پر ايتري ۾ مصر مان بغاوت جون خبرون اچڻ لڳيون. سيني جي صلاح اها بيٺي تہ مصر جي خطري کان بچاءَ ڪرڻ گهرجي. ائين نہ ٿئي جو حڪومت جو نظام درهم برهم ٿي وڃي. ائين بادشاهہ سميت سڀ جا سڀ دمشق ڇڏي مصر کي بچائڻ جي لاءِ هليا ويا.

هاڻ دمشق جا رهواسي هڪ اهڙي

ٻيڙيءَ ۾ سوار هئا. جنهن جو ناڪئو ڪين ڇڏي هليو ويو هجي. هو حيران هئا ته هاڻ امير تيمور جي عذاب کان ڪيئن بچجي. ان مامري تي غور ۾ فڪر جي لاءِ عالم ۽ فقيهه "مدرسه عاليه" ۾ گڏ ٿيا. انهن ۾ ابن خلدون به شامل هو. هو امن ۽ اطاعت جو زبردست خواهشمند هو. هن ٻين ماڻهن کي به قائل ڪيو ته اسان کي امير تيمور کان جان ۽ اهل عيال جي امان جو طلب گار ٿيڻ گهرجي.

جڏهن هو سڀ ان راءِ تي سهمت ٿيا ته هنن نائب قلعه سان صلاح مشورو ڪيو. جنهن ان ڳالهه جي سخت مخالفت ڪئي. ٻنهي ڌرين ۾ بحث مباحثو وڌندو ويو. ان وقت ابن خلدون بهادري جو مظاهرو ڪيو ۽ اڪيلي سر رسن جي مدد سان قلعي جي پٺ تان هيٺ لٿو ۽ تيمور جي لشڪر ۾ پهتو.

ابن خلدون پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ اچڻ جو مقصد بيان ڪيو. تيمور هن کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ سندس ڳالهه ٻڌڻ تي راضي ٿي ويو. ٻنهي ۾ ڳالهيون ٻولهيون ٿيون ۽ ان ڳالهه تي اتفاق ٿيو ته قلعي جا دروازا کوليا ويندا. ماڻهو پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ مصروف رهندا ۽ امير تيمور شاهي محل ۾ رهندو. ابن خلدون واپس اچي قلعي جي محافظن سان ڳالهايو. پر هو راضي نه ٿيا. نيٺ مجبور ٿي ابن خلدون ساڳئي نموني پٺ تان لٿو ۽ مصر ڏانهن روانو ٿي ويو.

مصر پهچي هو اهڙو ته دل شڪستو ٿيو جو درس ۽ تدريس تان به هٿ کڻي ڇڏيائين ۽ پنهنجي حياتي جو احوال لکڻ لڳو. اينڊڙ چار سال هن اڪيلائي ۾ گذاريا. هاڻ هن جي عمر 74 سال ٿي چڪي هئي ۽ هن جي دل اهڙي ته ڀرجي چڪي هئي جو 1406ع ۾ مختصر بيماريءَ کان پوءِ گذاري ويو. هن قاهره ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي ڪيس دفنايو ويو.

اج ڪنهن کي به هن جي قبر جي ڪا خبر ڪونهي. هن جا ڪيترائي ڪتاب زماني جي هٿان گم ٿي ويا آهن پر سندس به ڪتاب "مقدمه ۽ "تاريخ ابن خلدون" کيس تاريخ جي ورقن ۾ هميشه زنده رکندا ٿا اچن.

*........*........*

## عام معلومات

پاڪستان سڀ کان پهرين پنهنجي پوسٽ جي ٽڪلي اُٺ جي تصوير شايع ڪئي.

پاڪستان ۾ ٿهڻ واري پهرين جيپ جو نالو نسان آهي.

ٻه لک اسي هزار مڇرن جو مجموعي وزن هڪ هزار پائونڊ ٿيندو آهي.

ڳئون کي لاطيني زبان ۾ ويڪسينا چيو ويندو آهي.

راڪيٽ سڀ کان پهريان چين ۾ استعمال ڪيا ويا.

ترڪي جو شهر استنبول ٻن کنڊن ايشيا ۽ يورپ ۾ آهي.

زمين جي جنت ڪشمير کي چيو ويندو آهي.

**موڪليندڙ:**

**ٻيوس محرم علي مغيري قمبر**

**سول** اسپتال جي مڙدي خاني ٻاهران عورتن، مردن ۽ ٻارن جو انبوهہ هو. انبوهہ مان روج راڙي ۽ اوڇنگارن جا آواز پئي آيا.

ماڻهن انبوهہ پٺيان ميدان ۾ پوليس جون ٻہ لاريون، هڪ ترڪ، هڪ پڪ اپ، ٻہ جيپون ۽ ايس پيءَ جي نيري رنگ جي فوڪس ويگن ڪار بيٺي هئي. ڪجهہ

**هڪ ٻانهن جو قصو جنهن جي وارث جي ڳولا هئي**

**ان عظيم ڪهاڻيڪار جي اها ڪهاڻي جيڪا سنڌ جي پوري تاريخ جو احاطو ڪري ٿي. ٻوليءَ وارن فسادن جي پس منظر ۾ لکيل اها تحرير جيڪا صرف قلم کي پنهنجي رت سان ٻوڙي لکڻ کان پوءِ وجود ۾ ايندي آهي. شروعات کان آخر تائين روح کي جهنجهوڙيندڙ لکت جيڪا ڪافي ڪجهہ سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي.**

# ڪپيل ٻانهن جو وارث

امر جليل





پريرو پپل جي وڻ هيٺان ميجسٽريٽ صاحب جي اڇي رنگ واري مزدا ڪار بيٺي هئي.

مڙدي خاني جي پوائنتي ورانڊي ۾ نوجوان ميجسٽريٽ ۽ وچولي عمر وارو ايس-پي بيٺا هئا. ايس پيءَ جو پيٽ گولائيءَ ۾ ڪجهه سرس هو جنهن مان سندس مالي خوشحالي ظاهر پئي ٿي. ميجسٽريٽ اڃا نئون نوڪري ۾ گهڙيو هو. تنهن ڪري پوريءَ ريت خوشحال ٿي نه سگهيو هو. هو ٻئي ڄڻا نڪ تي رومال ڏيئي مڙديخاني جي ورانڊي ۾ بيٺا هئا.

مڙدي خاني ۾ تازن فسادن ۾ مئل ماڻهن جا لاش پيا هئا. لاشن تي قانوني ڪارروائي ٿي چڪي هئي. لاش هڪ هڪ ڪري ميجسٽريٽ جي موجودگيءَ ۾ وارثن کي حوالي ڪيا پي ويا. سول اسپتال جي تاريخ ۾ اڳ ائين ڪڏهن به نه ٿيو هو جو ميجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ جي موجودگيءَ ۾ پوسٽ مارٽم ڪيل لاش وارثن کي حوالي ڪيا ويا هجن. اهو موقعو عجيب هو. ڪنهن به طرح عام رواجي نه هو. لاتعداد اخباري نمائندا. سماجي ڪارڪن. فوٽو گرافر اتي موجود هئا.

مڙدي خاني جي غليظ, اونداهي ۽ هيبتناڪ ڪمري ۾ ڪجهه لاش پيا هئا. لاشن وٽ اسپتال جو ايڊمنسٽريٽر, ٻه ڊاڪٽر, ڇهه ست وارڊ بواءِ, ڪجهه سپاهي ۽ هڪ صوبيدار بيٺا هئا. ڏپ کان بچڻ لاءِ هن نڪ بند ڪري ڇڏيا هئا.

صوبيدار هڪ هڪ ڪري لاش ٻاهر ڪڍائي پئي آندو. ٻاهر ورانڊي ۾ بيٺل ميجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ آڏو لاش ترسائي, لاش سان فوٽو گڏ ٻنهي صاحبن جو فوٽو ڪڍائي,لاش انبوه ڏانهن ڪڻائي پئي ويو. فوٽو ڪڍائڻ مهل ميجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ نڪ تان رومال هٽائي پئي ڇڏيو.

نوجوان ميجسٽريٽ کان وڌيڪ ايس پي تجربيڪار هو. هن نوجوان ميجسٽريٽ کي سمجهائي ڇڏيو هو ته اهي فوٽا اخبارن ۾ ڇپبا. حاڪمن تائين وڃي پهچندا, تنهنڪري اسان جي منهن مان بيزاري ظاهر ٿيڻ نه گهرجي.

صوبيدار مڙدي خاني مان هڪ هڪ ڪري لاش ڪڻائي پئي آيو ۽ ورانڊي ۾ ميجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ کي ٿي ڏيکاريو جن نڪ تان رومال هٽائي, ڪجهه هيٺ جهڪي, منهن تي ڪجهه غم ۽ رنج جا تاثر آڻي, ڪمال اداڪاريءَ سان فوٽو ڪڍائي پئي ورتو. ان ڪارروائيءَ کان پوءِ صوبيدار لاش وارثن جي حوالي ڪندو ٿي ويو.

ڪجهه دير ڪانپوءِ مڙدي خاني مان اسپتال جو ايڊمنسٽريٽر ٻاهر آيو. هو توائي پئي ڏٺو. جنهن ڪم تي ڪيس ويهاريو ويو هو سو پنهنجي مرتبي کان هيٺ پئي ڀانيائين. هو ميجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ وٽ اچي بيٺو. رومال سان منهن اگهندي چيائين, "سمورا لاش وارثن جي حوالي ڪيا ويا آهن. مان وڃان ٿو."

ميجسٽريٽ پڇيو "ڪل گهڻا لاش هئا؟"

ايڊمنسٽريٽر وراڻيو "چوڏهن."

"پڪ؟" ميجسٽريٽ پڇيو.

"ها سائين, پڪ," ايڊمنسٽريٽر بيزار ٿيندي وراڻيو.

میجسٽريٽ هڪ تہ جوان هو مٿان
بي انداز اختيار مليل هئس. ڏاڍي رعب
نموني ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي
ايڊمنسٽريٽر کان پڇيائين، "مڙدي خاني
کي گهٽا در ۽ گهٽيون دريون آهن؟"

ايس پيءَ حيرت مان نوجوان
ميجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو.

ايڊمنسٽريٽر وراڻيو "مڙدي خاني
کي بہ دريون ۽ چار روشندان آهن. ۽ هڪ
در آهي."

"درين کي لوهي شيخون لڳل
آهن؟"

"ها."

"۽ در؟"

"در کي تالو لڳل هوندو آهي."

"پلا روشندان فرش کان ڪيترو
مٿي آهن؟"

"اٽڪل ٻارنهن فوٽ کن مٿي آهن."

"روشندانن کي لوهي شيخون
آهن؟"

"نہ."

"هون!" ميجسٽريٽ وڏي سوچ ۾
پئجي ويو. اهڙو گنڀير ٿي ويو ڄڻ خون
جي ڪيس ۾ مغز ماري رهيو هو.

ايڊمنسٽريٽر ڪجهہ خارياز
طبيعت جو هو. هن چيو "سائين. يقين
ڪريو ڪو بہ لاش مڙدي خاني مان ڀڄي نہ
ويو آهي. درين کي لوهي شيخون لڳل
آهن. جيڪڏهن ڪو بہ لاش روشندان مان
ڀڄي نڪرڻ جي ڪوشش ڪري ها. تہ
ضرور تنگ ڦچيس ها."

نوجوان ميجسٽريٽ کي لونڊڙين
تي پگهر اچي ويو. تڏي تي ايڊمنسٽريٽر
جا لاهہ ڪيڍي ڇڏي ها. پر ايس پيءَ جي
منهن تي مرڪ ڏسي سور پي ويو.

ايڊمنسٽريٽر هليو ويو. اخباري
نمائندا ۽ فوٽو گرافر روانا ٿي ويا. انبوهہ
ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳو. تڏهن مڙدي خاني مان
آواز آيو "ترسو."

انبوهہ پنڊ پهڻ ٿي ويو. ميجسٽريٽ
۽ ايس پي منهن ورائي مڙدي خاني ڏانهن
ڏسڻ لڳا. مڙدي خاني جي در تي صوبيدار
بيٺو هو. ڪيس ڏسي ٻنهي جي لوڻءَ لوڻءَ
ڪاندارجي ويئي.

صوبيدار اڳتي وڌي آيو. سندس
هٿ ۾ ڪلهي وٽان ڪپيل هڪ ٻانهن
هئي. هو ايس پي ۽ ميجسٽريٽ آڏو اچي
بيٺو. هن عجيب بي ڍنگي لهجي ۾ چيو
"هيءَ ٻانهن مڙدي خاني جي ڪنڊ ۾ پئي
هئي."

ايس پي ۽ ميجسٽريٽ حيرت
وچان ڪپيل ٻانهن ڏانهن ڏسڻ لڳا.
جيڪا رت ۾ مٽيءَ سان ٿڦيل هئي. ايس
پيءَ پاڻ سنڀالي ورتو. صوبيدار کي
ڪڙڪيدار آواز ۾ چيائين، "ان ٻانهن کي
مڙديخاني ۾ اڇلائي اچ."

صوبيدار مڙدي خاني ڏانهن وڃڻ
لڳو.

"ترس،" ميجسٽريٽ کيس روڪيو.
چيائين، "انصاف جي تقاضا موجب هيءَ
ڪپيل ٻانهن وارثن جي حوالي ڪئي
ويندي."

ايس پيءَ کيس سمجهائڻ جي
ڪوشش ڪئي، پر نوجوان ميجسٽريٽ نہ
مڙيو. هن عدل جهانگير جو رڪارڊ ٽوڙڻ
جو فيصلو ڪري ڇڏيو. چيائين، "هيءَ

ٻانهن وارثن کي ڏني ويندي.“
ايس پيءَ جڪ کاڌا.
ميجسٽريٽ ڊاڪٽرن کي پنهنجي گهرايو جيڪي مڙدي خاني مان نڪرڻ کانپوءِ تازي هوا کائي رهيا هئا. کانئن پڇيائين، ”ڪو اهڙو لاش به وارثن کي ڏنو ويو آهي جا، جنهن کي هڪ ٻانهن نه هئي؟“
ٻنهي ڊاڪٽرن ڪاغذن جي جانچ ڪرڻ کان پوءِ انڪار ڪري ڇڏيو ته ڪو به ٻانهن ڪپيل لاش مائٽن کي نه ڏنو ويو آهي. ميجسٽريٽ پاڻ کي اڪابر ثابت ڪرڻ لاءِ چيو ”ته پوءِ هن ٻانهن جو لاش ڪٿي آهي!“
ايس پيءَ ڪنگهي پنهنجي ڪل هضم ڪري ويو. هن مرڪندي چيو ”ممڪن آهي، جنهن شخص جي هيءَ ٻانهن آهي، سو اڃا جيئرو هجي.“
ميجسٽريٽ کي اها ڳالهه پسند نه آئي. چيائين، ”اهو ناممڪن آهي.“
هڪ ڊاڪٽر چيو ”جنرل وارڊ ۾ پنجن ڏينهن کان هڪ زخمي داخل آهي، جنهن کي کلهي وٽان هڪ ٻانهن ڪونهي.“
”ته پوءِ هيءَ ٻانهن پڪ ان زخمي جي آهي.“ ميجسٽريٽ ڊاڪٽر کي چيو ”مون کي ان مريض ڏانهن وٺي هل. مان هيءَ ٻانهن ڪيس حوالي ڪندس.“
ايس پيءَ ۽ انبوهه کي ترسڻ لاءِ چئي، ميجسٽريٽ صوبيدار کان ٻانهن ڪٽائي، ڊاڪٽر کي ساڻ ڪري جنرل وارڊ ڏانهن ويو.
ڊاڪٽر ميجسٽريٽ کي سڌو وجي ان زخميءَ وٽ بيهاريو جنهن کي کلهي وٽان ٻانهن نه هئي.
ميجسٽريٽ زخميءَ کي چيو ”اسان کي مڙدي خاني مان هڪ ٻانهن لڌي آهي. اسين سمجهون ٿا، هيءَ ٻانهن تنهنجي آهي.“
زخمي دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو. سندس منهن ۾ گهنڊ هو. ايذاءَ سبب چپ خشڪ ۽ اکيون ڏرا ڏيئي ويون هئس. هن ڪنڌ ورائي ميجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو.
ميجسٽريٽ صوبيدار جي هٿ ۾ جهليل ٻانهن ڏانهن اشارو ڪندي چيو ”منهنجو خيال آهي، هيءَ ٻانهن تنهنجي آهي.“
مريض ميجسٽريٽ تان نظرون هٽائي، ٻانهن ڏانهن ڏسڻ لڳو. ڪجهه دير کانپوءِ هن وري ميجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، ”تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟“
ميجسٽريٽ وائڙو ٿي ويو. ڪجهه سمجهه ۾ نه آيس. چيائين، ”مان پنجويهن سالن جو آهيان.“
”مان به پنجويهه سالن جو آهيان. پاڪستان به پنجويهه سالن جو آهي.“ زخميءَ چيو ”پنجويهن سالن ۾ هن ملڪ تو جهڙن کي پنجويهه ٻانهن ڏيئي ڇڏيون آهن. مون کان ٻن ٻانهن مان هڪ ٻانهن ڦري ورتي آهي.“
ميجسٽريٽ اجايو کلڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس شڪل پولي جهڙي ٿي ويئي. چيائين. ”مان حڪومت پاڪستان طرفان توکي تنهنجي ٻانهن موٽائي ڏيڻ آيو آهيان.“
زخميءَ ڪرڙي اک سان

ميجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو. ڇاڙيءَ جا هڏا هڪبئي ۾ جڪڙجي ويس. منهن جو رنگ بدلجندو ويس. تڪليف بدران، سندس منهن مان بي پناهه نفرت ظاهر ٿيڻ لڳي.

ميجسٽريٽ کان زخميءَ جي خاموش ۽ گهائل ڪندڙ گهور برداشت ٿي نه سگهي. چيائين، ”مان توکي تنهنجي ٻانهن موٽائي ڏيڻ آيو آهيان.“

”مون کان جيئري جاڳندي ٻانهن وٺي، مون کي مئل ٻانهن ڏيڻ آيو آهين!“ زخميءَ ڏند ڪرٽيندي چيو ”مان فنڪار آهيان. مان مئل ٻانهن کي ڇا ڪندس! مون کي جيئري ٻانهن موٽائي ڏيو.“

ڊاڪٽرن ميجسٽريٽ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ”هن جو دماغ خراب ٿي ويو آهي. اسين ڪيس چرين جي اسپتال موڪليندا سين.“

ميجسٽريٽ نه مڙيو. زخميءَ کي چيائين، ”توکي پنهنجي ٻانهن نه گهرجي؟“

”مان مئل ٻانهن کي ڇا ڪندس!“ زخميءَ چيو ”پنهنجي حڪومت کي چئه ته مون کي منهنجي جيئري ٻانهن موٽائي ڏئي. مون کي جيئري ٻانهن گهرجي. مان فنڪار آهيان. مان تصويرون ناهڻ چاهيان ٿو. مان ڪوي آهيان. مان گيت لکڻ چاهيان ٿو. مان سودائي آهيان. مان ڪهاڻيون لکڻ چاهيان ٿو. مون کي منهنجي ٻانهن موٽائي ڏيو. مون کي منهنجي جيئري ٻانهن موٽائي ڏيو.“

ميجسٽريٽ کي وحشت وٺي وئي. هو ڊاڪٽرن ۽ صوبيدار سميت موٽي ويو. مڙدي خاني جي ورانڊي ۾ ايس پيءَ

چيس، ”منهنجي مڃو. هيءَ ٻانهن مڙدي خاني ۾ رکائي ڇڏيو.“

”نه“ نوجوان ميجسٽريٽ چيو ”مان هن ڪپيل ٻانهن جي وارثن کي ضرور هٿ ڪندس.“

هن صوبيدار جي هٿ مان ڪپيل ٻانهن وٺي، مٿي ڪري، انبوهه کي ڏيکاريندي چيو ”هن ٻانهن جو جيڪڏهن ڪو وارث آهي، ته ثابتي ڏيئي ٻانهن وٺي وڃي.“

ٻانهن ڏسي انبوهه ۾ چرپر، چوٻول ٿيو.

ڪجهه مرد ۽ عورتون اڳتي وڌي آيا. هو غور سان ٻانهن ڏانهن ڏسڻ لڳا، جنهن تي رت ۽ مٽيءَ جا چاپڙ چڙهيل هئا.

هڪ ننڍڙي ڇوڪريءَ چيو ”سائين، اها ٻانهن منهنجي پيءُ جي آهي.“

ميجسٽريٽ ڪنڌ ورائي ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، ”ڪيئن ٿي چوين ته اها ٻانهن تنهنجي پيءُ جي آهي؟“

ڇوڪريءَ وراڻيو ”منهنجو پيءُ جيئرو آهي. هن کي هڪ ٻانهن ڪانهي.“

ميجسٽريٽ کان ڇرڪ نڪري ويو. پڇيائين، ”ڪڏهن کان تنهنجي پيءُ کي ٻانهن ڪانهي؟“

”مون کي ياد ناهي.“ ڇوڪريءَ وراڻيو ”منهنجي ماءُ مون کي ٻڌائيندي آهي، ته منهنجي پيءُ کي ٻئي ٻانهون هونديون هيون. هو سچ لکندو هو. هڪڙي ڏينهن انصاف جا علمبردار آيا، ۽ بابا جي اها ٻانهن ڪپي ويا، جنهن ۾ سچ لکندڙ هٿ هو.“

کي ڏني ويندي. في الحال هين وارثن جي ڳالهه ٻڌڻ ڏيو.“

”ٻڌبي نمري ۾ دادرو آهي.“ سرچارلس. نيپيئر ديسيءَ چيو ”تون تفتيش ڪر، پولا.“

ميجسٽريٽ پڳهر اگهيو. ايس پي چپن ۾ مرڪيو.

ميجسٽريٽ انبوهه کان پڇيو ”هيو ڪو آهي، هن ٻانهن جو وارث؟“

هڪ نوجوان ڇوڪري انبوهه مان نڪري آئي. هوءَ حسين هئي. اداس ۽ ويراڳڻ ٿيڻ کان پوءِ وڌيڪ دلڪش ٿي ڏٺي.

ايس پيءَ سڙٻاٽن ۾ ميجسٽريٽ کي چيو ”هيءَ ڇوڪري طوائف آهي. نالو فرزانه اٿس.“

فرزانه ٻانهن وٽ اچي بيٺي. اکيون روئڻ سبب ڳاڙهيون ٿي ويون هئس. ٻانهن ڏانهن ڏنائين ته روئي پئي. سڏڪن ۾ چيائين، ”هيءَ ٻانهن مون کي ڏيو.“

”ثابتي.“

”هيءَ ٻانهن شهمير جي آهي.“

”شهمير ڪير هو؟“

”شهمير مانجهي مڙس هو. مشڪلن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسندو هو.“

”هو تنهنجو ڪير هو؟“

ڇوڪريءَ جون اکيون رڻ ۾ ڦاٿل هرڻيءَ جي اکين وانگر وياڪل ۽ واتڙيون ٿي ويون. هن چپر کڻي ميجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو. چيائين، ”شهمير منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه هو.“

”تنهنجو مڙس هو؟“

”نه.“

”توهان جو مڱڻو ٿيو هو؟“

”نه.“

”ته پوءِ؟“

فرزانه منجهي پئي. ڪو جواب سجهي نه آيس.

ايس پيءَ ميجسٽريٽ کي آهستي چيو ”هيءَ طوائف آهي. هوندس ڪو خاص گراڪ.“

ميجسٽريٽ ڇوڪريءَ کي چيو ”توکي ثابت ڪرڻو پوندو ته تون هن ٻانهن جي وارث آهين.“

ڇوڪريءَ چيو ”شهمير هڪ دفعي منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ قابو ڪندي چيو هو ته مڙس زندگيءَ ۾ فقط هڪ عورت جو هٿ جهليندو آهي، ۽ اها عورت تون آهين. هن مون کي پنهنجو ڪيو هو. هو زماني جي ريتن رسمن جو قائل نه هو. چوندو هو ته مرد جي وچن کان وڌيڪ مضبوط ٻيو ڪو به بنڌڻ ناهي.“

ميجسٽريٽ چيو ”پر تو وٽ ڪهڙو ثبوت آهي ته هيءَ ٻانهن تنهنجي شهمير جي آهي؟“

ڇوڪريءَ جون اکيون ترسيل ساوڻ وانگر وسي پيون. چيائين، ”شهمير جي هٿ ۾ عمر واري ليڪ تمام وڏي هوندي هئي، پر شهمير ان ليڪ تي ڪڏهن به اعتبار نه ڪيو. هو چوندو هو ته انسان پنهنجا ليکا پاڻ ٺاهيندو آهي.“

ڇوڪري ڳالهائيندي ڳالهائيندي خاموش ٿي ويئي. هوءَ پنهنجن سڏڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. جڏهن ڪجهه سامت ۾ آئي تڏهن چيائين، ”فسادين جي هڪ وڏي انبوهه

سان اڪيلي سر وڙهندي منهنجو شهمير مارجي ويو. هٿ ۾ عمر واري وڏي ليڪ هوندي بہ هو جوانيءَ ۾ مارجي ويو. فسادي سندس لاش جيپ سان ٻڌي، رستن تان گهليندا ڪٽي ويا. توهين ان ڪپيل ٻانهن جي هٿ ۾ عمر واري ليڪ ڏسو. ضرور وڏي هوندي."

صوبيدار چيو. "ٻانهن جو هٿ رهڙجي ويو آهي. سموريون ليڪون ڊهي ويون اٿس."

"تون ترس." ميجسٽريٽ چيو "مان ٻين دعويدارن کان پڇي وٺان."

"وڏيڪ ڦڏيبازي نہ ڪر، ميجسٽريٽ. پولا." اوچتو سرچارلس نيپيئر ديسيءَ ڳالهايو. چيائين، "تو مون کي پرامز ڏنو آهي تہ اها ٻانهن مون کي ڏيندين."

ميجسٽريٽ موقعي جي نزاڪت ڏسندي، ڪاوڙ کي قابو ڪندي چيو "هيءَ ٻانهن هر حال ۾ توهان کي ڏني ويندي، سر چارلس نيپيئر ديسي."

"ٿينڪ يو" سرچارلس نيپيئر ماٺ ٿي ويو.

ميجسٽريٽ ماڻهن ڏانهن منهن ڪندي وڏي واڪ پڇيو. "ٻيو ڪو هن ٻانهن جو دعويدار آهي؟"

هڪ منڊڙو پوڙهو گهوڙين تي هلندو اڳتي وڏي آيو. چيائين."هيءَ منهنجي پٽ جي ٻانهن آهي."

"ثبوت."

"منهنجي دل تي چوي، اها منهنجي پٽ جي ٻانهن آهي."

"قانون جي نگاهن ۾ دل ڪا بہ معنيٰ نہ رکندي آهي. اسان کي ثبوت گهرجي."

"ثبوت!"

"ها، ثبوت." ميجسٽريٽ پڇيو "تنهنجي پٽ جو نالو ڇا هو؟"

"خاوند." وري هڪدم چيائين، "خاوند ڏنو."

"ڇا ڪندو هو؟"

پوڙهي وراڻيو. "لالو کيت ۾ سنڌي هوٽل ٻاهران پڪوڙا وڪڻندو هو."

"ڪهڙو ثبوت اٿئي تہ هيءَ ٻانهن تنهنجي پٽ جي آهي؟"

پوڙهي جي اکين ۾ پاڻي تري آيو پر سندس اکين ۾ چمڪندڙ پدري شفقت ۽ ذهانت پوڙي نہ سگهيو. پوڙهي چيو "پيءُ پٽ جو رشتو ثبوت جو محتاج نہ هوندو آهي، سائين. روح جي ڇڪ سندن ڪسوٽي هوندي آهي."

"مان ميجسٽريٽ آهيان. فلاسفر ناهيان." ميجسٽريٽ چيو "ٻانهن حاصل ڪرڻ لاءِ توکي ثبوت ڏيڻو پوندو."

پوڙهو سوچ ۾ ٻڏي ويو. منهن انيڪ ليڪن ۾ وراهجي ويس. ڪجهہ دير ڪانپوءِ چيائين، "هڪ دفعي منهنجي هڪ گهوڙي ڀڄي پئي هئي. جيستائين ٻي گهوڙي واڊي کان نهرايان، تيستائين مان پنهنجي پٽ خاوند جي ٻانهن جي سهاري هلندو هوس. ها، مون کي ياد آهي. هيءَ ئي خاوند جي ٻانهن آهي. اڄ هو جيئرو هجي ها، تہ توهين سندس جيئري ٻانهن سان هيءَ ڪپيل ٻانهن پيتي ڏسو ها. پوءِ اعتبار ڪريو ها."

ميجسٽريٽ کي پوڙهي جو ثبوت

قانون جي دائري کان ٻاهر لڳو. هن پوڙهي کي پري ڪري ٻيهاري ڇڏيو. هن ماڻهن ڏانهن منهن ڪندي چيو "ڀيو ڪو دعويدار آهي؟"

هڪ ڏهن ٻارهن سالن جي ڇوڪري رئي سان اکيون اگهندي اڳتي وڌي آئي. چيائين، "هيءَ ٻانهن منهنجي پاءُ صديق جي آهي."

"ڇا ڪندو هو تنهنجو پاءُ؟"

"هو سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڪلارڪ هو." ڇوڪريءَ چيو "گذريل فسادن ۾ گهران نڪتو ته ڳترا ڳترا ٿي گهر وارن کي مليو. ظالم ڪيس ڪهي، وڌي. هڪ ڳوڻ ۾ وجهي راتو واهه اسان جي ڏيڏيءَ آڏو ڇڏي ويا هئا."

ڇوڪري اوچنگارون ڏيئي ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

ميجسٽريٽ پڇيس، "تو وٽ ڪو ثبوت آهي، ته هيءَ ٻانهن تنهنجي پاءُ جي آهي؟"

ڇوڪري منجهي پيئي. روئڻ بند ٿي ويس.

ميجسٽريٽ ورائي پڇيس، "ٻانهن تي ڪو داغ، ڏڪ جو نشان، يا تر وغيره هوس."

ڇوڪريءَ جون آليون اکيون چمڪڻ لڳيون. چيائين، "فسادن کان ٻه ڏينهن اڳ اسان سنڌس مڱڻو ڪرايو هو. مون سنڌس هٿ تي ميندي لاتي هئي. ڏسوس، ان هٿ تي ميندي ضرور لڳل هوندي"

ميجسٽريٽ صوبيدار ڏانهن ڏٺو. صوبيدار چيو "ٻانهن سڪي، ڪارانجي ويئي آهي. ڀيو ته هٿ بلڪ چليل آهي، رڙهجي ويو آهي. ميندي جو نالو نشان ٻه ناهي."

ڇوڪري مايوس ٿي ويئي. آليون اکيون اگهندي پري وڃي بيٺي.

ان کان اڳ جو ميجسٽريٽ ڪپيل ٻانهن جي بئي ڪنهن دعويدار کي سڏ ڪري، سرچارلس نيپيئر ديسيءَ وڏي واڪ چيو "اجائي جڪ ٿو مارين، ميجسٽريٽ موڳا."

ڪجهه ماڻهو ته ته ڪري کلي پيا.

ميجسٽريٽ کي خار وٺي ويا. هن ڪجهه کهري لهجي ۾ چيو "توهين مان ڪري بيهو سر چارلس نيپيئر ديسي."

"اڙي مان ڪري وري ڪيئن بيهان!" سر چارلس نيپيئر ديسيءَ چيو "ٿوري دير ۾ اها ٻانهن جيئري ٽيٽي آهي. ٿوري دير ۾ وري ممڻ مچٽو آهي. ٿوري دير ۾ وري نظريه پاڪستان ۽ اسلام خطري ۾ پوٽو آهي. تنهنڪري دير نه ڪر، ميجسٽريٽ، پولا. اها ٻانهن مون کي ڏي ته هٿ ۾ چمچو ڏيئي ڇڏيانئس. پوءِ اها ٻانهن گڙ ٻڙ نه ڪندي."

ميجسٽريٽ کي هڪ اٽڪل سجهي آئي. چيائين، "سر چارلس نيپيئر ديسي، مون فيصلو ڪيو آهي ته هيءَ ٻانهن توکي ڏيئي ڇڏيان."

"تو زندگيءَ ۾ پهريون دفعو صحيح فيصلو ڪيو آهي، ميجسٽريٽ پولا." سرچارلس نيپيئر ديسيءَ چيو "ان ٻانهن جي هٿ ۾ چمچو اچڻ ڪانپوءِ، تاريخ ۾ وري ڪڏهن ٻه هوشو شيدي پيدا ٿي نه

سگهندو."

"توهان بلڪل صحيح فرمايو آهي." ميجسٽريٽ چيو "توهين چمچو ڪٽي اچو اسين هيءَ ٻانهن توهان جي حوالي ڪنداسين."

"مان چمچو ڪٽي تو اچان." سرچارلس نيپيئر ديسيءَ چيو. "پر ياد رک. متان ڪا پرپٺ بدمعاشي ڪئي اٿئي. ميجسٽريٽ پولا."

سرچارلس نيپيئر ديسي هليو ويو.

ميجسٽريٽ پگهر اگهي ايس پيءَ ڏانهن ڏٺو جيڪو مٿس ذري گهٽ ڪلي رهيو هو.

ميجسٽريٽ انبوهه ڏانهن ڏسندي چيو "هن ڪپيل ٻانهن جو ٻيو ڪو دعويدار آهي ڇا؟"

انبوهه مان ڪو جواب نه آيو. پراسرار ماٺ ماحول کي ڳٽڪائي ويئي.

هن ٻيهر چيو "هن ٻانهن جو ٻيو ڪو وارث آهي ڇا؟"

تڏهن اوچتو هڪ تمام ننڍو ٻار جيڪو مشڪل سان پنڌ ڪرڻ لائق هو اڳي هليو آيو. هو هلندو اچي ڪپيل ٻانهن جي پرسان بيٺو. ٻار جو قد ڪپيل ٻانهن کان ننڍو هو. هن ميجسٽريٽ کي تمام چٽي آواز ۾ لهجي ۾ چيو. "مان هن ڪپيل ٻانهن جو وارث آهيان."

ميجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ کان چرڪ نڪري ويو. ايتري ننڍڙي ٻار کي اهڙي چٽي نموني ڳالهائيندي ڏٺي ٻنهي کي بدن ۾ سياٽو محسوس ٿيو.

ٻار چيو "ان ٻانهن ۽ منهنجي وچ ۾ جيڪو رشتو آهي، سو زماني ۽ مڪان جي پابندين کان آزاد آهي. مان ان ڪپيل ٻانهن جي آڱر جهلي محبت ۽ نفرت، ڪوڙ ۽ سچ جي ڇڪتاڻ ۾ ڇڇندڙ ماحول ۾ هلندو آهيان. پوءِ هلندي هلندي، جڏهن مان جوان ٿيندو آهيان. تڏهن اها ڪپيل ٻانهن تاريخ تي پوندي آهي. وقت جا ويري تاريخ سان پڇي نه سگهندا آهن. هو منهنجي ٻانهن ڪپي ڇڏيندا آهن. وري ڪو ٻار ان ڪپيل ٻانهن جي آڱر جهليندو آهي، ۽ تاريخ ٺهندي ويندي آهي. هيءَ ڪپيل ٻانهن منهنجي آهي، ۽ مان ئي هن ٻانهن جو وارث آهيان."

پوءِ ان کان اڳ جو ڪنهن کي خبر پئجي سگهي ته ڇا ٿي رهيو هو. ٻار هٿ وڌائي ڪپيل ٻانهن جي سڪل آڱر ۾ مٺ وڌي. ٻانهن صوبيدار جي هٿ مان ڇڏائجي ويئي. صوبيدار دهشت ۽ خوف کان هتي ويو. ميجسٽريٽ ۽ ايس پي پٺ سان لڳي بيهي رهيا. هر ڪو پنهنجي جاءِ تي پنڊ پهڻ ٿي ويو.

ڪپيل ٻانهن هوا ۾ اڀي ٿي بيٺي، ائين، ڄڻ ڪنهن غيبي انسان جي ڪلهي سان لڳل هئي. ٻار جي مٺ ڪپيل ٻانهن جي آڱر ۾ لوهه ٿي ويئي. ٻار وک وڌائي. ٻانهن هوا ۾ لڏڻ لڳي ۽ ٻار جي وک وک سان وڌڻ لڳي. ٻانهن تي سڪل رت ۽ مٽيءَ جا ڇاپڙ آلا ٿيڻ لڳا. ڏسندي ڏسندي، ٻانهن مان ٽمندڙ رت ۾ ٻار جو آڱر جهليل هٿ آلو ٿي ويو. ٻار ڪپيل ٻانهن جي آڱر جهلي اڳتي وڌندو ويو.

*......*......*

## ٻليءَ ۽ جنڙيءَ

ڪا هڪڙي شوقين ٻلي، ڪنهن جوان تي عاشق ٿي پيئي. پوءِ ان جوان جي معشوق ٿيڻ لاءِ ڪنهن جنڙيءَ کي عرض ڪيائين ته، ”منهنجي شڪل ڪوريءَ نينگريءَ جهڙي ڪر!“ جنڙيءَ کي ٻليءَ جي ٻاڏائن تي رحم اچي ويو ۽ سندس آس پوري ڪرڻ لاءِ ان کي پنهنجي هنر سان ٻليءَ مان سنهڙي، خوبصورت ڪنواري ڇوڪري ڪري ڇڏيائين. آخر اهو نوجوان هن خوبصورت ڪنواري ڇوڪريءَ تي وهت ٿي پيو ۽ ڪيس وهانو ڪري گهر وٺي آيو. جڏهن گهوٽ ڪنوار پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ٿي ويٺا ته ان مهل ساڳيءَ جنڙي کي خيال آيو ته ”ڏسان ته هن نئين نينگر جو هن روپ ۾ اچڻ سان سڀاءُ به ڦريو آهي، يا نه؟. سو ڇاٽڻ لاءِ پاڻ هڪڙي ننڍڙي ڪئيءَ جي شڪل مٽائي، ان ٻليءَ ڪنوار جي اڳيان اچي ٽپڻ لڳي. تڏهن هن ڪنوار ٻليءَ، پنهنجي نئين ڏسا کي ڀلجي، هڪدم پنهنجي هنڌ تان جوهه وجهي اچي ڪئيءَ کي جهٽ هٽي جهلي ورتو ۽ اجا کائڻ لاءِ تيار ٿي، ته جنڙيءَ وري به هنر جي هوائي هلائي، ان کي ساڳي ٻلي بنائي ڇڏيو ۽ پوءِ پاڻ گم ٿي ويئي.

**نصيحت:** طبيعت ۾ جيڪو سڀاءُ رچيل هوندو آهي، اهو پوءِ ڪنهن به ظاهري روپ ٻهروپ سان نٿو بدلجي.

مان ڀلائي نه سگهي آهيان. هيل تائين سنسڪارن جي اڻڏٺل زنجيرن سان جڪڙيل رهي آهيان، وساري نه سگهي آهيان پنهنجي شادي شده هئڻ جي احساس کي! مان دوزخ جي باهين مان گذر آهيان، منهنجي لاءِ هيءُ رشتو ڪيڏو مُلهائتو هو! مون ڪيڏي ڪوشش ڪئي ان ۾ جان ڦوڪڻ جي، پر سڀ بيسود ثابت ٿيو. توکي مون وٽان صرف مليو جليو ۽ مون کي موٽ ۾ تو وٽان ڇا مليو آهي؟ ذلت، نوڪرون، اپمان( ذلت)، بيپرواهيءَ پريو وهنوار ۽ غير ذميوارانه هلت!! مگر اج مان پاڻ تي رحم ڇو کائي رهي آهيان؟ پورو ٿيو اهو دؤر روئڻ ڏوئڻ وارو پاڻ تي قياس ڪرڻ وارو پاڻ کي الزام ڏيڻ وارو اج کان، منهنجي نئين زندگي شروع ٿيندي ۽ خوداعتماديءَ سان ڪنديس، مان ان کي شروع! ها شروعات ۾ ٻنهه شروعات ۾ تون مون تي اکن ڇڪن هئين، پوءِ توکي الائي ڇا ٿيو؟ شاديءَ جي ٽن چئن سالن کان پوءِ تنهنجو ڌيان ٻئي طرف وڃڻ لڳو.

مون کي هن جي مون ڏانهن بيپرواهيءَ ۽ احساس جي سرديءَ جي ڄاڻ تڏهن پئي، جڏهن مون هڪ رات، گهبرايل حالت ۾ پنهنجي موٽر جي حادثي جي خبر هن کي ٻئي شهر ۾، جتي هو هئو ڏني هئي. منهنجو موٽر هلائيندي ائڪسيڊنٽ ٿي پيو هو. مون کي هن مان الائي ڪهڙي رد عمل جي اميد هئي؟

مون هن کي ٻڌايو ”ٻُڌ، منهنجي ڪار جو ائڪسيڊنٽ ٿي پيو...“ منهنجي

آواز ۾ هئي گهبراهٽ، بيچيني، ڊپ ۽ چنتا ۽ اهو لرزي رهيو هو.

۽ هن جو سوال هو "ڪهڙي ڪار؟ منهنجي ڪار ته ڪا نه ڊرائيو ڪري رهي هئين؟"

"نه، تنهنجي ڪانه هئي."

۽ مون فون رکي ڇڏيو. منهنجون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويون. منهنجي روم روم روئي ڏنو هو. هن ائين به نه پڇيو "توکي ڌڪ ته ڪو نه لڳو زخمي ته ڪا نه ٿيئن؟ ڪيئن ٿيو؟ ڇا ٿيو؟ پنچنامو نڪتو يا نه؟ پوليس ڪيس ٿيو يا نه؟"

ڪجهه به نه! منهنجي موٽر، تنهنجي موٽر! بس رڳو ايترو!

پنهنجي موٽر ۾ ايڏو موهه؟ اهڙو ته ڪو نه هو هو اڳي؟ ڇا مون هن کي سڃاتو ئي ڪو نه هو؟

ڪهڙو رشتو هو اسان جو؟ احساس وهيڻو رُکو رُکو بلڪل خشڪ!!

ان ڳالهه کي به ڏهه سال ٿي ويا.

هاڻي هو گهڻو گهر کان ٻاهر رهڻ لڳو هو. هن جي بيوفائيءَ جا داستان منهنجن ڪنن تائين پهچڻ لڳا هئا. مون کي هِتان هُتان خبر اچڻ لڳي ته هو ڪن ڇوڪرين جي مايا جار ۾ ڦاسڻ لڳو هو. ڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ سان ته ڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ سان رستو رکڻ لڳو هو.

هن جو ڌيان گهر طرف، مون طرف گهٽجڻ لڳو هو. گهر جي سموري جوابداري، ٻن ٻارن جي سار سنڀال، سس جي نگراني، منهنجي مٿان هئي. هو راتيون گهر کان ٻاهر گذارڻ لڳو هو. ڪڏهن ڪنهن شهر ۾ ته ڪڏهن ڪنهن شهر ۾. منهنجي ورجائڻ، پڇڻ ۽ روئڻ وغيره ڪنهن ڳالهه جو اثر، هن تي نه ٿي رهيو هو. ويتر منهنجي ڪچه چوڻ تي. هو ڏمرجي ٿي ويو.

نيٺ هڪ ڏينهن هن چئي ڏنو. "تون ڇا ٿي سمجهين مان توسان گڏ ڏاڍو خوش آهيان؟ مون کي توسان گڏ هڪ ئي گهر ۾ زندگي گذارڻ گوارا ناهي. اسان کي جلدي الڳ ٿيڻو پوندو."

مان روئڻ لڳيس، "مگر منهنجو قصور ڇا آهي؟ اهو ته ٻڌاءِ... ٻڌاءِ مونکي!"

هو جواب ڏيئي نه سگهيو.

"منهنجو ڇا ٿيندو؟ منهنجي ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ مون کي جواب گهرجي." مون سڏڪا ڀريندي چيو.

"مان توکي ۽ تنهنجي ٻارن کي ڪا به مالي تڪليف رسڻ ڪو نه ڏيندس. تون ان باري ۾ بي فڪر ٿي وڃ. اها منهنجي جوابداري آهي. مان رڳو چاهيان ٿو ته تون بنا ڪنهن جهيڙي جهٽي يا ناگوار حالتون پيدا ڪرڻ جي، مون کي آزاد ڪري ڇڏين."

منهنجي آزي نيزاريءَ، منهنجي روئڻ رڙن ڏانهن هن جو بلڪل ڌيان نه ويو. پوءِ به مان انتظار ڪرڻ لڳيس، پاڻ کي ڏڍ ڏيڻ لڳيس ته هڪ ڏينهن هُن کي سمت(عقل) ضرور ايندي، هو واپس موٽي ايندو.

۽ پوءِ اها ڳالهه ٻُڌڻ ۾ آئي ته هو هڪ ڇوڪريءَ سان رستو وڌائي رهيو هو. جيڪا ٻئي شهر ۾ رهندي هئي. پرڻيل هئي مگر مڙس کان ڌار ٿي ويئي هئي.

هاڻي هو مون کان ڪچي طلاقنامي تي صحيح ڪرڻ جي گهر ڪرڻ لڳو. ان لاءِ اسان ٻنهي کي فئملي ڪورٽ ۾ وڃي سائين (صحيح) ڪرڻو هو. ڇهن مهينن بعد پڪو دستاويز تيار ٿيڻو هو. هن کي اهو ڪچو ڪاغذ پنهنجي ساهيڙيءَ کي ڏيکارڻو هو جيئن هوءَ به پنهنجي مڙس کان ڊائيوورس(طلاق) گهري سگهي. اهو هو ان ساهيڙيءَ جو شرط يا .... فرمان!

مگر مان ائين ڪرڻ لاءِ ڪٿي تيار هئس؟ هن مون کي ڌمڪايو. مون رُنو التجا ڪئي، هٿ جوڙيا. "مان ايڏو وڏو قدم ڪيئن کڻان؟ منهنجي مائٽن کي ڪيڏو صدمو رسندو؟ منهنجن ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ هڪ صحيح ڪرڻ سان ڪيڏيون دليون ٽٽنديون، هڪ صحيح پوڻ سان ڪيڏا رشتا ٽٽندا؟" ليڪن هن جي اکين تي الائي ڪهڙيون انڌ جون پٽيون چڙهيل هيون! "مان دستخط ڪا نه ڪري سگهنديس. اصل نه ڪري سگهنديس. نه، نه، اهو ممڪن ئي ناهي... شل منهنجي ساڄي ٻانهن ڀڃي پوي، منهنجي ساڄي ڪرائيءَ جو فريڪچر ٿي پوي، منهنجو هٿ زخمي ٿي پوي، ڪجهه به ٿئي جيئن مان صحيح ڪرڻ کان بچي وڃان..." پر مون کي ڪجهه به ڪو نه ٿيو. مون کي صحيح ڪرڻي ئي پيئي.

هو اهو پنو کڻي جهٽ، گهر ڇڏي هليو ويو. ڪيڏي تڪڙ هئي هن کي مهينن جا مهينا گم ٿي ويو. مگر ڇهن مهينن جي اندر ئي موٽي آيو. هن جي ساهيڙيءَ سان به ڪا نه ٺهي. هو ٺڪو ٻجڙو ٿي موٽي آيو. هن مون کي ڪا به سمجهاڻي ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪا نه سمجهي. ڇو ڏئي سمجهاڻي مون کي؟ يا شايد ڪجهه ٻڌائڻ جي همت نه ٿي رهي هئي هن کي!

نه هن مون کان معافي گهري، نه پنهنجي وهنوار لاءِ افسوس ظاهر ڪيو. نه وات سان، نه پنهنجي ورتاءُ سان! "آخر مرد آهي نه. سو به پارٽي مرد! پتنيءَ جو آخر درجو ئي ڪهڙو آهي؟ گجر ۾ موريءَ جهڙو؟" اهڙي ئي سکيا ڏني ويئي آهي، شايد هنن کي پنهنجي ماءُ وٽان ئي! زالون ئي ته زالن جون دشمن ٿي وينديون آهن! عورت نيٺ ويندي ڪاڏي؟ ائين مرد سمجهن ٿا. هنن جي هٿن ۾ مراداڻن جو پرمپرائن جو جهنڊو آهي يا ڏنڊو آهي. جنهن سان هو زالن کي ڪٽڻ چاهين ٿا، ڪٽي رهيا آهن! هن تي آپلا جو ٺپو جو لڳل آهي!

مان هاڻي پنهنجو گهٽي ۾ گهٽو ڌيان ڪم ۾ ڏيڻ لڳيس ۽ پنهنجي ميدان ۾ ترقي ڪرڻ لڳيس. سماج ۾ منهنجو مان مرتبو وڌڻ لڳو مگر هن جي نظر ۾ منهنجو وجود شونيه(ٻڙي) جي برابر هو. مان هن جي سامهون ساڳي جي ساڳي رهيس. مون پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪئي. جيئن هو پاڻ کي اظهاري سگهي، پنهنجي دل کولي پاڻ کي هلڪو ڪري سگهي. پنهنجي ناڪامياب سفر سبب هو موڳو ۽ مايوس رهڻ لڳو هو هن کي ڊپريشن ويڙهي ويو هو. شايد هو ذهني طرح سان بيمار هو ڳِلتي هو. مگر هو پاڻ کي ظاهري نه سگهيو. هن کي ته مون سان اکيون ملائڻ جي به جرئت نه ٿي رهي هئي. مون کان هن کي الائي ڪهڙي اميد هئي؟



جيڪڏهن اسان مان ڪو هڪ ڇڙو ڪنهن شديد مجبوري توڙي مسئلي ڪارڻ، ڪنهن جمعي جي شام جو غير حاضر رهندو هو تہ مهيني جي باقي سمورين جمعي جي شامن جي چانهن جو بل، سندس ڪمزور ڪيسي مان ادا ٿيڻو هوندو هو. انڪري اسان مان هر ڪو پنهنجي ڇڙي زندگيءَ جي سمورين ڇڙواڳين ۽ ڇيڳرائپن کي پاسيرو رکي، جمعي جي هر شام مقرر وقت تي قلندري هوٽل تي پهچندو هيو. جانو شاهو ۽ آئون، بچپن جا يار آهيون. اسان جي ياراڻي کي ساندهہ 20 سال گذري چڪا آهن. اسان جو ننڍپڻ، وڏي داهي ۽ رهمان واري نالي سان مشهور تاج ڪالونيءَ جي گدلين ۽ گندين گهٽين ۾ بلورين راند ڪيڏندي، لاٽون ڦيرائيندي ۽ پاڙي جي سنهڙين، سيپڪڙين ڇوڪرين کي ڇيڙيندي گڏ گذريو. اسان ٻنهي جا گهر پاڙي جي ساڳئي گهٽي ۾ هيا. شهر جي مين پرائمري اسڪول ۾ ساڳي بينچ تي ويهي. اُسان گڏجي پٽيون پچايون هيون ۽ اڪثر اسڪول مان گسائڻ تان ٻئي ڄڻا قطار ۾ ڪڪڙ ٿيا هئاسين. پرائمري پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ۽ ڊي سي هاءِ اسڪول ۾ ميٽرڪ تائين اسان ساڳئي قطار ۾ ڪموڊ جهڙين سوڙهين ۽ ڪمزور ڪرسين تي ويهي پڙهيا هئاسين. جانوءَ جو والد، روينيو کاتي ۾ مختيارڪار جو پٽيوالو هو. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن مختيارڪار صاحب پنهنجي فيمليءَ سان گڏ موڪلون ملهائڻ ڪوهہ مري يا ڳوٺ ويندو هيو تڏهن سندس سرڪاري بنگلي کي بابي جي

ملڪيت سمجهي، اسان ٻئي خوب مستيون ڪندا هئاسين.....صاحب جي ٻارن جي مهانگن رانديڪن جون ڇاپيون پري پري، ترڪڻي فرش تي انهن کي هلائيندا هئاسين. ٻارن جون مهانگيون پينٽون ۽ شرٽون پائي هوڪرا ڪندا هئاسين ۽ ڪڏهن ڪڏهن جانوءَ جو والد چاچو ڦتُو بيزار ٿي لڪڻ کڻي پويان پوندو هيو پر اسان مينهن واءُ ٿي ويندا هئاسين...! شاهو جي پيءُ جو چهرو اسان کي ياد نہ آهي... ڇو تہ شاهو جي پيدائش کان ٻہ سال پٽس چاچو نُورو ڪچي شراب جا نونٽ جيڏا جستي گلاس ڏوگهي ڏوگهي، شهر جي سرڪاري اسپتال ۾ لاوارثن جيان ڇُڙي ڇُڙي فوت ٿي ويو...! چاچو نورو ٽانگو هلائيندو هو... شاهو جي ماءُ اسان کي ٻڌائيندي هئي تہ نوري وٽ پنج ڇهہ پلا گهوڙا هوندا هئا. ذاتي طنبيلو هوندو هوس... ملازم هوندا هيس... پر هو گهوڙن جي ميل جي ڇُوس ۾ ڦاسي پيو... شرطن ۾ سڀ ڪجهہ داءَ تي لڳائي ڇڏيائين... ۽ غربت ۾ مبتلا ٿيڻ کان پوءِ چرس، آفيم ۽ ڪچي شراب سندس جواني ڳاري ڇڏي...! چاچي نوري جي وفات کانپوءِ شاهوءَ جي ماءَ شهر جي سڪين گهرن جا پوچا، ٻهارا ڏئي، شاهو ۽ سندس ٽن ڀينرن کي پالي جوان ڪرڻ ۾ پنهنجي سون جهڙي جواني ڳاري پٽل ڪري ڇڏي هئي. هن جو والد، شهر جي آڙيڪاپ ۽ شاهوڪار پٺاڻ ٺيڪيدار خداداد خان جو وفادار ۽ خاڪسار منشي هُيو. ٿوري گهڻي سماجي اُٿي، ويٺي جي فرق ڪانسواءِ اسان ٻنهي جي زندگين جي

صبح ۽ شام جا رنگ ساڳيائي هيا...! جانو ۽ شاهوءَ جي پهرين ڏينهن کان پڙهائي سان لونءَ نه لڳي سا نه لڳي...! جانوءَ اسڪولي زماني کان فلمن جو جنون جي حد تائين شوقين هيو. جمعي جي هر رات، جانو پنهنجي ڪمري جي دروازي ۾ ٽنگيل پٽس جي قميص مان پئسا چورائي اسان کي ان زماني جي مشهور سينيمائن، ريگل ۽ نشاط ۾ فلمون ڏيکاريندو هو. هن جو آئيڊيل هيرو وحيدمراد هيو. جانو پنهنجي اٽين وارن کي ڳچل تيل جو مکي وحيدمراد جهڙو هيئر اسٽائيل رکڻ جي ڪوشش ڪندو هُيو! فلمي دنياجي دلفريب نظارن جانوءَ کي ڪتابن کان پاسيرو ڪري ڇڏيو ۽ هُو انين درجي کان شهر جي ناٽڪ منڊلين ۽ اسٽيج پروگرامن ۾ بهرو وٺڻ لاءِ مقامي آرٽسٽن جي اڳيان پوبان هلڻ لڳو ۽ زندگيءَ جا قيمتي پندرنهن سال اسٽيج ڊرامن جي رنگين دنيا کي ڏيڻ کان پوءِ هاڻ هو شهر جو نامور اسٽيج اداڪار ۽ هدايتڪار بڻجي ويو هو. جانو اداڪاريءَ جي دلفريب دنيا ۾ اچڻ کانپوءِ جان محمد مان، وحيد جان بڻجي ويو! اسٽيج ڊرامن کانسواءِ هن پي ٽي وي ۽ ڪجهه سنڌي فلمن ۾ به پنهنجي ڪلا جا جوهر ڏيکارڻ جا جتن ڪيا، پر اسڪرين جي دنيا ۾ پير ڪپائي نه سگهيو ۽ صرف اسٽيج ڊرامن جو رهجي ويو. هو واقعي به هڪ جينيس آرٽسٽ هيو. هر ڪردار ۾ ائين جذب ٿي ويندو هو جو. ڏسندڙ دنگ رهجي ويندا هيا. ڪاميڊي ڪردار ۾ هوندو هو ته سامهون پنڊال ۾ ويٺل کلي کلي کيرا ٿي ويندا هُئا. الميائي ڪردار ڪندو هو ته ماڻهن جي اکين مان ڇڄ ڳوڙهن جا ڇلڪي پوندا هئا. جانو ويچاري ڪيترين سيڪڙاٽ نائڪائن کي ڪمال درجي تي پڄايو ۽ ڪيترين سان هڪ طرفو عشق ڪري، ڪين حقيقي زندگيءَ جي هيروئن بنائڻ جا خواب ڏٺائين. پر هر نائيڪ ناما پاري کانپوءِ ڪنهن پوليس عملدار يا ٺيڪيدار سان شادي ڪري جانوءَ کي رڻ ۾ رولي هلي وئي ۽ جانو جي گهر جي اڪيلي ڪمري جي ديوارن تي رهجي ويون. انهن نائڪائن سان نڪتل ڳوڙهون فريبي تصويرون...!

شاهوءَ کي وري ننڊپڻ کان وٺي، ريڊيو ۽ ٽي وي جو مستري ٿيڻ جو خبط هُيو. اسڪولي زماني ۾ هُو پنهنجي پراڻي ريڊئي کي پرزا پرزا ڪري ٻيهر جوڙي وٺندو هو. ان ۾ ستين درجي کان شهر جي مختلف ريڊيو ٽي وي جي مسترين جا دڙڪا ۽ ڇڙٻون کائي، نيٺ پنهنجي شوق کي پنهنجو روزگار بنايو.

هاڻ شهر جي مکيه بازار ۾ شاهوءَ جو پنهنجو دڪان آهي ۽ وٽس چار پنج شاگرد آهن. گذريل 15 سالن دوران شاهو ٽڪو پئسو جمع ڪري، پنهنجي ٽنهي ڀينرن جا هٿ ڳاڙها پيلا ڪري پنهنجي مٿي تان بار لاٿو پر اجا تائين ويچارو پاڻ ڪنوارو آهي. برادريءَ ۾ جواڻ، جماڻ ڇوڪري جي اٿهوند ۽ معاشي حوالي سان ڪمزور اسٽيٽس، شاهوءَ جي ڇڙي زندگيءَ کي تنهائيءَ جو تياڳ بخشي ڇڏيو! ساڳي ڇڙائپ، منهنجي بي رنگ ۽ بي ڪيف زندگيءَ جو به روڳ آهي. مون ننڊپڻ ۾

چوي..جي اهڙي ڳالهه آهي ته اڄ کان
توسان مرڻو پرڻو ختم..." شاهوءَ چهري تي
مصنوعي ڪاوڙ جو تاثر آڻيندي چيو.
"چو شاهو.. مرڻو پرڻو ويچاري سان
چو ختم.... جانو پنهنجو جاني دوست آ...
اهڙي سخت سزا، ... نه... ڪجهه
رعايت...." مون جانوءَ جي چهري ڏانهن
ڏٺو.. جانوءَ جي اکين ۾ هڪ ئي وقت،
خوشي، شرمساري ۽ اڻ ڏٺي پيڙا جا ڏيئا
ٽمڪڻ لڳا.

شاهوءَ پنهنجو جملي رهمان برقرار
رکندي مياري انداز ۾ چيو. "پر نه ... نه
نيڪيدار! تون ئي انصاف ڪر... جي
جانو جي اک ڪٽي اڙي به آهي ته هن بي
ايمان پاڻ کي ٻڌايو...؟ کائڻ مهل گڏ سمهڻ
مهل مسيت ۾... سنگت ۾ ائين ٿيندو آهي
ڇا..." مون جانوءَ جي اکين ۾ ايري آيل
ندامت ۽ پڇتاءُ جو تاثر محسوس ڪندي،
مرڪي چيو. "شاهو! تون به هرون پرون
ايڏو اپهرو نه ٿي... ٿي سگهي ٿو ويچاري
جانو جو تازو تصو به ماضيءَ جيان ون وي
ٽريفڪ وارو هجي ۽ پڪ پڪائي ۽ هڪ
هڪاٽي نه ٿيڻ سبب هن اندر جو احوال
پاڻ سان نه اوريو هجي... ها نه جانو.... مان
نيڪ پيو چوان نه..." مون هاڻ جانوءَ کي
کولڻ چاهيو... ڏٺم... جانوءَ جي لوندڙين
وٽان پگهر لارون ڪري وهڻ لڳو... ڄڻ
لفظ سندس زبان جو ساٿ ڇڏي ويا.. ٻنهي
هٿن جون ترريون مهٽيندي چيائين."اصل
۾.... يار ... نيڪيدار نيڪ پيو چوي.. مون
سوچيو هو ته سنگت کي اوچتو منائي
ڪارائي حيران ڪندس... پر لڳي ٿو...
پنهنجي چنيءَ رات ۾ ڇڙائپ لڪجي وئي
هئي...." جانوءَ جي چهري تي غضب جي
اداسي ۽ ڏک ڇائنجي ويو... هن جي
ڪيفيت خلائن ۾ پارڻ ختم ٿيل جهاز جي
ان پائليٽ جهڙي ٿي وئي هئي. جهاز مان
ٽپو ڏيڻ کان پوءِ جنهن ۾ پيرا شوٽ نه کُلي
سگهندي آهي....! سندس ڪلهي تي
ٿڦڪي هڻندي آٿت ڏيندي چيم، "جانو دل
نه لاهه! تون ضرور گهوٽ ٿيندين ۽ اسان
تنهنجي گنجن،نوڙهن ٻارن کي ڪلهن
تي کڻي،تنهنجا ڪارناما ٻڌائيندا سين..."

منهنجي ڏنل آٿت تي، جانوءَ جي
چهري تي اميد جي آسيس ايري گم ٿي
وئي. شاهو به ڪيس همت وڌائيندي چيو.
"يار شابس اٿئي... ايڏو وڏو آرٽسٽ ٿيڻ
جي باوجود دل پيو لاهين. ڇوڪري ته
توسان ٻڌل آهي نه ....؟؟"

جانو جي لهجي ۾ ويساهه ۽ اڻ
ويساهيءَ جو احساس ڇلڪي رهيو هيو.

"ها... اُها ته ٻڌل آهي...."

"ته پوءِ بس... دير ڇاجي... عدالت
پري ڪانهي... شاهديءَ لاءِ اسان حاضر
آهيون..."شاهوءَ ٽيبل تي مُڪ هڻندي
چيو.

"پر يار... چاچي ڪلُو ڪاسائي...
پئسن جي لالچ ۾ پوپريءَ جو سڱ ڪنهن
اڌڙوٽ عمر جي سيٺ کي ڏيڻ جي زبان
ڪري ويٺو آهي...."

ڪلو ڪاسائيءَ جو نالو ٻڌندي،
شاهو ۽ مون کي خشڪيون وٺي ويون...
اکين آڏو سندس ٿلهن، متارن ۽ رت ۾
رڱيل هٿن ۾ جهليل چمڪندڙ ڪات ڦرڻ
لڳا...پاڙي جا اهي سڀ لوفر ڇورا ياد اچڻ
لڳا، ڪلو ڪاسائي جن کي سندس گهر ۾

تنهنجي ڪير جهڙي اچي اجري من ۾
جهاتي پاتي آهي. هوءَ توسان پيار ڪري
ٿي ته بس... ڪلو ڪاسائيءَ جا طعنا، مهڻا
ڪا به معنيٰ نه ٿا رکن....."

جانوءَ جي اکين مان لڙڪ لارون
ڪري وهي پيا... هڪ عاشق جي اندر ۾
وينل ٻار روئي پيو هن ٻنهه معصوميت ۽
سادگيءَ مان چيو "نيڪيدار... شاهو. چا
مان توهان کي سپلائير ٿو لڳا... ڪلو
ڪاسائي منهنجي غربت تي ٺٺول ڪئي
آ... منهنجي ڪلا، منهنجي جنون کي
ڪچي گار ڏني اٿائين.."

مان سندس بلڪ ويجهو ٿي وينس
ته هو منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي
روئي پيو. هوٽل ۾ وينل ماڻهو حيران
پريشان اسان ڏانهن ڏسڻ لڳا. ڪڏهن
ڪڏهن زندگيءَ جون بي رحم تلخيون
ڊرامن ۽ فلمن جي مصنوعي منظرن کي
مات ڏئي ڇڏينديون آهن. جانوءَ کي
ڳراٽري پائي پرچائيندي چيو "جانو ڏس
ڏاهو ٿي. اسان کي نه رواٿار، ڏس سڀ ماڻهو
اسان ڏانهن پيا ڏسن. اهو تنهنجي يارن جو
توسان واعدو آهي. ڪلو ڪاسائي،
پنهنجي رضا خوشيءَ سان پوپريءَ جو
سڱ توکي ڏيندو. هاڻ بس ڪر. هل ته
هلي تنهنجي جاءِ تي ڪلو ڪاسائيءَ
سان به پاٽي ڪرڻ جي ريهرسل ڪيون."

اسان ٽئي اٿياسين. شاهوءَ ڪائونٽر
تي بل ادا ڪيو.

جانوءَ جي جاءِ تي ٿي ڪلاڪ
بحث مباحثي ڪانپوءِ اهو طئي ڪيوسين
ته صبح جو سويل عصر ويل، مان ۽ شاهو
ڪلو ڪاسائيءَ جي دڪان تي
ويندا سين. ڪائنس پوپريءَ جو سڱ، جانوءَ
لاءِ گهرندا سين... جانو اسان جي فيصلي
مان راضي نه ٿيو. چيائين، "يار.. مان نه ٿو
چاهيان ته منهنجي چري چاهت جي
ڪري هو اوهان جي به تذليل ڪري. بس
زندگي ڏکي. سڪي گذري ويندي، هيل
تائين به ته هن گهر جي ديوارن سان اڪيلو
گهاريو اٿم نه...." اسان جاتو ٿي ته جانو
اهو سڀ ڪجهه اسان جي محبت ۽ عزت
خاطر چئي رهيو هو. جيڪڏهن پوپريءَ
سان سندس پرڻو نه ٿيو ته هو رُلي ويندو.
تباهه ٿي ويندو. شاهوءَ کيس دلاسو ڏيندي
چيو "پيارا! تون پرواهه نه ڪر... اسان به
آخر ڪار تو جهڙي آرٽيڪاپ آرٽسٽ جا
شاگرد آهيون... اهڙا ڊائلاگ
ٿهڪائيندا سين جو ڪالو ڪاسائيءَ جا
وڏا به ياد ڪندا. تون رڳو دعا ڪجانءِ ته
ڪالو ڪاسائيءَ جا سمورا ڪات مڏا
هجن. رڳو شهيد ٿيڻ کان بچي پئون غازي
ته اڳي ئي آهيون..." شاهوءَ جي ڳالهه تي،
جانوءَ جي چهري تي هلڪي مُرڪ ٻانيڙا
پائي ٿي وئي ۽ کيس اسان جي فيصلي آڏو
هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا....!!

ٻئي ڏينهن عصر جو مان ۽ شاهو
نهي سنبري، ڪالو ڪاسائيءَ جي
دوڪان ڏانهن روانا ٿياسين. اسان ٻنهي
کي هڪڙيون خشڪيون لڳيون ٿي ته
ٻيون چڙهيون پئي. ڪالو ڪاسائيءَ جي
بي رحم ڪاتن ۽ ڇرين جو تصور ايندي،
اسان جا قدم، ٿاٻڙجي رهيا هيا. ٻئي چٽا
دل ئي دل ۾ سموريون ياد سورتون ۽ آيتون
پڙهي پاڻ تي شوڪاريندا، ڪالو
ڪاسائيءَ جي دڪان کي اچي ويجها

مايوس شاهوءَ ڏانهن ڏنو ۽ پوءِ مون ڏانهن نهاربندي، پرسان پيل ڪٽ تي ويهندي چيائين، "چيو هيو مانءُ تہ نہ وڃو... نہ وڃو... ونئي آيو نہ عزت جي پري .... " مون جانوءَ کي جواب ڏيڻ بدران، شاهوءَ کي چيو "شاهو ٻڌئي نہ ڇا... وڃ لڏون ونئي اڄ..." شاهو ڪاوڙ مان اٿي بيٺو. "يار! نيڪيدار... ڪڏهن ڪنهن شڪست تي بہ منائي ڪاڏي..." جانو هڪو ٻڪو ٿيو. اسان ٻنهيءَ ڏانهن ڏسندو رهيو... شاهوءَ ڏانهن ڏسندي چيم، "شاهو... منائي سان گڏ منهنجي فيوريٽ فلم "دل والي دلهنيا لي جائينگي" شفو هوٽل واري ڪان ڪنيو اچجان تہ تئي چٽا گڏجي ڏسون...."

شاهو چپن ۾ ٻڙ ٻڙ ڪندو هليو ويو... جانو ڪجهہ دير چپ ويٺو مون ڏانهن ڏسندو رهيو. مان چپن ۾ پنهنجي بي سري آواز ۾ جهونگاري رهيو هوس.

"تجهي ديکا تو يہ جانا صنم،
پيار هوتا هي ديوانا صنم،
اب يهان سي ڪهان جائين هم،
تيري بانهون ۾ مرجائين هم...."

جانو منهنجي نئين روپ کي ڏسي، ويتر حيران ۽پريشان ٿي ويو. چيائين، "چو نيڪيدار... ڪلو ڪاسائي جا ڪات ڏسي، ڪل ٿڙي وئي اٿئي ڇا..."

چيم، "ها جانو....! اڄ ڪلو ڪاسائيءَ جي ڪاتن ڪل ٿيڙي ڇڏي آ.... پر... تون دل نہ لاهہ... جي سچو عاشق آهين... عشق ڪامل اٿئي تہ...."

مان ٻيهر ساڳيو گيت گنگنائڻ لڳس. شاهو لڏون ۾ فلم ونئي آيو. لڏون پاڻ بہ ڪاڏم ۾ زوري زبردستي شاهو ۾ جانو کي بہ ڪارايم ۽ پوءِ وري وي .سي. آر ۾ ڪيسٽ وجهي ٻنهي دوستن کي چپ چاپ فلم ڏسڻ لاءِ چيم. مون کي بلڪل پرسڪون ڏسي، هو ٻئي گهڙي گهڙي فلم بدران مون ڏانهن ڏسندا رهيا... ۽ اکين ئي اکين ۾ هڪٻئي کي اشارا ڪندا رهيا.. .مان فلم ۾ محو ٿي ويس... خبر ئي نہ پئي تہ... بہ اڍائي ڪلاڪ ڪيئن گذري ويا.. فلم پوري ٿي تہ ٽي وي ۽ وي سي آر آف ڪيم... سج ڪافي مٿي چڙهي آيو هيو. گهٽيءَ ۾ اسڪول ويندڙ ٻارن جو شور، رڪشن ۽ سوزڪين جو آواز ديوارون ٽپي اندر اچي رهيو... ڏٺم، شاهو ۽ جانو مون کان خفا خفا هيا ۽ جانو تہ صفا روئڻ هارڪو لڳو پيو هيو.. اوچتو ٻاهريون دروازو ڪڙڪيو. شاهوءَ چيو "وڃ نيڪيدار... ڪير وارو آيو هوندئي..." منهنجي چهري تي پراسرار مرڪ وڌيڪ چٽي ٿي پئي. چيم، "ڪير وارو رات جو ڪير ڏئي ويندو آ... ڪلو ڪاسائي هوندو...."

شاهو طنزيہ انداز ۾ چيو "هونهہ ٻبرن کان ٻير پيو گهرين نيڪيدار. ڪالو جون ڳاڙهيون اکيون نہ ڏٺيون هيئي..."

چيم، "چڱو هل تہ يلا ڏسي پڪ ڪر..." مان ۽ شاهو در ڏانهن وڌياسين، پٺيان جانو بہ هارايل وکون کڻندو آيو..

در کوليم تہ صاف سٿرن ڪپڙن ۾ ڪالو ڪاسائي بيٺو هيو.. اسان کي ڏسي، ڦڪا ڏند ڪڍي مرڪي پيو. مون کي ڳراٽڙي پائي چيائين، "نيڪيدار... يار... تون بلڪل صحيح هئين...."!!

*,,,,,*,,,,,*

منڙيءَ ٻوليءَ جي مالڪ امر لغاريءَ جي نئين تحرير جيڪا يونيورسٽيءَ جي پس منظر ۾ لکيل آهي. تڏي تڏي ٻاهه ڏيڻ وارِي لڪت توهان کي پنهنجي پڙهائيءَ وارن ڏينهن اندر وٺي ويندي، جيڪي ڏينهن امر هوندا آهن ۽ جن جو قدر انهن جي گذري وڃڻ کان پوءِ ٿيندو آهي. ــــــــــــــــــــــــ

# ماڏو لال

امر لغاري

**جسم جي ٻاهه جي ڳولا ۾ جوان جذبني جي ڪهاڻي**



ڊسمبر جي ائين يا نائين تاريخ هئي. يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ملڻ کري، مان ناري جي جهنگلي جيوت جي بچاءُ وارو ڪم اڌ ۾ ڇڏي، ڳوڻان سامان سڙو ڪٽي اڳتي پڙهڻ لاءِ نڪري پيس. حيدرآباد پهچي، پنهنجو ضروري سامان وغيره پنهنجي هڪ دوست جي جاءِ تي ڇڏي، ڪلاس اٽيند ڪرڻ لاءِ هليو ويس. پڙهائيءَ جو پهريون ڏينهن هجڻ ڪري شاگرد سڄو ڏينهن ويراندن ۽ ڪاريڊورن ۾ رلندا رهيا.



صلاح هٽندي چيو. هونئن به هن جو ڳالهائڻ مونکي موهي رهيوهو. هوءِ قد جي ڊگهي ۽ بت ۾ پريل نوجوان ڇوڪري هئي. هوءَ ڳالهائڻ ۾ به پُروقار ۽ اعتماد واري هئي. پنهنجي ٻن سهيلين کان مختلف هئي. يا گهٽ ۾ گهٽ مونکي ايئن لڳي رهيو هو.

"No, thanks." مون چيومانس.

ڪئنرو جو خيال هو ته مان به ساڻن گڏ هلان، ۽ هن ڳالهائڻ ۾ به ڪافي اڳڀرائي پئي ڏيکاري. مان ته ڪيس ڏسي ڏسي مٿس موهت ٿي رهيو هوس، ۽ اهو ئي سبب هو جو هن ويندي ويندي مون ڏانهن به دفعا مُڙي ڏٺو. مون کي ايئن لڳو ڄڻ ڪنهن مون مان هڪ پاسو ڇني ڌار ڪري ڇڏيو هجي.

ٻئي ڏينهن ڪئنرو مونکي پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڳولي اچي لڌو. مان هن جي اهڙي تڪڙي پيشقدميءَ تي ڪافي حيران به ٿيو هوس. پر هن جڏهن اهو ٻڌايو ته هوءَ مون کان ڪالهه واري ڳالهه تي Excuse ڪرڻ آئي آهي، ته مان کلي پيو هوس.

"اها به ڪا ڳالهه هئي." مون چيو، "مان ته توهان جي ايتري ڳالهائڻ تي به ڏاڍو خوش ٿيو هوس."

""Really?"

"بلڪل. مان هينئر به ڏاڍو خوش ٿيو آهيان." مون پوڳن چرچن واري ٽون اختيار ڪندي چيو.

"توهان جي مرڪ ڏاڍي وڻندڙ آهي." ڪئنرو ڪاريڊور ۾ هلندي هلندي مون ڏانهن ڏسي چيو.

""Does it make any difference?".

"شايد!"

ڪئنرو به قدم هلي بيهي رهي. هن مونکي ڏسي نظرن ئي نظرن ۾ چيو، "It really makes a difference."

"It is a feigned smile."

گهڙي سوا لاءِ هوءَ سوچڻ تي مجبور ٿي ويئي.

"May be." هوءَ ٿورڙو مسڪرائي اڳتي وڌي هلي ويئي.

ائين ئي اسان جي ملاقاتن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. اسان ڪاريڊورن، پارڪن، رستن تي هلڻ سان گڏوگڏ سينٽرل لائبريري، ميٿس ڪينٽين، گرلز ڪينٽين ۽ ڪڏهن ڪڏهن سنڌالاجي ۾ گڏجي چانهه پيئڻ لڳاسين. اسان ٻنهيءَ جو هڪ ٻئي سان چرچا ڪرڻ، وري اُن کي سمجهڻ ۽ هڪٻئيءَ تي ٿورڙو ٿورڙو ناراض ٿيڻ، وري معاف ڪري ڇڏڻ به شروع ٿي ويو.

انهن ئي ڏينهن دوران مان ڪئنرو سان مذاق ڪندي ڪندي هڪ انتهائي سنجيده ڳالهه ڪري ويٺس. جنهنڪري هوءَ مونکان ڪيترائي ڏينهن ناراض رهي. پوءِ جڏهن مونتي اچي ڳولهي لڌو هٽائين ته مان سمجهي ويو هوس. She is in love with me. پوءِ مون ساڻس بلڪل کلي ڳالهايو هو. ڇوته مان هن جي جسماني جاميٽريءَ تي اکن ڇڪن هوس، ۽ منهنجي اندر ۾ هن جي طلب شدت سان وڌي رهي هئي.

ٿيو هيئن هو جو اُن ڏينهن يونيورسٽي ڪينٽين اڳيان بيٺي بيٺي مون

ان ڪري اڄ جيئن ئي ڪلاس مان ٻاهر نڪتي ته مونکي هٿ جو اشارو ڪري بيهڻ لاءِ چيائين. آئون يونيورسٽي ڪينٽين ٻاهران هڪ ڪنڊ ۾، نازبوءِ جي سُڪل ٻوٽي واري ڪونديءَ پرسان بيهي رهيس. ايتري ۾ ڪيس اڇن ڪپڙن واري اپسرا ملي ويئي، ۽ هوءَ وٽس الاهي دير تائين بيٺي رهي. مون جڏهن بار بار پنهنجي خالي ٻانهن ڏانهن ٿي ڏٺو ته هوءَ ڪن پل لاءِ پريشان ٿي ٿي ويئي، ۽ نيٺ ڪيس ڇڏي مون تائين هلي آئي.

"زناور آهين ڪو!" امر جليل جي ڪنهن ڪهاڻيءَ جو ڪردار بنجي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين.

"ڪيئن؟" مون ڳالهه کي سندس وات ۾ وجهندي چيو.

"ائين ئي اڃايا چرچا ڪري، ٻئي کي رڻ ۾ رولي هليو وئين!"

"ڏس، ڪئنرو، مان اڃا اتي ئي بيٺو آهيان، جتان پاڻ جُدا ٿيا هئاسين!" مون ڪانئس ڪا به ڳالهه لڪائڻ نه ٿي چاهي. "مونکي سچ پچ ته ڪنهن عورت جي جسماني پيار جي ضرورت آهي."

هن هڪدم ڪنڌ ڪٽي مون ڏانهن ڏٺو. اندر جي پريشانيءَ کي گهٽو ڏيندي ڪلندي پڇيائين،"ڪالهه تائين ته توکي منهنجي ضرورت هئي ۽ اڄ ڪنهن عورت جي...؟"

"تون به ته عورت آهين!" مون سندس سڀ رستا بند ڪندي چيو، "جي تون ناهين ته پوءِ مان توسان پنهنجا سمورا ڳالهايل لفظ واپس وٺان ٿو."

"ڪنهن ٻئي موضوع تي ڳالهاءِ، نه ته مان توکي گهوگهو ڏيئي ماري وجهنديس!"

مونکان کل نڪري ويئي. مون چيو، "اهو مون لاءِ وڏو اعزاز هوندو." پر ڏٺم ته ڪئنرو سيريس هئي، سو ڳالهه جو رخ ڦيرائيندي ٻڌايومانس ته"مون ڪالهه تنهنجي ان گروپ واري ڇوڪريءَ سان گڏ چانهه پيتي هئي."

"پوءِ؟" هن ڏاڍي تجسس مان پڇيو.

"هُن مونکي وِش ڪيو هو."

"پوءِ؟"

"پوءِ؟ پوءِ بس!" مان ائين ئي ڏانهس ڏسڻ لڳس.

"وش ڪيو هئائين ته هليو وڃينس ها نه؟"

"هليو وڃان ها،ضرور هليو وڃان ها، " مون چيو، "پر اُن مهل مونکي الائي ڇو اڻ ڏٺل هٿن روڪي ڇڏيو هو."

هن اوچتو پريشان ٿي مونڏانهن گهُوري ڏٺو. سندس اکين ۾ اٽڪڻ هئي ۽ ايلاز هئا. سڀ ڪجهه صاف ڏسڻ ۾ پئي آيو. هوءَ چئي رهي هئي. "بند ڪر اِن بڪواس کي I just can't bear it...!"

"هلي آ،" هن چيو، " پاڻ هڪ ڪنڊ ۾ هلي، ويهي ٿا چانهن پيئون!"

"منهنجي هڪ شرط آهي."

"وري ڪهڙي؟"

"مان جيڪو ڪجهه چوندس، تون دل ۾ نه ڪندين."

" نه ڪنديس."

اسين اتان هٽي ڪينٽين جي ڪنڊ ۾ ٿي ويناسين. ننڍڙي دلشير کي چيوسين ته هو چانهن ڪٽي اچي. تيستائين اسان

گذرندي. هڻ اسٽائيل ناهيندي ڄامشوري جي ڏونهين واري ڪوهيڙي ۾ گم. ٽينڊڙ ڪالونيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو."منهنجي هڪ ساهيڙي اِن سفيد ڪوهيڙي واري ماحول ۾ رهي ٿي."

"تو مونکي معاف نہ ڪيو، ڪوئِنرو."

"مان اُن واقعي کي ياد ڪرڻ نہ ٿي گهران." هڻ سنجيدگيءَ ڏانهن موٽ ڪائيندي چيو."پر مونکي اڃا تائين سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ مان پاڻ کي توکان پري رکي هيڪلو محسوس ڇو ٿي ڪيان؟"

منهنجو ڪنڌ شرم کان هيٺ جهڪي ويو. مون چيو. "ڪوئنرو، مان شايد مونجهارن ۾ قاتل شخص جي علامت بڻجي چڪو آهيان. پر سچي ٻڌايانءِ تہ مان پنهنجي دل مان هڪ عورت جي جسماني پيار جي تس کي ٻاهر ڪڍي نہ سگهيو آهيان. مون توکان غلط توقع رکي، تنهنجي روح کي زخمي ڪيو. مان سچ پچ تہ پنهنجي غلطيءَ عيوض ڪا ڏنڊ ڀرڻ چاهيان ٿو.ءِ

"جي ايئن آهي تہ پوءِ چپ چاپ ڪري هتي ويهہ. مان رڪشا واري کي سڏي ٿي وٺان!"

" نہ، نہ. رڪشا جي ضرورت ناهي. مان پنڌ هلڻ چاهيان ٿو.ءِ

"پنڌ ڪري ڪٿي هلنداسين؟"

ڪوئنرو جي اکين ۾ عجيب اٽڪڻ هئي.

" پريان، سنڌالاجيءَ تائين."

" پوءِ...؟"

" پوءِ واپس موٽي ايندا سين.ءِ

ڪوئنرو بہ قدم هلي اوچتو ويهي رهي.

" آئي ايم سوري لال. مان واڪ ڪرڻ لاءِ نہ آئي آهيان. آئي هيوَ گــوَن اِن. مان توکي اُن مستقل مونجهاري ۽ پريشانيءَ مان ڪڍڻ آئي آهيان.ءِ

" اهو ڪيئن؟"

" پيار نہ ٿي."

" سمجهين ٿو مان ان ايڏائيندڙ انسيڊينٽ ڪانپوءِ بہ تو وٽ موٽي آئي آهيان؟"

" ان ۾ تہ منهنجو قصور هو...!"

" جي تون ايئن سمجهين ٿو تہ ڀلي پيو سمجهہ. پر تنهنجو مسئلو تہ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي..."

" منهنجو مسئلو؟ ڪهڙو مسئلو؟"

" مونکي بيوقوف نہ ناهہ. توکي منهنجي جسماني پيار جي ضرورت آهي نہ؟" هن منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي اهڙي انداز سان چيو، ڄڻ تہ مان پنهنجي اڳيئن ڳالهہ تان ڦري ويو هجان.

" هئي، ڪوئنرو، پر هاڻ ناهي.ءِ

" ڇو، هاڻ ڇا ٿيو ٿئي؟"

" مون توکان الاهي سکيو آهي، ڪوئنرو، تہ ماڻهو کي گهرو ٿيڻ کپي. وڻ وانگر ماڻهو جيترو اندر هوندو اوترو ئي گهرو هوندو. مون توسان جڏهن بدتميزي ڪئي منهنجون پاڙون پليٽ ۾ پيل هيون. مونکي پنهنجي خبر نہ هئي ان وقت. مونکي خبر نہ هئي تہ مان بہ آهيان. تون مونکان گهٽو اڳتي آهين. منهنجي لاءِ عورت جو جسم هاڻ اها معني نہ ٿو رکي."

"ڇو؟" ڪوئنرو ايئن چيو، ڄڻ تہ هن ايئن ٻڌڻ نہ ٿي چاهيو. هن جي شخصيت، هن جو عورتپڻو، هن جو گريس ۽ هن جو

# پيڻ جي ڪا راهہ ناهي

نرتن نوشاد

وک وک تي تجسس سان ڀريل ڪهاڻي. هيءَ هڪ اهڙي پوڙهي ماڻهو جو احوال آهي جيڪو رنگين مذاج رکندڙ تہ آهي پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي خاندان جي عزت ۽ ناموس کي بچائڻ لاءِ هر جوکم کڻڻ لاءِ تيار آهي. هيءُ هر صورت ۾ چاهي ٿو تہ سندس خاندان جي عزت محفوظ رهي، ڀلي ڪٽي ان لاءِ کيس ڪهڙي بہ قيمت يا قرباني ڏيڻي ڇو نہ پوي، اها ڏيڻ لاءِ تيار آهي. اتفاق سان سندس سڪيلڊو پٽ هڪ اهڙي عورت سان پرڻو ڪري سندس گهر ۾ وٺي آيو، جنهن آڏو عزت، مان، مرتبو ۽ گهر جي پرم پرا جي ڪابہ اهميت نہ آهي. اهڙي حالت ۾ جڏهن گهر جي عزت ننهن خاندان جو نڪ وڍائڻ جي پويان لڳل هجي، اتي وري هيءُ خاندان جي عزت کي بچائڻ لاءِ ڪوشان هجي تہ توهان خود اندازو ڪري سگهو ٿا تہ ٻنهيءَ جي وچ ۾ ڪهڙي نہ ڪشمڪش پيدا ٿي هوندي. دلچسپ ور وڪڙن تي مشتمل هڪ خوبصورت ڪهاڻي.

**احوال ان گمراهہ ننهن جو، جنهن کي صحيح راهہ تي آڻڻ وارو سهرو خود عذاب ۾ پئجي ويو**

مان فليٽن جي پويان واري هوٽل جي پاسي وٽ پنهنجي ڪار ڀراونداهہ ڪري ويٺو هئس. رات جا ساڍا ڏهہ وڳا هئا. فليٽن جي چوطرف ڦهليل بازار ۾ ماڻهن جي رش عام جام هئي. منهنجون نظرون ٺيڪ قدم اڳتي هڪ ڳاڙهي ڪار ۾ کتل هيون. انجو نمبر هو MT-7404. اها منهنجي ننهن صنوبر جي ڪار هئي جيڪا





اتي پارڪنگ ڪري وئي هئي. مون ڪي پڪ هئي تہ هوءَ ئي ان ۾ چڙهي اتي آئي هوندي ۽ مٿي فليٽن طرف رُخ ڪيو هوندائين! هن جي باري ۾ مون ڪي موبائل تي مئسيج مليو تہ هوءَ اتي پنهنجن يارن سان رنگ رليون ملهائڻ پهتي هئي! مون کي اها خبر نہ هئي تہ هن ڪهڙي فليٽ طرف رخ ڪيو ۽نہ ئي وري فليٽن جي هيٺان بيٺل گارڊن( چوڪيدارن) کان اهو پڇيم. مان سندس واپسيءَ جو بيچينيءَ سان انتظار ڪري رهيو هئس. غيرت ۾ منهنجو رت ٽهڪي رهيو هو. مون پنهنجي کيسي ۾ پستول تي هٿ رکي ڇڏيو هو ۽ هن جي ظاهر ٿيڻ تي فائر ڪري ڪيس قتل ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هئم.

مون کي صنوبر جو انتظار ڪندي ٻہ ڪلاڪ کن گذري ويا هئا. گاڏي ۾ ويهي ويهي بيزار ٿي پيس. بي قراري ۽ پريشاني وڌڻ لڳي. ڪار کي چابي سان لاڪ ڪري هڪ ماندڙي وٽ اچي سگريٽ جو پاڪيٽ خريد ڪيم. سگريٽ چپن تي رکي، ماچيس جي تيلي سان ان کي دکائي، پوءِ هڪ زوردار ڪش هنيم. سگريٽ جي دونهين ۾ مٿي فليٽن طرف نهار ڪيم. هر فليٽ مان روشني جرڪي رهي هئي. ماندڙي واري کان پڇڻ تي خبر پئي تہ ڪو بہ فليٽ خالي نہ هو. انهن فليٽن ۾ وچولي ڪلاس سان واسطو رکندڙ رهائش پذير هئا. سواءِ چند فليٽن ۾ فئملين جي باقي فليٽن ۾ ڇڙا ماڻهو رهندا هئا. اوچتو ذهن ۾ هڪ خيال تري آيو ۽ اڌڙ دکايل سگريٽ کي پٽ تي ڦٽو ڪري تيزيءَ سان ڪار طرف وڌيس.

ڊرائيونگ ڪري سڌو صنوبر جي وڏي ڀيڻ ثريا جي گهر پهتس. هن جو گهر اتان ويجهو هو. مون کي اتي پهچڻ ۾ پندرنهن منٽ لڳا. گهر جي چوگرد سانت لڳي پئي هئي. ڪو بہ ماڻهو نظر نہ پئي آيو. ائين پئي لڳو ڄڻ ڪو راڪاس گهمي ويو هجي! ثريا جي گهر پهچي دروازي تي نڪ نڪ ڪيم.

"ڪير؟" گهر اندران زنانو آواز گونجيو.

"مان؟" مون وڏي آواز ۾ چيو.

"توهان ڪير؟"

"برڪت علي - صنوبر جو سهرو"

ثريا دروازو کولي سلام ڪيو. هن جي چهري تي پريشاني ۽ فڪر جا ڏيکاءُ هئا.

"چاچا، رات جو هن وقت ڪيئن؟!"

هن ڳڻتي مان پڇي ورتو.

"بس ڌيءَ، زندگيءَ جي هن آخري حصي ۾ بہ اهو ڏسڻو هو!" مون پريشاني مان وراڻيو.

"خيريت تہ آهي؟!" هوءَ وڌيڪ فڪر مند ٿي پئي.

"خيريت ناهي تڏهن تہ رات جي هن وقت تو وٽ آيو آهيان."

"ڇو ڇا ٿيو؟!" هن جي نرڙ تي پريشانيءَ مان گهنج ڏنم.

"بس ڌيءَ، اهو نہ پڇ تہ سٺو!" مون وراڻيو، "چاچا سان گڏ هل نہ تہ دير ٿي ويندي!"

"هلڻو ڪاڏي آ؟"

"ان کي تون ڇڏ!" مون ڪيس التجا ڪندي چيو، "مون وٽ ڪار آهي. مشڪل

سان پندرنهن منٽ مس لڳندا. آئون پوءِ توکي واپس ڊراپ ڪري ويندس"

ثريا ڪي ساعتون خاموش رهي. هوءَ ڳڻتي مان مون کي تڪڻ لڳي.

"توهان جي ڳالهه ته صحيح آهي" ثريا ورندي ڏني، "پر پپو اجا گهر نه آيو آهي. گهر ۾ صرف اڪيلو صمد ويٺو آهي، جنهن کي ائين ڇڏي هلڻ مناسب نه ٿيندو."

پپو ثريا جو مڙس هو جنهن جو اصل نالو اسلام الحق هو. هو هڪ دڪان تي معمولي ملازم هو. ڏهن سالن جو صمد هن جو واحد پٽ هو.

"ثريا ڌيءَ" مون تڪڙو ڳالهايو، "ائين ته پوءِ دير ٿي ويندي."

"ڇا ڪجي؟" ثريا سوچ ۾ ٻڏندي وراڻيو، "ڇڱو ڀلا، مان ۽ صمد تو سان گڏ ٿا هلون. در کي قلف ٿا هڻون. پر چاچا، دير نه ٿئي. پپو جي اچڻ جو وقت ٿيڻ وارو آهي."

"ڌيءَ، فڪر نه ڪر. سمجهه ته وياسين ۽ آياسين. ايترو پري ناهي وڃڻو. چند منٽن جي ڊرائيونگ آهي. بس، هاڻي دير نه ڪر، جلد هل."

"پر چاچا، مسئلو ڇا آهي؟!" ثريا نيٺ پڇي ورتو. هن کي تمام گهڻي فڪر لڳي وئي هئي.

"ڌيءَ، ڇا ٻڌائين؟" مون وراڻيو، "ڪارو منهن ٿي ويو آهي. تنهنجي پيڻ پنهنجي يارن سان پئي رنگ رليون ملهائي! سندس گاڏي ٻاهر بيٺل آهي ۽ پاڻ مٿي فليٽن طرف وئي آهي. جي اتي توهان جي ڪنهن مائٽ يا ڄاڻ سڃاڻ واري جو فليٽ هوندو ته ان جي توکي ضرور ڄاڻ هوندي، ۽ تون ئي پنهنجي هن چاچا کي اهو ٻڌائي سگهين ٿي. پر مان نه تو سمجهان ته اتي ڪو توهان جو مائٽ رهيل هوندو. هوءَ ته ...."

مان اهو ڇئي ٻارن جيان روئڻ لڳس. ثريا کي ڄڻ چپ جي بيماري لڳي وئي.

"نه چاچا، ائين نه هوندو!" ثريا مون کي تسلي ڏيندي چيو، "ائين هرگز نه هوندو! الله ڪندو توهان جي سوچ غلط نڪرندي! منهنجي پيڻ ائين هرگز نه ڪندي. هوءَ توهان جي ننهن آهي. گهر جي عزت آهي. دلجاءِ ڪريو... مون کي ڏهه منٽ ڏيو ته چپل پائي اچان!"

مون ڪيس جلد اچڻ جي تاڪيد ڪئي. هوءَ دروازو بند ڪري گهران اندر وئي. مان وڃي ڪار ۾ ويٺس. نيڪ ويهن منٽن ڪان پوءِ هوءَ صمد کي ساڻ ڪري ٻاهر آئي . هن گهر جو دروازو بند ڪيو، ۽ ان کي تالو هنيو.فڪر ۽ پريشاني اجا به هن جي چهري تي ظاهر هئي. گاڏي ۾ ويهڻ شرط، ثريا مون کان سوال ڪيو ته ڇا مون سندس پيڻ کي پاڻ ڏٺو هو؟ مون ان تي نابري واري، مون ڪيس اهو نه ٻڌايو ته مون کي اها ڄاڻ ڪيئن پئي؟ مون صرف اهو ظاهر ڪيو ته هن جي موجودگي جو مون کي اطلاع مليو هو. مان يڪدم اتي پهتو هئس. صنوبر جي گاڏي بيٺل ڏسي پڪ ٿي هئم. گاڏي جو پليٽ نمبر نوٽ ڪيو هئم. ٿوري دير لاءِ ثريا اکيون بند ڪري ڇڏيون. هن جي چپن ۾ پڙ پڙ محسوس ڪيم. ٿي سگهي ٿو ته پيڻ جي "پاڪدامني" ثابت ڪرڻ لاءِ

واري گهر جي ائڊريس بہ لکي وئي هئي. اهي تصويرون ڏسي منهنجي زال سڪتي ۾ اچي وئي. بلڊ پريشر لو ( گهٽ) ٿي ويس. هوءَ ڪافي دير ڪانپوءِ سانت ۾ آئي.

ٻي ڏينهن مان پنهنجي زال سان گڏ پرچي ۾ ڏنل ائڊريس تي عدنان جي گهر پهتس. ٻئي اسان کي ڏسي پريان ٿي ويا. منهنجي زال لڪي ڇپي شادي ڪرڻ تي کين گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ جهڳڙو ڪيو. ٻنهي ڇٽن اسان کان ان عمل تي معافي گهري. آخر ۾ اسان کين معاف ڪندي گلي سان لڳائي پيار ڪيو.

مون نہ ٿي چاهيو تہ منهنجي ننهن بيوٽي پارلر تي ڪم ڪري. مون هن جي نوڪري ڇڏرائي ۽ عدنان کي هڪ دوست وٽ فارما ڪمپني جوائن ڪرائي. صنوبر خواهش ڏيکاري تہ کين فليٽ خريد ڪري ڏنو وڃي. مون هڪ سٺو فليٽ خريد ڪيو. جنهن جي ماليت ارڙهن لک هئي. مون ان جا قانوني پيپرز پنهنجي زال جي نالي ڪرايا ۽ گهر ۾ محفوظ رکيا. فليٽ حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ صنوبر اسان جي سڄي فئملي کي ڊنر تي مدعو ڪيو.

هڪ صبح اهڙي منحوس خبر ملي جو ٻڌڻ شرط ائين لڳو ڄڻ زمين پيرن هيٺان نڪري وئي! سيوهڻ ميلي تان واپسي تي دوستن سان گڏ ايندي عدنان روڊ حادثي ۾ سخت زخمي ٿي پيو. هن کي بيهوشي جي حالت ۾ ڪڍائي، اسان کيس هڪ ناليواري اسپتال ۾ داخل ڪرايو. هن جي زندگي تہ بچي وئي، پر ٻئي ٽنگون ضايع ٿي ويون. هو سڄي ڄمار هلڻ چلڻ کان معذور ٿي ويو. وهيل چيئر تي ويهڻ

هن جو مقدر بڻجي ويو. قدرت مون کي هڪئي پٽ عطا ڪيو ۽ ان جي بہ اهڙي ڀيانڪ قسمت نڪتي! ان ڳالهہ تي سوچيندي منهنجو دل ڪڙهڻ لڳو. ڳوڙهن جو سيلاب اکين مان نڪري ڳلن تي وهڻ لڳندو هو.

مون ۽ منهنجي زال فيصلو ڪيو تہ عدنان ۽ صنوبر کي پنهنجي گهر ۾ وٺي اچي رهائجي پر صنوبر نابري واري. صنوبر جي ماءُ بہ هنن وٽ اچي رهڻ لڳي. صنوبر جو گهڻو وقت عدنان جي تيمارداري ۾ سنڀال ۾ صرف ٿيڻ لڳو. سڄي گهر جو خرچ منهنجي ڪلهن تي اچي ويو. جڏهن ڪيسي تي بار وڌندي محسوس ڪيم تہ مستقل حل ڪڍڻ لاءِ صنوبر سان صلاح ڪيم. هن جو هڪ مشورو مون کي ڏاڍو وڻيو، جنهن جي انجام کان ان وقت مان ناواقف هئس.

☆......☆......☆

صنوبر سمارٽ، پرڪشش ۽ سهڻي ڇوڪري هئي. هن کي بہ وڏيون ڀينرون هيون، جڏهن تہ ڪو بہ ڀاءُ نہ هو. سڀ کان وڏي ڀيڻ امبر آمريڪا ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي. هن هڪ آمريڪي نيشنلٽي رکندڙ مصلمان سان شادي ڪئي هئي، جنهن مان کيس بہ ٻار هئا. هوءَ انٽرنيٽ ۽ فونن ذريعي ساڻن رابطي ۾ رهندي هئي. ٻي وڏي ڀيڻ ثريا صحت کاتي ۾ نرس هئي. هوءَ ڪرايي جي گهر ۾ مڙس ۽ پٽ سان گڏ غربت جي زندگي گهاري رهي هئي. هن جي والد کي فوت ٿئي ڪافي وقت گذري چڪو هو. هن جي ماءُ خاموش ۽ چاق وچو بند عورت هئي. هن کي مون

مان سندس اهڙو رويو ڏسي دنگ رهجي ويس. عجب ۾ اکين جا ڪوپا ٻاهر نڪري آيا.

"ڇو، ڇا ٿيو؟" مون اڻ ڄاڻ بڻجڻ جي ڪوشش ڪندي ورندي ڏني، "ڪهڙي بڪواس پئي ڪرين؟ مون تہ اڃا توکي هڪ لفظ بہ نہ چيو آهي. ڏيءَ، سهري سان تميز ۽ صبر سان ڳالهاءِ!"

"مهرباني ڪري مون کي ڏيءَ نہ چئو!" هوءَ طيش ۾ ڳالهائڻ لڳي، "تنهنجي واتان اهي لفظ ٻڌي منهنجي جسم ۾ باهہ لڳيو ٿي وڃي! مون کي ثريا پيڻ فون ڪيو ۽ سڀ ڪجهہ ٻڌايو آهي. هوءَ بہ منهنجي ڪردار تي شڪ ڪرڻ لڳي آهي"

"ڏيءَ، توکي غلط فهمي ٿي آهي." مون ڪيس ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"غلط فهمي ۽ مون کي؟!" هوءَ ڪاوڙ ۾ ڇتي رهي هئي، "يا توکي غلط فهمي ٿي آهي جو پنهنجي ننهن تي اهڙي سنگين تهمت ٿو هڻين؟"

ان کان اڳ مون صنوبر جو اهڙو چهرو نہ ڏٺو هو. سندس اکين جا دوڏا ڦرندي محسوس ڪيم.

"پوءِ پلا گاڏي ۾ ڪير هو." مون ڪانئس پڇي ورتو، "گاڏي پارڪنگ ۾ نہ هئي."

"ها، گاڏي اتي هئي." صنوبر وراڻيو، "مون کي ميرج بيورو جي ڪمن سان هيڏي هوڏي وڃڻو پوي ٿو. ان رات ان گاڏي ۾ مان نہ هئس پر حشمت هو. پوڙهو! عورتن کي ائين ٿو گهوري ڄڻ سندس سجي ناهي ناشتو ڪندو! جهڙو پاڻ تهڙو اهو پوڙهو ڳولهي ڏنو اٿس!"

هوءَ ڪجهہ گهڙيون ماٺ ڪري ويهي رهي. مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا چوان؟

"نڪرا! مهرباني ڪري ڪمري مان نڪرا" صنوبر وراڻيو، "تون هاڻي آفيسر ناهين جو حڪم ڏيندو وتين! ٻين جي ڪردارن تي شڪ ڪرين ۽ اکيون ڦاڙي نهارين! اهو حق صرف ۽ صرف عدنان کي آهي"

ان رات هن منهنجي ڏاڍي جٺ ڪئي. سندس ماءُ تماشائي بڻجي مصلي تي ويٺي رهي. اولاد کي اها تعليم ۽ تربيتُ ڪئي اٿس! جهڙي ڏيءَ تهڙي ماءُ! مان شڪل خراب ڪري گهر هليو آيس. هن جون ڳالهيون ذهن ۾ ڦرڻ لڳيون. زال کي اها سموري حقيقت بيان ڪيم تہ هن کي يقين ئي نہ پئي آيو. هن مون کي صنوبر وٽ ٻيهر وڃڻ لاءِ منع ڪري ڇڏيو.

☆......☆......☆

ٻن ڏينهن کان پوءِ اسلام الحق جو فون آيو. هن ڪنهن معاملي تي مون سان ڳالهائڻ ٿي چاهيو. مان سندس گهر وڃي پهتس. هن حسب معمول مون کي فرش تي چادر وڇائي ويهاريو. ثريا سلام ڪري رڌڻي طرف هلي وئي. مون ڪمري ۾ نظر ڦيرائي ۽ پپو ڏي متوجہ ٿيس.

"صنوبر اسان جي گهر آئي هئي" پپوءِ ڏک وري لهجي ۾ وراڻيو، "هن ثريا کي ڪچيون ڪچيون گاريون ڏنيون. نوبت جهڳڙي تي اچي پهتي. هڪ ٻئي کي ڏڪ، ٺڦڙون ۽ مڪون هنيائون. مون وچ ۾ مداخلت ڪئي ۽ کيس گهر مان ڌڪي ٻاهر

ڪڍيو."

"پر هوءَ اهو سڀ ڪجهه ڇو ڪري رهي آهي؟" مون جواب ڏنو. "مون سان به رويو صحيح نه هئس."

"ثريا هن کي فون ڪري سڀ ڪجهه ٻڌايو" پپو ڳالهائڻ لڳو. "هوءَ هوش ۽ حواس وڃائي ويٺي آهي. هن ثريا کي پهرين فون تي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ گاريون ڏنيون. ان کان پوءِ ماڙس کي ساڻ ڪري اچي اسان جي گهر پهتي. وڏوجهڳڙو ڪيائين. هن جو چوڻ هو ته پيڻ کي ائين نه ڪرڻو هو؟ سندس ڪردار ۾ شڪ نه ڪرڻو هو؟ جي ڪو مسئلو هو ته ساڻس روبرو ڳالهائي ها؟"

"ياءُ منهنجا، ان رات مسئلو ئي اهڙو هو! هوءَ منهنجي ننهن آهي. گهر جي عزت آهي. فليٽن جي هيٺ سندس گاڏي بيٺل هئي. شڪ جو جنم وٺڻ فطري عمل هو"

"پر اوهان ان نتيجي تي ڪيئن پهتا ته هوءَ اتي بدڪاري ۽ عياشي ڪرڻ لاءِ يارن وٽ آئي هئي؟"

"مون کي ان سلسلي ۾ هڪ مئسيج مليو. ان ۾ اهو ئي تحرير ٿيل هو. مان تصديق ڪرڻ لاءِ ٻڌايل ائڊريس تي پهتس. گاڏي ۽ ان جو پليٽ نمبر ڏٺم. ذهن ۾ يڪدم خيال آيو ته اوهان جو گهر ويجهو آهي. توهان پنهنجا آهيو. ثرياکي پاڻ سان گڏ وٺي اتي پهتس ته جيئن هوءَ پنهنجي پيڻ جو اصل چهرو ڏسي. بعد ۾ منهنجي ان ڳالهه ۾ وزن ته هجي؟ ڪير گواهي ڏيڻ وارو ته هجي؟ اها الڳ ڳالهه هئي ته اسان جي پهچڻ کان اڳ گاڏي غائب ٿي وئي."

"توهان وٽ ڪو ثبوت آهي ته هوءَ ئي ان ۾ هئي؟ توهان صنوبر سان ملي سندس منهن تي اها ڳالهه ڪئي؟"

"مون وٽ ڪو به ثبوت ناهي ته هوءَ گاڏي ۾ هئي" مون ڪيس صاف صاف چيو. "ان ڪان پوءِ صنوبر سان مليس. هن جو مون سان سلوڪ سٺو نه هو. ماڙس تماشو ڏسندي رهي. مان صرف پنهنجي پٽ عدنان جي ڪري خاموش آهيان. هن جو چوڻ هو ته اتي هن جي ٻدران حشمت ڊرائيور هو. جيڪو سندس ميرج بيورو جي ڪم سانگي اتي ويو هو."

"پوءِ توهان حشمت ڪان معلومات ورتي؟" پپوءَ سواليه نگاهن سان مون کي ڏسندي پڇيو.

"نه، اجا نه" مون ورندي ڏني، سوچيان پيو ته ان بابت ساڻس پڇا ڪيان؟"

"ضرور، ضرور!" پپوءِ وراڻيو. "شڪ جو ڪو علاج ناهي. اهو ذهنن کي خراب ڪري ڇڏي ٿو. مون صنوبر کي هنج ۾ ڪٽي وڏو ڪيو آهي. اڄ هن جو رويو مون سان ۽ پنهنجي پيڻ ثريا سان انتهائي واهيات هو. وڏڙائپ جو به ذرو خيال نه ڪيائين؟ ڇا وقت اچي ويو آهي. نه اهي ڏينهن رهيا ۽ نه اهي ماڻهو!"

ايتري ۾ ثريا شربت جو گلاس ڪٽي اچي اڳيان رکيو. مون شربت پيئتو ۽ ڪانئن اجازت ورتي. مون کي افسوس ٿيڻ لڳو ته منهنجي ڪري ثريا ۽ پپوءَ کي تڪليف پهتي! مون پپوءَ جي هدايت تي حشمت کي گهرايو. هن صنوبرجي ڳالهه جي تصديق ڪئي. ان ڳالهه ۾ هاڻي شڪ نه رهيو ته

پستول وٺي ڏي ته انهن ڇوڪرن جي ڪوبڙين ۾ گوليون لاهيان. سڏيون گوليون هلائيندس! ڪنهن کي به نه ڇڏيندس!" هن جي زور ڀرڻ تي مون ڪيس هڪ پستول ۽ ڪجهه گوليون خريد ڪري ڏنيون.

اها شام مان زندگي ڀر نه وساري سگهندس جڏهن صوبر جي گهر ۾ منهنجي ملاقات هڪ حسين عورت سان ٿي! ان شام عدنان جي گهر ويو هئس ته صنوبر گهر ۾ نه هئي. سندس ماءُ معمول جيان مصلي تي تسبيح پڙهي رهي هئي. عدنان اڪيون ڪولي بستري تي ليٽيو پيو هو. مون ڪيس پيار ڪيو ۽ ڪافي دير تائين حال اوريا.

اوچتو صنوبر هڪ سهڻي عورت سان گڏ گهر ۾ داخل ٿي. منهنجون اکيون پٽرائجي ويون. صنوبر مون کي پنهنجي بيڊروم ۾ وٺي وئي ۽ ان عورت سان تعارف ڪرايو. هن جو نالو رفعت هو ۽ ڊاڪٽريءَ جي پيشي سان وابسته هئي. هوءَ 45 سالن جي هئي، پر شڪل ۽ صورت مان مشڪل سان 30 سال ٿي لڳي! هن جي ڀهرين شادي ٻن سالن اندر ئي ناڪام ٿي وئي. جنهن مان ڪيس هڪ پٽ هو. اهو ان وقت او ليول پڙهي امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ UK روانو ٿي رهيو هو. سندس اها شادي ڇو ناڪام ٿي؟ عام عورتن جيان هن ان جو قصوروار "مڙس" کي ئي ٺهرايو!

مون اهڙي حسين عورت اڳ نه ڏٺي هئي. منهنجي رنگين مزاجيءَ واري لهر وري ڪر ڪنيو. منهنجا حواس منهنجي قابو ۾ نه رهيا. هن جو حسن ڏسي پاڻي پاڻي ٿي رهيو هئس. اکيون هر هر هن ڏي کڄي رهيون هيون. هوءَ به منهنجي نظرن کان متاثر ٿيڻ لڳي. هوءَ صنوبر وٽ ٻي شادي جي سلسلي ۾ آئي هئي.

هن جي وڃڻ کان پوءِ صنوبر منهنجي خيالن کي ڇڻ پڙهندي چوڻ لڳي ته عارضي زندگي ۾ اهو ئي ڪرڻ گهرجي جيڪو دل چوي، "جي اوهان چئو ته ٻيءَ شادي لاءِ رفعت ڊاڪٽرياڻي سان ڳالهايان؟ ان ۾ حرج ڪهڙو آهي؟ اسلام ۾ به ان جي اجازت آهي. اوهان چوندو ته مان ڪيس قائل ڪري وٺندس. هونئن به مون کي اهو فن هاڻي خوب اچي ٿو." صنوبر ڳالهايو.

"مان ۽ ٻي شادي؟" مون جواب ڏنو.

"سو به هن عمر ۾؟ هن جي عمر ۽ منهنجي عمر ۾ وڏو فرق آهي. ٻئي طرف زال ڪجهه ڪائي ويندي! ڪوڙو ئي نه ٿو لڳي!"

"ابو، مان ته مذاق پئي ڪريان؟" صنوبر ڪلندي وراڻيو. "يلا دوستي ڪرڻ ۾ ته ڪو حرج ناهي!" هن مون ڏي سواليه نظرن سان گهوريو.

"ڪهڙي قسم جي دوستي؟" مون پڇي ورتو.

"جيڪا اوهان جي دل چوي...."

هوءَ منهنجي دماغ کي پڙهي وئي هئي ۽ منهنجي ڳالهه پاڻ چئي ڏني. هوءَ اهو چئي آهستگيءَ سان کلڻ لڳي. مون نه چاهيندي به سندس اها ڳالهه مڃي ورتي. ڇو ته مون پاڻ ان سهڻي ڇوڪريءَ جي ويجهو اچڻ ٿي چاهيو!

صنوبر منهنجو موبائل نمبر رفعت

کی ڏئي ڇڏيو. هوءَ هاڻي ڪيئي ڪيئي ڪلاڪ مون سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. هن اها دوستي هميشہ لاءِ پڪي ڪرڻ چاهي. فحش قسم جا مئسيجز بہ ڊليور ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. مون کان بہ رهيو نہ ٿيو. موٽ ۾ مون بہ کيس اهڙائي مئسيجز پهچايا. مون پنهنجي اندر مان سندس لاءِ پيار جی خوشبو جا ڪيئي گل نچاور ڪيا.

هڪڙي ڀيري رفعت مون کي ڊنر تي مدعو ڪيو. هوءَ گهر ۾ اڪيلي هئي. هن ڪئي ڊشون تيار ڪري ورتيون هيون. ڊنر کان پوءِ، منهنجي گلي ۾ ٻانهون وڌائين ۽ ڊانس ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. مان پاڻ سنڀالي نہ سگهيس. هن جو حسن ذهن تي چڙهي سواري ڪرڻ لڳو. ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. واقعي عورت جی حسن ۽ ادائن اڳيان مرد اجا هڪ ٻار ئی آهي! مون کيس ٻانهن ۾ کڻي وڃي بيڊ تی ڦٽو ڪيو، هن کا بہ مزاحمت نہ ڪئی. هوءَ هلڪي ٻڍجي چڪي هئي. هن اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽.....

جڏهن حواس ڪنٽرول ۾ آيا تہ رات جا ٻارنهن وڳا هئا. مون کان هڪ ڏوه ٿي چڪو هو. وقت جا ڪانٽا صرف اڳتي ويندا آهن نہ ڪي پوئتي. منهنجي لاءِ واپس وڃڻ ناممڪن هو. ائين هجي ها تہ هر ڪو وقت ۾ واپس وڃي پنهنجا اعمال درست ڪري وٺي ها ۽ جنت ۾ هجي ها. خير، هن کان اجازت گهريم. هوءَ رات رهڻ لاءِ زور ڀريندي رهي پر مون کيس نہ ٻڌو. هن جی چهري تي خوشيءَ جي مرڪ ڏٺم.

رفعت کي الوداع چئي، ڊرائيونگ ڪري، اچا گهر جي ير ۾ پهتس تہ هڪ عجيب مئسيج پڙهڻ لاءِ مليو. مئسيج ڪجهہ هن ريت هو: "وقت ڪيئن گذريو؟ مزو آيو يا نہ؟ راحت ۽ قرار نصيب ٿيو يا نہ؟ دعا ٿي ڪيان تہ توکي هميشہ اهڙيون ئی سڪون ڀريون گهڙيون نصيب ٿين!"

مئسيج جي آخر ۾ لکيل هو....

تنهنجي پياري ننهن صنوبر

☆......☆......☆

ان ڳالهہ جو مون کي احساس ٿيو تہ مان صنوبر جي ڄار ۾ ڦاسي چڪو هئس. هن مون کي ٽريپ ڪيو. هن جو لکيل مئسيج ان ڏس ۾ هڪ اشارو هو. مون هن جی ڪردار تي شڪ ڪيو پر مون وٽ ڪو بہ ثبوت نہ هو. هن کي منهنجي لاءِ تہ ثبوت هوا! هن رفعت ڊاڪٽرياڻي کي هڪ ذريعو بڻايو. هن چڪر هلائي مون کي گهرايو. هن کي منهنجي طبيعت جي اڳ ئی خبر هئي. ان مئسيج کان پوءِ صنوبر بس نہ ڪيو. هن جا ڪئي مئسيجز بعد ۾ پڙهڻ لاءِ مليا. انهن ۾ ٻڌايو ويو تہ منهنجون آڊيو ۽ وڊيو ٽيپس ٺهايون ويون هيون. هن اهو سڀ ڪجهہ ڇو ڪيو؟ اهو ڊرامو ڇو اسٽيج ڪيو؟ مون کان پنهنجو بدلو ورتو يا ان ۾ سندس مقصد مون کي پنهنجين نظرن ۾ ڪيرائڻ هو؟ يا وري ڪا خفيہ گهري چال هئس؟ مان في الحال هن جی اڳيان هڪ فٽ بال وانگر هئس، جنهن جو ريفري ۽ گول ڪيپر هوءَ هئي!

مون کي پنهنجي عزت جو ڊپ ورائی ويو. ڪٿي اهي ٽيپس منهنجي زال کی نہ ڏيکاريا وڃن؟ منهنجي زال تہ يڪدم ڀروسو ڪري وٺندي. هن کي منهنجی طبيعت تي اڳ ۾ صرف شڪ ئي

ڪي قتل ڪري ڇڏي!"

مان اهڙا واعدا ۽ اقرار ٻڌي ڏڇي ويس. هن هڪ زوردار ڪش هڻي آسمان ڏي ڏنو. دکندڙ سگريٽ مون کي واپس ڏنو.

"هن قسم ٽوڙي ڇڏيو!" حشمت خاموشيءَ کي ٽوڙيندي وضاحت ڪرڻ لڳو. "مون وٽ هاڻي هن کي قتل ڪرڻ کان سواءِ ڪو بہ رستو ناهي. قسم تحت مان پابند هئس تہ شادي نہ ڪيان. مون شادي نہ ڪئي. هوءَ شادي ڪري مڙس سان گڏ ڪئناڊا هلي وئي. هن کي پندرنهن سال ٿي ويا آهن. هوءَ وري واپس نہ آئي آهي. هن جو انتظار ڪري ڪري مان ٿڪجي پيس. نہ ڄاڻ حياتي ۾ باقي ڪيترين گهڙيون آهن. سوچيو اٿم تہ وزٽ ويزا تي ڪئناڊا وڃان ۽ ڪيس اتي قتل ڪري ڇڏيان! مون لاءِ پريشاني اها آهي تہ اتي وڃڻ لاءِ مون وٽ گهربل رقم ناهي. رقم جو بندوبست ڪرين تہ صنوبر کي آئون نڪاٽي پاڻهي تو لڳايان!"

مون ڪيس رقم ڏيڻ جي حامي ڀري .مون هن جي آڏو اهو شرط رکيو تہ پهرين هو صنوبر جو قتل ڪندو، پوءِ ئي ڪيس رقم مهياڪئي ويندي. هن منهنجي ڳالهہ مڃي ورتي. هن مون کي تاڪيد ڪئي تہ واعدي تان ڦرڻ جي صورت ۾ هن وٽ ٽين قتل ڪرڻ کان سواءِ رستو نہ هوندو! ان کان پهرين جو حشمت پنهنجي منصوبي کي عملي جامو پهرائي، صنوبر قتل ٿي وئي. عدنان هڪ غير مرد کي صنوبر سان سندس بيڊ تي "ڪارو منهن" ڪندي ڏسي ورتو هو. غيرت ۾ پرجي ٻنهي ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ پاڻ کي شوٽ ڪرڻ کان اڳ، هن صنوبر جي ماءُ کي بہ بخش نہ ڪيو!

☆......☆......☆

فليٽ ۾ چار لاش پيا هئا. ماڻهن جو بہ ڪافي هجوم اچي ڪٺو ٿيو هو. پوليس بہ اتي پهتي هئي. معمول جي ڪارروائي کان پوءِ، عدنان جو لاش اسان جي حوالي ڪيو ويو. مون کي عدنان جي موت جو ڏاڍو ڏک ٿيو. منهنجي زال کي مصلسل بيهوشيءَ دورا پئجي رهيا هئا. هن جون آهون ۽ سسڪيون منهنجي ڪنن جي پردن کي ڦاڙڻ لڳيون. منهنجون ڏيئرون بہ رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيون هيون. منهنجي اکين مان بہ لڙڪ نہ ٿي رڪجيا. ڏاڍي مشڪل سان پاڻ کي قابو ۾ رکيو هئم. صنوبر جي وڏي ڀيڻ امبر بہ آمريڪا مان پهتي هئي. هوءَ پنهنجن ٻارن کي آمريڪا ۾ ڇڏي آئي هئي. هن جي عمر 44 سال هئي. هن کي پنهنجي ڀيڻ جي اهڙي انجام تي سخت ڏک هو. هوءَ ثريا سان گڏجي اسان جي گهر بہ آئي، پر منهنجي زال کي ان فئملي کان ايتري تہ نفرت ٿي پئي جو ساڻس ملڻ پسند نہ ڪيائين.

منهنجي زال جو ڌيان نمازن ۽ قرآن تان هٽڻ لڳو. هن کي هرپل عدنان ياد ايندو هو. مان ڪيس دلاسا ۽ آٿتون ڏئي ڏئي ٿڪجي پيس. هوءَ هن جي ننڍپڻ جا قصا ٻڌائي دل دکائڻ لڳي. ماضي جي ورقن کي اٿلائيندي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي. هن کي ڪنهن بہ ڪم ۾ دلچسپي نہ رهي. هن جي موت جو هن تي گهرو اثر پيو. ان

صدمی کي برداشت نہ ڪندي وچي بستري سان لڳي. سندس هر طرح جو علاج ڪرائيم پر هوءَ چاق نہ ٿي سگهي. مون کي اڪيلو ڇڏي هميشہ لاءِ دنيا مان هلي وئي.

☆......☆......☆

مهيني ڪانپوءِ، پپو فون ڪري مون سان هڪ هوٽل ۾ ملڻ لاءِ خواهش جو اظهار ڪيو. مان سندس ٻڌايل هوٽل تي پهتس. هو اڳ ئي اتي موجود هو. اسان هوٽل جي لان ۾ وچي اڪيلا ويناسين. بيري کي چانهہ ۽ پيٽيز ڪٽي اچڻ جو آرڊر ڪيم.

"صنوبر جي ماءُ" پپوءَ ڳالهائڻ شروع ڪيو. "مون کي ۽ تنهنجي ننهن کي گڏ ويهاري هڪ منصوبو جوڙيو هو. هن اسان کي تنهنجي رنگين مزاج طبيعت کان بہ واقف ڪيو هو. هنن کي ڪاوڙ هئي تہ توهان صنوبر جي ڪردار تي شڪ جو اظهار ڪيو. سندس پويان جوڪسي رکي. هو ٻئي. اذيت محسوس ڪرڻ لڳيون. توهان مان جان ڇڏائڻ لاءِ هنن هڪ پلان ناهيو."

ايتري ۾ بيرو چانهہ ۽ پيٽيز ڪٽي ٽيبل تي پهتو. پپو ڪجهہ گهڙيون ماٺ تي ويو.

"صنوبر جي ماءُ عياش ۽ بدڪردار عورت هئي" بيري جي وڃڻ کان پوءِ هن وري ڳالهايو. "ان ڳالهہ جي خبر سندس مڙس کي بہ پئجي وئي، جنهن جي دل مان هن لاءِ ڪا بہ دلچسپي نہ رهي. هن پنهنجي اولاد سان بہ محبت ان ڪري نہ ڪئي. صنوبر جي ماءُ پنهنجن ڏيٽرن کي پئسن تي هلائي گهر جو خرچ هلائيندي هئي. زندگيءَ جا مزا ۽ لطف ماڻيندي هئي. امبر کي ان زندگي مان هڪ آمريڪي مصلمان جان ڇڏرائي، جيڪو چند ڏينهن لاءِ پنهنجي فئملي ۾ آيل هو. هن امبر سان خفيہ شادي ڪئي ۽ پاڻ وٺي ويو. ثريا کي وري مون سان پيار ٿي پيو. هن سان مون پرڻو ڪيو ۽ بچايو. باقي رهي ڳالهہ صنوبر جي تہ اها بہ شادي کان اڳ ڪئي بسترن جي راڻي بڻجي چڪي هئي. عدنان کي عقل نالي شيءِ تہ هئي ڪا نہ، سو سندس ظاهري صورت ۽ ڏيک تي مري پيو. تنهنجي زندگي جي نٽ ٽانگرن کي ڏسي صنوبر تنهنجي پٽ کي شادي جي چار ۾ جڪڙيو. سواءِ توهان جي خاندان جي اسان سڀ ان شادي ۾ شريڪ هئاسون.... صنوبر جي ماءُ سوچيو تہ شادي ڪانپوءِ صنوبر سون ۾ تورجندي. نوٽن ۾ وهنجندي پر ائين ڪجهہ بہ نہ ٿي سگهيو!... توکي فليٽن طرف موڪلڻ بہ ان پلان جي هڪ ڪڙي هو. جيڪو صنوبر جي ماءُ ناهيو. تنهنجي موبائل تي مئسيج مون ڪيو ۽ حشمت کي ميرج بيورو جي ڪم سان اتي موڪليو ويو. صنوبر جي ڪردار کي صاف ڏيکاري توهان کي ويجهو آندو ويو. صنوبر جي چرئي هجڻ جو بہ ناٽڪ رچايو ويو!"

پپو ڳالهائيندي ڳالهائيندي رڪجي ويو. هو گهري سوچ ۾ ٻڏڻ لڳو. چانهہ جا ڍڪ بہ پرڻ لڳو تہ گڏوگڏ ٻئي هٿ سان پيٽيز بہ ڪٽي ورتو هئائين.

"عدنان جي اپاهج ٿيڻ کان پوءِ" پپو ڳالهائڻ جاري رکندي چيو. "گهر ۾

رڇائيندو ۽ هن پنهنجي پاسپورٽ شوق سان وٺس رکرايو آهي. ملڪ کان نڪرڻ جي صورت ۾ زال جي مرضي جو پابند رهندو. هونئن بہ اڄ ڪلهہ عورتن جي هر جڳهہ تي بڌي وڃي ٿي. غير ملڪي مردن ۽ مسلمانن تي شڪ جو اظهار وڌيڪ ٿئي آهي!..مون ان سلسلي ۾ امبر سان ڳالهائي ڇڏيو آهي. هن توکي منتخب ڪري ڇڏيو آهي باقي صرف...."

اهو چئي پيو اٿي ڪڙو ٿيو. هن اجازت وٺندي چيو. "ٻن ڏينهن ۾ فيصلو ڪري وٺ نہ تہ اهي ٽيپس ميڊيا ۾ نشر ٿي ويندا. تنهنجي عزت ٻن ٽڪن جي ٿي ويندي. ڪورٽ ۾ڪيس قائم ٿيندئي ۽ رفعت سان گڏ باقي ڄمار جيل ۾ هوندين!"

مان ڪرسيءَ تي ويهي ، ڪافي دير تائين. چانهہ جي پيالي کي تڪيندو، سوچڻ لڳس.

☆......☆......☆

مون کي ان ڳالهہ کان آگاهي هئي تہ حشمت کي ڪئناڊا وڃي پنهنجي محبوبہ کي قتل ڪرڻ لاءِ رقم جي سخت ضرورت هئي. ساڳي ريت مان بہ جتي هڪ پنور ۾ قاتل هئس. جتي هاڻي آئون پيوءَ جي هٿان جڪڙيو ويو هئس. اهو سڄو چار منهنجي لاءِ صنوبر جي ماءُ وڇايو هو. پيو پنهنجي زندگي کي ناهڻ جا خواب ڏسي رهيو هو. مان نہ رڳو ڪيس سموري پراپرٽي حوالي ڪيان پر ڏارئين ملڪ ۾ هميشہ لاءِ غلامي جو ڦندو بہ ڳچي ۾ وجهان. مون کي هڪ ترڪيب سمجهہ ۾ آئي. ڇو تہ حشمت کي سموري حقيقت کان آگاهہ ڪري پيو مان جان ڇڏايان. ڪيس قتل ڪرايان؟ بعد ۾ حشمت کي پئسا ڏئي ڪئناڊا اماڻيان. جي هن ڪئناڊا ۾ قتل ڪري ورتو تہ اتان واپس موٽڻ هن لاءِ مشڪل هوندو. اتي جو قانون سخت آهي ۽ سموري عمر جيل جي هوا حشمت کائيندو! پيوءَ جي قتل تي بعد ۾ ڪير بہ مون تي آڱر نہ کڻي سگهندو!

مون کي حشمت تي اعتماد هو. مون ڪيس سموري حقيقت ٻڌائي ڇڏي. هن پيوءَ جو قتل ڪرڻ جي حامي ڀري ورتي. هو پيو کي قتل ڪرڻ جي مشن تي روانو ٿيو، پر هڪ ڪچي رانديگر جي هجڻ جو ثبوت ڏنائين!

"سر، ڪم الٽو ٿي ويو!" حشمت فون تي گهبرايل آواز ۾ چوڻ لڳو، "پيوءَ کي گوليون هڻي قتل ڪيم تہ ثريا ۽ سندس پٽ صمد مون کي ڏسي ورتو. هنن جي ائين اوچتي آمد تي مان پريشان ٿي ويس. ڪين بہ نشانو ڪري ورتم. ثريا کي بہ گوليون لڳيون. پيو ۽ ثريا ٻئي قتل ٿي ويا پر....."

"پر ڇا؟" مون رڙ ڪندي پڇيو.

"صمد ڀڄي ويو. هن تيز ڊڪ پاتي. هو مون کي سڃاڻي ٿو!" حشمت وراڻيو.

"پوءِ هاڻي ڇا ڪجي؟" مون ڪانئس پڇيو.

"في الحال" حشمت ورندي ڏني، "مان روپوش ٿي ٿو وڃان. زندگي رهي تہ ملاقات ٿيندي. مون سان ڪيل واعدو ياد رکجانءِ نہ تہ...."

"نہ تہ ڇا ڪندين؟" مون سوال ڪيو. مون کي ڳڻتي ورائي وئي.

"جڏهن تون پيءُ کي قتل ڪرڻ جو منصوبو ٻڌائي رهيو هئين، ان وقت مون ڪيسي ۾ ٽيپ آن رڪارڊ تي رکي ڇڏيو هو. پاڻ جيل وياسين ته سمجهي سگهين ٿو ته تون به مون سان گڏ اتي هوندين!"

حشمت جا اهي آخري جملا ٻڌي مان ڊڄي ويس. صمد هن کي ڊسي ورتو هو. هن پوليس کي به بيان ۾ ٻڌائي ڇڏيو. پوليس هن کي پڪڙي ورتو ته مان به ڦاسي پوندس! منهنجو پيءُ اتان نڪرڻ آسان نه هوندو!.....

مون امبر سان يڪدم سندس شرطن تي شادي ڪري ورتي. هوءَ منهنجي طرفان سندس شرطن تي جلد راضي ٿيڻ تي حيرت ۾ هئي. آمريڪا مان اچڻ کان پهرين هو اڳ ۾ ئي ڏاڍو خوفزده ٿي وئي هئي. هن جي ماءُ ۽ ڀيڻ ٻنهي قتل ٿي ويون هيون. دنيا ۾ هن جو هاڻي ڪير به نه رهيو هو. هن مون سان شادي ڪرڻ لاءِ ترت رضامندي ڏيکاري ۽ آمريڪا هلڻ لاءِ زور ڀريو. صمد به اسان سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

آمريڪا روانو ٿيڻ کان اڳ، ايئرپورٽ تي پهچندي موبائل جي گهنٽي وڳي. مان، امبر ۽ صمد کان پاسي تي وڃي فون اٽينڊ ڪيو.

"سر." حشمت جو آواز گونجيو، "مان رات جو دير سان اوهان جي گهر ايندس. واعدي موجب رقم جو بندوبست ڪري ڇڏجو!"

"پيارا" فون بند ڪرڻ کان اڳ مون جواب ڏنو، "هينئر رقم جي نه پر پاڻ کي بچائڻ جي ضرورت آهي. منهنجي صلاح اٿئي ته ڪنهن جبل يا غار جو پاسو وٺ. ڪنهن سردار جي هٿ تي بيعت ڪر. باقي زندگي جيل جي بدران ان سردار جي غلامي ۾ گهاري ڇڏ ته تنهنجي لاءِ بهتر ٿيندو!"

هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ مان، امبر ۽ صمد جهاز ۾ ويٺا هئاسين.

☆.....☆.....☆

آمريڪا ۾ منهنجي زندگي سٺي گذرڻ لڳي. منهنجو اڪثر وقت سپر اسٽورز تي گذرندو هو. امبر منهنجي هر ڳالهه جو لحاظ ڪرڻ لڳي. ڏاڍي محبت ۽ پيار ڏنائين. مون کي جيئڻ جو هڪ نئون حوصلو مليو. زندگي ۾ رواني ۽ جوش محسوس ڪيم. ماضي جا ورق ڏنڌلا ٿيڻ لڳا. صمد ۽ امبر جي ٻارن جي صحبت ۾ راحت ۽ قرار مليم. ڏيئرن سان به رابطو رهيو. هڪ ڏينهن سپر اسٽور تي مون کي هڪ خط مليو، جنهن مون کي ڪجهه دير لاءِ زوريءَ ماضيءَ ۾ ڌڪي ڇڏيو.

پيارا برڪت علي، اسلام عليڪم

اميد ته هشاش بشاش ۽ نيڪ هوندين (آمين)

مان شادي جي سلسلي ۾ صنوبر وٽ آئي هيس. پهرين شادي جي ناڪامي ڪانپوءِ، ڪافي وقت تائين مون اڪيلي سر زندگي گهاري پر بنا ساٿي جي زندگي جو سفر گذارڻ ڏاڍو ڪٺن آهي! ٻي شادي جو سوچيم ۽ صنوبر جي ميرج بيورو جي معرفت توسان ملاقات ٿي. مون توکي پهرين ملاقات ۾ ئي پسند ڪري ورتو، باوجود ان جي ته ٻنهي جي عمرن ۾ ڏينهن رات جو فرق هو! مون محسوس ڪيو ته تون به مون کي پسند ڪيو هو؟.....



# چوڪيو

حسن منصور

**طنز جي نشترن سان سجيل ڪهاڻي. بک، بيروزگاري، غربت ۽ لاقانونيت جي ڪري معاشري ۾ امن امان جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي. هوڏانهن وري سفارش جو عروج، مٽي مائٽي ڪي اوليت، حڪمرانن جي بي توجهه ۽ بيحسي ۽ ادارن جي غير فعاليت معاشري جي رهندڙن جي حالت خراب ڪري ڇڏي آهي. جنهن جي ڪري معاشري ۾ بدامنيءَ ڏوهن جو ريشو وڌي رهيو آهي. وڏي ڳالهه ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا به پنهنجون ذميواريون صحيح نموني ادا نه ڪري سگهيا آهن. جنهن جو ڪجهه عڪس توهان کي هن ڪهاڻيءَ ۾ به نظر ايندو.**

**ڪهاڻي ان ماڻهوءَ جي، جنهن جي گهر ۾ چوريون ٿي رهيون هيون.**

**امام** بخش عرف آنند بخشي سهڪندو مون ڏانهن آيو. سندس هٿن ۾ مٺائي جو هڪ دٻو هو، دٻي جو ڍڪ لاهي مون ڏانهن وڌايائين.

چيائين، "ڪاءِ. تون اخروٽ آهين. تو لاءِ دلپسند مٺائي واري ڪان اخروٽ جو حلوو وٺي آيو آهيان."

حلوي جي چڪي وات ۾ وڌم ۽ چٻاڻ شروع ڪيم. هن اچرج وچان منهنجي وات ڪي ڏٺو. چيائين، "تون پاڻ اخروٽ آهين، پر تنهنجا ڏند واريءَ جيان آهن!"

آئون حلوو چٻاڙيندو رهيس.

پڇيم، "ڪيئن ڀاڄائي ۽ ننڍڙو نيڪ آهن؟".

هُن اچرج وچان مون ڏانهن ڏٺو.

"هن ڀيري ويم ڪٽي ڪرايو اٿئي، سوڀراج اسپتال ۾ يا ميمون دائيءَ هٿان!"

"تون ڇا ٿو سمجهين! هي مٺائي

آئون ستون پيرو پيءُ ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ پيو
کارايان!"

"تون هر سال پيءُ ٿيڻ ڪانپوءِ حاجي
وليءَ جو حلوو کارائيندو آهين، هن پيري
دلپسند جي مهانگي مٺائيءَ مان لڳي ٿو تہ
جاڙا ٿيا اٿئي!"

امام بخش جيڪو اندين فلمي شاعر
آنند بخشي جهڙي شاعري ڪرڻ سبب آنند
بخشي سڏجڻ لڳو هو، مٺائيءَ جي دٻي کي
ٻيهر ڍڪ ڏئي ڇڏيو، چيائين"هاڻي توکي
آئون پنهنجي شاعري ڪڏهن بہ نہ
ٻڌائيندس."

آنند بخشي اهڙو جملو تڏهن
ڳالهائيندو هو جڏهن هو دوستن کان ناراض
ٿي ويندو هو ۽ عام طرح دوست ڪانئس
تڏهن ناراض ٿيندا هئا، جڏهن هو سندس
شاعري ٻڌائڻ شروع ڪندو هو. هو هڪ پيرو
سندس گيتن جو ديوان کڻي لاهور جي فلمي
دنيا جا ڌڪا ٿاٻا کائي ۽ آخر ۾ ڦجي جا پاوا
کائي واپس موٽي آيو هو ۽ انتظار ۾ هو تہ
ڪڏهن ٻنهي ملڪن جا ناتا بهتر ٿين تہ هو
بالي ووڊ وڃي ۽ اتي راتو رات مشهور ٿئي.

"ڪيڏي نہ ناانصافي آهي قسمت
جي!" اهو بخشيءَ جو دوستن سان هر ملاقات
۾ هر هر ورجائينجندڙ جملو هو.

"اصل آنند بخشي هتي آهي ۽ سندس
۽ بالي ووڊ وچ ۾ هڪ شيشي جي ديوار
آهي!"

مون بخشيءَ کي ڏٺو. هو هر هر چپل
پائي ۽ لاهي رهيو هو. هو ناراض ٿيڻ وقت
سدائين ائين ڪندو هو ۽ تيستائين ڪندو
هو، جيستائين دوست ڪيس باقاعدي
پرچائين.

"تون ناراض نہ ٿي بخشي."

چيم، "مون کي ياد نٿو اچي تہ تو
ڪڏهن مون کي بنا ٻار جي پيدائش جي
مٺائي کارائي هجي!" هو چپل وري هوريان
هوريان لاهڻ لڳو.

چيم،"اسان دوست تنهنجي هن عظيم
مشن تي توکي سدائين سلام پيش ڪندا آيا
آهيون تہ تون سنڌي قوم کي اقليت ۾
تبديل ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ هر ممڪن
ڪوشش ڪري رهيو آهين!" هو وري چپل
پائڻ لڳو. آئون چوندو رهيس،" ۽ هڪ وقت
ايندو جڏهن پاڇائيءَ کي مادر وطن جو
خطاب ڏنو ويندو. تون فڪر نہ ڪر!"

هُن چپل لاهي ڪجهہ پري ڪري ڇڏيا
۽ مون ڏانهن ڏسڻ لڳو.

پڇيم،"جيڪڏهن تون وري پيءُ نہ
ٿيو آهين تہ پوءِ ڀلا اها مٺائي ڇا جي؟"

"تون ڪجهہ چوڻ ڏين تہ آئون بہ
ڪجهہ ٻڪان نہ!"

"ٻڪ ٻڪ!" مون کان چرڪ نڪري
ويو. هو وري چپل ويجها ڪرڻ لڳو.

چيم،"ارشاد!"

"نہ، اڄ نہ!"

"ڇا؟"

"شاعريءَ لاءِ تو چوين نہ ڪجهہ
ڏينهن کان پيٽ ۾ گڙ ٻڙ آهي، تنهنڪري
شاعري رنل آهي!"

چيم،" اسان دوستن لاءِ تنهنجي هر
شيءِ شاعري آهي، تنهنجي کنگهہ بہ شاعري
آهي، تنهنجي ڇڪ بہ شاعري آهي ۽
تنهنجي...."

هُن مون کي اشاري سان
روڪيو. چيائين، "ڪجهہ شيون شاعرن جون

بہ اھڙيون ٿينديون آھن، جيڪي شاعري ڪو نہ سڏبيون آھن!“

”ھاڻي ٻڌاءِ تہ اھا مناڻي ڪھڙي خوشيءَ ۾ پيو ورھائين؟“

”توکي خبر آھي نہ تہ ڪجھہ ڏينھن اڳ ڪجھہ چور گھران منھنجيون باڪسنگ ۾ کٽيل ٽرافيون ۽ تازا ترين شاعريءَ جا ديوان کڻي ويا ھئا؟“

”ھا، مون کي ياد آھي، چور جھلجي پيا ڇا؟“

سندس چھري تي وڌندڙ خوشيءَ کي ڏسي منھنجي دل ٻڏي وئي. اھو سوچيندي مون کي ڌپ ٿيو تہ جيڪڏھن سندس تازو ڪلام جيڪو ھن باڪسنگ جي ھڪ ٽورنامينٽ ۾ ناڪ آئوٽ ٿيڻ جي ڏک ۾ ڪڪري گرائونڊ جي بادي بلڊنگ ڪلب ۾ ويھي لکيو ھو، بازياب ٿي ويو تہ چورن کان وڌيڪ سزا اسان کي ڀوڳڻي پوندي. جھيڻي آواز ۾ پڇيم، ”چور جھلجي تہ نہ پيا!“

چيائين، ”نہ!“

منھنجي وات مان ٿڌو شوڪارو نڪري ويو،

چيم، ”سنو ٿيو!“

”ڇا مطلب؟“

”چيم تہ اھو تہ سنو نہ ٿيو!“

منھنجين اکين ۾ ڏسندي چيائين، ”پوءِ بہ ڏس آئون ڪيڏو نہ خوش آھيان!“

”توثابت ڪيو آھي تہ تون ايڏا عظيم نقصان سھڻ جي سگھہ رکين ٿو، قوم کي توتي فخر آھي!“

ھن مناڻيءَ جي دٻي جو ڍڪڻ ھيٺ ھٽايو، ھن پيري مُن پاڻ حلوي جي ھڪ پيس کي ٻن حصن ۾ ورھايو. ھڪ حصو پاڻ

## آئون بہ ويندي پيڪي، مون بہ لھندي سڪ

ڪنھن ڪنوارڪي، ساھرن ۾ گھڻو سڪ ھوندو ھو تہ بہ پيڪن جي پيئي پچار ڪندي ھئي ڇي. منھنجا لڪَ لھن پيڪا، قرب جا ڪوڏيا پيڪا! ھڪ دفعي جڏھن پيڪي (پيءُ جي گھر) آئي، تڏھن ڪنھن ڳالھہ تان، سندس پاڇائيءَ کيس ڪٽي ڏنو. آخر نتيجو اھو نڪتو جو پاڇائنس، ھن ويچاريءَ کي رئاري ڪڍيو. پوءِ تہ ڪانئس پيڪن جي سڪ بہ لھي ويئي.

مطلب: جڏھن ڪنھن کي، ڪنھن ڳالھہ جو اجايو شوق ڪٺي، تڏھن ائين چئبو آھي. انھيءَ خيال سان تہ آخر پڇتائيندين.

کاڌائين ۽ ڪجھہ دير ڪانپوءِ ٻيو حصو بہ پاڻ کاڌائين.

دٻي کي ھيٺ ڍڪيندي چيائين، ”ھي مناڻي آئون ھن خوشيءَ ۾ پيو ورھايان تہ ھاڻي مستقبل ۾ منھنجي گھر مان ڪا بہ چوري نہ ٿيندي. ڪو بہ ڌاڙو نہ لڳندو!“

”نيڪ ٿو چوين!“ ڪنڌ ڌوڻيم، ”تنھنجي گھر ۾ ھاڻي زال ۽ ٻارن ڪانسواءِ رھيو بہ ڇا ھي!“

ھن ڪاوڙ وچان سندس چپلن کي ڏنو جيڪي ڪجھہ پريرو پيل ھئا.

چيائين، ”منھنجا يار قوم جو مستقبل آھن ۽ توکي سمجھڻ گھرجي تہ مستقبل ڪيڏو نہ قيمتي ھوندو آھي!“

آءُ کيس ڏسندو رھيس.

ھن وات ۾ ٻچيل اخروٽ چٻاڙيو. چيائين، ”اڄ منھنجي گھر ٻاھران قانون لاڳو ڪندڙن چوڪي ٺاھي ڇڏي آھي،

چيائين،"چوريءَ ڪاٻوءِ مون هڪ پيرو وري وڏن صاحبن کي درد ڀريا گيت لکي موڪليا ۽ هنن هڪدم آرڊر ڪيو تہ هڪ ٻي چوڪي اسان جي ڪمري اندر بہ ڏاهي وڃي!"

مون کي لڳو تہ منهنجن پيرن هيٺان ڌرتي کسڪي رهي آهي، پنهنجي واتان نڪتل آواز مون کي ڪو ڏورانهون ۽ اجنبي آواز لڳو. پڇيم، "ڪمري اندر چوڪي! تنهنجي گهر ۾ تہ هڪ ئي ڪمرو آهي!"

"ها اهو تہ آهي!" بخشيءَ چيو، "پر ڪافي سامان جي چوريءَ ڪاٻوءِ اهو بہ ڪجهہ خالي خالي پئي لڳو، ٻچن جو ۽ اسان جو چاهي، اسان لاءِ رنڌڻو ئي ڪافي آهي، پر حفاظت تہ ضروري آهي نہ!"

آئون ڪيس ڏسندو رهيس. هُن هن ڀيري پنهنجو پٽئنت جملي نہ ورجايو. ڪجهہ دير خلا ۾ مڄاڻ ڇو گهوريندو رهيو ۽ پوءِ بنا ڪجهہ ڪڇئي ٻاهر هليو ويو.

پوءِ ڪافي ڏينهن گذري ويا. امام بخش ٻاڻ دوستن ڏانهن ايندو هو پر هو ڪو نہ وريو. اندر ۾ هورا ڪورا وڌي وئي ۽ هڪ ڏينهن سندس گهر ٻاهران پهتم.

در تي ڪڙڪو ڪرڻ تي هئس تہ آنند بخشيءَ جو آواز ٻڌم، "اخروٽ پيارا! هيڏانهن اچ، آئون هتي آهيان!"

منهن پوئتي ورايم تہ ڏٺم بخشيءَ قانون لاڳو ڪندڙن جي چوڪيءَ منجهان ٻاهر اچي رهيو هو."

اچرج وچان پڇيم، "تون هتي ڇا پيو ڪرين، بخشي!؟" هن مون کي ٻانهن کان جهليو ۽ گهليندو چوڪيءَ ويجهو آندو. ڏٺم تہ چوڪيءَ جي ڪليل در کي فراسيءَ سان پردو ڏنل هو.

چيائين،"آئون ۽ منهنجا ٻار هتي رهن ٿا!"

آئون پنڊ پهڻ ٿي ويس. ڪجهہ ڪڇي نہ سگهيس ۽ رڳو سندس اکين ۾ ڏسندو رهيس.

چيائين،" ڪجهہ ڏينهن اڳ چور منهنجي رنڌڻي ۾ بہ گهڙي آيا ۽ اتان هڙئي ٿانءَ وغيره چورائي ويا!"

مون فراسيءَ پٺيان ننڍڙن ٻارن جي روئڻ ۽ ڪنجهڻ جا آواز ٻڌا.

"مون وري هڪ درد ڀريو نظم لکي وڏن صاحبن ڏانهن موڪليو ۽ هنن آرڊر ڪيو تہ هڪ عدد چوڪي منهنجي رنڌڻي ۾ بہ لڳائي وڃي."

لڳم تہ آئون تتل ريگستان جي واريءَ جي شهر ۾ گم ٿي ويو هجان ۽ بخشيءَ جو آواز پڙاڏن جيان انهيءَ شور کي چيرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي.

"صاحبن جو حڪم هو، منهنجي ۽ منهنجي ٻارن جي حفاظت لاءِ چوڪي تہ ننڍي ئي هئي پر اسان جا قانون لاڳو ڪرڻ وارا ڏاڍا رحمدل آهن، هنن چيو تہ آءُ پنهنجن ٻارن سان گهر ٻاهران ننڍيل چوڪيءَ منجهہ رهي پوان."

مون بخشيءَ جي آواز ۾ سندس ٻارن جي ڪيڪن کي ريگستان جي شور ۾ هوريان هوريان دٻجندي محسوس ڪيو.

"بس هاڻي اسان هتي ئي رهيل آهيون ۽ اهي جوان ويچارا ڏينهن رات گهر جي حفاظت ڪرڻ ۾ رڌل آهن...!!"

☼.....☼.....☼

# شيطان ۽ هاري

ايس سرمد

شيطان جيڪو ازل کان انسان ذات جو دشمن آهي، جنهن رب سان صرف ان ڪري نافرماني ڪئي ته انسان کي هن کان وڌيڪ عزت ۽ احترام ڇو ڏنو ويو ۽ هن کي انسان ذات کان گهٽ عزت ۽ مرتبو مليو. شيطان انسان کي ورغلائڻ لاءِ هر حربو استعمال ڪري ٿو ته جيئن بندو خدا کان غافل ٿي وڃي. هن ڪهاڻيءَ ۾ شيطان جو ٽڪراءُ هڪ ايماندار ۽ غريب هاري سان آهي. جيڪو غربت ۽ مجبورين جي ڏيڻ ۾ قائل آهي. شيطان ان هاريءَ کي ڪيئن ورغلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو سو هن مختصر پر دلچسپ ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

**شيطان پاران هاريءَ کي آچيل ٽن خواهشن جي پورائي جي دلچسپ ماجرا**



**هڪ** ڏهاڙي شيطان گهمندي ڪنهن ڳوٺ پهتو. ڳوٺ گهمي جڏهن ٻنين جي پاسي پهتو ته ڏٺائين هڪ هاري جنهن جي عمر پنجونجاهه سالن جي هئي، پنهنجي ٻنين جي پرسان لڱل وڻ جي ڇانو ۾ پريشان ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو هو. چوڌاري خاموشي هئي. پکي به پنهنجي آکيرن ۾ گرمي جي ڪري خاموش ويٺا هئا. وڻ جي پرسان وهندڙ شاخ ۾ پاڻي جو ڦڙو به نه هو. ڪنهن صحرا جيان سڪي واري هئي.

ٻنيون ۽ ونيون ڪڏهن ڪپايون آهن ڇا؟ جو آءُ ڪپايان.“

اڄ صبح بہ پيءُ پٽ ان مسئلي تي الجهيا هئا. هاري ڪي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ان مسئلي کي ڪيئن سلجهائي، هاڻي شيطان جي ڳالهہ سندس دل کي ڇهيو هو.

”ڇا ٿو سوچين؟ ها يا نہ. جلدي ٻڌاءِ مون کي ٻيا بہ گهڻا ڪم آهن.“

”مون کي تنهنجو شرط قبول آهي، پر جڏهن ڳوٺ جا ماڻهو پڇندا تہ مون ايتري دولت ڪٿان آندي، تہ انهن کي ڇا چوندس؟“

”ڳوٺ وارن کي چئجان تہ ٻني مان سون جي ديڳ نڪتي آهي.“ شيطان ماڻهن جي پڇڻ جو مسئلو بہ حل ڪري ڇڏيو.

اوچتو هاري جي نظر ڏکڻ طرف روڊ تان ڳوٺ جي وڏيري جي ويندڙ گاڏي تي پئي. سندس اکين ۾ نفرتن جا اُلا ٻرڻ لڳا. کيس ياد اچي ويو تہ ڪيئن وڏيري جي اوطاق تي سندس ننڍي ڀاءُ خلاف ٿيندڙ فيصلي جي هن مخالفت ڪئي هئي تہ وڏيري سڄي ڳوٺ جي سامهون پيري اوطاق مان کيس بي عزتو ۽ ماري ڪڍيو هو.

ان ڏينهن هن دل ۾ پڪو پهہ ڪيو هو تہ هو ان بي عزتي جو وڏيري کان ضرور بدلو وٺندو ۽ اهو ڏينهن اڄ آيو هو.

”منهنجي پهرين خواهش آهي تہ منهنجي ڳوٺ جو وڏيرو سڄي ڳوٺ جي سامهون منهنجي پيرن تي پنهنجو پٽڪو لاهي رکي ۽ مون کان پنهنجي ڪيل غلط فيصلي ۽ زيادتي جي معافي وٺي.“

هاري جي پهرين خواهش ٻڌي شيطان حيران ٿي ويو. هن ڪروڙين ماڻهن جا روح قبضي ۾ ڪيا هئا ۽ انهن جون خواهشون پوريون ڪيون هيون، پر انهن مان ڪنهن بہ هاري جهڙي خواهش نہ ڪئي هئي.

”تنهنجي پهرين خواهش پوري نٿي ٿي سگهي. ڪا ٻي خواهش ڪر.“

”پر، ڇو؟“

”اها منهنجي وس ۾ ناهي.“

هاڻي حيران ٿيڻ جي واري هاري جي هئي.

”پر ڪو تہ سبب هوندو؟“

”پهرين ڳالهہ تہ عزت ۽ ذلت ڏيڻ خدا جي هٿ ۾ آهي. ٻيو تہ تنهنجي ڳوٺ جو وڏيرو منهنجو چيلو آهي، سندس مرڻ کان پوءِ هن جو روح منهنجو ٿيندو. مان هن کي ناراض نٿو ڪري سگهان. تون ڪا ٻي خواهش ڪر، اها مان پوري ڪندس.“

هاري جي نظر پنهنجي ٻني تي پئي.

”مان قرض وٺي ٻج ورتو آهي. شاخ ۾ پاڻي نہ هجڻ ڪري اهو بيڪار پيو آهي. منهنجي خواهش آهي تہ شاخ پاڻي سان ڀرجي وڃي.“

هاري جي ٻي خواهش بہ شيطان کي حيران ڪري ڇڏيو.

”تنهنجي اها خواهش بہ پوري نٿي ٿي سهي. تون ٻي ڪا خواهش ڪر.“

هاري وري حيران ۽ پريشان ٿي ويو.

”پر، ڇو؟“

”شاخ جو پاڻي روڪڻ وارا بہ منهنجا چيلا آهن. مان انهن کي ناراض

اسان سڀئي اهو خوب ڄاڻون ٿا ته اسان جي معاشري ۾ ان کي حد کان وڌيڪ عزت ۽ احترام ملي ٿو جنهن وٽ پيسو دولت، ڪارون ۽ بنگلا آهن. اهو ڪو نه ڏٺو ويندو آهي ته اها دولت جائز نموني ڪمائي وئي آهي يا ناجائز. ظاهري ڏيک ڏيکاءُ ۽ هٽ ٺوڪيل ڪوڙي شان ۽ شوڪت کي ئي سڀ ڪجهه سمجهيو وڃي ٿو. پيسي کي ئي سڀ ڪجهه ئي سمجهه واري سوچ ڏينهون ڏينهن اسان جي معاشري ۾ ڪينسر جيان اسان جي ذهنن کي زنگي رهي آهي. بيمار معاشري جو عڪس ڏيکاريندڙ ڪهاڻي.

# گرگٽي رنگ

## سيف الحق تنيو

**نرم گرم بحث ۽ مباحثن تي مشتمل دلچسپ احوال.**



## چار چٽا ڪچهري ڪندي.

هڪڙي چيو "لاغرض آهي، ڪنهن سان اٽي ويهي ڪو نه... نه مرڻي ۾ اچي نه پرڻي ۾...."

ٻي چيو "بي پرواهه آهي واقعي به... رستي ۾ ڪنڌ سيٽيون گذريو ويندو آهي ته ڪنهن کي سلام ناهي ڪندو!"

کي سِير ڏني وئي هجي.

اهو منظر ڏسي هيءَ تڙپي اٿي هئي ۽ خوف وچان هن کان رڙ نڪري وئي هئي. هوءَ سهڪندي سهڪندي اچي گهر پهتي هئي ۽ گهر پهچندي ئي اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳي هئي، ڄڻ هن جو ڪو ويجهو عزيز مري ويو هجي. رات جو به هوءَ سکون سان نه سمهي سگهي هئي. هر هر هن جي اکين جي اڳيان اهو ئي خوفناڪ منظر تري ٿي آيو ۽ هوءَ ڇرڪ ڀري اٿي ٿي پئي.

هوءَ پاڻ سان گڏ هڪ ننڍڙي گهر ۾ رهندي آهي هنن جو هڪ ٻئي کان سواءِ هن جهان ۾ ٻيو ڪو به ڪو نه هو. هنن جا ماءُ پيءُ ڪڏهن جو هي جهان ڏي هليا ويا هئا.

اهو به هڪ دردناڪ منظر هو، جڏهن هن جي پيءُ کي قتل ڪيو ويو هو. هو ته ان وقت ننڍڙا هئا پر ٻين جي واتان ٻڌو هئائون.

هنن جو پيءُ هڪ وطن پرست هو ۽ پنهنجي مذهب سان محبت ڪرڻ وارو ماڻهو هو. هن جي پيءُ جو لاش جڏهن گهر پهتو هو ته هن جي ماءُ جي حالت اهڙي ٿي وئي هئي جو هوءَ نه ڳالهائي رهي هئي ۽ نه روئي رهي هئي. ايئن ٿي لڳو ڄڻ هوءَ ڪو بت بنجي وئي هجي ۽ ائين ئي خاموش خاموش هوءَ هيءَ دنيا ڇڏي هلي وئي.

هن جو ڀاءُ ايمان به هڪ سچو وطن پرست ۽ مذهب سان محبت ڪرڻ وارو نوجوان آهي. هو به هميشه فلسطينين جي لاءِ يهودين سان جهيڙيندو رهي ٿو.

ايمان پنهنجي ساٿين سان گڏ شهر کان الڳ هڪڙي ويران جڳهه ۾ وينو يهودين سان جهڙپن جي باري ۾ ڳالهائي رهيو هو. اوچتو ٻاهران گاڏين جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. هو هوشيار ٿي وڃن ٿا. فوجي گاڏيون ان جڳهه کان جنهن ۾ هو وينا هئا. ٿورو پريرو گذري رهيون هيون. هو الڳ الڳ ٿي ان جڳهه کان ٻاهر نڪرن ٿا. ايمان ڏٺو ته گاڏيون اڳتي هلي بيهجي ويون هيون ۽ فوجي گاڏين مان لهي هيڏي هوڏي واجهائي رهيا هئا. ڄڻ ڪنهن کي ڳولهي رهيا هجن. ايمان پنهنجي ٿيلهي مان هڪڙي شيشي ڪڍي ٿو، جنهن ۾ پيٽرول ڀريل هو. هن شيشي ۾ هڪ وٽ ناهي وڏي ۽ ان کي ٿورو ٻاهر ڪڍي باهه ڏنائين. هن ڏٺو ته فوجي هڪ هنڌ گڏ ٿي رهيا هئا. هن اهو موقعو وڃائڻ نه ٿي چاهيو. هن نعره تڪبير چيو ۽ هٿ هوا ۾ بلند ڪري شيشي فوجين طرف اڇلائي ڇڏي. هڪ وڏو ڌماڪو ٿئي ٿو ۽ فوجي ڪنهن ڦوڪٽي جيان هوا ۾ اڏامي وڃي زمين تي ڪرن ٿا. هو پنهنجي مشن ڪامياب ڏسي خوشيءَ وچان نچڻ لڳي ٿو ۽ هن جا ساٿي به هن سان خوشيءَ ۾ شريڪ ٿين ٿا.

هو گهر ۾ داخل ٿيو ته هن جي نظر ڀيڻ نفيسا تي پئي جيڪا ماني پچائي رهي هئي.

"نفيسا ماني ته آڻي ڏي، بک لڳي آهي." هو ڀيڻ کي چوي ٿو ۽ هوءَ ماني ڪڍي اچي هن جي اڳيان رکي ٿي.

"اڄ هنن کي جهنم رسيد ڪري آيو آهيان." هو پنهنجي منهن پٽڪي ٿو.

"ڪنهن کي جهنم رسيد ڪري آيو آهين ادا!" نفيسا هن کان پڇي ٿي.

"انهن ئي اسلام جي دشمنن کي، جيڪي انسانيت جو قتل عام ڪري رهيا آهن. منهنجو وس پڇي ته انهن سيني اسلام

جي دشمنن کي ختم ڪري ڇڏيان.“ هو حقارت ڀريل لهجي ۾ چوي ٿو.

رات ڪافي گذري چڪي آهي. هوءَ ڪيتري ئي وقت کان پاءُ جو انتظار ڪري رهي آهي. الائي ڇو اڄ هن ايڏي دير ڪئي آهي. اڳ ۾ ته ڪڏهن به ايڏي دير ڪو نه ڪئي اٿائين. هوءَ دل ئي دل ۾ سوچي ٿي ۽ گهبرائجي وڃي ٿي. ڪجهه ڏينهن اڳ وارو منظر ٻيهر هن جي نظرن اڳيان گذري ٿو. هوءَ ڏڪي وڃي ٿي ۽ هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي وڃي ٿي.

اچانڪ دروازو کڙڪي ٿو. هوءَ ڊڄندي ڊڄندي اڳتي وڌي ٿي ۽ در کولي ٿي. در کلندي ئي ايمان اندر داخل ٿئي ٿو. ايمان کي ڏسي هن جي واتان رڙ نڪري وڃي ٿي. هو سڄو رت ۾ ٻاڙهو لڳو پيو هو. هن جي جسم تي رڳو گولين جا نشان هئا. هوءَ اڳتي وڌي پاءُ کي ڀاڪر ۾ آڻي ٿي ۽ اچي کٽ تي سمهاري ٿي.

ايمان ڪجهه ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر لفظ هن جي نڙيءَ ۾ ئي رهجي وڃن ٿا. نفيسا چرين وانگر ڪڏهن هيڏي ڪڏهن هوڏي ڊوڙندي رهي ٿي. هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته هوءَ ڇا ڪري!

”نفيسا!“ آخرڪار ايمان جي واتان پيڻ جو لفظ نڪري ٿو. هوءَ ڊوڙندي اچي پاءُ کي آغوش ۾ آڻي ٿي.

”منهنجي ننڍڙي پيڻ...! مان ... هاڻي ... وڃي ... رهيو.... آهيان.“ هو ڪيتون ڏئي چئي رهيو هو. هن جي تڪليف هاڻي برداشت کان ٻاهر ٿي وڃي ٿي. هو پنهنجي پيڻ جي هٿ تي هٿ رکي ٿو ۽ زور ڏئي جهلي ٻيهي ٿو، جڻ موت سان جهيڙي رهيو هجي. هن جو هٿ آهستي آهستي ڍرو ٿي وڃي ٿو ۽ نفيسا پاءُ کي سيني سان لڳائي ٿي. ڳوڙها مسلسل هن جي اکين مان وهندا رهن ٿا.

ايمان هڪ وڏو ٿڌو ساهه کڻي ٿو ۽ ڪلمو پڙهڻ شروع ڪري ٿو. هن جي جسم کي هڪ وڏو جهٽڪو لڳي ٿو ۽ هو صفا ڍرو ٿي وڃي ٿو. نفيسا روئندي روئندي اچانڪ چپ ٿي وڃي ٿي. هوءَ خالي خالي نظرن سان پاءُ جي معصوم چهري ڏانهن نهاري ٿي، جنهن تي حد کان وڌيڪ سڪون ۽ اطمينان آهي. هوءَ ناهي جوڙي پاءُ کي کٽ تي سمهاري ٿي ۽ هن جي سيرانديءَ ويهي هن جي وارن ۾ هٿ ڦيرائي ٿي، جڻ هن کي ننڊ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

ايمان کي گذاري ڪيئي ڏينهن گذري چڪا آهن. پاءُ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ هوءَ چپ چاپ پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي هوندي آهي. ڪيترن ئي ڏينهن کان هوءَ نه ته ڳالهائي سگهي آهي ۽ نه ئي وري کلي يا روئي سگهي آهي. بس، ڪجهه نه ڪجهه هر وقت سوچيندي رهندي آهي.

کٽ تي ويٺي اچانڪ هن کي ڪو خيال اچي ٿو ۽ هوءَ ٽپ ڏئي اٿي ويهي ٿي.

مون کي پنهنجي پاءُ جو رهيل ڪم پورو ڪرڻو آهي. هن جي خوابن کي پورو ڪرڻو آهي. هوءَ پنهنجي منهن ڳالهائي ٿي.

٭......٭......٭

پنهنجي فيصلي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هوءَ پاءُ جي گروپ ۾ شامل ٿي وڃي ٿي. ايئن ٿو لڳي جڻ هن جي جسم ۾ هن جي پاءُ جو روح اچي ويو هجي.

هو گڏجي ويٺا ڪنهن نئين حڪمت عملي تي سوچي رهيا هئا. ڪوئي چوي ٿو، هيئن ڪجي،ڪوئي چوي ٿو هونئن ڪجي. هوءَ خاموش ويٺي، هنن جون ڳالهيون ٻڌي ٿي.

اوچتو هن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ۽ هوءَ گهري سوچ ۾ گم ٿي وڃي ٿي. ڳالهه ذهن ۾ ايندي ئي هوءَ چپ چاپ گهر هلي اچي ٿي.

٭......٭......٭

گهر اچي هوءَ پنهنجي پسند جو جوڙو ڪڍي پائي ٿي. اکين ۾ ڪجل ۽ مٿي سان ڳاڙهي رنگ جو اسڪارف ٻڌي ٿي. هوءَ نهي سنبري اچي آئيني جي اڳيان بيهي ٿي ۽ پاڻ کي چتائي ڏسي ٿي، ڄڻ پاڻ کي آخري دفعو ڏسندي هجي، در کان ٻاهر نڪرندي هوءَ هڪ دفعو پنهنجي گهر ڏانهن نهاري ٿي ۽ يهودين جي هيڊ ڪوارٽر جو رخ ڪري ٿي.

٭......٭......٭

هوءَ لڪندي لڪندي اچي هيڊ ڪوارٽر جي گيٽ تي پهچي ٿي. فوجين جي نظر کان بچندي اندر داخل ٿئي ٿي. اندر رڳو فوجي ئي فوجي آهن. هوءَ به ته ايئن ئي چاهي پئي ته اتي وڃي جتي تمام گهڻا يهودي فوجي ۽ سربراهه موجود هجن.

اچانڪ هڪڙي فوجي هن کي ڏسي وٺي ٿو ۽ رڙ ڪري هن کي چوي ٿو،"اي ڇوڪري! هتي ڪيئن آئي آهين؟! توکي خبر ناهي ته هتي ڪنهن به فلسطينيءَ جو اچڻ سخت منع آهي."

هو اڳتي وڌي، هن کي هٿ کان پڪڙي ٿو ۽ اچي پنهنجي ڪمانڊر آڏو پيش ڪري ٿو.

هوءَ دل ئي دل ۾ خوش ٿئي ٿي. هن کي پنهنجو مقصد پورو ٿيندي نظر اچي ٿو.

ڪمانڊر هن کي حسرت ڀريل نظرن سان هيٺ کان مٿي جانچي ٿو. هاڻي چوڌاري ڪافي فوجي گڏ ٿي چڪا آهن.

هوءَ چوطرف بيٺل فوجين کي ڏسي ٿي ۽ سوچي ٿي ته هن کان وڌيڪ ڀلو ڪهڙو موقعو ٿي سگهي ٿو. هوءَ دل ئي دل ۾ ڪلمو پڙهڻ شروع ڪري ٿي ۽ پيٽ سان ٻڌل بم جو بٽڻ دٻائي ڇڏي ٿي.

هڪ زوردار ڌماڪو ٿئي ٿو ۽ هن جو جسم ٽڪرا ٽڪرا ٿي زمين تي وکري وڃي ٿو. چؤطرف قيامت جو منظر نظر اچي ٿو. رڳو رت ئي رت زمين تي ڦهلجي وڃي ٿو.

٭......٭......٭

ڪيترائي فوجي پنهنجي انجام تي پهچي چڪا آهن. هڪ طرف هن جي ڏڙ کان ڌار سسي پئي آهي. هن جي وارن سان اهو ئي ڳاڙهي رنگ جو اسڪارف ٻڌل آهي. هن جي چهري مان لڳي ٿو، ڄڻ هوءَ تمام گهري سڪون واري ننڊ ۾ ستل هجي. هن جا چپ مسڪرائي رهيا آهن، ڄڻ آزاديءَ جو هي گيت گنگنائيندا هجن.

رت ديس تنهنجي راهه ۾ ، جي ڦڙو ڦڙو ٿي وهي وڃي
تنهنجو به قرض لهي وڃي، منهنجو به نصيب ٺهي وڃي.

٭......٭......٭

هند سنڌ ۾ رهن پر پاڻ ۾ اوڊڪي ڳالهائين. ڪيترن ڪي سنڌي ڪٽي نه ايندي، اردو يا هندي نه ايندي پر اوڊڪي ضرور ايندي. پر رامچند هڪ واحد ماڻهو آهي جنهن جي ٽنهي ٻارن کي اوڊڪي نپ نٽي اچي. رامچند شاديءَ بعد يڪو آمريڪا ۾ رهيو ۽ گهٽي گهوٽي ته چا سڄي رياست ۾ ساڻن ڪو سنڌي يا اوڊڪي ڳالهائڻ وارو نه هو جنهن ڪان ٻار ڪٽي ٻڌن. پاڻ سال جا يارهن مهينا دنيا جي ٽوئر تي يا ڪنهن ڊورانهين ڏيهه ريسرچ ورڪ پنيان نتيجي ۾ ٻارن کي فليپنو آيائن سان رهڻو پيو تي يا هاسٽل ۾ جتي هنن کي ڏينهن رات انگريزي ٻڌڻي ۽ ڳالهائڻي پيئي ٿي. سو هاڻ راجيش کي رسمن لاءِ ڦقيون ۽ چاچيون سنڌيءَ يا اوڊڪيءَ ۾ سمجهائين ته ڪيس ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي. گهوٽ صاحب به پريشان ته مائٽ به. سندس وڏي ڀڦي، مهرچند جي زال پتلي جيڪا پڻ پنهنجن



"مون کي تعليم ڏيارڻ ۾ هڪ ٻيو ٻه اهم پهلو هو..اسان اوڏن جون شاديون اوڏن ۾ ئي ٿين ٿيون ۽ اهي ٻه پنهنجن ۾ نه پر ڏارين ۾. ان ڪري ڇوڪرين جي رشتي لاءِ ڪافي پرابلم رهي ٿو ته سنا ۽ پڙهيل ڇوڪرا ڪٿان آڻجن. جيئن اڄ منهنجي ڌيءَ ڪرن پڙهي ڊاڪٽر ته ٿي وئي آهي پر ظاهر آهي هڪ Suitable۽ Compitableرشتو ڪيئن ۽ ڪٿي ڳولجي جو اسان اوڏن ۾ ايترا تعليم يافته ۽ نوڪرين وارا نه آهن."

"پروفيسر بسنت يا ادا گلاب راءِ ۽ حشمت راءِ جا جو پٽ آهن." مون چيو.

"نه. اهي منهنجي ٻارن جا سوٽ ماسات يا پڦات ماروٽ ئي ته ٿيا. پروفيسر بسنت جي زال ميران ۽ منهنجي زال شانتا ڀيڻون ٿيون. حشمت ۽ گلاب راءِ وارا ان جا ڀائر ٿيا ۽ سري چند ۽ لڇمڻ جون زالون: جهمي ۽ ريکا منهنجون ڀيڻون ٿيون ۽ اسان پنهنجن ۾ شادي نه ڪندا آهيون. سو اهو ساڳيو مسئلو اسان جي سهڻي نارائڻ داس کي درپيش هو. هن پنهنجون ڌيئون اوڏن کي ئي ڏيڻ چاهيون ٿي پر سندس گهر کان سواءِ اوڏن ۾ ڪو به پڙهيل نه هو. اسين ننڍا هئاسين ته هو هڪ ڏينهن منهنجي پيءُ وٽ آيو. انهن ڏينهن ۾ نارائڻ داس ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو ۽ اسان جو پيءُ ڇتون مل هڪ عام اوڏ مزور. هن بابا کي چيو ته تنهنجا ٻار مون کي فضيلت وارا لڳن ٿا. آئون تنهنجن ٻن پٽن دودي ۽ مور کي پنهنجون ڌيئون ڏيڻ چاهيان ٿو ۽ پنهنجن ٻن پٽن لاءِ تنهنجون ڌيئون وٺڻ به چاهيان ٿو.

. ان ڳالهه کان پوءِ ته منهنجي پيءُ کي ويتر هورا کورا ٿي پئي ته ٻارن کي ضرور پڙهائڻ کپي."

"توهان پيٽارو ڪڏهن آيائو؟" مون دودي کان پڇيو.

"منهنجو ڪٽ نمبر 7035 هو يعني مون ڪئڊٽ ڪاليج 1970ع ۾ Joinڪيو ۽ 1975ع ۾ نڪتس. اڄڪلهه جو چيف منسٽر ڊاڪٽر ارباب رحيم اسان جو ڪلاس ميٽ هو. سندس ڪٽ نمبر 7199 هو."

"پيٽارو کان پوءِ ڇا پڙهيائو؟" مون دودي اوڏ کان پڇيو.

"پائيجان پيٽاروکان پوءِ مون کي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ملي وئي پر منهنجي پيءُ وٽ ايڏو پئسو نه هو جو مون کي به پڙهائي ۽ منهنجي ڀائرن کي به جيڪي پڻ هاڻ اسڪولن جي پڙهائي ختم ڪري ڪاليج ليول تائين پهچي چڪا هئا ۽ اسڪولن جون فيون ۽ڪتابن وغيره تي گهڻو خرچ ٿي آيو. نتيجي ۾ مون ميڊيڪل تان هٿ ڪڍي ڳوٺ ۾ رهي آرٽس ۾ گريجوئيشن ڪئي. ان بعد نوڪريءَ لاءِ ڏاڍو واجهايم پر نه ملي. جتي وڃان اتان جواب ملي. هڪ ڏينهن ته بيزار ٿي ٽن ڏينهن جي ملڪ جي حاڪم ۽ والي وارث ضياءُ الحق کي به خط لکيم ته "آخر اسان اقليت وارا وڃون سو وڃون ڪيڏانهن." ۽ نه فقط خط لکيم پر جنرل ضياءَ کي پوسٽ به ڪري ڇڏيم. اهو خط هن تائين نه فقط پهچي ويو پر هن پڙهي مون کي جواب به لکيو جنهن جي ڪاپي مون وٽ اڄ به موجود آهي. هن مون کي پوليس جي IG

وينس:

"توهان جي دل انڊيا ڇڏي پاڪستان اچڻ تي نٿي چوي جيڪو اسلام جي نالي تي ٺهيو آهي."

مولوي صاحب هڪ دفعو وري مون کي گهورڻ لڳو ۽ هو ڀڪ آني مان واڳونءَ جو تازو نڪتل ٻچو نه ته شتر مرغ جي تازي ڦٽل ٻچي کي ڏسڻ واري تعجب جي ليول تي مون کي تعجب مان نهارڻ لڳو ۽ پوءِ وري سواليه جواب ڪيو:

"هتي جو رهندڙ مسلمان ڇو پاڪستان اچڻ چاهيندو؟! سڪون لاءِ؟! حيرت آهي توهان ڪهڙي سڪون جي ڳالهه پيا ڪيو. توهان پاڪستاني هندن عيسائين کي ته پيا اغوا ڪريو ۽ اسلام جي نالي تي ڦاهين تي چاڙهيو پر پنهنجا مسلمان پاڻ ۾ به نٽا نهو. شيعا سني ته هڪ ٻئي کي مارين پر سني به ڏهه فرقا ناهيو هڪ ٻئي کي پيا ڪهن. ٻاهر ته نهيو پر مسجدن ۾ به نمازي پنهنجو پاڻ کي سلامت نٽا سمجهن. مرد ته نهيو پر زالون ۽ ٻار پيون ڏيڻ ڊورن وانگر اغوا ٿين ۽ پينگ تي وڪامن."

آئون ڇپ ٿي ويس پر تپندڙ باهه تي چندو هٽڻ لاءِ هڪ سوال مون وٽ ضرور هو جيڪو روزگار جو هو. انڊيا ۾ مسلمان بک پيا مرن. هندن جي حڪومت هنن کي نوڪريون نٿي ڏئي. پاڪستان خوشحال ملڪ آهي. اڄ به هندستان جا مسلمان نوڪرين ۽ پئسو ڪمائڻ لاءِ پاڪستان لڪيو لڪيو پيا اچن... پنهنجي ملڪ جي اخبارن ۽ ماڻهن کان ٻڌل ڳالهين جو اظهار مون مولوي صاحب سان ڪيو جنهن کي

هن رد.ڪندي چيو:

"نه اها ڳالهه ناهي. ڏسو نه نوڪريون ملڻ ۽ نه ملڻ جو مدار تعليم ۽ تجربي يا هنر جي ڄاڻ سان آهي. اسان مسلمان هوڻ ۾ ماضيءَ جي خوبصورت ڪارنامن ۾ مدهوش رهون ٿا. محنت ۽ پورهيو اسان کان گهٽ ٿو پڇي، پوءِ ظاهر آهي نوڪريون به ان حساب سان ملنديون. پر ان هوندي به اسان کي هتي ڪا نه ڪا نوڪري يا ڪرت ملي وڃي جو انڊيا جي ايڪانامي تيز رفتار سان متاهين تي رهي آهي. ولايتن ۾ رهندڙ انڊين توڙي غير ملڪي هتي پئسو لڳائي رهيا آهن. توهان کي تعجب لڳندو ته وينڊي توهان جي ملڪ جا ڪيترا بوري، ميمڻ، اسماعيلي ۽ هندو، گجراتي ۽ پنجابي هتي انڊيا ۾ in-vestڪري رهيا آهن. جو هتي قانون ۽ قاعدي جي سختي آهي. سيفٽي ۽ سيڪيورٽي آهي. ان کان علاوه اسان جي ملڪ انڊيا کي دنيا ۾ پاڪستان کان وڌيڪ عزت سان ڏٺو وڃي ٿو. هڪ پاڪستاني جي حيثيت سان سنگاپور، ملائيشيا توڙي يورپ، آمريڪا ۾ گهمڻ لاءِ وڃڻ به آسان ناهي. پر هڪ انڊين پاسپورٽ رکندڙ کي دنيا جي هر ملڪ ۾ نوڪري ملي وڃي. چاهي هو هندو هجي يا مسلمان. دنيا کي خبر آهي ته انڊيا ۾ تعليم جو معيار بلند آهي. انڊيا جو رهاڪو هنگامو نٿو ڪري، انڊيا جو ماڻهو دل و جان سان نوڪري ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو توهان جي ملڪ جا بزنس مين جن جون فيڪٽريون توڙي جهاز ولايت ۾ آهن پنهنجن پاڪستانين کي رکڻ

بدران انڊيا جي ماڻهن کي رکن ٿا.
اڄڪلهه جي دور ۾ انڊيا جو پاسپورٽ هجڻ هڪ سگهاري ڳالهه آهي ۽ پاڪستان جو پاسپورٽ هجڻ بدنامي ۽ خواريءَ جي علامت ٿي پيو آهي. سو انڊيا جو هڪ مسلمان ڪيئن پنهنجو وطن ۽ پاسپورٽ ڇڏي پاڪستان ايندو. هتي جي امن جو توهان ان مان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ هن مسجد کي چار گيٽ آهن. جڏهن کان ٺهي آهي اڄ ڏينهن تائين ان جو هڪ در بہ بند نہ ڪيو ويو آهي. ڏينهن رات کلي پئي آهي جيتوڻيڪ چوڌاري هندن جون آباديون آهن.

هڪ دفعو ان ساڳي مسجد ۾ سومهڻي نماز تي محمد عارف نالي هڪ نمازيءَ سان ملاقات ٿي. مون ڪائنس پئسا مٽائڻ جي جاءِ پڇي جتان آئون سني اگهہ تي ڊالر مٽائي سگهان.

"بهتر آهي ان لاءِ پراڻي دهلي هليا وڃو. جامع مسجد جي گيٽ نمبر ون وٽ ماٽيا محل آهي اتي ڪيترائي "مني چينجر" ملندا جيڪي سني اگهہ تي پئسا مٽي ڏين ٿا."

عارف ٻڌايو تہ هو ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ انٽرنيٽ جو گريجوئيٽ ۽ ڄاڻو آهي. ڪجهہ وقت هڪ فرم ۾ ڪم ڪرڻ بعد هاڻ هن Peach Technologies Pvt Ltd نالي پنهنجي ڪمپني کولي آهي. جيڪا نيو دهلي جي لڪشمي نگر جو جواهر پارڪ ۾ آهي.

نماز بعد عارف مون کان پڇيو تہ جي هلڻ چاهيان تہ هو مون کي جامع مسجد ڏي وٺي هلي جو هو هن وقت پراڻي دهلي وڃي رهيو آهي.

"هن وقت؟" مون تعجب مان پڇيو.

"هن وقت تہ رات جا ٻَ نو ٿي رهيا آهن."

"گهمڻ ڦرڻ جو مزو ئي تہ رات جو آهي. هتي جا ڪيترائي وڏا ۽ اهم ماڻهو تہ رات جو ٻارهين کان پوءِ نڪرن ٿا."

دل ۾ مون سوچيو تہ هي چوي تہ سچ ٿو. اسان وٽ بہ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪنهن زماني ۾ رات جو ٻي وڳي تائين هوٽلون دڪان کليا پيا هوندا هئا ۽ اسان رات جو دير دير تائين پيا گهمندا هئاسين نہ هو ڌپ ڊاءُ نہ چوري چڪاري. هاڻ اسان وٽ اهي سڪون وارا ڏينهن موهن جي دڙي وانگر فقط ماضيءَ جون ڳالهيون ۽ سدا بهار يادون بنجي ويون آهن. هتي انڊيا ۾ ان سڪون ۽ امن امان ڪري فارينر بہ ايندا رهن ٿا ۽ رات جو دير تائين ڇوڪريون اسڪرٽن ۽ ولولہ انگيز ٽائيٽ جينز ۾ پيون هلن پر مجال آهي جو ڪو انهن جو نالو وٺي. رستن تي ڪو پوليس وارو يا فوجي نظر نٿو اچي تہ بہ ماڻهو ڌپ ۾ آهن ۽ قانون جو احترام ڪن ٿا ڇو جو هن کي خبر آهي تہ ڏوهہ ڪرڻ بعد هنن کي ڇوٽڪارو ملڻ آسان ناهي چاهي ڪٿي هو فلم ائڪٽر سلمان خان هجي يا سنجي دت يا ڪو ٻائو ٻانيڻ.

هڪ ڏينهن مون سان گڏ دهلي جي خان بازار جو سير ڪندي گهوٽڪي جي مهرچند هتي جي امن امان جي مٿاهين ليول جو ڏيان ان مان ڇڪيو تہ سونارن جي دڪانن تي بيٺل سيڪيورٽي گارڊ بہ فقط يونيفارم ۾ آهن بنا ڪنهن پستول، بندوق يا ٻئي هٿيار جي. بلڪل هٿين

"بس تڏهن تہ پورت نٿي ٿئي. روزانو اها رکي ۽ اٿيي ماني تا کائون. ٺيڪيدار فقط اٽو وٺي ڏيندو آهي. جنهن جا پئسا پهرين تاريخ پگهار مان ڪٽي ٿو. اسان وٽ تہ ڀاڄي وٺڻ لاءِ بہ پئسو نہ آهي. ڪجهہ ڀاڄي وٺي ڏي تہ مانيءَ سان کائون."

"سياڻي آئون پنهنجي گهران توهان لاءِ ڪٽي ايندس."

"سياڻي اسان هتي نہ هونداسين. ڪم تي ويندا سين."

"شام جو تہ ايندائو نہ؟"

"ها شام جو هونداسين."

"آئون بہ شام جو ئي اچي سگهندس. پلا پگهار جا باقي بچيل پئسن جو ڇا وٺو؟"

"اهي ائين ڇٽ ٿيو وڃن." زال چيو.

"ماءُ پيءُ ڪي موڪليو؟" مون پڇيو.

"نہ. ماءُ پيءُ جيئرا نہ آهن. هو چار پنج سال اڳ گجرات ۾ آيل زلزلي ۾ مري ويا." مرد ٻڌايو.

"پوءِ باقي پئسا ڪيڏانهن ڪريو؟"

"هي دارون پيئڻ ۾ ڇٽ ڪري ٿو." زال مڙس ڏي اشارو ڪري چيو.

"بيو پلا ڇا ڪريون. غريب ماڻهو آهيون. ننڍي هوندي کان نشي جي عادت آهي. ان نشي خاطر ئي تہ پورهيو تا ڪريون."

"پلا هن جهوپڙيءَ ۾ گرمي يا ميجر تنگ نتا ڪن؟"

"سڄو ڏينهن پورهيو ڪرڻ ۽ بوتل چڙهائڻ کان پوءِ هوش ڪٿي ٿو رهي." مرد ٻڌايو.

هڪ ٻيءَ جهوپڙي ۾ رهندڙ مرد سان خبر چار دوران جيڪو نشي ۾ ٽن ٽي لڳو جڏهن پڇيم تہ توهان پاڻ کان وڏيڪ زالن کان سخت پورهيو ڇو تا وٺو تہ هن Franklyٻڌايو تہ هنن کان پورهيو نہ ڪرايون تہ ڪين ننڊ ڪيئن ايندي. اسان تہ دارون پي سمهيو رهون. هي Sexلاءِ ٻين وٽ پڇي وڃن. ٿڪل هجڻ جي صورت ۾ هو اسان کان اڳ سمهيو رهن.

هڪ ٻئي کان پڇيم تہ توهان ٻارن کي ڇو نتا پڙهايو.

"اسان کي ڪمائي ۽ پورهئي ۾ هنن جي مدد جي ضرورت آهي. پڙهائي ماڻهوءَ کي ناڪاره ڪريو ٿي ڇڏي. هونءَ بہ اسان ۾ تعليم ناهي."

"توهان ڪير آهيو؟" مون پڇيو.

"اسان چوڙا ( پنگي) آهيون. هن ٻڌايو ۽ منهنجي پڇڻ تي مون کي سمجهائڻ لڳو تہ انديا جي ذات پات جي چڪر ۾ هنن جو هيٺاهون درجو آهي. جن جو ڪم مزوري ۽ مٿاهين درجي جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي.

اها عجيب ڳالهہ آهي تہ انديا جهڙي جمهوري، طاقتور ملڪ، تعليم ۽ ٽيڪنالاجي ۾ يورپ جي ملڪن سان مقابلو ڪرڻ واري ديس ۾ اندروني طرح ذات پات جو ايڏو چڪر اجا تائين جاري آهي جتي ڪجهہ انسان جانورن کان بدتر زندگي گذارين تا. جتي Sexٻارن جي لوڊ پيدا ڪرڻ خاطر آهي. جيئن اهي وڏا ٿي سرڪاري ٺيڪيدار لاءِ Cheap work forceثابت ٿين.

( باقي آئنده مهيني پڙهندا)

☆......☆......☆



# نرگاهه

ليوگي پراندلو

سنڌيڪاره: سنڌو نوراني

انساني زندگي بہ عجيب و غريب آهي. وڌندڙ عمر سان ان ۾ جيئڻ جون اميدون مستقبل جا خواب ۽ سپنا پيدا ٿيندا آهن. انهن امنگن، اڻ ڪٽ رنگن ۽ رنگين بهارن جي ڪشش ۽ حاصلات لاءِ هو سخت محنت ڪري مشقتون ۽ ڪشالا ڪيندو آهي ۽ نيٺ وڃي سڀ ڪجهہ حاصل ڪري وٺندو آهي. پر پوڙهائپ ۾ ظالم وقت ڪيس پوءِ اهڙي بہ منزل تي ڪٺي اچي رسائيندو آهي، جنهن ۾ زندگي جا اهم رشتا زندگي ڪان منهن موڙي وڇوڙو اختيار ڪندا آهن. اهڙن بي بسي ۽ بي مقصد ڏينهن ۾ انسان پنهنجو پاڻ کي معاشري ۾ بوجهہ ۽ هڪ بيڪار وجود محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. اها حالت هر انسان سان تقريبن پوڙهائپ ۾ پيش ايندي آهي. حالت ان وقت وڌيڪ خراب ٿي ويندي آهي جڏهن باقي بچيل حقيقي رشتا بہ پنهنجون اکيون ڦيرائي ڇڏيندا آهن. ان وقت انسان منجهان زنده رهڻ جي اميد تائين ختم ٿي ويندي آهي.

## هڪ پوڙهي ماڻهوءَ جو احوال جيڪو اڪيلو ٿي ويو هو

### 1934ع ... ليوگي پراندلو

اڄ ڏينهن تائين عالمي اديب ۽ نقاد اهو فيصلو نہ ڪري سگهيا آهن تہ پراندلو وڏو ڊرامي نگار هو يا وري ڪو افساني نگار هو. هن کي 1934ع ۾ نوبل انعام ڏنو ويو.

پراندلو جو جنم سِسِليءَ (اٽليءَ) ۾ 28 جون 1867ع تي ٿيو. سندس وفات 10 نومبر 1934ع ۾ ٿي. هيءُ اٽليءَ جو رهاڪو هو. هن 1891ع ۾ بون يونيورسٽي ۾ فلسفي ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. هن ڪجهہ سال پروفيسر جي حيثيت ۾ پڙهائيءَ جو ڪم بہ ڪيو. هن جي صلاحيتن جو اظهار ڊرامن، افسانن کان علاوه تنقيد ۽ شاعريءَ ۾ بہ ٿئي ٿو.

هن جو مشهور ترين ڊرامو "سڪس ڪيريڪٽر ان سرچ آف اين آٿر" (ڇهہ



ڪردار هڪ مصنف جي ڳولا ۾) آهي. هن جي ڊرامن تي حد کان وڌيڪ فحاشيءَ جو بہ الزام لڳندو رهيو آهي. هن جا ڊرامہ عالمي ليول تي ڪلاسيڪل جو درجو رکن ٿا.

هن جا ڪيترائي ناول، ڊرامہ، مختصر ڪهاڻيون دنيا جي مختلف ٻولين ۾ بہ ترجمو ٿي چڪيون آهن پر هن جو اصلي ادبي ڪم اسٽيج ڊراما آهن. هن جو نالو صرف اٽليءَ تائين محدود ناهي پر دنيا جي ڪافي ملڪن ۾ هن کي وڏي عزت سان ڏنو وڃي ٿو. اهو چيو ويندو آهي تہ هن جو شمار ويهين صدي جي عظيم ڊرامہ نگارن منجهہ ٿيندو آهي. هن جا ڪجهہ ڊرامہ هميشہ زندهہ رهندا. هن جي ڊرامن ۾ نفسياتي ۽ فلسفي جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪيو ويو آهي ۽هن وڏي جرئت منديءَ سان معاشري جي بي رحم ۽ ظالم رشتن جي حقيقتن کي بيان ڪيو آهي.

☼....☼....☼

## لڳولڳ

ڪمري جا سيئي ماڻهو هن کان پڇڻ لاءِ آيا هئا تہ آيا هيءَ تابوت تي ڍڪ رکڻ کان پهرئين پنهنجي زال جو آخري ديدار ڪرڻ چاهي ٿو يا نہ. هيءَ هڪ وڏي ڪرسي تي ستل هو.

"ڏاڍي اونداهہ آهي. وقت ڇا ٿيو آهي." هن پڇيو.

صبح جا ساڍا نوَ ٿيا هئا پر ڪڪرن ڪري ڏاڍي گهٽ روشني هئي. جنازي ڪڻڻ جو ڏهہ وڳي جو ٽائيم رکيو ويو هو.

پادري سيني ماڻهن کي چمڪندڙ اکين سان گهوري رهيو هو.

يقين ئي نہ پئي آيو تہ ڪو هن سڄي رات ننڊ بہ ڪئي هجي. هيءَ اجا تائين ننڊ ۾ هو ۽ گذريل ڪجهہ ڏينهن کان وٺي وڏي صدمي جي ڪري هن جو دماغ مائوف ٿي ويو هو. هن جي دل اهو چاهيو پئي تہ اکين تي هٿ رکي هلڪي روشنيءَ ۾ ڪرسيءَ جي اردگرد موجود بيٺل پاڙيسرين کان پنهنجو منهن لڪائي وٺي، پر ڪافي دير تائين ننڊ سبب هن جو جسم ڄڻ ڳرو ٿي ويو هو. هن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي خواهش جاڳي پر هن يڪدم اهو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو. هن جي واتان اوچتو وڏو آواز نڪتو، "هميشہ"

هن جو لهجو اهڙو هو، ڄڻ ڪو ماڻهوءَ شرم وچان پنهنجو پاڻ مٿان چادر وجهي ستل هجي. سيئي سواليہ نگاهن سان هن ڏانهن ڏسي رهيا هئا. "هميشہ ڇا؟"

هن چوڻ ٿي چاهيو تہ ڏينهن وقت بہ هميشہ اونداهہ ئي ڇانئيل رهي ٿي پر اها ڳالهہ هن کي بي مقصد ئي لڳي. زال جي موت کان پوءِ اڳيون ڏينهن هن جي ڪفن دفن جو هو. هو هميشہ ان هلڪي روشني کي ۽ گهري ننڊ کي ياد رکندو ۽ اها هڪ حقيقت بہ هئي تہ گڏوگڏ ڪمري ۾ هن جي زال جو مڙهہ پيل هو. شايد دريون؟ جيڪي اجا تائين بند هيون، جنهن کي شايد ڪنهن کوليو ئي ڪو نہ هوندو. وڏين وڏين ميڻ بتين مان سڄي سڄي رات ميڻ ٽپڪندي رهي هئي ۽ اجا تائين ڪمري ۾ ڪجهہ گرمي بہ موجود هئي. لاش کي ڪٺ سوڏو ڪمري مان ڪٽي ٻاهر بہ آندو ويو هو. هاٿي اڃي رنگ واري ڪفن ۾ ڍڪيل سڪڙيل ۽ چار وانگر لاش گندي تابوت ۾ رکيو ويو هو.

"نہ، نہ، گهڻو ڪجهہ ٿي چڪو. مان ڊن جو منهن ڏسي چڪو آهيان." هن اکيون

پوري ڇڏيون جيڪي مسلسل ڪيترن ڏينهن تائين روئندي روئندي جلي رهيون هيون. گهٽو ٿي ويو. ننڍ ۾ گهٽو ڪجهه ڏوپجي چڪو. ڏک سان ڀريل خلا جو هڪ احساس تہ ضرور آهي پر ڏک جي چڻڀڻ گهٽ ٿي رهي آهي. بس هاڻي هي ماڻهو تابوت کي بند ڪري ڇڏين ۽ ان ۾ رکيل هن جي ڪل ڪائنات کي پنهنجي منزل طرف روانو ڪن.

"پر هوءَ تہ اڃا تائين برابر ڪمري ۾ پيل آهي." اوچتو هن جي من ۾ خيال آيو. هوءَ اتي ڪڙو ٿيو ۽ ٿاٻڙجندي دروازي طرف وڌيو. انهن هن جو هٿ جهلي ورتو. هن جون اکيون اڌ بند ٿي رهيون هيون. اُهي هِن کي کليل تابوت طرف وٺي وڃڻ لڳا. هن اکيون کولي پنهنجي مئل زال کي ڏٺو ۽ ڏک ۾ ڀريل آواز ۾ هن جو نالو وٺي هن کي سڏڻ لڳو. صرف هيءَ ئي هو، جيڪو هن کي اصلي نالي سان سڏيندو هو. گڏجي سڄي زندگيءَ جا سڀ رنگ هن جي نالي سان تہ واسطو رکندڙ هئا. هن ڪاوڙ منجهان تابوت جي اردگرد گڏ ٿيل ماڻهن تي هڪ نظر وڌي، جيڪي هن جي مئل زال کي ڏسي رهيا هئا. اهي هن عورت بابت ڇا ٿا ڄاڻين؟ اهي تہ اهو بہ اندازو نہ ٿا ڪري سگهن تہ هن کان ڪهڙي شي کسجي ويئي آهي. هن رڙيون ڪرڻ چاهيون ٿي.

هن جي حالت ۽ تاثرات ڏسي ڪري هن جو پٽ اڳيان وڌيو تہ جيئن هن کي تابوت کان پري وٺي وڃي سگهي. پٽ جو مقصد سمجهندي هڪ ٿڌي لهر هن جي جسم ۾ ڊوڙي ويئي. هن کي ائين لڳو ڄڻ هيءُ پوري ڀريل بازار ۾ الف اگهاڙو ٿي ويو هجي. هن کي پنهنجي جذباتن، ايتري قدر جو هن کي پنهنجي رات واري ڪيل ننڊ تي بہ لڄ محسوس ٿيڻ لڳي. هاڻي هن کي جلدي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن سندس انهن دوستن جيڪي جنازي سان گرجا گهر تائين گڏ هلڻ ٿي چاهيو، انهن کي گهٽ ۾ گهٽ دير تہ نہ ٿيڻ گهرجي.

"وجڻ ڏي بابا، ڪجهہ هوش کان ڪم وٺو!"

شرمندگيءَ واري پر رحم واري نظرن سان ڏکوئيل شخص وري پنهنجي ڪرسيءَ طرف وڌي ويو.

"ها، هوش تہ ڪرڻ کپي. اندر ۾ ڪڙهندڙ ڏک تي رڙيون ڪرڻ اجايو آهي. اهڙي تڪليف کي لفظن ۾ يا وري عمل ذريعي بيان نہ تو ڪري سگهجي. ان مڙس جي ڏک کان جنهن جي محبت اڃا زندهہ هجي ۽ زال وڇڙي وڃي. هن جو پٽ هن ڏک جو مقابلو نہ تو ڪري سگهي، جنهن جي لاءِ عمر جو هڪ خاص حصو يتيم ٿيڻ قطري ڳالهہ آهي. پٽ لاءِ تہ هيءُ موت سندس لاءِ وڏي اهم وقت تي واقع ٿيو هو. هو هاڻي شادي ڪرڻ وارو هو. ٿن ممينن جي سوڳ ملهائڻ کان پوءِ هو شادي ڪري ڇڏيندو. هاڻي تہ هن کي هڪ جواز بہ ملي ويو هو تہ پيءَ پٽ کي گهر گهات لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ عورت جي تہ ضرورت هئي.

"پادري، پادري!" ٻاهر واري ڪمري کان ڪو ماڻهو سڏي رهيو هو. اهو سمجهي هيءُ وڏيڪ ڏکاري ٿي پيو تہ هن جي بدران هن جي پٽ جو نالو ورتو پئي ويو. هاڻي اڄ کان پوءِ هن جو پٽ ئي خانداني نالي جو وڌيڪ حقدار هوندو. ان کان علاوه هن کي ان

# اٺ ڪڏهن سسئي!

جڏهن پنهونءَ جا پائر، رات جو چوريءَ سسئي جي پاسي مان پنهون ڪيڏي، ڪيچ روانا ٿيا. تڏهن سسئي ويچاريءَ صبح سان ڪاريءَ وارا ڪک ڏٺا. پنيور ڪي باهه ڏيئي، اڪيلي سر، پيرين پيادي، ڏونگر ڏورڻ لڳي. هڪ پنڌ اٺانگو ٻيو مسافري لنبي، تہ بہ ويچاري پنڌ ستيندي پئي ويئي. پر ڪٿي پنيور ڪٿي ڪيچ! ڪنهن سسئيءَ جي اهڙي حالت کي ڏسي ائين چيو.

مطلب آهي تہ پٿر ۾ پوني، رڻ ۾ رائي، جهر ۾ جهنگ، دڙي ۾ دنگ کي پار ڪرڻ لاءِ اٺ کپن. پيرين پيادو ڪيترو هلبو. اٺ ئي سسئي کي ڪيچ پهچائي سگهندا. چاڪاڻ تہ پنهوءَ کي بہ اٺ تي کڻي ويا هئا.

❋......❋......❋

سان ڪا بہ پراڻي يادگيري بہ اچي سگهي. نوجوان جوڙي جي زندگي الڳ ٿلڳ هئي. هو نندي سوڙهي اونداهي ڪمري ۾ پراڻي فرنيچر سان گڏوگڏ اڪثر بي چين ٿي رهندو هو. پر حيرت انگيز طور تي هن کي ائين پراڻي فرنيچر واري ڪمري ۾ اچلائجڻ تي پنهنجي اندر ۾ ڪا بہ شرمندگي محسوس نہ پئي ٿي. هن کي گهر جي نئين ترتيب پسند هئي ۽ پٽ جي ڪاميابيءَ تي اطمينان هو.

هن ۾ اطمينان جو هڪ ٻيو سبب بہ هو. هڪ ٻي زندگيءَ جي اميد. روشن ۽ رنگ برنگي زندگيءَ جي اميد، جيڪا گذريل تڪليف وارن ڏينهن جي يادن کي وساري رهي هئي. هن جي دل ۾ ڪٿي اها اميد لڪيل هئي تہ هن کي هڪ نئين زندگي ملي سگهي ٿي. لاشعوري طور تي هن کي محسوس ٿيندو هو تہ هن جي پٺ واري طرف هڪ روشن دروازو آهي ۽ هي جڏهن چاهي ان کي کولي سگهي ٿو. هاڻي جڏهن هن کي ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ هئي ۽ هن کي پنهنجي نندي ڪمري ۾ پنهنجي مرضيءَ تي ڇڏيو ويو هو. اهو اجا بہ وڌيڪ آسان لڳي رهيو هو. هاڻي هو پنهنجو پاڻ کي هلڪو ڦلڪو بہ محسوس ڪندو هو. هن جي اکين جي چمڪ هر شيءِ کي رنگ بخشيندي حيرت جا دروازا کولي رهي هئي، جڏهن هي سچ پچ ۾ وري پار تي ويو هجي. ٻارڙن وانگر زندگيءَ سان پرپور. ڪليل اکين سان هو اهڙي دنيا جو مشاهدو ڪري رهيو هو جيڪا هن لاءِ بلڪل ئي نئين هئي.

هن پنهنجو پاڻ ۾ صبح ساجهر اٿي سير ڪرڻ جي عادت وجهي ڇڏي هئي. ائين جڏهن موڪلن جي هر ڏينهن وانگر شروعات ٿي ڪئي ۽ اهي موڪلون ايترون ئي وڌيون هيون جيتريون ئي هن جي بقايا زندگي. هن جون سڀئي ذميواريون ختم ٿي چڪيون هيون. ان ڪري هن پنهنجي خرچ پکي لاءِ پينشن مان ڪجهہ رقم هر مهيني پنهنجي پٽ کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. اها رقم انتهائي ٿورڙي هئي. جيتوڻيڪ هن

کي پئسن جي تہ ضرورت نہ پوندي هئي پر هن جي پٽ جو خيال هو تہ هن کي پنهنجي خرچ پکي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ رقم ضرور رکڻ گهرجي. پر ضروريات بہ ڪهڙي؟ هن لاءِ اهو ئي اطمينان ڪافي هو تہ هي زندگيءَ جو مشاهدو ڪري رهيو هو.

هن وڏن جي دنيا جا آداب وساري چڏيا ۽ جيترو ممڪن ٿي سگهندو هو، اتان جان ڇڏرائي وٺندو هو. نوجوان ڇوڪرا هن کي تمام گهٽو پوڙهو سمجهندا هئا، ان ڪري هي ٻارڙن جي پارڪ ۾ وڃي ويهندو هو.

جيتوڻيڪ هن نئين زندگيءَ جي شروعات سائي نرم گاهہ تي هلندي ٻارڙن جي وچ ۾ ڪئي هئي. گاهہ جي خوشبوءَ ۾ عجيب جادو هو. وڻن جي پوپان وهندڙ نديءَ جو آواز ۽ پنن جي آوازن هن کي ٻڌڻ ۾ نہ ايندا هئا. اوچتو ئي اوچتو ٻارڙن پنهنجي راند کي وساري بوٽ ۽ جرابيون لاهي ورتيون. پيرين اگهاڙي تازي ۽ نرم گاهہ هلڻ ۾ ڪيڏو نہ مزو آهي!

هن بہ پنهنجو جوتو لاهي ڇڏيو ۽ مانڙي ڪري ٻيو بہ جوتو لاهي رهيو هو تہ هڪ نوجوان ڇوڪري هن جي نظرن آڏو اچي ويئي. هن جو چهرو ڪاوڙ ۾ تپي رهيو هو.

. "سوئر!" هن ٻرندڙ برساتي اکين سان چيو.

ڇوڪريءَ پنهنجي لباس جو سامهون وارو حصو جيڪو ڪنهن جهاڙيءَ سان الجهي مٿي ٿي رهيو هو ان کي هيٺ ڪيو. چو تہ پوڙهو زمين تي ويهي هن کي ڏسي رهيو هو.

اهو ٻڌي هي سُن ٿي ويو. هن ڇوڪريءَ جا سوچيو هو. هو تہ صرف ٻارڙن جي معصوم راند سان لطف اندوز ٿيڻ پئي چاهيو. جهڪي ڪري هن پنهنجا ٻئي هٿ پنهنجي اگهاڙي پيرن تي رکي ڇڏيا. آخر هن ڇوڪري هن ۾ ڪهڙي غلط ڳالهہ ڏسي ورتي هئي. جا هو هاڻي ايترو پوڙهو ٿي ويو هو جو هاڻي گاهہ تي اگهاڙي پيرين هلندين ٻارن وانگر خوشي بہ حاصل نہ ٿي ڪري سگهيو. جا پوڙهي ٿيڻ جو مطلب صرف اهو آهي تہ ماڻهو صرف برائيءَ جي باري ۾ ئي پيو سوچيندو وتي؟ جيڪڏهن هي چاهي ها تہ هڪ لمحي ۾ ٻار مان مرد جو روپ اختيار ڪري سگهيو ٿي.

هن بلڪل ٻار بنجي پنهنجا جوتا لاٿا هئا. هن بدنصيب ڇوڪري هن جي بي عزتي ڪري وڏي غلطي ڪئي هئي. ابتو منهن ڪري هيءُ گاهہ تي ليٽي پيو.

ڪافي دير ليٽڻ ڪان پوءِ هيءُ تپي، ڪاوڙجي اٿي ويٺو. ڏڪندڙ هٿن سان هن جوتا پاتا. هن جي جسم جو سڄو رت هن جي مٿي ۾ جمع ٿي ويو هو. هن جي اکين جي پوپان رت جي وهڪري ۾ گرمي اچي ويئي هئي. ها مون کي خبر آهي تہ اهڙي ڪمن لاءِ ڪٿي وڃي سگهجي ٿو. مون کي خبر آهي.

ڪجهہ دير ساهي پٽڻ لاءِ هيءُ اٿي ڪڙو ٿيو ۽ گهر طرف وڃڻ لڳو. ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٿوسيل سامان جي وچ ۾ هن کي ايئن لڳي رهيو هو تہ اهو سامان هن کي چريو ڪرڻ لاءِ رکيو ويو آهي. هن پنهنجو پاڻ کي کٽي پلنگ تي اڇلايو ۽ پيٽ طرف منهن ڪري ڇڏيو.

*.......*.......*

**سگريٽ پيئندڙ عادي ماڻهوءَ جو احوال جنهن کي آڌي رات جو سگريٽ جي هاڙ لڳي هئي.**

نشي وارين عادتن تي ڪنٽرول ڪرڻ ائين آهي جڻ بغير ساز ۽ سامان جي ڪو جبل چڙهڻ. ڪي عادتون اهڙيون ته پختيون ٿي وينديون آهن، جيڪي انسان تي ڪنٽرول ڪري ڪيس جڪڙي وٺنديون آهن ۽ انسان انهن عادتن مان ڇوٽڪارو حاصل نه ڪري سگهندو آهي ۽ نيٺ هڪ ڏينهن انهن خرابن عادتن ڪري ڪيس ناقابل نقصان ڪٽڻو پوندو آهي ۽ وڏيون تڪليفون پوگڻيون پونديون آهن. اهڙي ئي هڪ خراب، موتمار عادت تي لکيل، سوچڻ لاءِ مجبور ڪندڙ ڪهاڻي.

# نشو

بلراج منيرا

سنڌيڪار: فهيم ميمڻ



**جڏهن** هن جي اک کلي ته هُو وقت کان بي خبر هو.

هن ساڄو هٿ وڌائي بيڊ جي پرسان رکيل ٽيبل تان سگريٽ کنيو ۽ سگريٽ ڪڍي چپن تي رکي ڇڏيو.

سگريٽ جو پيڪيٽ اڇلائي هن پنهنجو هٿ وڌائي ماچيس ڳوليو.

ماچيس خالي هو.

هن ڪاوڙ ۾ خالي ماچيس ڪمري ۾ اڇلائي ڇڏيو.

خالي ماچيس ڇت سان ٽڪرائجي وڃي فرش تي ڪريو.

جان پيل پرندڙ ڪوئلو.
حلوائيءَ جي دڪان جي بينچ تي ڪو ماڻهو ڪمبل پائي ستو پيو هو.
ڪير آهي! ڇا پيو ڪرين؟
مان تندور ۾ ڪو ٻريل ڪوئلو پيو تلاش ڪريان.
چريو آهين ڇا؟ تندور تہ ٺنڍو پيو آهي.
تہ پوءِ؟
تہ پوءِ ڇا؟ گهر وڃ.
ماچيس آهي توهان وٽ؟
ماچيس؟!
ها! مون کي سگريٽ دکائڻو آهي.
تون چريو آهين! منهنجي ننڊ خراب نہ ڪر. ٽر!
تہ ماچيس ناهي توهان وٽ؟
ماچيس سيٺ وٽ هوندو آهي. هو ايندو ۽ تندور کي گرم ڪندو. هاڻي هل!
هيءُ وري روڊ تي اچي ويو.
سگريٽ هن جي چپن ۾ ٽڙڪي رهيو هو.
هن قدم وڌايا.
ڇوڏگيءَ پوئتي رهجي ويئي. تيز روشني پوئتي رهجي ويئي. ڇا .ڇا نہ پويان رهجي ويو هو.
هن جا قدم تيزي سان وڌي رهياهئا.
ليمپ پوسٽ،ليمپ پوسٽ، ليمپ پوسٽ، ڪيترائي ليمپ پوسٽ پوئتي رهجي وياهئا. هلڪي روشني وارا ليمپ پوسٽ، جيڪي رات جي اونداهي کي وڌيڪ گهرا ڪندا آهن.
اوچتو ئي اوچتو هن جا قدم بيهجي ويا.
سامهون ڪو اچي رهيو هو.
هيءُ ان جي ويجهو اچي بيهي رهيو.
ماچيس آهي اوهان وٽ؟
ماچيس؟
مون کي سگريٽ دکائڻو آهي.
نہ، مون وٽ ماچيس ناهي، مان ان بيماريءَ کان بچيل آهيان.
مان سمجهيس.
ڇا سمجهين؟
تہ توهان وٽ ماچيس هوندو؟
سگريٽ هن جي چپن ۾ ٽڙڪي رهيو هو.
هيءُ آهستي آهستي هلي ڪري ٽڪجي پيو.
وقت کان بي خبر، هن جا ٽڪيل ٽڪيل قدم اڳتي وڌي رهيا هئا.
ليمپ پوسٽ ايندا رهيا. هلڪي روشني هن کي نظر ايندي رهي ۽پوءِ اونداهي.
وري ليمپ پوسٽ، هلڪي روشني ۽ پوءِ وري اونداهي.
هن جي چپن ۾ سگريٽ دٻيل، آهستي آهستي هي وکون وڌائي رهيو هو.
هن جي اندر ۾ ڦڦڙن تائين دونهون ڇڪڻ جي طلب وڌي رهي هئي.
هن جو بدن ٿڪي ٿڪي چُور ٿي رهيو هو.
رات جي نائٽي ڊريس ۽ چادر ۾ هن کي وڌيڪ سيءُ محسوس ٿي رهيو هو.
هيءُ ڏڪي رهيو هو ۽ ڏڪندڙ وکن سان آهستي آهستي اڳيان وڌي رهيو هو.
وقت کان بي خبر، ليمپ پوسٽن کان بي خبر.
هڪ دفعو وري سندس قدم بيهجي

## عمل بي عمل

بادشاه جو دربار سجيل هو.جنهن ۾ ڪيترائي عالم سگهورا جمع ٿيل هئا.اهڙي وقت ۾ هڪ وڏو امير بادشاه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو۽جيڪو تمام گهڻ پڙهيل هو. بادشاه ان کي چيو تہ"ڪاش! تون بہ علم جي لذت کان نهہ رکين ها.ڇو تہ تمام ٿورڙو علم جاهل جي هڪ هزار سالن جي جهاد کان بہ وڌيڪ بهتر آهي."

ان امير جواب ڏنو تہ"منهنجا مالڪ,بلڪل توهان سچ فرمايو.پر اهڙي علم مان ڪهڙو فائدو جيڪو عمل جي ڪم کان اڻ واقف هجي.علم جي عمل جو مثال ايئن آهي جيئن بغير ڪنهن ماڪيءَ جي مکي ۽ ان جي مثال ان ڏئي جي برابر آهي جيڪو بين کي تہ رستو ڏيکاري پر ان روشنيءَ مان خود فائدو حاصل نہ ڪري سگهي."

ويا.

هن جي سامهون خطري جو نشان هو.

سامهون پل هئي، مرمت لاءِ وانجهايل پل.

حادثن جي بچاءَ واسطي ڳاڙهي ڪپڙي ۾ ويڙهيل لالٽين روڊ جي وچون وچ هڪ تختي سان لٽڪي رهيو هو.

هن لالٽين جي بتيءَ سان سگريت دکائڻ جي لاءِ اڃا مس قدم وڌايا تہ آواز آيو.ڪير آهي؟

هيءُخاموش رهيو.

اونداهہ ۾ هڪ سپاهي جي اڳيان ظاهر ٿيو.

چا پيو ڪرين؟

ڪجهہ نہ

مان چوان ٿو تہ چا پئي ڪيئي؟

توهان وٽ ماچيس آهي؟

مان پڇان پيو تہ تو چا پئي ڪيو ۽ تون چوين ٿو تہ ماچيس آهي.... ڪير آهين تون؟

مون کي سگريت دکائڻو آهي. توهان وٽ ماچيس هجي تہ....

تو هتي چا پئي ڪيو؟

مان لالٽين جي بتيءَ سان سگريت دکائڻ ٿي چاهيو.... توهان وٽ ماچيس هجي تہ....

تون ڪير آهين؟ ۽ ڪٿي رهندو آهين؟

مان.....

ڪٿي رهندو آهين؟

مادل ٽائون.

۽ توکي ماچيس گهرجي.... مادل ٽائون ۾ رهين ٿو.... مادل ٽائون ڪٿي آهي؟

هن گهمي اشارو ڪيو.

پري پري ٽائين، جيستائين نظر ويئي ٿي، ڪاري اونداهہ چانيل هئي.

هل مون سان گڏ ٺاڻي تي.... مادل ٽائون....؟ مادل ٽائون هتان کان ڏهہ ميلن جي مفاصلي تي آهي....

ماچيس گهرجئي نہ! ٺاڻي ۾ ملي ويندئين.

سپاهيءَ هن جي ٻانهن جهلي ورتي.

هو سپاهيءَ سان گڏ وچڻ لڳو.

ٺاڻو ان روڊ تي هو جيڪو ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتو.

هو سپاهيءَ سان گڏ ٺاڻي جي هڪ ڪمري ۾ داخل ٿيو.

ڪمري ۾ ڪيترائي ماڻهو ميز جي چوڌاري ويٺل هئا.

سگريت پي رهيا هئا.

ميز تي سگريٽ جا ڪيترائي پاڪيٽ ۽ ماچيس رکيل هئا.

صاحب! هي شخص پل جي ويجهو بيٺو هو. چوي ٿو ته ماڊل ٽائون ۾ رهي ٿو ۽ ماچيس جي رٽ لڳائي رکي اٿس.

چوڙي؟

جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو ته مان توهان جو ماچيس استعمال ڪري سگهان ٿو.... مونکي پنهنجو سگريٽ دکائڻو آهي.

ڪٿي رهندو آهين؟

ماڊل ٽائون ۾. ڇا توهان جو ماچيس ڪٽي سگهان ٿو؟

مان اجنبي آهيان! ڇا مان ماچيس....

ماڊل ٽائون ۾ ڪڏهن کان رهندو پيو اچين؟

ٽن مهينن کان! ماچيس.....

ماچيس... ماچيس جا پٽڪ... اجنبي... وچ پنهنجي گهر... نه ته بند ڪري ڇڏيندو سئين.... ماچيس...

جڏهن هو ٿاڻي کان ٻاهر آيو ته تمام ٿڪجي پيو هو.

هن ختم نه ٿيندڙ روڊ تي وري آهستي آهستي هلڻ شروع ڪيو.

هن جي نڪ "سون سون" ڪرڻ لڳي هئي ۽ هن جو بدن تتي رهيو هو.

سگريٽ پيئڻ هڪ بيماري آهي.

مون چو اها بيماري پالي آهي.

ماچيس ڪٿي ملندو؟

نه ملي ته پوءِ؟

هو وقت کان بي خبر هو. ليمپ پوسٽن کان بي خبر هو. روڊ کان بي خبر هو. پنهنجي بدن کان بي خبر هو.

هو ڪِرندو، ٿاٻڙجندو وڌي رهيو هو.

## سٺي صحت لاءِ ورزشون ڇو ضروري آهن؟

هڪ غير معمولي تبديلي دنيا ۾ جيڪا ڏسڻ ۾ آئي آهي,اها هيءَ آهي ته سڄي دنيا جا ماڻهو روز ڪيترن ئي هفتن جا ڪلاڪ سخت ورزشون ڪن ٿا.جيڪڏهن توهان جاگنگ ڪندڙ ماڻهوءَ کان ورزش ڪرڻ جو سبب پڇندا ته آيا برسات هجي يا سخت اُس, اهي ڇو ٿا لاڳيتوار ورزشون ڪن ته اهي توهان کي جواب ڏيندا ته."ان سان پنهنجو پاڻ کي بهتر محسوس ڪريون ٿا."

هن جي ڪنبندڙ وکن ۾ نشي جهڙي ڪيفيت هئي.

هو ڪجهه ساعت بيهجي ويو.

ٿوري دير لاءِ رڪيو ۽ پوءِ سنڀليو.

سنڀاليندي اڃا مس هن قدم وڌائڻ چاهيو ته......

سامهون کان ڪو اچي رهيو هو ۽ هن جا قدم ٿاٻڙجي رهيا هئا.

هو هن جي ويجهو اچي بيٺو. هن جي چپن ۾ سگريٽ ڏکي رهيو هو.

توهان وٽ ماچيس آهي؟

ماچيس؟

توهان وٽ ماچيس ناهي؟

ماچيس جي لاءِ ته مان....

هن ان جي ڳالهه ٻڌي، اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي.

اڳيان کان .... جتان کان هي آيو هو.

هن اڳيان قدم وڌايو.

اڳيان جيڏانهن کان هو آيو هو.

☼.......☼......☼

جڏهن کان هندوستاني راجائن کي پينشن ملي آهي، تڏهن کان بادشاهن جي نجومين ۽ نچڻ وارين جا رٽئي ڪري پيا آهن. ان کان پهريان نچڻ وارين ۽ بادشاهي نجومين جي خاص ڪري رياستن ۾ وڏي عزت هئي. بادشاهه انهن کي پنهنجي اکين جو ماڻڪيون سمجهندا هئا ۽ ريشمي پردن جي اندران

**هڪ نجومي جي ڪهاڻي، جنهن جي اڳڪتين شهر ۾ باهه ٻاري ڇڏي هئي.**

# اخباري نجومي

ڪرشن چندر

سنڌيڪار: جمشيد خان

**هندستان جي جادوگر ليکڪ ڪرشن چندر جي ڪلن، ٽهڪن ۽ چرچن جي ويس ۾ هڪ نجومي جي ڪٿا پيش خدمت آهي، جنهن سچ جي آڌار تي ماڻهن کي آئينو ڏيکاريو. هي ڪهاڻي جيتوڻيڪ ڪافي سال اڳ جي لکيل آهي پر ان کي پڙهڻ کان معلوم ٿئي ٿو ته وقت ته تبديل ٿي چڪو آهي پر حالتون ساڳيون ئي آهن جيڪي سال اڳ هيون. يعني اهي ئي معاشري ۾ موجود ٺڳيون فراڊ ۽ بدمعاشيون. بس رڳو چهرا تبديل ٿي ويا آهن. انوکي موضوع سان رچيل هڪ يادگار تحرير.**



مهاراڻيون . انهن کي پنهنجا هٿ ڏيکاريندڙيون هيون.اهي نرم ۽ نازڪ هٿ، جن جي گجر جهڙين آڱرين تي نيلم، پکراج، يا قوت ۾ لعل چمڪندا هئا. هڪ ڏينهن ننڍ پڻ ۾ مان به پنهنجو هٿ هڪ نجوميءَ کي ڏيکاريو هو. نجوميءَ منهنجو هٿ ڏسي چيو هو، هي بالڪ وڏو گياني ٿيندو ۽ مان نجوميءَ جو وڏو پيٽ ان جي ريشمي شيرواني ڏسي ڪري سوچيو هو ته اگر مان گياني ٿيس ته ان ئي نجوميءَ وانگر گيان ڏيان حاصل ڪندس، نه ته جيئڻ ۾ ڪوبه مزو نه آهي.

گياني ٿيڻ جي بدران مان ريلوي ڪلرڪ ٿي ويس. منهنجو سچو گيان ڏيان هن ۾ صرف ٿيندو هو ته ڪيئن پراڻن فائلن کي ڇهن مهينن تائين لڪائي رکان ۽ نون فائلن کي کولڻ کان انڪار ڪيان. هي به وڏو مشڪل ڪم هو ۽ مان ان کي ڪندو ئي رهان ها جيڪڏهن هن سال جي مهانگائي ڇيلهه نه ڀڃي ها.

مان ريلوي جي ڪلرڪي ڇڏي ڪري اخبار"ديش ڀڳت" ۾ اخباري نجوميءَ جي عهدي تي ملازم ٿي ويس. اڄ ڪلهه هر وڏي روزاني اخبار ۾ هڪ نجومي آهي جيڪو هر آچر تي علم نجوم جو حساب لڳائي، پنهنجي اخبار پڙهندڙن جي قسمت حال ٻڌائيندو آهي. ان کان پهريان ڪانگريسي ۽ سوشلسٽ اخبارن ۾ نجومي نه هوندا هئا. پر 15 آگسٽ کان پوءِ انهن ماڻهن کي به نجومين جي ضرورت پئجي وئي. انهيءَ سلسلي ذريعي مان جڏهن اخبار"ديش ڀڳت" جو اشتهار ڏٺو ته مان به درخواست موڪلي ڇڏي، جيڪا منظور ٿي وئي.

بدبختي سان مون کي علم نجوم نه ايندو آهي، پر سوچيم ته ننڍپڻ ۾ نجوميءَ جو چيو هو ته پٽ وڏو ٿي گياني ٿيندين سو اڄ موقعو هٿ اچي ويو آهي. گڏوگڏ ان ڪم کي به ڪري ڇڏيان، ريلوي جي ڪلرڪيءَ ۾ سڄي ڏينهن جي وٺ پڪڙ کان پوءِ 100 رپيا مهينو ملندا هئا، انهن مان ڇا ٿو ٿئي؟ هتي هر مهيني ساڍا ٽي سئو ملندا ۽ ڪم ڪجهه به ناهي. بس هر هفتي ستن ڏينهن جو ذائچو ناهي اخبار ۾ ڏيڻو آهي، ته جيئن پڙهندڙ ان کي پڙهي ايندڙ هفتي ۾ پنهنجي قسمت جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهن. بس ائين سمجهو ته هر مهيني چار ذائچا ۽ هڪ مهيني ڪانپوءِ پوري مهيني جو ذائچو. خاص طور انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ان مهيني ۾ پيدا ٿيا هجن...

مون پڇيو بيو ڪو ئي ڪم...؟

چيف ايڊيٽر چيو پهريان مان هي ڪم نه ڪندو هيس، صرف وطن لاءِ وڙهڻ وارن جون خبرون ڇاپيندو هيس، هاڻي وڙهڻ وارا نه رهيا آهن ته اسان ماڻهو ڇاڪيون؟ هوڏانهن"ديش سيوڪ" وڏو گورو نجومي رکيو آهي، ان سان اخبار جو وڪرو تمام گهٽو ٿي ويو آهي، هاڻي تنهنجو ڪم ڏسڻون "ديش ڀڳت" جا ڪيترا خريدار ٿو وڌائي.

مون چيو،" توهان فڪر نه ڪريو،ٻئي هفتي کان پنهنجي اخبار جي اشاعت پنجاهه هزار تي نه پهتي ته منهنجو نالو پنڊت وسونڌا نه ڪجهه بيو رکجو."

متي ۾ تيل جي مالش به ڏيندو. هن ڏينهن اگر توهان گهر کان ٻاهر نه نڪتا ته سٺو آهي، نه ته توهان جي مرضي.

خميس:- بادشاهي دربار ۾ عزت ڏيندي. ڪوئي نئون محبوب ملندو. ٻيپهريءَ جي وقت توهان بازار ۾ تاش وٺڻ ويندو ۽ پوءِ ڪنهن گاڏي هيٺيان اچي مري ويندو.

جمع:- خميس ڏينهن اگر توهان نه مئا ته جمعي ڏينهن صبح جو ناشتي تي توهان تتر جو ڪباب کائيندو ۽ جيڪڏهن توهان سبزي خور آهيو ته پوءِ منگڻ جي دال جا ڪوفتا. اخبار ۾ توهان ضرور ڪائي خبر پڙهندو جنهن کي پڙهي توهان کي صدمو رسندو، جيڪو هڪ پيگ براندي سان دور ٿي ويندو. اڄ توهان جي ننڍي ٻار جي ڇنگهه ڀڃي پوندي، نه ته ڏينهن سٺو گذرندو. توهان جي زال هڪ نئين ساڙهيءَ جي گهر ڪندي.

ڇنڇر:- توهان صبح راشن وٺڻ ويندو پر دڪان بند هوندو ڪپڙي جو ڪوپن ڪٽي ويندو پر دفتر بند هوندو. ريس ڪيڏڻ ويندو ۽ جهجها سارا پئسا هارائي ايندو. ٽرڊ ڪلاس جي ٽڪيٽ وٺي اي ڪلاس ۾ ويهندو ۽ ٽڪيٽ چيڪر توهان جو چالان ڪري ڇڏيندو پر توهان پئسا ڏئي ڇٽي ويندا، ان ڏينهن پاڙي وارن سان جهيڙي جو خطرو آهي، پر هٽ ٻڌڻ سان هي خطرو ٽري ويندو، بزنس ۾ ترقي. دل کولي سٽو ڪيڏو ۽ بليڪ مارڪيٽ ڪيو، بليڪ مارڪيٽ لاءِ تمام سٺو ڏينهن آهي.

آچر: توهان کي اوچتو دفتر ۾ گهرايو ويندو ۽ توهان جي موڪل جا سڀ پروگرام ختم ڪيا ويندا. توهان دفتر ۾ سڙندو ٻڇندو. ۽ گهر ۾ زال ۽ ٻار توهان کي گاريون ڏيندا. شام جو توهان گهر ويڃڻ وقت ٻه ڪيلا، ٻه زيتون ۽ هڪ سنگترو ضرور خريد ڪندو ۽ڪوئي بشنی توهان جا پئسا ڪڍي ويندو. پر جيڪي ماڻهو آچر ڏينهن ڄاوا آهن انهن لاءِ تمام سٺو ڏينهن آهي. اهي سئو سال تائين جيئندا، جنهن جا پهريان پنجاهه سال گهر ۾ ۽ دفتر ۾ گذرندا ۽ پويان پنجاهه سال پاڳل خاني ۾ گذرندا.

ديش ڀڳت جو پرچو جڏهن آچر ڏينهن بازار ۾ آيو ته ڏهن منٽن ۾ سڀ وڪامي ويو، هڪ ڪاپي به نه رهي. ٻئي ڏينهن اخبار جي آفيس جي ٻاهران اخبار پڙهندڙن جو انبوهه جمع هو، اهي ماڻهو دفتر کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. پر پوليس جي مدد سان حالات قابوءَ ۾ اچي ويا. چيف ايڊيٽر ۽ ٻين ايڊيٽرن ملي ڪري مون کي مار ڏني، جيتوڻيڪ هي مضمون مان توهان کي اسپتال مان لکي رهيو آهيان، توهان سمجهندا هوندا منهنجي نجومائپ غلط نڪتي، ان ڪري منهنجو هي حال ٿيو، نه سائين اهڙي ڳالهه ناهي، منهنجي نجومائپ سئو فيصد سچ نڪتي. ايڏو سچ جو ماڻهو ان کي برداشت نه ڪري سگهيا. ماڻهو اخباري نجوميءَ وٽ سچائي ڳولهڻ نه ويندا آهن، پنهنجا ڪوڙا خواب ڏسڻ ويندا آهن. منهنجي اها ئي غلطي هئي.

☆......☆......☆

تاريخ جي آئيني منجهان

*حجاج بن يوسف جو شمار دنيا جي انتهائي بي رحم ۽ سفاڪ ماڻهن منجهه ٿئي ٿو. هن اموي خاندان جي حڪومت کي بيهارڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ هر ڪنڌو ڪم ڪيو. هن اصحابين، تابعين ۽ تبع تابعين جي جانين وٺڻ کان به گريز ڪين ڪيو. حڪومت ۽ طاقت هن جي لاءِ سڀ ڪجهه هئي.*

**اسلامي تاريخ جي هڪ انتهائي سفاڪ ۽ بي رحم انسان جو احوال**

# حجاج بن يوسف

مقصود احمد قاضي



اسلامي تاريخ جي دامن کي بيگناهن جي رت سان داغدار ڪندڙ وحشي حجاج بن يوسف، طائف جي مشهور قبيلي بنو ثقيف ۾ پيدا ٿيو. تاريخ جا ڪتاب لکن ٿا ته جڏهن هو ڄائو هو ته

ڪيس کير پيارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر هن نه پيتو. آخر ڪنهن سندس مائٽن کي صلاح ڏني ته هن کي ٽي ڏينهن بکهاڙيءَ جو رت پياريو، ان بعد کير پيئندو. ائين ئي ڪيو ويو ۽ ٽن ڏينهن بعد هن کير پيئڻ



شروع ڪيو. چون ٿا ته رت جي ان ذائقي پنهنجو اثر ڏيکاريو ۽ اڳتي هلي قتل ۽ غارتگريءَ جو سبب بڻيو.

هن شروعاتي تعليم سندس پيءَ کان ورتي ۽ ان وانگر ئي مدرس ٿيو پر سياست ۾ اچڻ ۽ نالي ڪمائڻ جو شوق ڪيس دارالحڪومت وٺي ويو ۽ اتي هو عبدالملڪ بن مروان جي هڪ وزير وٽ نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ان وزير هن جي سخت گيريءَ مان فائدو وٺڻ لاءِ ڪيس پنهنجي جاگير جو نگران مقرر ڪيو ۽ ڪافي لاڀ حاصل ڪيو. تنهن هوندي به حجاج جو رويو اڪثر سندس لاءِ مٿي جو سور بڻبو رهيو.

ان دور ۾ عبدالملڪ پنهنجي فوج جي ڪارڪردگيءَ مان مايوس هو. هن فوج ۾ انتظامي تبديليون آڻڻ تي گهريون. سندس وزير وجهه وٺي حجاج کي خليفي وٽ متعارف ڪرايو ۽ ان جي سفارش تي هو فوج ۾ محتسب مقرر ٿيو ۽ فوج جو نهايت سختيءَ سان محاسبو ڪيائين. جلد ئي عبدالملڪ کي محسوس ٿيو ته حجاج مذهب ۽ اخلاق جي پرواهه ڪرڻ بنا هر وڏو قدم کڻي سگهي ٿو. تنهنڪري هو اعتماد جي قابل آهي. سندس اهو اندازو صحيح نڪتو. اڳتي هلي هو واقعي به عبدالملڪ لاءِ ڪافي ڪارائتو ثابت ٿيو. سندس صلاحيتن کي ڏسندي عبدالمڪ کيس عبدالله بن زبير رضه جي خاتمي جو ڪم سونپيو. جيڪو هن ڀرپور ڪاميابيءَ سان سرانجام ڏنو.

ابن زبير رضه. مشهور اصحابي حضرت زبير العوام بن العوام رضه جو فرزند هو. جيڪو عشره مبشره يعني جيئري جنت جي بشارت. مليل ڏهن اصحابين ۾ شامل آهي. سندس والده بيبي اسمه رضه هئي، جيڪا حضرت ابوبڪر صديق رضه جي نياڻي هئي. ان رشتي سان ام المؤمنين بيبي عائشه رضه سندس ماسي هئي. سندس ڏاڏي بيبي صفيه رضه، نبي ڪريم صه جي ڦڦي هئي. هو پاڻ به اصحابي هو ۽ کيس مديني ۾ چاول ڀهرئين مهاجر ٻار جو اعزاز حاصل آهي. سندس پيدائش کي ان لحاظ کان تاريخي اهميت حاصل آهي جو مڪي مان هجرت بعد ڪافي عرصي تائين مسلمانن ۾ ٻار پيدا نه ٿيو. ڪافرن ان سلسلي ۾ ڪافي افواهون ڦهلايون. جنهن ڪري مسلمان به وهمن جو شڪار ٿيڻ لڳا، پر آخرڪار حضرت عبدالله بن زبير رضه جي ولادت ٿي، جنهن ڪري سيني مسلمانن خوشيون ملهايون. هن کي به امام حسن رضه ۽ امام حسين رضه وانگر نبي ڪريم صه جي شفقت ۾ نندپڻ گذارڻ جو موقعو مليو. تاريخ ملت ۾ آهي ته هڪ ڀيري نبي ڪريم صه جن هڪ ڪجي پنهنجي لعاب مان ٻوڙي کيس چٽائي هئي. تاريخ خلفا ۾ مسند ابويعلي جي حوالي سان لکيل آهي ته "هڪ ڀيري نبي ڪريم صه پنهنجي ڦٽ مان وهندڙ گندو خون ڪڍي کيس ڏنو ۽ چيو ته "اي عبدالله بن زبير! هن کي اهڙي جڳهه تي وجي اچلائي اچ جتي ڪير نه ڏسي سگهي." پاڻ ٻاهر ويو ۽ اهو پي موٽي آيا. نبي ڪريم صه پڇيس ته رت ڪاڏي ڪيئي؟ پاڻ وراڻيائين ته ان کي اهڙي جڳهه تي ڇڏي آيو آهيان، جتي ڪوبه

نہ تو ڏسي سگهي." (ص 164) چون ٿا تہ متين ٻنهي واقعن جي ڪري ڪيس خدا پاران ذهانت، نيڪي، سچائي، دليري ۽ ٻيون خوبيون عطا ٿيون. سندس تقويٰ ۽ پرهيزگاري مثال هئي، جنهن ڪيس خلافت جي لائق ثابت ڪيو ٿي.

هن حضرت معاويہ رضہ ڪان پوءِ يزيد جي بعيت نہ ڪئي ۽ 64 ھ ۾ ان جي مرڻ ڪانپوءِ خلافت جو اعلان ڪيو تہ مڪي وارن هڪدم سندس هٿ تي بعيت ڪئي. مصر ۽ عراق جا علائقا سندس هٿ هيٺ هئا. عراق تي سندس ڀاءُ مصعب بن زبير رضہ بصري ۾ حڪمران هو. چون ٿا تہ يزيد جي مرڻ بعد ابن زبير رضہ جيڪا سياسي غلطي ڪئي سا اها هئي جو هن بنو اميہ جي فردن کي مروان سميت مڪي مان ڪڍي ڇڏيو. جڏهن تہ مروان سندس هٿ تي بعيت ڪرڻ لاءِ تيار هو. مروان اتان نڪري شام پهتو، جتي ٿوري ڏي ڏٺ بعد ڪيس خليفو تسليم ڪيو ويو. ان جي سڄي زندگي ابن زبير رضہ سان وڙهندي گذري.

ان ڪانپوءِ جڏهن عبدالملڪ خليفو ٿيو تہ ان بصري تي حملو ڪري وڏي ويڙهاند بعد مصعب بن زبير رضہ کي شهيد ڪرائي ڇڏيو. ان بعد حجاج کي چاليهہ هزار لشڪر سان ابن زبير رضہ جي مقابلي ۾ موڪليائين، جنهن اچي مڪي جو محاصرو ڪيو ۽ سياسي هيرا ڦيري ڪري ڪيترن ئي ماڻهن کي ڏپ ۽ لالچ ڏئي ابن زبير رضہ ڪان ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن مڪي ۾ رسد جا سڀ رستا بند ڪري ڇڏيا. نتيجي ۾ مڪي ۾ ڏڪار اچي ويو. محاصرو ڪافي مهينن تائين هليو. بک هٿي سپاهين جا حوصلا ٽوڙي ڇڏيا. جنهنڪري ٽيهہ هزار ماڻهو ابن زبير رضہ کي ڇڏي وڃي حجاج سان مليا. انهن ۾ ابن زبير رضہ جا ٻہ پٽ بہ شامل هئا. هن جنگ جو خاتمو ابن زبير رضہ جي شهادت سان ٿيو. اهو واقعو 73ھ ۾ ٿيو. هن سڄي عرصي ۾ حجاج مڪي وارن تي رسد جا رستا بند ڪرڻ ڪان علاوه ڪعبت الله تي سنگباري ڪرڻ جو مڪروه ڪم پنهنجن هٿن سان سرانجام ڏنو. يعني جڏهن شامي سپاهي ڪعبت الله تي سنگباري ڪرڻ ڪان هٻڪيا ٿي تہ هن پنهنجن هٿن سان منجنيقون هلايون ٿي. ان غليظ حرڪت سان ڪعبت الله جي عمارت کي ڪافي نقصان پهتو.

جڏهن ابن زبير رضہ شهيد ٿي ويا تہ سندن سر عبدالملڪ ڏانهن روانو ڪيائين ۽ لاش کي شهر جي چوڪ تي ٽنگائي ڇڏيائين. بيبي اسمہ رضہ جڏهن ڪانئس نعش دفنائڻ لاءِ گهريو تہ هن انڪار ڪيو ۽ چيو تہ "آئون اجا هن نظاري کي قائم رکڻ تو گهران." ڪافي ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن بيبي اسمہ رضہ جن چوڪ وٽان لنگهيون تہ پنهنجي فرزند جو لاش ڏسي چيائون تہ " ڇا اجان هن سوار جو سواريءَ تان لهڻ جو وقت نہ آيو آهي!؟" چون ٿا تہ جڏهن هن جا اهي لفظ عبدالملڪ کي پهتا تہ هن حجاج کي لاش وارثن جي حوالي ڪرڻ لاءِ لکي موڪليو، تڏهن مس وڃي لاش وارثن جي حوالي ٿيو.

ڪتاب "مناقب السادات" جي مصنف صحيح مسلم جي روايت آندي آهي

ته ته جڏهن حجاج، ابن زبير رضہ جو لاش بيبي اسمہ رضہ کي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته بيبي اسمہ رضہ چيس ته "نبي ڪريم صہ کان ٻڌو اٿم ته بنو ثقيف ۾ هڪ ڪذاب (ڪوڙو) آهي ۽ هڪ مبير (مسلمانن جو قاتل). سو ڪذاب ته ڏٺوسون (يعني مختار ثقفي) باقي مبير، سو شڪ نٿي ڪريان ته تون آهين. (صفحو 310)

حجاج جي ان سفاڪاڻي ڪارنامي مان خوش ٿي عبدالملڪ کيس حجاز جو گورنر بنائي ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح حجاز ۾ بنو اميہ جو اقتدار مضبوط ٿيڻ جو سبب پيدا ٿيو. حجاج ٻہ سال مڪي ۾ رهيو پر ان مختصر عرصي ۾ هن اهي سڀ وجود مٽائي ڇڏيا، جن جون زبانون بنو اميہ خلاف ذرو بہ ڪلي ٿي سگهيون.

ان بعد هن بنو اميہ جي خلافت لاءِ مديني وارن کان بعيت ورتي. جڏهن هن منبر تي چڙهي پهرين تقرير ڪئي ته ڪنهن بہ ان کي اهميت نہ ڏني. هن مديني وارن کي ٽن ڏينهن جي مهلت ڏني. انهن ٽن ڏينهن بعد هن ڪافي خونريزي ڪرائي، جنهن ۾ ڪيترائي جليل القدر اصحابي بہ شامل هئا. مجبورن اڪثر مديني وارن بعيت ڪئي ۽ جن نہ ڪئي تن جا ڪنڌ ڪلهن تي نہ رهيا.

علامہ شبلي نعماني "الفاروق" ۾ لکي ٿو ته "هڪ ڀيري حجاج ڪعبي ۾ خطبو پڙهائي رهيو هو. اوچتو عبدالله بن عمر رضہ اٿي چيو ته هي خدا جو دشمن آهي ڇوته هن خدا جي دوستن جو قتل ڪيو آهي. حجاج اوڏي مهل ته ڪجهه نہ ڪيو پر بعد ۾ هڪ ماڻهو مقرر ڪيو، جنهن حضرت عبدالله بن عمر رضہ جن کي زهريلي هٿيار سان زخمي ڪري ڇڏيو ۽ ان زخم ڪري سندن وفات ٿي." (صفحو 406)

عبدالملڪ جڏهن خراسان، ڪوفي ۽ بصري جي بغاوتن کان عاجز ٿيو ته هن 75هہ ۾ حجاج کي عراق جو گورنر ڪري موڪليو. حجاج فقط ٻارنهن ڄڻن سان ڪوفي پهتو ۽ ڪوفين کي شهر جي جامع مسجد ۾ گڏ ڪري نهايت خوفناڪ ۽ فصيح ۽ بليغ خطبو ڏنائين. جنهن جا ڪي جملا هتي ڏجن ٿا.

"اي ڪوفيو! مان ڏسان پيو ته ڪيترائي سر پڪل ميون وانگر ڪرڻ وارا آهن ۽ مان ڏسان پيو ته ڪيترن ئي جون ڏاڙهيون خون سان رنگجڻ واريون آهن. والله مونکي آسانيءَ سان نٽو دٻائي سگهجي. مان گوڙ ۽ شر سان نٽو ڊڄان. مان گرم ۽ سرد زماني جو پليل آهيان. امير المؤمنين عبدالملڪ پنهنجي ترڪش جي سڀ کان سخت تير سان اوهان تي وار ڪيو آهي. ياد رکو ته مان توهان جون سڀ ڏنگايون ختم ڪري ڇڏيندس.

خدا جو قسم! مان جيڪي چوندو آهيان اهو ڪري ڏيکاريندو آهيان. امير المؤمنين حڪم ڏنو آهي ته توهان ۾ پگهارون ورهايان ۽ توهان مهلب بن ابي صفره سان گڏ خارجين جي مقابلي لاءِ نڪري پئو. جيڪڏهن ڪوبہ پگهار وٺڻ کان ٽن ڏينهن بعد مونکي ڪوفي ۾ نظر آيو ته ان جي سسي اڏائي ڇڏيندس."

تقرير ٻڌي مسجد ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. ماڻهو جيڪي پٽريون نئين گورنر کي

هٽڻ لاءِ ڪٺي آيا هئا. سي سندن هٿن مان ڪري پيون. ان ڪانپوءِ حجاج پڳهارون ورهائڻ شروع ڪيون. هڪ پوڙهو عمير بن خيالي، جنهن جي بدن ۾ رعشو (ڏڪٽيءَ جي بيماري) هو، تنهن پنهنجي جاءِ تي پنهنجو پٽ موڪلڻ جي اجازت گهري. سندس درخواست حجاج قبول ڪئي پر ڪنهن ٻڌايس تہ اهو ماڻهو حضرت عثمان رضہ جي قاتلن مان آهي. تنهن تي حجاج چيس تہ "تو حضرت عثمان رضہ جي قتل وقت چو پنهنجي جاءِ تي هيو ڪو نتي موڪليو." ائين چئي ڪيس قتل ڪرائي ڇڏيائين. ان بعد ايڏا ماڻهو مهلب جي لشڪر ۾ شامل ٿيا جو پل تي هلڻ جو رستو نہ رهيو.

ان بعد بصري ۾ آيو، اتي بہ ساڳئي نموني سان تقرير ڪيائين ۽ اتي بہ هڪ پوڙهي شخص پوڙهي هجڻ جو عذر پيش ڪري جنگ تي وڃڻ کان معافي گهري تہ ان کي بہ قتل ڪرائي ڇڏيائين. اها حالت ڏسي بصري وارا بہ مهلب ڏي وڃڻ تي مجبور ٿي پيا.

جيڪي ماڻهو عمير بن خياليءَ جي قتل کي حضرت عثمان رضہ جو بدلو سمجهن ٿا، سي مهرباني ڪري ٻئي واقعي جي توجيهہ پيش ڪن. نہ تہ سمجهن تہ حجاج، عمير بن خياليءَ کي حضرت عثمان رضہ جي قاتل طور نہ پر هڪ امويءَ جي قاتل طور يا فقط پنهنجي بربريت جي جذبي جي تسڪين لاءِ قتل ڪيو هو. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ حجاج اهو قتل مسجد ۾ ڪرايو هو.

بصري ۾ حجاج، ابن زبير رضہ جي دور ۾ وڌايل وظيفا منسوخ ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان تي هڪ بااثر شخص عبدالله بن جارود اٿي بيهي ۽ چيو تہ "اهو ابن زبير رضہ جو اضافو نہ آهي، بلڪ عبدالملڪ بن مروان بہ ان کي برقرار رکيو آهي." حجاج کي اها مداخلت پسند نہ آئي. هن ابن جارود کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون بہ ڏنيون پر ان وقت مصلحت کان ڪم ورتائين. اهو معاملو آخرڪار بغاوت جي صورت ۾ ظاهر ٿيو، جنهن کي هن سختيءَ سان دبائي ڇڏيو.

عبدالرحمان بن محمد بن اشعث، عبدالملڪ جي فوج جو سپہ سالار هو ۽ سجستان ۾ رتبيل سان مدمقابل هو. "تاريخ ملت" ۾ رتبيل کي ترڪ فرمانروا ڪوٺيو ويو آهي. مولوي نورمحمد نظاماڻيءَ بہ "تاريخ سنڌ" ۾ رتبيل کي ترڪ نسل مان لکيو آهي، پر مولائي شيدائي "جنت السنڌ" ۾ لکي ٿو تہ "يادو جيڪي سنڌ تي حڪومت ڪندا هئا، انهن جو لقب "راءِ" هو، جيڪي ڪابل ۽ زابلستان تي حڪومت ڪندا هئا، تن جو لقب "رتبيل" هو، جيڪي مڪران تي حڪومت ڪندا هئا، تن جو لقب "راسل"هو. منجهانئن رتبيلن 860ع تائين عربن سان جنگيون جوٽيون. حجاج ۽ ابن اشعث جي پاڻ ۾ خلش هئي، سو جيئن ئي ابن اشعث فتوحات جي ڪم کي عارضي طور تي معطل ڪري مقبوضات تي قبضو پڪو ڪرڻ ۽ انتظامي سڌارا آڻڻ چاهيا تہ حجاج ان کي لکي موڪليو تہ دشمن سان ڪابہ رعايت نہ ڪر نہ تہ پنهنجي ڀاءُ اسحاق بن محمد کي پنهنجي جاءِ ڏي.

ابن اشعث پنهنجي فوج جي اڳواڻن جي چوڻ تي حجاج جي سامهون اچڻ جو فيصلو ڪيو ۽ رتبيل سان ان شرط تي ناهه ڪيو تہ ڪيس فتح ملي تہ ڪڏهن بہ رتبيل کان خراج نہ وٺندو. ان بعد ابن اشعث ۽ حجاج ۾ جيڪي جنگيون ٿيون، تن مان تستر واري جنگ ابن اشعث کٽي، 82ھ ۾ زاويہ جي جنگ وڏي مشڪل سان حجاج کٽي. ان بعد دير جماجم جي جنگ لڳي. ياد رهي تہ اهي گهرو لڙايون صرف ۽ صرف حجاج جي ذاتي انا جو نتيجو هيون، جن ۾ ٻنهي طرفن کان مسلمان ماريا ويا ۽ خود حجاج کي ڪافي دربدر ٿيڻو پيو.

عبدالملڪ ان اجائي گهرو ويڙهہ مان تنگ اچي ويو ۽ هن عراق وارن کي چوائي موڪليو تہ هو حجاج کي عراق مان معزول ڪرڻ ۽ عراقين کي شامين جيترا حق ڏيڻ ۽ ابن اشعث کي سڄي زندگيءَ لاءِ جنهن ملڪ جو چاهي ان ملڪ جو حاڪم بنائڻ لاءِ تيار آهي. اها حجاج جي خوشقسمتي هئي جو ابن اشعث جي فوج جي مهندارن اهي ڳالهيون نہ مڃيون ۽ بعد ۾ ڇتي ويڙهہ ڪانپوءِ حجاج کي نيٺ 83 ھ ۾ فتح ملي ۽ ڪوفي ۾ داخل ٿي بعيت وٺڻ ۽ مخالفن کي قتل ڪرڻ جو موقعو وري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان بعد رتبيل کي ستن سالن لاءِ خراج معاف ڪرڻ جي لالچ ڏئي ابن اشعث کي مارائي ڇڏيائين. ڪي چون ٿا تہ رتبيل ان کي قيد ڪري موڪليو ۽ رستي ۾ ابن اشعث خودڪشي ڪئي. ڪن وري لکيو اهي تہ هو بيمار ٿي مري ويو ۽ رتبيل فائدو وٺڻ خاطر سندس سر حجاج ڏانهن ڏياري موڪليو.

فتح بعد حجاج، ابن اشعث جي همدردن کي مارائڻ شروع ڪيو. ان سلسلي ۾ شعبي ۽ اعشيٰ جا واقعا خاص طرح ذڪر جي قابل آهن. حجاج اعلان ڪيو تہ ابن اشعث جي ساٿين مان جيڪو بہ قتيبہ بن مسلم وٽ شهر "ري" ويندو، ان کي ڪجهہ نہ چيو ويندو. ان اعلان بعد قتيبہ وٽ وڃڻ وارن ۾ عراق جو مشهور فقيہ عامر شعبي بہ شامل هو. "تاريخ ملت" ۾ آهي تہ حجاج ان کي پاڻ وٽ گهرايو. ماڻهن چيس تہ حجاج کان معافي وٺجان نہ تہ مارجي ويندين، پر هن حجاج جي جواب طلبيءَ تي هي لفظ چيا" اي امير اسان اوهان خلاف سرڪشي ڪئي پر ٿيندو اهو ئي آهي جو خدا چاهيندو آهي. خدا اوهان کي فتح ڏني ۽ ڪاميابي عطا ڪئي. هاڻي جي اوهان اسان تي ظلم ڪريو تہ اسين ان جا مستحق آهيون، درگذر ڪريو تہ اها اوهانجي مهرباني ٿيندي. (صفحو 564 ۽ 565)

سندس اهي جرئتمانداڻا جملا ٻڌي حجاج کيس معاف ڪري ڇڏيو. اهو شعبي ڪو نهايت خوشنصيب هو جو ٻئي ڀيري بہ حجاج جي تلوار جو کاڄ ٿيڻ کان بچي ويو. "مناقب السادات" سنڌي مان ان واقعي جو اختصار هن طرح پيش ڪجي ٿو تہ تہ حجاج کي ڪنهن ٻڌايو تہ شعبي، حضرات حسنين کي رسول الله جا فرزند چوندو آهي. جنهن تي حجاج هن کي گهرائي چيو تہ تون ائين چو ٿو چوين، جڏهن تہ نسل ناناڻي نک کان نہ هلندو آهي؟ سڄي دربار کي هن ڀيري شعبيءَ جو موت ڇٽو نظر اچي رهيو هو پر

هن توري دير سوچي ڪنڌ مٿي ڪٽي تقرير شروع ڪئي ۽ ٻين دليلن ڏيڻ سان گڏ هن حجاج کان رڳو اهو سوال ڪيو تہ حضرت عيسيٰ عہ ، حضرت ابراهيم عہ جو اولاد ڪيئن ٿو سڏائجي ۽ اهو بني اسرائيل ۾ ڪيئن شامل آهي؟ ڇا صرف سندن والده جي ڪري؟ سندس ان دليل حجاج کي لاجواب ڪري ڇڏيو ۽ شعبي بچي ويو. (صفحو 142)

اعشيٰ نالي مدبر ۽ شاعر بہ ابن اشعث جي لشڪر ۾ حجاج خلاف شعر لکي ماڻهن کي ڀڙڪائيندو هو ۽ چوندو هو تہ بنو ثقيف ۾ بہ ڪذاب ٿيا. هڪ مختار ۽ ٻيو حجاج. جڏهن حجاج ڪيس گهرايو تہ هو نهايت شاندار قصيدو لکي ڪٽي ويو. حجاج ڪيس چيو تہ مونکي اهو قصيدو ٻڌاءِ جنهن ۾ مونکي ڪذاب چيو اٿئي، پر هن ان قصيدي بدران نئون قصيدو ٻڌايو. سڄي دربار واهہ واهہ ڪري رهي هئي پر حجاج ان کي مارائي ڇڏيو.

حجاج خارجين جي ازارقہ واري فتني کي ختم ڪرڻ سبب مهلب مان ڏاڍو خوش هو. جڏهن مهلب ڪوفي پهتو تہ ان جي نهايت گهڻي تعظيم ڪيائين ۽ دربار ۾ ڪيس پنهنجي پرسان ويهاري چيائين تہ "اي عراق وارؤ مهلب اوهانجو آقا آهي ۽ اوهين ان جا غلام آهيو."

مهلب 83هہ ۾ مري ويو ۽ عبدالملڪ، مهلب جي پٽ يزيد کي ان جي جاءِ تي خراسان جو حاڪم مقرر ڪيو تہ حجاج، مهلب جي سنگت وساري عبدالملڪ کي ان ڳالهہ تي مجبور ڪيو تہ يزيد کي معزول ڪري. پهرين تہ عبدالملڪ انڪار ڪيو پر جڏهن حجاج گهڻو زور ڀريو تہ 85هہ ۾ يزيد کي لاهي سندس ڀئي ڀاءُ مفضل کي خراسان جو والي ڪيو. يزيد پنهنجي ڀاءُ کي چيو تہ "حجاج منهنجي مخالفت جي ڏپ کان توکي منهنجو جانشين ڪيو آهي. تون پنهنجي حڪمراني پاڻيءَ تي ليڪو سمجهہ." ٿيو بہ ائين، اڃا مفضل کي حڪومت ڪندي نو مهينا بہ ڪونہ گذريا هئا تہ ان جي جاءِ تي قتيبہ بن مسلم باهلي مقرر ڪيو ويو. اهو ڪم 86 هہ ۾ ٿيو.

اسلامي فوج سنڌ تي پهريون حملو حضرت عمر رضہ جي دور ۾ ڪيو هو. حضرت عمر رضہ پنهنجي جاسوس کان هن علائقي بابت خبر پڇي. ان جواب ڏنو تہ: ماءَ ها وَ شل، وَ تمرها دقل، ولصها بطل. ان قل الجيش فيها ضاعو وَ ان ڪثروا جاعوا" (يعني تہ هتي پاڻي گهٽ آهي ۽ ڪجور بی مزه آهي ۽ چور دلير آهي. جيڪڏهن فوج توري هوندي تہ ضايع ٿيندي، پر جي گهڻي هوندي تہ بک مرندي.) ان رپورٽ بعد حضرت عمر رضہ وڌيڪ اڳتي وڌڻ کان پاسو ڪيو پر ڪجهہ عرصی بعد عثمان بن ابي العاص ثقفيءَ، خليفي جي منع جي باوجود سنڌ تي ٽي حملا ڪيا، جنهن تي حضرت عمر رضہ سخت ناراض ٿيو. (الفاروق، ص 157) تاريخ لکي ٿي تہ محمد بن قاسم جي حملي کان اڳ عربن پاران سنڌ تي چوڏنهن حملا ڪيا ويا هئا. هن ڀيري حملي لاءِ جيڪی بهانا ڪيا ويا سي هي هئا.

1. ديبل جي ڪن ڌاڙيلن عربن جي عورتن ۽ ٻارن کي قيد ڪيو.

2. راجا ڏاهر پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪئي.

3. ٻڌ ڌرم وارن ۽ ٻين غير برهمڻن سان ظلم ڪيو ويو.

4. راجا ڏاهر وڏو عياش هو.

5. عربي حڪومت جي حدن سان راجا ڏاهر ڇيڙڇاڙ ڪئي.

هن دور جا ڪافي جديد مؤرخ هن نتيجي تي پهتا آهن ته اهي سمورا الزام دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ هئا. نه ته انهن ۾ ڪابه صداقت ڪانه هئي ۽ حجاج بن يوسف پاران سنڌ تي ڪاهه ڪرائڻ جو سڌو سنئون مقصد هتي جا خزانا ميڙي چونڊي کڻي وڃڻ هو.

"چچ نامي" جي حوالي سان حجاج جو سنڌ ڏانهن ميريءَ اک جو هڪ واقعو نوٽيس ۾ آڻڻ ضروري آهي ته. "بني تميم جي هڪ ماڻهوءَ يزيد بن ڪنانه ڪان روايت آهي جنهن چيو ته مون پنهنجي پيءُ کان ٻڌو. جنهن چيو ته مان هڪ ڏينهن حجاج وٽ هوس جو محمد بن قاسم کي چيائين ته "اي سوٽ توکي وڏي درجي تي رسائڻو اٿم. جيڪي به ڪم هجيئي ته مونکان گهر." محمد بن قاسم چيو ته "مونکي بادشاهه بنائي ۽ پنهنجي نياڻي مونکي ڏي." حجاج جي. هٿ ۾ لڪڻ هو سو سندس مٿي ۾ هڻي سندس پڳ ڊاهي وڌائين ۽ ٻئي پيري پڇيائينس " جيڪا گهرج هجيئي سا گهر." هن وري به ساڳي ڳالهه ورائي چئي. حجاج اهو لڪڻ ورائي ٻيو ڀيرو محمد بن قاسم کي مٿي ۾ هنيو. وري ٽيون ڀيرو چيائينس،"جيڪا گهرج هجيئي سا گهر ۽ جيڪو دل ۾ اٿئي سو چئه." محمد بن قاسم وري به سندس نياڻي گهري. حجاج چيو ته "توکي انهيءَ شرط تي ڏيندس ته جڏهن وڏو ٿيندين ۽ شاهه ٿيندين ته لشڪر ساڻ ڪري فارس يا هند تي ڪاهيندين. اتي جو مال حاصل ڪندين ۽ انهن ملڪن کي فتح ڪري قبضي ۾ آڻيندين (ص 275 کان 276).

اتي اهو به ياد رکڻ گهرجي ته خليفو ڪنهن به طرح سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ راضي نه تي ٿيو. ڇوته هو سنڌ جي جاگرافيائي حالتن ۽ اجائي خرچ ۽ افرادي قوت جي ڪميءَ جو بخوبي اندازو لڳائي سگهيو پئي پر آخرڪار حجاج پنهنجي ذاتي خواهش جي تڪميل لاءِ ان شرط تي خليفي کي راضي ڪيو ته هو هر حال ۾ فتح حاصل ڪندو ۽ گهٽ ۾ گهٽ خرچ جي چوٽين پٽيءَ جيتري رقم جلد خزاني ۾ جمع ڪرائيندو. تڏهن خليفو مس مس راضي ٿيو. ان ڪانپوءِ هن سنڌ تي لشڪر ڪشي ڪرائي. جنهن ۾ محمد بن قاسم کي ڪاميابي حاصل ٿي. جنهن مختلف حڪمت عملين ذريعي ڪيترائي مقامي ماڻهو هٿ ڪيا ۽ انهن جي مدد سان سنڌ فتح ڪئي ۽ هتي جا خزانا لٽي، مال جو پنجون حصو (خمس) حجاج کي موڪليائين ۽ ٻيو فوج ۾ ورهايائين. حجاج اهو خزانو ڏسي خوشيءَ ۾ چيو ته "شفينا غيضنا، وادرڪنا، وازددنا ثارنا. وازددنا ستين الف الف درهم وراءِ سر داهر" (يعني اسان پنهنجي ڪاوڙ کي وساريو ۽ انتقام ورتو. ان ڪانسواءِ ڇهه ڪروڙ درهم ۽ ڏاهر جو سر نفعي ۾ مليو.)

محمد بن قاسم جي فوج اها دولت نہ صرف مندر لٽي حاصل ڪئي هئي بلڪ عورتن جي گلي جا هار ۽ هٿن جا ڪنگڻ بہ زوريءَ لهرائي ورتا هئا. جيئن چچ نامي ۾ چاٽايل آهي تہ "پوءِ محمد بن قاسم بتخاني ۾ آيو. ڪن ماڻهن بتخاني ۾ پناھ ورتي هئي ۽ در بند ڪري پاڻ ساڙڻ چاهيائون ٿي. در ٽي بہ ماڻهو هئا، تن کي ٻاهر ڪڍي قتل ڪيائون. ست سؤ سهڻيون ٻانهيون، جيڪي مندر جي بت جي خدمت ۾ رهنديون هيون، تن سيني کي جڙائدار زيورن ۽ زرين لباسن سميت گرفتار ڪيائون ۽ جيئن هزارن ماڻهن ۽ کي چون ٿا تہ سون ماڻهن (قلعي ۾) اندر اچي انهن جا زيور لاٿا." (صفحو 152)

تاريخ جا ڪتاب لکن ٿا تہ هن صرف امن جي حالت ۾ جيڪي قتل ڪرايا انهن جو تعداد سوا لک هو. جنگين ۾ ڪرايل قتل اجا الڳ آهن. شيخ سعدي جي "گلستان" ۾ هڪ حڪايت آهي تہ "هڪ دفعي بغداد ۾ هڪڙو بزرگ اچي پهتو، جنهن جي دعا جلد قبول پوندي هئي. ان وقت بغداد جو حاڪم مشهور ظالم حجاج بن يوسف ثقفي هو. ان جڏهن بزرگ جي اچڻ جي خبر ٻڌي، تڏهن دعوت ڏئي بزرگ کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ عرض ڪيائين، "اي درويش! منهنجي حق ۾ ڀلائيءَ جي دعا گهر!"

بزرگ ان وقت هٿ کڻي دعا گهري، "اي الله! تون حجاج کي موت ڏي، هن جو ساھ ڪڍ!"

اهو ٻڌي حجاج رڙ ڪئي، "خدا جي واسطي چڱي وائي ڪڍو!"

بزرگ چيو، " ان ۾ تنهنجي ۽ عام مسلمانن جي چڱائي آهي." (ص 51)

"بوستان سعدي" ۾ هڪ نيڪ مرد جي حڪايت آهي تہ ان حجاج بن يوسف جي تعظيم نہ ڪئي. ان ڪري حجاج ۽ ان جا درٻاري ان کي گهورڻ لڳا. حجاج ڪاوڙ ۾ جلاد کي چمڙو پٽ تي وڇائي ان تي ريتي وجهڻ جو حڪم ڏنو ۽ چيو تہ ان نيڪ مرد کي قتل ڪيو وڃي. نيڪ مرد حجاج جو حڪم ٻڌي پهرين کليو ۽ پوءِ رنو. حجاج تعجب کان روئڻ ۽ کلڻ جو سبب پڇيس. ان وراڻيو تہ آئون کليس ان ڪري جو دنيا مان مظلوم پيو وڃان، تو وانگر ظالم ٿي نہ ۽ رنس ان ڪري جو جيئن ٻارن جو واحد سهارو آهيان، جيڪي مونکان پوءِ تباھ ٿي ويندا. ان وقت هڪ مصاحب بہ حجاج کي درگذر ڪرڻ جي گذارش ڪئي پر حجاج نہ مڃيو ۽ ان کي مارائي ڇڏيو. (صفحو 37-38)

مٿيون ٻئي روايتون آهن تہ حڪايتون، جن جي شايد تاريخي اهميت ڪانہ آهي پر چوندا آهن تہ "خلق جي زبان کي نقارہءِ خدا سمجهو." سو هڪ طرف تاريخ ۾ حقيقي واقعا درج آهن تہ ٻئي طرف هي حقيقي واقعن جا پڙاڏا ئي آهن، جيڪي حجاج جي ظالم هئڻ جي گواهي ڏين ٿا. ابن اثير کان روايت آهي تہ حسن بصري رحہ اڪثر چوندو هو تہ مون حضرت علي رضہ کي منبر جامع ڪوفہ تي هيءَ دعا گهرندي ٻڌو تہ "اي الله! مون هنن ماڻهن کي رازدار ڪيو پر انهن مون سان خيانت ڪئي. مون انهن سان خير خواهي ڪئي پر هنن مونکي دوکو ڏنو. اي الله!

انهن تي بنو ثقيف جي کنهن غلام کي مسلط ڪر جو انهن جي مال ۽ جانين جو فيصلو جاهليت سان ڪري (يعني ظلم سان)" حسن بصري رحہ وري چيو تہ "والله! حضرت علي رضہ ظالم جون جيڪي صفتون ٻڌايون، اهي سڀ حجاج ۾ موجود هيون." (تاريخ ملت صفحو 634)

آخرڪار هي وحشي قاتل 95 ھہ ۾ 54 سالن جي عمر ۾ پيٽ ۾ ڪينئان ٿيڻ ۽ بدن ۾ ڏڪٽي لڳڻ سبب نهايت ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ مري ويو. هن جي موت کان هڪ سال بعد وليد بن عبدالملڪ بہ گذاري ويو ۽ سليمان تخت تي ويٺو. چون ٿا تہ حجاج ۽ قتيبہ بن مسلم باهليءَ ڪوشش ڪئي هئي تہ وليد، سليمان کي وليعهديءَ تان هٽائي. وليد بہ ائين چاهيو ٿي پر ان ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو. حجاج کي خطرو هو تہ اگر وليد هن کان اڳ گذاري ويو تہ سليمان کيس هرگز نہ بخشيندو. اها سندس خوش قسمتي هئي جو هو وليد کان اڳ مري ويو. باقي سليمان سندس خارون سندس مائٽن مان ڪڍيون. اهو هو حجاج جي ڪرتيءَ جو ڦل. ٻئي طرف پاڻ جڏهن مرض الموت ۾ مبتلا ٿيو تہ کيس خدا ياد اچي ويو. آخري ڏينهن ۾ سندس اندر جي ڪمزوري ٻاهر اچي وئي. هو پنهنجا گناهہ ٻڌائي، قبر ۽ عذاب جون ڳالهيون ڪري پاڻ بہ روئيندو هو ۽ ٻين کي بہ پيو روئاڙيندو هو.

هڪ دفعي حسن بصري رحہ عيادت لاءِ وٽس آيو تہ ان سان پنهنجي تڪليف جو ذڪر ڪيائين. جنهن تي ان چيس تہ "مون توکي ڪيڏي منع ڪئي هئي تہ نيڪن کي نہ ستاءِ پر افسوس تو نہ مڃيو."

چون ٿا تہ هڪ ڀيري سندس ماءُ کي روئندو ڏسي پڇيائين تہ "امان ڇو پئي روئين؟"

چيائينس تہ "پٽ تو سچي عمر ظلم ڪيا آهن، سوچيان پئي تہ تنهنجي بخشش ڪيئن ٿيندي!"

موت جي بستري تي ابو منذر يعلي بن مخلد سندس عيادت لاءِ آيو ۽ پڇيائينس تہ "اي حجاج! موت جي سڪرات ۽ سختين ۾ تنهنجو ڇا حال آهي؟"

حجاج جواب ڏنو تہ "اي يعلي! شديد مصيبت، سخت تڪليف، ناقابلِ بيان الم، ناقابل برداشت درد، ڏکهو سفر، سامان گهٽ آهي، منهنجي هلاڪت (لازم آهي)، اگر هن جابر ۽ قهار مونتي رحم نہ ڪاڏو تہ:"

تنهن تي ابو منذر چيس تہ "اي حجاج! خدا پنهنجن انهن بندن تي رحم ڪائي ٿو جيڪي رحمدل ۽ نيڪ نفس هوندا آهن. خدا جي مخلوق سان ڀلائي ۽ محبت ڪندا آهن. آئون شاهدي ٿو ڏيان تہ تون فرعون ۽ هامان جو ساٿي هئين. ڇوتہ تنهنجي سيرت بگڙيل هئي. تو پنهنجي ملت کي ڇڏي ڏنو، راهہ حق کان ڪٽجي ويو هئين، صالحن جي طور طريقي کان پري ٿي ويو هئين. تو نيڪ انسان قتل ڪري انهن جي جماعت فنا ڪري ڇڏي. تابعين جون پاڙون ڪٽي ڇڏيون. افسوس تو خالق جي نافرمانيءَ ۾ مخلوق (خليفي) جي اطاعت ڪئي. تو خون جون نديون

وهايون، جانيون ورتيون ۽ هٺ ۽ زور جو طريقو اختيار ڪيو. تو نہ پنهنجو دين بچايو ۽ نہ ئي دنيا حاصل ڪئي. مروان جي خاندان کی عزت ڏني پر پاڻ ڪي ذليل ڪيو. اڄ تنهنجي لاءِ نجات آهي نہ فرياد، ڇوتہ اڄ جي ڏينهن ۽ ان ڪانپوءِ جي ڏينهن کان غافل هئين. تون هن امت لاءِ مصيبت ۽ قهر هئين. الله جا هزار هزار شڪر جنهن تنهنجي موت کي امت لاءِ راحت ڪيو ۽ توکی مغلوب ڪري ان جي آرزو پوري ڪئي."

اهي لفظ ٻڌي حجاج مبهوت ٿي ويو ۽ روئي آسمان ڏي ڏسي هڪ شعر پڙهيائين، جنهن جو مفهوم هي آهي "اي رب بندن مونکي نااميد ڪيو آهي. حالانڪ مان تو مان وڏي اميد رکان ٿو." ائين چئي هو مري ويو.

ابوالڪلام آزاد لکي ٿو تہ "جڏهن حجاج جي مرڻ جي خبر حسن بصري رحہ ۽ عمر بن عبدالعزيز رحہ کي پئي تہ ٻئي سجدی ۾ ڪري پيا ۽ چيائون تہ هن امت جو فرعون مري ويو."

اتي حجاج جي ڪهاڻي ختم ٿي. تاريخ لکندڙ اڪثر مصنفن حجاج جا ڪارا ڪارناما ٻڌائي آخر ۾ ڪيس سنڌ منتظم ۽ قرآن تي اعراب لڳرائي نو مسلمن تي احسان ڪندڙ لکيو آهي ۽ سندس ذات جي ڪن انفرادي خوبين کي بيان ڪري ڪيس چڱو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن تہ انهن ئي ڪتابن ۾ نهايت چٽن لفظن ۾ لکيل آهي تہ حجاج جو دين ۽ مذهب صرف ۽ صرف وقت جي حڪمران جي اطاعت گذاري ڪرڻ ۽ سندس هر جائز ۽ ناجائز ڪم ڪرڻ هو. حاڪم جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ هن اصحابي سڳورن کي بہ قتل ڪرايو. سلطنت مان بغاوتون بہ ختم ڪيون تہ مملڪت جون حدون بہ وڌايون ۽ جتی رهيو اتي تلوار تہ هميشہ مياڻ مان ٻاهر رکيائين پر زبان سان بہ تلوار جو ڪم ورتائين. هو دوستي ۽ محبت جي جذبن کان اڻواقف هو. قرآن تي اعرابون لڳرائڻ جو ڪم بہ هن خليفي جي ذاتي شوق تحت ڪرايو هو. ان ۾ سندس ذاتي دلچسپيءَ نہ هئي. جيستائين انتظامي طرح مڪمل ڪنٽرول جو سوال آهي تہ هن مخالفن جا ڪنڌ لٽي واقعي بہ انتظام بهتر بنايو. باقي پنهنجن علائقن ۾ سڌارا آڻڻ ۽ ماڻهن جي زندگي بهتر بنائڻ ڏانهن هن ڪڏهن بہ ڌيان نہ ڏنو. بلڪ اهڙن ڪمن کي ناپسند ڪري ختم ڪيو. جيئن ابن زبير رضہ جي دور جا وظيفا گهٽائڻ يا ابن اشعث کي انتظامي سڌارا آڻن کان روڪڻ ۽ خانہ جنگيءَ جي صورتحال پيدا ڪرڻ ان جا مثال آهن.

الفاروق ۾ معجم البلدان جي حوالي سان لکيل آهي تہ "عمر بن عبدالعزيز رضہ اڪثر فرمائيندو هو تہ حجاج تي خدا لعنت ڪري، ڪمبخت کي نہ دين جي خبر هئي نہ دنيا جي. عمر بن الخطاب رضہ عراق مان ڏهہ ڪروڙ اناويهہ لک درهم محصول وصول ڪيو. زياد ڏهہ ڪروڙ پنج لک ۽ حجاج جبر ۽ ظلم جي باوجود صرف ٻہ ڪروڙ اٺ لک وصول ڪيا." (صفحو 203)

هن ظالم حجاج تہ هٺ نوڪئي

قانون تحت نومسلم رعايا کان بہ جزيو اوڳاڙيو ويو ۽ ملڪ تي بيون بہ کيتريون ڍلون مڙهيون ويون جن کي هلالي سڏبو هو. (جنت السنڌ (ص 192). اها روايت آخر حضرت عمر بن عبدالعزيز اچي ختم ڪئي.

ابن خلدون لکي ٿو تہ "حجاز جو هڪ بدوي عبدالملڪ وٽ آيو. عبدالملڪ ان کان حجاج جي باري ۾ پڇيو. هن سمجهيو تہ هو حجاج جي تعريف ڪندو پر بدويءَ چيو تہ "مون ان کي بي پهچ ماڻهن تي ظلم ڪندي ڏٺو آهي. اگر اهو ئي حسن انتظام ۽ سياست آهي تہ بيشڪ هو هڪ سٺو سياستدان ۽ منتظم آهي." (مقدمہ ابن خلدون ص 385)

ڪي دوست چون ٿا تہ جيئن تہ حجاج آخر ۾ توبہ تائب ٿيو هو، ان ڪري سندس شخصيت تي ايڏي تنقيد نہ ڪئي وڃي. هونئن بہ هن جيڪي ڪيو هوندو، تنهنجو بدلو ڪيس خدا ڏيندو پر منهنجي خيال ۾ اهي خود ظالمن جا اختيار ڪيل طريقا آهن تہ جيئن ڪانئن پوءِ ڪين بري نيت سان ياد نہ ڪيو وڃي. حقيقت ۾ چڱن ماڻهن جا چڱا عمل ان ڳالهہ جي تقاضا ڪندا آهن تہ آخرت ۾ ڪين خدا جي رحمت ۾ جڳهہ ملي ۽ دنيا ۾ جڏهن بہ ياد ڪيا وڃن تہ چڱيءَ راءِ سان ياد ڪيا وڃن. حضرت عمر بن عبدالعزيز رضہ اموي هو. خلافت کان پهرين سٺن ڪپڙن پائڻ ۽ عطر لڳائڻ جو شوقين هو. خلافت ملڻ کانپوءِ خدا جي خوف کان اهي بي ضرر شوق بہ ڇڏي ڏنائين ۽ زهد ۽ تقويٰ جا مثال قائم ڪري ڇڏيائين. اڄ جا عالم ۽ تاريخدان سڀني اموي بادشاهہ تي تنقيد ڪري ويندا پر حضرت عمر بن عبدالعزيز رحہ تي ڪير آگر بہ نہ کڻندو. سندس ڪردار ماڻهن کي نيڪي ۽ سچائيءَ جي تلقين ڪري ٿو. ٻئي طرف ظالم جو ظلم ان ڳالهہ جي تقاضا ٿو ڪري تہ امت کي انهن جي ڪڌن ڪرتوتن جي خبر پوي. ان جي انجام مان بيا ظالم سبق پرائين. نمرود ۽ فرعون جو ذڪر بہ ان لاءِ ئي ڪيو ويندو آهي. ان سان عوام کي بہ يقين ٿيندو تہ جڏهن خدا ڪنهن کي ڏکڻي رسي ڏئي ٿو تہ ان کي ڇڪڻ جو اختيار خدا پاڻ وٽ ئي رکي ٿو. مقولو مشهور آهي تہ "مظلوم جو الله آهي" ۽ "الله وٽ دير آهي پر انڌير نہ آهي." هونئن بہ خدا " حقوق الله " معاف ڪرڻ جو حق پاڻ وٽ رکيو آهي پر "حقوق العباد" معاف ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو حق ماڻهن کي ڏنو آهي. ان تناظر ۾ ڏسجي تہ حجاج جي توبہ زاري سندس بخشش جو سبب نہ پر ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ ظالم جي متان الله آهي. جنهن جي اڳيان آخرڪار ان کي بيوس ٿيڻو آهي. اهو ئي سوچي اصحابين، تابين ۽ تبع تابعين، حجاج کي منهن تي ظالم چيو. تاريخدانن ان کي ظالم لکيو ۽ اسان تائين ان جي ظلمن جو قصو پهتو. هاڻي اهو اسانجو ئي فرض آهي تہ اهي ڳالهيون پاڻ کانپوءِ وارن کي بہ سبق ڏيڻ لاءِ لکي وڃون تہ جيئن اهي بہ ظلم ڪرڻ کان پاڻ بچائي سگهن ۽ خدا ۾ پنهنجو ايمان پختو ڪري سگهن.

☆......☆......☆

## اُتم کيتي، وڌنڌڙ واپار،
## نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار

مطلب آهي تہ کيتيءَ کي اول نمبر، واپار کي ٻئي نمبر، نوڪريءَ کي ٽئين نمبر ۽ پنڻ کي چوٿين نمبر يعني بيڪاريءَ ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

چون ٿا تہ هڪڙي زميندار کي ڪا پٽر جي پٽي هٿ اچي ويئي، جنهن تي اها عبارت نقش ٿيل هئي. آزمائش خاطر، انهيءَ زميندار، تمام گهڻي زمين آباد ڪئي، مگر پاڻ ڪڏهن بہ پوک جي نظر داري ڪا نہ ڪيئين. اٽلو عيش عشرت ۾ وقت گذارڻ لڳو. اهو بہ نہ ڏٺائين تہ پوک کي پاڻ آهي يا نہ. پورو پاٽي مليس ٿو يا نہ.

نتيجو اهو نڪتو جو هو وڏي نقصان هيٺ اچي ويو. اهو حال ڏسي، غصي وچان، پٽر کي ڪٽي، زور سان زمين تي سٽائين (جو سمجهائين تہ پٽر تي کيتيءَ وارا لفظ غلط لکيل آهن). اچا ان جي پوئين پاسي، جو هن اڳ ۾ ڏٺو ئي ڪو نہ هو هيٺيان لفظ لکيل نظر آيس.

"کيتي سر سيتي."

ٿيندي پئي وئي. بلڪل ائين جيئن ورهيہ اڳ هڪ پيرو تي هئي جڏهن هو ننڍو هو. هن کي ٽائيفائيڊ ٿي ويو هو. سخت بخار ۾ وڏليل وڏليل ڳالهايو هئائين. پر هن کي اڄ اهو سڀ ڪجهہ ڪٿي ياد هوندو.

هو فيبروري جي هڪ برفاني رات ۾ پيدا ٿيو هو. جڏهن مون هن کي پنهنجي پيءَ جي ڪڇ ۾ ڏٺو تہ منهنجي عجيب ڪيفيت هئي. لغت ۾ هن جو نانءُ ڳولهيندي ڳولهيندي مون کي لغت خالي خالي لڳي رهي هئي. منهنجي خواهش هئي تہ هن جي لاءِ جگمگ جگمگ ڪندو ڪو اهڙو نالو ملي وڃي جيڪو دنيا جهان جي محنت جو حامل هجي. آخرڪار اسان فيصلو ڪري ڇڏيو سين تہ هن جو نالو عمر هوندو. اهو نالو هن کي ڏاڍو ٺهندو هو. منهنجي نگاهن ۾ هي هڪ اهڙو نالو هو جنهن کي تاريخ ۾ هر وڏو نالو پائڻ واري عمر جي ڪاميابي ۽ برتري زيب ڏيندي آهي.

هن جي پهرين مرڪ، هن جي وات جو پهريون ڏند، هن جي زبان مان نڪتل پهريون لفظ...... پنهنجي ماءُ ڏانهن ڪنيل پهريون قدم اها ماءُ جيڪا ان وقت جوان هئي، جيڪا خوبصورت هئي ۽ خوش بخت بہ. پوءِ ان جي ستين سالگره. ڪيترو رنو هو جڏهن مان هن کي پهريون پيرو اسڪول وٺي ويو هيس. ائين لڳندو هو جيئن هو پنهنجي ذات ۾ گهر کان علاوه ڪنهن بہ شيءِ کي شريڪ ڪرڻ نہ چاهيندو هجي. پر ائين تہ ٿيڻو ئي هو. هر بار جيان هن جي مقدر ۾ بہ روزانو گهٽي، اسڪول ۽ بازار ۾ لکيل هئا. ڪو بہ نہ پيو روڪي سگهي ان حقيقت کي. ۽

آهي تہ ڪٿي تون ڪنهن اهڙيءَ رن جي هٿ نہ اچي وڃين.

پر اهو سڀ ڪجهہ هرويرو آهي. آخر ڪو ائين تہ چئي نٿو سگهي تہ توکي انهن ڳالهين جو ڪو علم ناهي. يا اهو تہ مان نٿو ڄاڻان تہ ان سان تنهنجي دل ۾ ڪيتري ڪسڪ پيدا ٿيندي آهي. پنهنجي ماءُ ۽ منهنجي، ها اسان ٻنهين جي تون پرواهہ نہ ڪر. اهي اسان ٻئي آهيون جيڪي بي وقوفيون ڪندا آهيون. ائين لڳندو آهي جيئن اسان ان انتظار ۾ هوندا آهيون تہ تون ٿورو بيمار ٿيءُ. اسان جي اجان تائين اها ئي خواهش آهي تہ تون هميشہ هميشہ جي لاءِ ائين ئي رَهہ جيئن ان وقت هوندو هئين جڏهن تون سڄو جو سڄو اسان جي ملڪيت هوندو هئين.

تون بدلجي بہ سگهين ٿو اها ڳالهہ اسان جي ذهن ۾ ئي نہ ايندي هئي. هاڻي ڏس نہ، مون ۾ ايتري جرئت بہ ناهي تہ تنهنجي منهن تي پنهنجون نظرون ڄمائي ڇڏيان، تو ڏانهن ڏسي سگهان، اهو ئي حال تنهنجي ماءُ جو بہ آهي. اسان توکي ڄاڳائڻ جي بہ جرئت نہ ڪري سگهندا آهيون. ڇو تہ اسان اها ڳالهہ سوچڻ جي همت ڪرڻ کان بغير ئي اسان ڄاڻون ٿا تہ هاڻي تنهنجي ننڊ بہ ڀريڻ جيان ناهي رهي. بدلجي چڪي آهي. ڪنهن زماني ۾ تون ائين سمهيو پيو هوندو هئين جيئن اسان جو انتظار ڪري رهيو آهين. هائو هاڻي تہ تنهنجي ننڊ بہ بدلجي چڪي آهي. دراصل بنيادي تبديلي تہ تنهنجي ننڊ ۾ ئي آهي. تون پنهنجي ننڊ ۾ بہ اسان

## اٺ نہ پڇي، هٽي پورن لنون هڪ جي ٻاهہ، ٻئي مان ڪڍڻ

جت، انن تي مال لڏيو پاڻ پورن مٿان چڙهيو پيا وڃن. انن کي تيز هلڻ لاءِ، خوب لتون پيا هڻن، پر لتون تہ انن تائين پهچن ئي نہ پيون، تنهنڪري انن جي تيزيءَ ۾ خير ڪو فرق پئي آيو. وري زور سان لتون پيا هڻن، تہ بہ انن تائين نہ پيون پهچن ۽ پورن کي پيون لڳن. تڏهن ڪنهن ڏسي ائين چيو.

ڪان پوءِ، تمام پري وڃي پهتو آهين.

مون ڪنڌ ورائي هن ڏانهن ڏٺو ائين ڪندي مون کي ائين لڳو ڄڻ مان پنهنجي جوڙن جي سور ۾ مبتلا آهيان، پر منهنجو اندر يڪدم ڪلي بيٺو مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ مان سالن کان جنهن دوست جي ڳولا ۾ آهيان اهو ملي ويو آهي. منهنجو دل چاهيو تہ مان خوشيءَ مان سيٽيون وڄايان. مون ڪمري جا پردا ڪيرائي ڇڏيا ڇو تہ عنقريب اُس هن جي آرام ۾ خلل وجهڻ واري هئي. پوءِ مون آهستگيءَ سان هن جي ڳل تي چمي ڏني ۽ ٻاهر نڪري آيس. بلڪل منهنجي پنهنجن ڳلن جيان، هن جي ڳلن تي بہ ڏاڙهيءَ جا ڪارا وار نڪري آيا هئا.

جڏهن اسان چانهہ پي رهيا هئاسون تہ منهنجي زال ڪنهن سوچ ۾ گم هئي. مون ننڍي پٽ جي چانهہ جي پيالي ۾ لڪي ڪري سڄو ليمون نپوڙي ڇڏيو. هن کي چانهہ ۾ ليمون صفا ناهي وڻندا.

❊.......❊.......❊



# شيطاني جنت

سلسلي وار ناول جي ٽين قسط

ڊاڪٽر منظور ميمڻ

هيءَ ڪهاڻي ان شيطان جي زندگيءَ جي باري ۾ آهي جنهن ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ واسطي ڪوڙي جنت ٺاهي ۽ هزارن لکن ماڻهن کي بديءَ جي راهہ تي هلايائين. ان شيطاني جنت ۾ حشيش عورت ۽ مذهب جو استعمال ڪيو ويندو هو. ان شيطاني جنت جو احوال

بديءَ جي خدا جو اڻ وسرندڙ داستان



پنهنجي پٽ جي مستقبل جي باري ۾ پڇي ٿو. عبدالملڪ ابن عطاش حسن بن صباح جي پيءُ کي ٻڌائي ٿو ته حسن بن صباح مستقبل ۾ ابليسي روپ اختيار ڪندو ۽ حد کان وڌيڪ طاقت ابليسي نشي ۾ چور ٿي اهڙن ڪمن جو مرتڪب ٿيندو جو ايندڙ صدين ۾ سندس نالو گونجندو رهندو. نيٺ هن ڪاري جادو ڪندڙ کان متاثر ٿي پنهنجي پٽ کي هن وٽ سکيا وٺڻ لاءِ ڇڏي ٿو. هاڻي حسن بن صباح جي تربيت شروع ٿئي ٿي. سڀ کان پهرئين عبدالملڪ ابن عطاش هن کي دماغي تربيت ڏيئي ٿو. ان کان پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽنگن تي بيهڻ لاءِ ورزشون ڪرائي ٿو. ڪڏهن ٽي ٽي ڏينهن بکيو رکي ٿو ته ڪڏهن هن کي اڪيلي ڪمري ۾ بنا ڪپڙن جي فرحي نالي عورت جي اڳيان ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ نفس تي ڪنٽرول لاءِ تربيت ڏيئي ٿو جنهن ۾ هي ڪامياب ٿي وڃي ٿو. ان کان پوءِ هن کي خوف تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قبرستان ۾ پوريل مردن جون هڏيون آڻڻ واري سکيا ڏيئي ٿو ان ۾ به هيءُ ڪاميابي ماڻي ٿو. هوڏانهن من مهٽي فرحي هن کي پنهنجو دل ڏيئي ويهي ٿي. حسن بن صباح پنهنجي استاد کان پڇي ان سان عشق ڪري ٿو. اصل ۾ عبدالملڪ ابن عطاش خفيہ منصوبي تي عمل ڪرائڻ لاءِ حسن بن صباح کي استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. هن کي ٽريننگ ڏيئي جابلو علائقن ۾ قلعا ٺاهي حڪومت سان وڙهائڻ چاهي ٿو. ان خطرناڪ منصوبي جي تڪميل لاءِ هي حسن بن صباح کي خواب ڏياري ان ۾ هڪ بزرگ پوڙهي شخص کي آڻي حسن بن صباح کي پهاڙين علائقن ڏي وڃڻ لاءِ چوي ٿو. صبح جو ننڊ مان اٿڻ تي حسن بن صباح اهو خواب پنهنجي استاد کي ٻڌائي ٿو ته ابن عطاش هن کي نقشا فراهم ڪري فرحي کي هن ساڻ ڪري پهاڙن طرف وڃڻ جو حڪم ڏيئي ٿو.

حسن بن صباح فرحي سان الڳ الڳ گهوڙن کي سوار ٿي پهاڙن طرف وڃي ٿو. اهي خطرناڪ ترين جبل آهن. اهي ابن عطاش جي ڏنل نقشي مطابق پنهنجو ماڳ تلاش ۾ مگن هئا ته اوچتو هڪ نانگ ظاهر ٿئي ٿو جنهن سان فرحي جو گهوڙو سخت وائڙو ٿي ڊوڙڻ لڳي ٿو ۽ اهڙي طرح سان فرحي حسن بن صباح کان وڇڙي وڃي ٿي ۽ هاڻي حسن بن صباح فرحيءَ کي غارن ۾ ڳولهي رهيو آهي.

## هاڻي اڳتي پڙهندا

**حسن** بن صباح جا هوش ئي خطا ٿي ويا هئا، هو دنيا کي، پنهنجي مقصدن کي ۽ پنهنجي منزل کي وساري چڪو هو. هو هڪ دفعو وري پهاڙن جي ور وڪڙن ۾ داخل ٿي ويو ۽ وڏي آواز ۾ فرحيءَ کي پڪاري رهيو هو. پر جواب ۾ ڪيس پهاڙن ۾ گذرندڙ هوا جي تيز آواز کانسواءِ ڪجھ به ٻڌڻ ۾ نہ آيو.

جنهن رستي کان هو ٻاهر آيو، هاڻي جڏهن اتان وري داخل ٿيو ته ڪيس اها جاءِ اجنبي لڳي. هڪ وڏي ٽڪري سامهون هئي، جنهن جي هڪ پاسي به واٽي هئي ۽ ساڄي پاسي ٿيون رستو هو. حسن بن صباح کي ياد ئي نہ رهيو هو ته هو ڪهڙي رستي کان ٻاهر آيو هو. سامهون واري ٽڪري جو هڪ پاسو آسان ۽ لهواري تي هو. حسن گهوڙي کي انهيءَ پهاڙي (ٽڪر) تي چاڙهي ويو. فرحي جي گهوڙي جي واڳ به هن پنهنجي گهوڙي جي واڳ سان ٻڌي ڇڏي هئي. ٽڪريءَ تي مٿي چڙهي جڏهن حسن چوڌاري نهاريو ته ڪيس چئني پاسن وڏين ننڍين ٽڪرين (پهاڙ) جي چوٽين کانسواءِ ڪجھ بہ نظر نہ آيو. ڪجھ ٽڪريون ته چڻ ٽڪريون لڳيون ئي ڪو نہ پئي. چڻ ته وڏا وڏا بت هئا. ڪو بت انسانن جهڙو، ڪو بت جانورن جي شڪل وانگي هو. هڪ ٽڪري اهڙي هئي، جنهن

جي چوٽي مندر جي مينار وانگر مٿي تائين ويل هئي. هن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هڪ وڏو گول پٿر ائين رکيل هو، جيئن ڪو عورت جي مٿيءَ تي دلو رکيل هجي.

هي سڄو منظر جهڙوڪ هن دنيا جو حصو لڳو ئي ڪو نه پئي. هي ته ڄڻ ڪو خواب جو منظر هو. هي پورو علائقو ٽن ڪان چار ميلن جي پکيڙ ۾ هو.

"فرحي" حسن هڪ دفعو وڏي زور سان پڪاريو،"فرحي تون ڪٿي آهين؟- جواب ۾ فقط خاموشي هئي.

"هوءَ گهوڙيءَ تان ڪري بيهوش تي ويئي هوندي." حسن وڏي آواز ۾ چيو. ڄڻ پاسي ۾ بيٺل ڪنهن ماڻهوءَ کي چئي رهيو هجي.

حالانڪ اتي حسن ۽ ٻن گهوڙن کانسواءِ ٻيو ڪير به ڪو نه هو.

ٽي سگهي ٿو ته هو گهوڙي تان ڪري مري چڪي هجي، يا مري رهي هجي، اهو به ٿي سگهي ٿو ته گهوڙي تان ڪرڻ کانپوءِ کيس نانگ ڏنگ هنيو هجي.

اوچتو حسن بن صباح کي سندس استاد ابن عطاش جو هڪ سبق ياد اچي ويو، ته جڏهن رستو ياد نه رهي، همسفر گم ٿي وڃي يا ڪا شيءَ گم ٿي وڃي ته ڪهڙو عمل ڪيو وڃي.

حسن گهوڙي تان لهي، ٽڪريءَ جي فرش تي ويهي هڪ پٿر سان ڪجهه خانا ٺاهيا ۽ ڪجهه دير لاءِ مراقبي ۾ هليو ويو، جنهن جي مشق ابن عطاش کيس ڪرائي هئي. حسن ڪنهن خاني ۾ ڪو لفظ لکيو ته ڪنهن ۾ ڪو انگ، پوءِ ڪجهه دير غور ڪندو رهيو. ڪجهه وقت کان پوءِ حسن گهوڙي تي ويهي ٽڪري واري رستي سان گڏ هلڻ لڳو.

سج لهڻ ۾ اڃا ٿورو وقت باقي هو. اڳتي هلي رستو هڪ پاسي مڙي ويو. اڳتي هلي هڪ گول پٿر رستي کي ٻن واٽن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. حسن پنهنجي گهوڙي کي بيهاريو ۽ ٻنهي رستن ڏانهن نهاريو. اوچتو کو آواز ٿيو، حسن ڏٺو ته هڪ نور بيٺل هو. نور هن کي ڏسي ڊوڙ پاتي، حسن گهوڙي کي اتي وٺي ويو، جتي نور کي بيٺل ڏٺو هئائين. هن ان پاسي ڏٺو جنهن پاسي نور ڊوڙندو ويو هو. اهو هڪ سوڙهو رستو هو، جيڪو ور ۽ وڪڙن سان ڀريل هو. حسن بن صباح جيڪو اڳ ۾ فرحي جي لاءِ پريشان هو ۽ کيس سڏ ڪري رهيو هو، هاڻي اهڙي اطمينان سان رستي ڏانهن وڃي رهيو هو، ڄڻ فرحي کيس ملي وئي هجي يا وري دل تان لهي چڪي هجي.

اصل ۾ ٽڪريءَ تي حسن جيڪو سحر (ڪاري علم) جو عمل ڪيو هو. ان ۾ کيس اشارو مليو هو ته فرحي کيس ملي ويندي. کيس اشارا ملندا ويندا جيڪي کيس فرحي تائين وٺي ويندا.

تاريخ ۾ اچي ٿو ته حسن بن صباح پراسرار علم سکي ورتا هئا. جيڪي کيس ابن عطاش سيکاريا هئا. "ابن خلدون" تاريخ ابن خلدون جي پنجين باب" ۾ لکيو آهي ته حسن بن صباح کي علم نجوم ۽ سحر ۾ بي انتها مهارت حاصل هئي."

ابن تاثير ۽ ٻين مورخن به لکيو آهي ته حسن بن صباح انتها درجي جو عيار ۽ مڪار ماڻهو هو، هن علم سحر ۾ به مهارت حاصل ڪري ورتي هئي. حسن کي هن

پرسرار علمن جي سکيا تہ ابن عطاش ڏني هئي، مهارت هن سفر ڪانپوءِ حاصل ڪئي. هو رستي تي وڃي تہ رهيو هو پر اهڙي پهاڙي چڪر ۾ ڦاسي چڪو هو، جنهن کي هو ڪيڏي مهل خواب ئي سمجهي رهيو هو. هن ۾ بہ ڪو راز ئي لڪل هو. هن رستي جو اشارو کيس خواب ۾ نظر آيو هو.

حسن انهي تنگ رستي تي هلندو رهيو، هڪ هنڌ وري بہ واٽي نظر آيس. حسن بيهي رهيو. ٻئي رستا اڳتي هلي مڙي ويا پئي. حسن ڪڏهن هيڏانهن پئي ڏٺو تہ ڪڏهن هوڏانهن. کيس اميد هئي تہ غيب مان ڪو اشارو ملندو، پر ڪجهہ بہ نہ ٿيو. سواءِ ان گهوڙي جي هٽڪار جي جنهن تي حسن سوار هو. گهوڙو پنهنجو پير زمين تي هڻڻ لڳو. گهوڙي جي انداز سان بيچيني ظاهر ٿي رهي هئي. حسن هڪ دفعو وري گهٻرائجي ويو، تہ شايد گهوڙي کي نانگ نظر اچي ويو آهي. وري خيال ڪيائين تہ گهوڙي جي انداز ۾ ڊپ نہ هو. ان زماني ۾ ماڻهن کي گهوڙن جي نفسيات تي عبور هو. ڇاڪاڻ تہ زمانو ئي گهوڙن جي سواري جو هو. حسن سمجهي ويو تہ گهوڙا بکايل يا وري شايد اڃايل بہ آهن.

حسن وارو گهوڙو هڪ رستي تي پاڻهي هلڻ شروع ڪيو. حسن واڳ ڇڪي ورتي پر گهوڙو بيهڻ جي بجاءِ اڃا تيز ٿي ويو. هن جي زين سان ٻڌل فرحي جو گهوڙو حسن جي گهوڙي کان بہ اڳ نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. حسن واڳ ڍري ڪري ڇڏي. کيس گهوڙي تي اعتبار هو.

حسن وارو گهوڙو سوار جي اشاري بغير ئي اڳيان موڙ تي مڙي ويو. حسن اها جاءِ ڏسي حيران ٿي ويو. اها پهاڙن جي وچ ۾ هڪ سرسبز ڪشادي جاءِ هئي. هتي ڪثرت سان ساوڪ هئي، ساوا ۽ گهاٽا وڻ هئا. جهڙوڪ صحرا ۾ نخلستان.

گهوڙا ساوڪ جي وچ ۾ هڪ پاڻي جي چشمي تي پهچي ويا ۽ بيصبريءَ سان پاڻي پيئڻ لڳا. جانور خاص ڪري گهوڙا ۽ خچر پاڻيءَ جي مشڪ پري کان ئي سونگهي وٺندا آهن. حسن گهوڙن کي پاڻي پيئندي ڏٺو تہ کيس بہ اڃ محسوس ٿي. جڏهن حسن پاڻي جو ٻڪ ڀري پيتو تہ کيس خواب ياد آيو. خواب ۾ بہ اهڙو ئي چشمو هو، جنهن سان رُوشني ڦٽي نڪتي هئي. ذهن کي زور ڏنائين پر کيس اڳتي ڪجهہ ياد نہ آيو، پر کيس اها پڪ هئي تہ هو صحيح رستي تي وڃي رهيو آهي.

حسن هڪ دفعو وري پاڻي پيئڻ لاءِ چشمي تي نوڙيو تہ کيس پاڻيءَ ۾ ڪنهن ماڻهو جو عڪس نظر آيو. حسن آهستي آهستي پنهنجون نظرون مٿي ڪيون، کيس هڪ ڊگهي قد جو ماڻهو نظر آيو، جيڪو ويهہ کن وکن تي بيٺل هو. ڪپڙي ۽ پڳ مان ظاهر ٿيو پئي تہ هو بہ هن علائقي جو ئي ماڻهو هو.. سندس پڳ تي ڪارو رومال پيل هو جيڪو سندس ڪلهن تائين آيو پئي. کيس ننڍي ڏاڙهي بہ هئي. حسن کيس ڏسي اٿيو. هن ماڻهو بہ آخر حرڪت ڪئي ۽ آهستي آهستي پوئتي هٽڻ لڳو. سندس پويان هڪ ٽڪري هئي. قدرت ان ٽڪريءَ کي وچ ۾ اهڙيءَ طرح ڪٽي ڇڏيو هو جو ان ۾ هڪ سوڙهو رستو ٺهي ويو هو، جنهن مان هڪ گهوڙو آسانيءَ سان گذري سگهيو ٿئي. هو ماڻهو پوين پيرن سان سنهي

اکين جي آئيني سان ڏسي نٿو سگهان. جيڪڏهن توهان جي دل ۾ بہ اهو ئي جلال آهي جيڪو توهان جي چهري تي آهي تہ پوءِ توهان منهنجي هن سوال جو جواب ضرور ڏيندا تہ توهان وٽ منهنجي همسفر ڪيئن پهتي؟"

"گهوڙي تان لهي اچ اي نوجوان،" درويش چيو،" تنهنجي هر سوال جو جواب ملندو ۽ توکي بہ اسان جي سوالن جو جواب ڏيڻو پوندو. هي چوڪري تنهنجي همسفر آهي. اسان جي نہ هن سان ڳڻ ويهہ ۽ هن سان ڳڻ روانو ٿي."

حسن گهوڙي تان لهي هيٺ تڏي تي وينو. درويش پنهنجو هٿ وڌايو، جيڪو حسن پنهي هٿن سان جهلي ورتو. درويش جي اشاري تي هو فرحي سان گڏ ويهي رهيو. هن فرحي ڏانهن ۽ فرحي هن ڏانهن نهاريو. هن کي فرحي جي چهري تي ڪا بہ پريشاني نظر نہ آئي. هوءَ خوش نظر اچي رهي هئي.

"تنهنجو نالو" درويش پڇيو.

"حسن بن صباح."

"هن مشڪل سفر جي منزل ڪهڙي آهي؟" درويش پڇيو. "ڪٿي آهي تنهنجي منزل؟"

"خوابن جي سفر جي منزل بيان نہ ڪري سگهبي آهي." حسن چيو.

"خوابن جي سفر جي منزل هوندي ئي ڪانهي اي نوجوان" درويش چيو. ڇا تون ننڊ ۾ خواب ڏسندو آهين يا جاڳندي؟"

"ننڊ ۾ جيڪي خواب ڏسندو آهيان، تن کي حقيقت بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان". حسن چيو.

"اي نوجوان تون شايد نٿو ڄاڻين!" درويش چيو. "ننڊ جا خواب خواهشن ۽ آرزوئن جا عڪس هوندا آهن. اڪ ڪلندي ئي پاڻيءَ جي بلبن وانگر ڦاٽي پوندا آهن.... ۽ جاڳندي جا خواب فرار جو سفر آهي جنهن جي ڪا بہ منزل نہ هوندي آهي."

"اي درويش" حسن چيو. "مان خواهشن ۽ آرزوئن جو پڄاري نہ آهيان ۽ نہ وري مون پنهنجي روح کي خواهشن ۽ آرزوئن جي غذا ڏني آهي"

"پوءِ تون روح کي ڪهڙي غذا ڏيندو آهين."

"عزم" حسن چيو. "مان پنهنجي هر آرزوکي عزم جي سانچي ۾ ناهي وٺندو آهيان."

"پنهنجي سفر جي بہ ڪجهہ ڳالهہ ڪر اي نوجوان" درويش چيو.

"هي بہ هڪ خواب آهي" حسن چيو،"خواب ۾ جيڪو ڏٺو هو، سامهون اچي رهيو آهي."

"ڇا اسان کي بہ ڏٺو هئين؟" درويش پڇيو،"اسان بہ تنهنجي سامهون آيا آهيون."

"ڏٺو هو اي درويش!" حسن جواب ڏنو،" شفاف پاڻي جو هڪ چشمو ڏٺو هو. ان مان هڪ عڪس نڪتو، جنهن انسان جي روپ ۾ خاموشي جي زبان سان رهنمائي ڪئي. مون ست غزال (هرڻ) ڏٺا، جيڪي هڪ ئي جاءِ تي وينل هئا."

"ڪٿي آهن اهي غزال؟"

"ڇهہ منهنجي سامهون وينل آهن،" حسن جواب ڏنو، "ستون بيٺل آهي."

"ان سان تو ڇا سمجهيو؟"

"اهو تہ مان سڌي رستي تي وڃي

رهيو آهيان،". حسن چيو."قابل احترام درويش" ڇا مان هن ڇوڪريءَ کي وٺي وڃي سگهان ٿو؟"

"اسان جو هن ڇوڪريءَ تي ڪو به حق نہ آهي اي نوجوان" درويش چيو.

حسن جي چهري تي حيرت جو تاثر ڏسي درويش چيو،"هي ڳل اسان هنن پٿرن مان ڪنيو آهي،" درويش چيو. "هي تنهنجي همسفر آهي. هن کي توسان ئي گڏ وڃڻو آهي. پر اسان اهو ڏسڻ چاهيون ٿا تہ تون هن ڇوڪريءَ جي قابل بہ آهين يا نہ حيران نہ ٿي ڇوڪرا! ۽ پنهنجي ڪاوڙ کي بہ قابو ڪر. اسان تو کي راز جي ڳالهہ بہ ٻڌائڻ گهرون ٿا تہ اسان کي خبر آهي تہ تون ڪٿي وڃين رهيوآهين. ايڏي ڊگهي ۽ مشڪل سفر ۾ جيڪڏهن اهڙو حسين همسفر ملي وڃي تہ مسافري آسان ٿي ويندي آهي ۽ فاصلا بہ گهٽ ٿي ويندا آهن. پر لاهہ حيات جا جيڪي مسافر عورت کي صرف خوبصورت جسم سمجهندا آهن، تن جي آسان منسافري بہ مشڪل ٿيو پوي. اسان ڏسڻ چاهيون ٿا تہ تون عورت کي ڇا ٿو سمجهين."

"هن ڇوڪري جو توهان تي ڪهڙو حق هو؟" حسن بن صباح پڇيو.

"ڇوڪري! بهتر آهي تون پاڻ ٻڌاءِ" درويش چيو.

"اسان جا گهوڙا نانگن کان ڊڄي ڀڄي ويا هئا." فرحي حسن کي چيو. "منهنجو گهوڙو بي قابو ٿي هئي پاسي نڪري ويو هو. مان پاڻ کي سنڀالي نہ سگهيس ۽ گهوڙي تان ڪري پيس. ڪرڻ تائين تہ مون کي ياد آهي پوءِ مان بيهوش ٿي ويس. هوش ۾ آيس تہ پاڻ کي هتي ڏٺو. هنن منهنجو خيال رکيو تہ منهنجو خوف ختم ٿي ويو. فقط تنهنجو غم هو. هنن چيو تہ تون اچي ويندين ۽ تون اچي وئين."

"ڇا تو هنن کي ٻڌايو آهي تہ اسان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟" حسن فرحي کان پڇيو.

"نہ" فرحي جواب ڏنو،" هي پڇندا رهيا ۽ مان چوندي رهيس تہ منهنجو همسفر ٻڌائڻ چاهيندو تہ ٻڌائيندو، باقي مان ڪو نہ ٻڌائيندس. پوءِ هنن مون کي چيو تہ تون چئي ڇڏ تہ مون کي خبر نہ آهي، پر مون چيو تہ مون کي خبر آهي. ٻڌائيندس ڪانہ. هنن چيو اسان توکي بيعزت ڪري ماري ڇڏينداسين. مون چيو پوءِ بہ نہ ٻڌائيندس. هنن وري چيو تہ اسان تنهنجي عزت ۽ آبرو جا محافظ آهيون، توکي تنهنجي گهر ڇڏي ايندا سين. مون پوءِ بہ چيو تہ ڪا نہ ٻڌائيندس. هن بزرگ منهنجي مٿي تي هٿ رکي چيو. آفرين، اسان تنهنجي پوڄا ڪنداسين. هنن اهو بہ چيو تہ اسان جو هڪ ماڻهو، تنهنجي همسفر کي وٺڻ ويو آهي."

"ٻڌئي اي نوجوان،" درويش حسن کي چيو. "هاڻي اسان کي ڏسڻو آهي تہ تون هن ڇوڪريءَ جي جسم کي چاهين ٿو، يا روح کي!"

درويش ان ماڻهو کي اشارو ڪيو، جنهن حسن کي هتي آندو هو. هو ماڻهو وري غار جي اندرين پاسي هليو ويو.

٭.....٭.....٭

اهو ماڻهو جڏهن روشنيءَ ۾ آيو تہ هن جي هٿ ۾ ٽي گڏيون هيون. هي مٽيءَ مان ٺهيل ٽن عورتن جا بت هئا. هر بت تقريبن ڏيڍ فوٽ جو هو.

"تي بت ۾ گولي هن جي اڳيان رکي ڇڏ" درويش حڪم ڪيو. حڪم جي تعميل تي وئي.

"ڪا ٻه هڪ گڏي کڻ،" درويش حسن کي چيو،"هن جي ساڄي ڪن ۾ هيءَ گولي وجهه" حسن هڪ گڏي کڻي هن جي ڪن ۾ گولي وڌي، اها گولي بت جي وات مان نڪري آئي.

"هاڻي ٻي گڏي کڻ ۽ گولي هن جي ڪن ۾ وجهه"

حسن بت ۾ گولي وڌي. هيءَ گولي هڪ گول پٿر جي گولي هئي. جيئن اڄ جي زماني ۾ ٻار شيشي جي بلورن سان کيڏندا آهن.

حسن پٿر جي گولي، بت نما گڏي جي ڪن ۾ وڌي ۽ اها ٻئي ڪن مان نڪري آئي.

"هاڻي هي ٽئين گڏي کڻ ۽ ان جي ساڄي ڪن ۾ گولي وجهه"

حسن ٽئين بت ۾ ساڄي ڪن ۾ گولي وڌي. اها گولي اندر ئي غائب ٿي وئي.

"هن کي زور سان هلاءِ. گولي ٻاهر اچڻ کپي" درويش حسن کي چيو.

حسن بت نما گڏيءَ کي زور زور سان هلايو، ڪاٻي ساڄي اونڌو ڪيائين پر گولي کي نه نڪرڻو هو سو نه نڪتي.

"هي گڏي بيڪار آهي،" درويش چيو،" هن کي الڳ رکي ڇڏ. هن نياڳيءَ اسان جي گولي هضم ڪري ڇڏي آهي."

حسن اها گڏي الڳ رکي ڇڏي.

"ڇا هي گڏيون (بت) خوبصورت نه آهن" درويش پڇيو. "ڇا توکي نه ٿيون وڻن؟"

"خوبصورت آهن" حسن جواب ڏنو،" دل کي وڻن پيون. ناهڻ واري عورت جون سڀئي خاصيتون هنن ۾ وجهي ڇڏيون آهن، رڳو هنن ۾ ساهه وجهڻ جي ضرورت باقي آهي."

"اسان توکي انعام ڏيڻ چاهيون ٿا" درويش چيو،" ڪا ٻه هڪ گڏي کڻ ٽيئي هڪ جهڙيون آهن."

حسن بن صباح اها گڏي کڻي ورتي، جنهن جي ڪن ۾ گولي وڌي هئي ته اها ٻاهر ڪا نه آئي هئي. هن گڏيءَ کي درويش بيڪار چيو هو.

"تو عقل کان ڪم نه ورتو اي نوجوان،" درويش چيو،" يا ته تو ٻڌو ڪو نه ته مون هن گڏيءَ بابت چيو هو ته هي بيڪار آهي. هن اسان جي گولي هضم ڪري ڇڏي آهي. هن کي الڳ رکي ڇڏ"

"محترم درويش" حسن چيو،" مان عقل ۾ توجهه کان ڪم نه وٺان ها ته هن گڏيءَ کي هٿ به نه لاهيان ها، جنهن جي باري ۾ توهان چيو هو ته اسان لاءِ بيڪار آهي. پر منهنجي عقل مون کي ٻڌايو ته اها بيڪار ڪٿان."

"تنهنجي عقل هن ۾ ڇا ڏٺو؟" درويش پڇيو.

حسن چيو، "هڪ جي ڪن ۾ مون گولي وڌي ته اها گولي ٻئي ڪن منجهان نڪري ويئي. اي درويش توهان پڪ اهڙي ڌيءَ کي پسند ڪو نه ڪندا، جيڪا پيءَ جي نصيحت هڪ ڪن کان ٻڌي ۽ ٻئي ڪن مان ڪڍي ڇڏي. اهڙي ڀيڻ به خراب ته اهڙي زال به خراب.ٻي گڏي جي ڪن ۾ گولي وڌي ته ان وات مان ڪڍي ڇڏي. اهڙي عورت ته وڌيڪ خطرناڪ هوندي آهي جيڪا گهر جو ڪو به

راز پنهنجي دل ۾ رکي نٿي سگهي. هن ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ هر ڪنهن کي ٻڌائڻ شروع ڪيو. اهڙي عورت پنهنجي گهر جو پنهنجي ملڪ جو ٻيڙو غرق ڪري ڇڏيندي آهي ۽ جنهن کي توهان بيڪار چيو، هي وڏي قيمتي عورت آهي، جيڪا راز جي ڳالهه پنهنجي دل ۾ دفن ڪري ڇڏيندي آهي. مون هن گڏيءَ کي هر طريقي سان لوڏايو ۽ هلايو آهي پر گولي ڪا نه نڪتي. توهان هن مان گولي ڪڍي سگهو ٿا، جڏهن توهان هن جي وجود کي بالڪل ختم ڪري ڇڏيو، هن کي ٽوڙي ڇڏيو.“

”هي اها خوبي آهي جيڪا توهان فرحي ۾ ڏٺي آهي. توهان اٺ ماڻهو آهيو ۽ هي اڪيلي هئي. ڇا توهان انهن ماڻهن کان ڊڄي، هن توهان کي ٻڌيو ته اسان ڪٿان آيا آهيون ۽ ڪاڏي وڃي رهيا آهيون. مان هن کي پنهنجي زندگيءَ جو همسفر ٺاهيندس.“

”آفرين اٿئي اي نوجوان“ درويش چيو، ”خدا توکي هن ننڍي عمر ۾ اهو عقل ڏنو آهي، جيڪو سچي زندگي گذارڻ کانپوءِ به ماڻهن کي پوڙهاپ ۾ به نه ملندو آهي. تون چمندي چام آهين.“

درويش پنهنجي ماڻهوءَ کي چيو ”تنهي گڏين کي سنڀالي رک. هن امتحان ۾ شايد ئي ڪو ماڻهو ڪامياب ٿيو هوندو.“

”ڪاڏو گرم ڪيو وڃي،“ درويش حڪم ڪيو،”هي ٻئي بکايل هوندا.“

☼.....☼.....☼

مانيءَ کان پوءِ درويش جا ٻيا ساٿي هليا ويا، فرحي ٿڪل هئي، اها به پريان وڃي سمهي رهي. درويش، حسن بن صباح کي پاڻ وٽ ويهاريو.

”حسن،“ درويش چيو،” تنهنجو نالو حسن بن علي هجڻ کپي ها، پر تو حسن بن صباح چوَرائڻ پسند ڪيو، ان جو ڪهڙو سبب آهي.“

”منهنجي ابن ڏاڏن ۾ صباح نالو هڪ شخص هو. گهٽ ته منهنجو پيءُ به ڪو نه هو، پر صباح جي باري ۾ چون ٿا ته هن وڏي شهرت ۽ عزت ڪمائي ۽ ڪمال ته اهو هو ته ڪنهن کي به شڪ نه ٿيو ته هو عيارن جو عيار ۽ فريب ڪارن جو استاد آهي، اهو ئي سبب آهي جو منهنجي نالي جي پويان صباح حميري آهي. اهو نالو مون کي پسند آيو. پر توهان کي منهنجو نالو ڪنهن ٻڌايو.“ حسن چيو.

”فقط نالو ئي نه حسن،“ درويش چيو،” مون کي تنهنجي باري ۾ گهڻو ڪجھ ٻڌايو ويو آهي.“

”تورو ترسجو استاد محترم. هاڻي مون کي ياد اچي پيو ته ابن عطاش مون کي ٻڌايو هو ته خواب ۾ مون کي هڪ غار نظر ايندو، جتي تنهنجو علم مڪمل ٿيندو.“

”ها حسن،“ درويش چيو،” غار ته برابر ساڳيو آهي، جيڪو تو خواب ۾ ڏٺو هو، پر تنهنجو علم هتي مڪمل نه ٿيندو. هتان توکي روشني ملندي. جنهن ۾ توکي پنهنجي منزل، مستقبل ۽ شخصيت وڏي نظر ايندي. هاڻي تون ضرور پڇندين ته مان ڪير آهيان ۽ هتي ڇا ڪري رهيو آهيان.“

”جي، اهو ته مون کي ضرور معلوم ڪرڻو آهي.“ حسن چيو.

اهو ٻڌائڻ کان پهريان مان توکي ڪجھ ضروري ڳالهيون ٻڌائڻ گهران ٿو.“

درويش چيو، ”مون کي خبر هئي تہ تون هتي ايندين، هي اسان جو هڪ زمين دوز نظام آهي. اسان هن نظام کي زمين جي مٿان آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. هتان اهو علائقو شروع ٿئي ٿو، جنهن تي اسان کي قبضو ڪرڻو آهي. اڳيان هن علائقي ۾ تمام گهڻا قلعا آهن. جن ۾ ڪجهہ ننڍا قلعا آهن، ڪجهہ وڏا قلعا آهن. هنن قلعن ۾ ڪجهہ اميرماڻهن جا ذاتي قلعا بہ آهن، اسان کي هن تي قبضو ڪرڻو آهي.“

”قلعا فتح ڪرڻ لاءِ فوج جي ضرورت هوندي آهي،“ حسن چيو، ”فوج ڪٿان آڻبي.“

”ماڻهن جي فوج ناهي.“ درويش چيو.

”پر ڪيئن؟“ حسن پڇيو.

درويش حسن جي اکين ۾ اکيون وجهي نهاريو، هن جي چپن تي مسڪان هئي.

※.....※.....※

”اهو آهي اهو سبق جيڪو مون کي توکي ڏيڻو آهي“ درويش چيو، ”تو عبدالملڪ ابن عطاش جي شاگردي ڪئي آهي. هاڻي توکي هڪ ٻئي شخص جي شاگردي ڪرڻي پوندي، جنهنجو نالو آهي احمد بن عطاش. اڳيان هلي هڪ قلعو آهي، جنهن جو نالو قلعو اصفهان آهي. احمد بن عطاش هن قلعي جو والي آهي. هو توکي علم سحر (ڪاري علم) جو ماهر ناهي ڇڏيندو.....هاڻي جيڪا ڳالهہ مان ڪرڻ وارو آهيان، ان جو هڪ هڪ لفظ غور سان ٻڌ ۽ هر لفظ کي پنهنجي سيني ۾ محفوظ ڪندو وڃجان. بني نوع انسان ٻن طاقتن جي غلبي (قبضي) هيٺ آهن، ائين سمجهہ تہ دنيا تي بہ طاقتون حڪومت ڪن ٿيون، هڪ خدا آهي ۽ ٻيو آهي ابليس. انسان خدا کي ڪيئي روپ ڏئي ان جي عبادت ڪري ٿو، ڪٿي سج کي خدا بنايو اٿس تہ وري ڪٿي باهہ، آسماني بجلي ۽ نانگ کي بہ خدا مڃيو اٿس. آخر اسلام اچي انسان کي ٻڌيو تہ خدا ڇا آهي، ڪير آهي. اهو بہ ٻڌايو تہ سج ، چنڊ، باهہ ۽ نانگ وغيره خدا نہ آهن، پر خدا جا پيدا ڪيل آهن. هن خدا جي وحدانيت کي ماڻهن تسليم ڪري ورتو آهي. اسان بہ خدا کي مڃڻ وارا مسلمان آهيون. پر اسان پنهنجو الڳ فرقو ناهيو آهي. اسان دعوي ڪيون ٿا تہ اصل اسلام اسان وٽ آهي. اهل سنت پنهنجي عقيدي کي اهڙي طرح ماڻهن جي دلين تي نقش ڪري ڇڏيو آهي، جو اسان سندن عقيدي کي بدلائي نٿا سگهون. اسان کي هاڻي ڪو ٻيو طريقو اختيار ڪرڻو پوندو.“

”ڇا اوهان ڪو طريقو سوچيو آهي؟“ حسن پڇيو.

”ها،“ درويش چيو،” اهو ئي ٻڌائڻ وارو آهيان. پر هي طريقو اهڙو نہ آهي تہ پٿر کڻو ۽ ڪنهن جو مٿو ڦاڙي ڇڏيو. هي معاملو نظرين جي جنگ جو آهي ۽ اهو فقط تون ئي سمجهي سگهين ٿو.“

”فقط مان ئي ڇو؟“ حسن چيو، منهنجو علم اڃا پختو نہ آهي ۽ نہ تجربو. مون وٽ تہ ڪجهہ بہ ڪونهي.“

”تو وٽ سڀ ڪجهہ آهي،“ درويش چيو،” پهريائين اهو ٻڌ جيڪو اسان سوچيو آهي. پوءِ تون پاڻ محسوس ڪندين تہ اهو تہ تنهنجي دل ۾ اڳ ئي موجود هو. ڳالهہ هي آهي حسن تہ اهل سنت وارن، ماڻهن جو

رشتو (تعلق) خدا سان سڌو سنئون قائم ڪري ڇڏيو آهي. عيسائيت بہ خدا کي اول ۽ آخر قرار ڏيئي ڇڏيو آهي هو عيسيٰ کي خدا جو پٽ چون ٿا. مجوسي آهن آتش پرست پر هي بہ خدا کي مڃن ٿا. اسان لاءِ وڏي مشڪل هي آهي تہ حڪومت اهل سنت جي آهي.“

”شايد توهان کي خبر هجي،“ حسن چيو،” اسان جو امير ابو مسلم رازي ايتري قدر ڪٽر سني آهي، جو هن منهنجي پيءُ کي چيو هو تہ جيڪڏهن اهل سنت آهين تہ پوءِ پنهنجي پٽ کي ابن عطاش جي شاگردي ۾ ڇو ويهاريو اٿئي؟ منهنجي پيءَ ابو مسلم جي ڪاوڙ کان بچڻ لاءِ مون کي مسلم موافق جي مدرسي موڪلي ڇڏيو هو. مون کي اها بہ خبر پئي آهي تہ ابو مسلم رازيءَ پنهنجا جاسوس پکيڙي ڇڏيا آهن، جيڪي گهر گهر جي خبر رکن ٿا تہ ڪٿي سني عقيدي جي خلاف ڪا ڳالهہ تہ نہ ٿي رهي آهي.“

”ها حسن،“ درويش چيو،” ابو مسلم جاسوس ڦهلائي ڇڏيا آهن. پر ڪيس اها خبر ڪانهي تہ اسان سندس جاسوسن جي پويان پنهنجا جاسوس ڇڏيا آهن. اسان چاهيون ٿا تہ سلجوقي حڪمران اسان جا دشمن آهن، پر اسان هن حڪومت جون بنيادون ڪمزور ڪري ڇڏينداسين. اسان کي مصرين تي اعتبار آهي. هو عبيدي آهن ۽ اسان جا هم عقيدي وارا بہ.“

”محترم درويش،“ حسن چيو،” خبر نہ آهي ڇو. مون کي ڪڏهن خيال ايندو آهي تہ مان مصر وڃان ۽ سلجوقين خلاف طاقت حاصل ڪيان.“

درويش عجيب نموني ڪليو. هو ڪجھ وقت حسن جي منهن ۾ ڏسندو رهيو.

”ڇو محترم درويش،“ حسن ٿورو شرمندو ٿي چيو، ”ڇا مان غلط چئي ويس.“

”نہ حسن،“ درويش چيو،” مان تنهنجي هن ڳالهہ مان خوش ٿيس تہ توکي مصر جو خيال آيو آهي. منهنجي خوشي اجائي نہ آهي. حقيقت ۾ تنهنجي اندر هڪ پراسرار طاقت آهي، جيڪا توکي اشارا ڏئي ٿي. مان پوري يقين سان پيشن گوئي ڪيان ٿو تہ تو ۾ نبوت جا آثار ملن ٿا. تون نبي ٿين يا نہ، پر توکي شهرت نبين جيتري ئي ملندي. اچڻ واريون نسلون ۽ انهن جون بہ نسلون توکي ياد ڪنديون رهنديون. ضروري نہ آهي تہ توکي سٺي نالي سان ياد ڪيو وڃي پر ماڻهو توکي ياد ضرور رکندا.“

پهريان درويش کليو هو، هاڻي حسن کان کل نڪري ويئي.

”توهان کي منهنجي ڳالهہ کان خوشي ٿي هئي،“ حسن چيو،” ۽ مون کي وري توهان جي ڳالهہ مان خوشي حاصل ٿي آهي. الاءِ ڇو مون کي برائي مان خوشي ملي ٿي.“

”مان انهيءَ ڳالهہ تي اچي رهيو آهيان،“ درويش چيو،”تہ مان خدا جو ذڪر ڪري رهيو هوس، تہ هڪ خدا جي قوت آهي، ٻي قوت ابليس جي آهي. خدا جو نالو وٺي ماڻهن کي خدا جي راهہ تان هٽائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هن مشڪل ڪم کي اسان ابليسي قوت کي استعمال ڪري آسان ڪنداسين. بديءَ ۾ وڏي طاقت آهي حسن! بديءَ ۾ ڪشش آهي، لذت آهي ۽ بديءَ ۾ نشو آهي. هي قوت تنهنجي دل و دماغ ۾ موجود آهي. اسان ماڻهن ۾ بديءَ جو نشو وجهي ڇڏينداسين. توسان گڏ هي جيڪا

چوڪري آهي، اها تنهنجو ڪم آسان ڪندي. ان سان گڏوگڏ اسان علم سحر ڪان بہ ڪم وٺنداسين. اهو علم سحر جو ڪرشمو ئي آهي جو تون مون تائين پهتو آهين. هاڻي اسان تنهنجي هن علم کي مڪمل ڪنداسين. انسان ۾ خدا هيءَ ڪمزوري شروع ڪان ئي رکي ڇڏي آهي تہ هو بديءَ ڏانهن جلدي راغب ٿي ويندو آهي. اهو ابليس ئي هو جنهن انسان کي ورغلائي جنت مان نيڪالي ڏياري هئي. اسان ماڻهن کي دنيا ۾ ئي جنت ڏينداسين ۽ اها تون ڏيندين. "

"محترم درويش،" حسن چيو، "منهنجو خيال آهي تہ جيڪي ڪجھ توهان مون کي ٻڌائي رهيا آهيو، اهو اڳ ۾ ئي منهنجي ذهن ۾ موجود آهي. ڇا اهو بهتر نہ ٿيندو تہ توهان مون کي ايندڙ منزل تائين پهچايو، جيئن مان پنهنجو ڪم شروع ڪري سگهان."

"سو هاڻي صبح توهان هتان روانہ ٿي ويندا، "درويش چيو،"هن چوڪريءَ کي بہ تعليم ۽ سکيا ڏني ويندي."

*.....*.....*

حسن بن صباح جو درويش وٽ ان انداز ۾ پهچڻ هڪ پراسرار فسانو لڳي ٿو، پر اهو "فرقو باطنيہ" انهيءَ طريقي سان يعني زيرزمين (خفيہ) ۽ پراسرار طريقن سان وڌيو هو. سلجوقي سلاطين اهلِ سنت والجمائت هئا. ان جي ڪري ڪنهن ٻئي فرقي کي برداشت ڪو نہ ڪندا هئا. تاريخ ۾ اچي ٿو تہ سلجوقي حڪمرانن سڄي سلطنت ۾ پنهنجي جاسوسن ۽ مخبرن وسيلي سلطنت جي هر ڪنڊ ڪڙڇ تي نظر رکي هئي. اهائي وجھ هئي جو باطنيہ فرقو زير زمين (خفيہ) ٿي ويو هو. هن فرقي جي پيشوائن پنهنجون ڪاروايون ايتريون تہ خفيہ رکيون هيون جو جاسوسن کي بہ سندن سرگرمين بابت ڪا خبر ڪا نہ پوندي هئي. حسن بن صباح جو استاد عبدالملڪ بن عطاش بہ ڪو معمولي شخص ڪو نہ هو. هو فرقہ باطينہ جو پهرين درجي جو پيشوا هو. ڪجھ تاريخدان لکن ٿا تہ هو هڪ قلعي جو مالڪ پڻ هو.

اڳئين صبح جو اجا سج ايريو ئي ڪو نہ هو تہ چار گهوڙيسوار هنن پهاڙن مان نڪتا. هنن جو رخ خراسان ڏانهن هو. هڪ گهوڙي تي حسن بن صباح سوار هو، ٻئي تي فرحي، ٽئين تي درويش ۽ چوٿين تي درويش جو ساٿي هو. جڏهن صبح پورو ايري نروار ٿي ويو، تنهن وقت هو هڪ پهاڙ جي چڙهائي تي چڙهي رهيا هئا، هي هڪ باقاعدي رستو هو، جنهن تي بيل گاڏيون ۽ گهوڙي گاڏيون بہ هلنديون هيون.

درويش پنهنجو گهوڙو بيهاري ڇڏيو ۽ پنهنجي گهوڙي جو رخ ان پاسي ڦيرائي ڇڏيائين جتان هو اچي رهيا هئا. باقي ٽي گهوڙا بہ بيهي رهيا.

"پويان ڏس حسن،" درويش چيو،" ۽ فرحي تون بہ ڏس."

حسن ۽ فرحي پوئتي مڙي ڏٺو تہ سندن چهري جا تاثر ئي بدلجي ويا. ان پهاڙي تان ڪين پري پري تائين ڦهليل جيڪو منظر نظر آيو، ڏاڍو عجيب هو، جنهن پهاڙي (ٽڪري) تي هو بيٺا هئا سا سڄي خوب صورت گلن، گاه ۽سهڻن وڻن سان ڍڪيل هئي. ٽڪريءَ جي دامن ۾ ساوڪ ئي ساوڪ هئي. پريان هڪ ندي سج جي روشنيءَ

۾ چمڪي رهي هئي.

هن سحرانگيز خطي جي چوڌاري ميلن تائين خشڪ ۽ گاهه ڪانسواءِ ٽڪرين جو هڪ سلسلو هو، جيڪو گولائي ۾ هو. ٽڪرين جون چوٽيون نوڪدار هيون. انهن جي وچ ۾ ڪجهه حصي ۾ ساوڪ هئي ۽ ڪجهه وڻ به هئا.

هي اها جاءِ هئي جتي درويش جو ڊيرو هو. اتي ٽڪرين جو رنگ سليٽي ۽ ڪارو هو، جيڪو ڏپ ڏياريندڙ ٿي لڳو.

"ڏسي رهيو آهين حسن،" درويش چيو، "تون به ڏس فرحي. مان هتان اڳتي ڪو نه هلندس. هيستائين فقط انهيءَ ڪري آيو هوس جو آخري ڳالهه هن هنڌ تي ئي ڪري سگهجي ٿي. زندگي گلن جي سيج ڪانهي، هن ۾ ڪجهه اهڙيون دشواريون به آهن جتي انسان همت هاري ويهندو آهي ۽ جيڪي هنن دشوارين مان پار پوندا آهن. سي ئي ڪامياب ٿيندا آهن. تنهنجو استاد ابن عطاش توکي سڌي راهه تي به هلائي سگهيو پئي، پر ان پنهنجي سحر جي علم سان توکي خواب ڏيکاريو. توکي رستو ڏيکاريو. تون هن پهاڙن ۾ اچي وئين. تون پلجي وئين. نانگن توکي پچائي واپس اتي آندو، جتان تون اندر آئين هئين. انسان جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙا حالات پيدا ٿي پوندا آهن جو هن کي سمجهه ۾ ڪو نه ايندو آهي ته نجات جو رستو ڪهڙو آهي. هنن پهاڙن جي اندر زندگيءَ لاءِ هڪ سبق موجود آهي. قدرت هن خوفناڪ جاءِ تي ڪيترو نه شفاف پاڻي جو چشمو ناهي رکيو آهي ۽ ان سان گڏ ڪهڙي نه سٺي پناهه گاهه موجود آهي. اهڙن چشمن تي فقط اهي ئي پهچندا آهن جيڪي انهن پهاڙن کان ڪو نه ڊڄندا آهن. مان ان وقت تمام ننڍڙو هوس، جڏهن منهنجو استاد مون کي هتي وٺي آيو هو. پاڻ ٻاهر ويهي رهيو هو ۽ منهنجي ٻانهن ۾ ڌاڳو ٻڌي ڇڏيو هو. هي هڪ وڏو ڌاڳو هو. ڊيرو استاد پنهنجي هٿ ۾ رکيو هو. استاد چيو ته مان ٻاهر ويهندس، تون اندر وڃ ۽ چشمي مان ڪوزي ۾ پاڻي ڀري اچ. استاد مون کي چيو هو ته جيڪڏهن چشمي تائين نه پهچي سگهين ته ڌاڳي جي ذريعي واپس اچجان، پر خيال رکجان جي ڌاڳو ٽٽي پيو ته تون واپس نه اچي سگهندين. مان اندر هليو ويس. استاد ڌاڳو ڍرو ڪندو ويو. ڳالهه ڊگهي ٿيندي، جيڪڏهن مان ٻڌائيندس ته چشمي تي ڪيئن پهتس. مان پلجي پيس، ٿڪون سچي پيون، اکين اڳيان اونداهه ٿي وئي. هوش آيو ته چشمي وٽ ڪريل هوس پر ڪوزو پچي پيو هو. استاد کي يقين ڏيارڻ لاءِ ته مان چشمي تي پهتو هوس، مون پنهنجا ڪپڙا پسايا ۽ ڌاڳي جي سهاري واپس اچي ويس. مان توهان کي اهو سبق ڏيڻ چاهيان ٿو ته، جيڪو استاد مون کي ڏنو هو. هن چيو هو ته زندگيءَ جا چشما پاڻ هلي ڪنهن وٽ نه ايندا آهن، ماڻهوءَ کي انهن وٽ وڃڻو پوندو آهي. استاد اهو به چيو هو ته اهو ڌاڳو جيڪو مون تنهنجي ٻانهن ۾ ٻڌو هو، اهو فقط ڌاڳو نه هو، اهو ڌاڳو انساني رشتن جي علامت آهي. انساني رشتا ٽٽڻ نه کپن. تون اڪيلو ڪجهه به نه آهين. جيڪڏهن تون اڪيلو رهجي وئين ته سمجهه تنهنجي ذات ئي ختم ٿي ويئي. هميشه ياد رکجان ته هي رشتن جو ڌاڳو ٽٽڻ نه ڏجان، ٿورو سوچ. جيڪڏهن هي ڌاڳو ٽٽي پوي ها ته تنهنجو

۽ منهنجو رشتو رابطو تني پوي ها ۽ تون هن ڇڪردار پهاڙين مان نڪري نہ سگهين ها. هي اهو آهي آخري سبق، جيڪو مون ڪي حسن تو تائين پهچائڻو هو. ثابت قدم رهجان. توکي فوج جي بغير قلعا فتح ڪرڻا آهن. انساني فطرت جي ڪمزورين ڪي پنهنجي مقصدن ۽ مفادن لاءِ استعمال ڪرڻو آهي. انسانن کي نشو ڏي. نشو دولت جو بہ ٿيندو آهي، نشو عورت جو بہ هوندو آهي، نشن جي ڪمي ڪا نہ آهي. حسن! ابليسي صفتن ۾ وڏي طاقت آهي!مان توکي هڪ راز جي ڳالهہ ٻڌايان ٿو. گهڻا ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي نماز فرض سمجهي ۽ خد اجي عبادت سمجهي پڙهن ٿا. عام ماڻهو نماز فقط ان لاءِ پڙهندا آهن تہ اڳلي جهان ۾ جنت ۾ ويندا سين، جتي حورون ۽ شراب ملندو ۽ عيش و عشرت ڪانسواءِ ڪو ڪم نہ هوندو."

"مان انهن ماڻهن کي هن دنيا ۾ ئي جنت ڏيکاري ڇڏيندس." حسن چيو.

"زندهہ باد حسن بن صباح،" درويش چيو،"هاڻي وڃو. مان بہ وڃي رهيو آهيان. الوداع."

"الوداع."

※.....※.....※

ٻن ڏينهن جي مسافريءَ ڪان پوءِ حسن بن صباح ۽ فرحي پنهنجي رهبر سان گڏ ايران جي جنهن قلعي ۾ داخل ٿيا. اهو قلعو اصفهان هو. رواجي نموني هن قلعي کي قلعو شاهہ در چيو ويندو هو. هي قلعو سلجوقي سلطان ملڪ شاهہ ٺهرايو هو ۽ ذاڪر سلجوقين وانگي پڪو مسلمان ۽ اسلام جو شيدائي هو. هي ڪو ايڏو وڏو قلعو نہ هو، جنهن جي اندر ڪو شهر آباد هو. اندر فقط وڏن معزز ماڻهن، سرڪاري ماڻهن يا وري انتظامي امور جا ماڻهو ۽ سندن ذاتي ملازم رهندا هئا. اصل آبادي قلعي جي ٻاهر ۽ ٿورو فاصلي تي هئي. هن آباديءَ ۾ باطنيہ فرقي جا ماڻهو بہ رهندا هئا پر پنهنجي اصليت ظاهر ٿيڻ ڪو نہ ڏيندا هئا.

ذاڪر جي عمر ذري گهٽ پنجاهہ سال هئي. هن بہ شاديون ڪيون هيون. ٻنهي زالن جون عمرون بہ چاليهن ڪان مٿي تي ويون هيون. ذاڪر ڪو عياش ماڻهو ڪو نہ هو، نماز روزي جو پابند هو، پر انساني فطرت جون ڪمزوريون تہ هر انسان ۾ موجود هونديون آهن.

هو ڪڏهن ڪڏهن هرڻ جي شڪار تي ويندو هو. هي علائقو سرسبز هو. وڻ ٽڻ هئا. شفاف پاڻيءَ جون بہ نديون وهي رهيون هيون، جهڙوڪ جنت لڳي پئي هئي.

ذاڪر گهوڙي تي سوار هڪ نديءَ جي ڪناري وڃي رهيو هو. ساڻس چار محافظ ۽ بہ درباري پڻ هئا. ذاڪر اڳيان اڳيان هلي رهيو هو. اڳتي هلي هڪ موڙ تي بہ وڻ هڪ ٻئي جي ويجهو هئا ۽ ٻي پاڙيءَ جون ڪئين پاڙون انهن ٻنهي وڻن تي اهڙي طرح ٻنيل هيون جو هڪ ڇت وانگر شڪل اختيار ڪري ورتي هئن.

انهيءَ گلن واري ٻي پاڙيءَ سان ٺهيل ڇت جي هيٺان هڪ نوجوان ڇوڪري ويٺل هئي، جنهن جي عمر 17 سالن ڪان بہ گهٽ پئي لڳي. هن جي هنج ۾ هرڻ جو ٻچو هو. ذاڪر جي ڇهريَ تي پهريان تہ حيرت نظر آئي پوءِ حيرت جي جاءِ تي مسڪراهٽ آئي.

”هي هرڻ جو ٻچو ڪٿان آندو اٿئي ڇوڪري؟“ ذاڪر پڇيو.

”جنگل ۾ اڪيلو ڦري رهيو هو،“ ڇوڪري جواب ڏنو،”ڪافي ڏينهن تي ويا پنهنجي ماءُ کي ڳولي رهيو هو....“

”اٿي بيهه ڳالهاءِ ڇوڪري،“ هڪ محافظ ڏڙڪو ڏنو، ”قلعه جي امير جي احترام ۾ اٿي بيهه.“

ذاڪر محافظ کي ناراضگي کان نهاريو.

”توهان سڀ اڳتي هلو ،“ذاڪر سپني کي چيو، ”اڳتي هلي منهنجو انتظار ڪريو.“

”ڇوڪري ڊپ مان اٿڻ لڳي.

ذاڪر گهوڙي تان هيٺ لهي آيو. ڇوڪري جي اکين ۾ خوف تري آيو.

”ڊڄ نه ڇوڪري!،“ ذاڪر ڇوڪريءَ جي مٿي تي هٿ رکي چيو، ”هن بدبخت توکي ڊيڄاري ڇڏيو. منهنجي دل کي تون ۽ هي هرڻ جو ٻچو ڏاڍو وڻيو آهي. مان امير قلعه ضرور آهيان پر توتي حڪم ڪو نه هلائيندس.“

”مان هرڻ جو ٻچو نه ڏيندس.“

”مان توکان هي ٻچو ونندس به نه“ ذاڪر چيو،”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ ذاڪر پڇيس.

”زرين.“ ڇوڪري جواب ڏنو.

”ڇا هي هرڻ جو ٻچو ايترو خوبصورت آهي؟“ ذاڪر پڇيو ۽ وري پاڻهي ئي جواب ڏنائين، ”برابر ايترو خوبصورت آهي جو هر ڪو ان کي چاهيندو.“

ڇوڪريءَ چيو، ”نه اميرا هي پيارو ۽ وڻندڙ ته آهي پر مان هن سان ان ڪري پيار نه ٿي ڪيان. مون کي ڪنهن ٻي وجهه سان هن سان پيار آهي. هي پنهنجي ماءُ کان وڇڙي ويو آهي. هن کي ڏسي مون کي پنهنجي ننڍپڻ جو زمانو ياد اچي ويو، جڏهن منهنجي ماءُ به مون کان وڃائجي ويئي هئي ۽ مان جهنگ ۾ ڀٽڪندي رهي هيس.“

”پوءِ توکي تنهنجي ماءُ ڪٿي ملي؟“ ذاڪرپڇيس.

”منهنجي ماءُ اڄ ڏينهن تائين ڪو نه ملي،“ زرين جواب ڏنو،“ ان وقت منهنجي عمر چار سال هئي. هڪ ننڍو قافلو هو، جنهن سان گڏ اسان وڃي رهيا هئاسين. منهنجا ماءُ پيءُ غريب خانه بدوش هئا. مان جڏهن کان هوش سنڀاليو، تڏهن کان ماءُ پيءُ بغيرهي زندگي گذاريندي ڏٺم.“

”پوءِ تون هنن کان ڪيئن وڇڙي وئين؟“

”اهو هڪ وڏو ۽ تيز طوفان هو، سڄو قافلو هڪ ٻئي کان وڇڙجي ويو. منهنجا ڇار ڀيا به ياءُ ۽ ڀيڻ هئا. ماڻ ننڍي هئس، تيز هوا سان شايد واهه ۾ ڪري پئي هئس. پاڻي جي وهڪري سان گڏ ڪافي پري هلي ويس. مون کي ايترو ياد آهي ته جڏهن ٻڏي رهي هيس ته ڪنهن بزرگ مون کي بچايو هو.“

”ڇا ان بزرگ توکي پاليو يا وري تنهنجا ماءُ پي توکي ملي ويا هئا؟“ ذاڪرپڇيو.

”نه امير“ زرين جواب ڏنو،”منهنجا ماءُ پي الاءِ ڪٿي آهن. مون کي هن بزرگ پنهنجي ڌي سمجهي پاليو آهي. مان ڪيس پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهان ٿي.“

”ڪير آهي هي بزرگ؟“

”احمد بن عطاش“ زرين جواب ڏنو، ”قلعي جي ٻاهران رهندو آهي. مذهبي عالم

آهي ۽ پڪو اهل سنت آهي.“
زرين جو انداز بيان ايترو تہ معصومانہ ۽ دلفريب هو، جو ذاڪر چڻ هن جي معصوميت ۾ گم ٿي ويو. هڪ تہ ڇوڪري هئي بہ تمام پياري ۽ پيو سندس بڌايل ڪماٽي بہ اهڙي هئي جو ذاڪر جي دل ۾ هن لاءِ همدردي پيدا ٿي وئي.
ذاڪر پاسي مان هڪ گل پٽي زرين ڏانهن وڌايو.
”زرين،“ ذاڪر وڏي پيار مان چيو، ”هن گل ۾ منهنجو پيار آهي، هي تون وٺي ڇڏي.“
زرين گل ورتو ۽ ٻارن وانگي کلي پيئي. سندس کل اهڙي هئي، جهڙو ڪنهن جلترنگ نغمو وڄيو هجي.
”هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ زرين،“ ذاڪر چيو ”ڇا تو منهنجو گل دل سان قبول ڪيو آهي.“
”بالڪل،“ زرين چيو، ”پيار کي ڪير قبول نہ ڪندو.“
”ڇا تون منهنجي گهر اچڻ پسند ڪندين؟“
”اهو ڇو؟“
”مان توکي هميشہ لاءِ پاڻ وٽ رکندس،“ ذاڪر چيو، ”مان توکي پنهنجي زندگيءَ جو ساٿي بڻائڻ چاهيان ٿو. ڇا تون منهنجي زندگيءَ ۾ منهنجي گهر ۾ اچڻ پسند ڪندينءَ؟“ ذاڪر التجا واري انداز ۾ پڇيو.
”تہ پوءِ مان ڇو اچان؟“ زرين کلندي چيو، ”توهان ڇو نٿا اچو؟“
”نہ زرين،“ ذاڪر چيو. ”تون ايتري تہ معصوم آهين جو منهنجي ڳالهہ نہ سمجهي سگهين آهين.“
”مان توکي پنهنجي گهر آڻڻ چاهيان ٿو. تون مون کي هن گل وانگي سهڻي ڏسجي ٿين.“
”گل ڪنهن وٽ هلي ڪو نہ ويندا آهن. امير محترم،“زرين مسڪرائيندي چيو،” گلن جا شوقين گلن وٽ هلي ويندا آهن ۽ ڪنڊن سان بہ گل حاصل ڪري وٺندا آهن. هي جيڪو گل توهان مون کي ڏنو آهي اهو توهان پنهنجي هٿن سان توڙي مون کي ڏنو آهي. توهان ڪنهن گل کي حڪم ڏيو تہ ڇا گل توهان جي حڪم جي تعميل ڪندو!“
ذاڪر وڌو تمڪ ڏنو ۽ زرين کي پنهنجي ويجهو ڪيو، هن ڪا بہ مزاحمت نہ ڪئي.
”تون جيتري حسين آهين اوتري عقلمند بہ آهين. هاڻي تہ مان توکي هر حال ۾ حاصل ڪندس.“
”۽ مان پنهنجي جان ڏيئي بہ توهان کان پري ويندس.“ زرين وري بہ کلندي چيو.
”اهو ڇو؟“
”مون بادشاهن جون ڪماٽيون ٻڌيون آهن،“ زرين چيو، ”توهان جهڙا امير بہ بادشاهہ هوندا آهن. جيڪا ڇوڪري وٽي، ان کي هيرن جواهرن ۾ توري پنهنجي حرم ۾ داخل ڪندا آهن. وري ٻي ڪا ڇوڪري ملي تہ پهرين کي وساري ڇڏيندا آهن. مان وڪامجڻ نٿي چاهيان اي امير قلعہ... ها جيڪڏهن توهان جا سپاهي مون کي زبردستي ڪري توهان جي محل ۾ پهچائن تہ مان ڪجهہ نٿي ڪري سگهان. منهنجو پوڙهو پيءُ احمد بن عطاش سواءِ گوڙهن ڳاڙهڻ جي ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي. هو پوڙهو آهي. عالم دين آهي ۽ شايد تلوار بہ نٿو هلائي سگهي.“

”نـ، زرين “ ذاڪرچيو،”احمد بن عطاش وانگر مان بہ سني مسلمان آهيان. ڇا تو مسلمانن ۾ ڪو بہ بادشاهہ ڏٺو آهي؟ مان تہ حڪمران بہ ڪو نہ آهيان، ڪنهن ملڪ جو. مان سلجوقي سلطان جو ملازم آهيان، مون وٽ ڪو بہ حرم نہ آهي. ٻہ زالون آهن، جيڪي پوڙهيون ٿي ويون آهن. اُهي تنهنجي خدمت ڪنديون ۽ توکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿينديون.“

اُن زماني ۾ عربن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ زالون رکڻ جو رواج هو، سڀ زالون پاڻ ۾ خوش گذاريندون هيون، اهو دور سلجوقين جو هو. اسلام ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ هنن ۾ بہ ساڳيو رواج هو، پر اسلام آڻن کانپوءِ هنن پاڻ کي پابند ڪري ڇڏيو هو تہ هڪ ماڻهو وڌ ۾ وڌ چار زالون رکي سگهي ٿو.

”مان ڪا بہ زبردستي ڪو نہ ڪندس“ ذاڪرچيو،” نہ توکي هيرن جواهرات ۾ توريندس. مان شرعي حڪمن پٽاندر مطابق تو سان نڪاح ڪندس. فيصلو تون پاڻ ڪندينءَ.“

”تہ پوءِ ان ٻوتي ڏانهن وڃو، جتان گل پٽڻو آهي.“ زرين چيو.

”ها زرين،“ ذاڪر چيو،”مان ”تنهنجي ڳالهہ سمجهي ويس. مان احمد بن عطاش سان ملاقات ڪندس، مون کي تنهنجو معصوم حسن وڻيو آهي پر مون ڏٺو تہ تون عقلمند بہ آهين. مان قلعي جو حاڪم آهيان. مون کي تو جهڙي عقلمند زال جي ضرورت آهي، جيڪا وقت تي منهنجي مدد ڪري صلاح ۽ مشوري ڏئي سگهي.“

”منهنجي پيءَ کان فيصلو وٺو،“ زرين سنجيده ٿي چيو،”مون کي دولت نہ محبت کپي.“

”زرين،“ ذاڪر چيو،”منهنجي فطرت بادشاهن واري هجي ها تہ تنهنجي قدمن ۾ درهمن ۽ دينارن جي ٿيلهي رکان ها پر نہ، مان محبت کي محبت سان خريد ڪندس.“

ذاڪر گهوڙي تي چڙهي پنهنجي سوارن وٽ پهتو، جيڪي سندس انتظار ۾ پل وٽ بيٺا هئا، ”هڪ ڳالهہ غور سان ٻڌو،“ ذاڪر کين چيو،”جڏهن ڪو هرڻ سامهون اچي تہ مون کي اهو ضرور ٻڌائيندا وڃو تہ هو نر آهي يا مادي. ڪڏهن بہ ڪنهن هرڻيءَ کي نہ مارجو، ٿي سگهي ٿو تہ هوءَ ٻچي واري هجي.“

٭.....٭....٭

ذاڪر شڪار کان واپس اچي رهيو هو. هن هڪ هرڻ ماريو هو، پر اڄ هو وڏو شڪار ڪري واپس وري رهيو هو. اهو شڪار زرين هئي، جيڪا گل وانگي معصوم هئي. ذاڪر کي اڃا اهو خيال نہ آيو هو تہ هو شڪار ڪري آيو هو يا شڪار ٿي آيو هو. زرين کيس پنهنجي وستيءَ جو ٻڌايو هو جيڪا قلعي کان ٿورو ئي پري هئي، وستيءَ جي ويجهو ذاڪر پنهنجو گهوڙو روڪيو ۽ هڪ دربار کي چيو تہ هتي احمد بن عطاش نالي هڪ عالم رهندو آهي، کيس منهنجو سلام پهچائي اچ.

هڪ سوار پنهنجي گهوڙو وستيءَ ۾ ڊوڙايو ۽ ٿوري دير کان پوءِ هڪ ماڻهوءَ سان گڏ آيو، جيڪو هڪ وڏي اڇي چغي ۾ ملبوس هو. مٿي تي سلجوقي ٽوپي هيس. ٽوپيءَ کي هڪ وڏو اڇو رومال جيڪو ڪلهن تائين آيو پيئي. سندس ڏاڙهي وڏي ۽ چغي وانگي اڇي هئي. ذاڪر گهوڙي تان لهي سندس پيرن تي هٿ رکيا ۽

پڇيائيس، "احمد بن عطاش؟"

ها امير قلعه! مان ئي احمد بن عطاش آهيان. منهنجي لاءِ ڪو حڪم."

"ڪو حڪم نہ آهي اي عالم دين،" ذاڪر التجا آميز انداز ۾ چيو، "درخواست آهي اڄ رات جي ماني توهان مون وٽ ڪائيندا."

"مان مغرب جي نماز ڪانپوءِ حاضر ٿي ويندس." احمد بن عطاش چيو.

مغرب جي نماز ڪانپوءِ احمد بن عطاش ذاڪر جي محل نما گهر ۾ دسترخوان تي گڏ هو. ذاڪر کيس سندس ڌيءَ جو رشتو کيس ڏيڻ لاءِ چيو. هن کيس ٻڌايو تہ زرين کيس ڪٿي ۽ ڪيئن ملي هئي.

"خدا منهنجي دعا قبول ڪري ورتي آهي،" احمد بن عطاش ٻئي هٿ آسمان ڏانهن ڪري چيو، "مون هن ڇوڪريءَ کي طوفان ۾ بچايو هو. ڏاڍي پيار سان پاليو آهي، مان هن جي لاءِ دعائون ڪندو هوس تہ سندس مستقبل روشن هجي، توهان جيڪڏهن هن کي پنهنجي لاءِ پسند ڪيو آهي تہ هن کان وڌيڪ خوش نصيبي ٻي ڪهڙي ٿيندي."

*....*....*

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ زرين ڪنوار بڻجي، ذاڪر جي زندگيءَ ۾ داخل ٿي ويئي. ذاڪر جي ٻنهي زالن سندس پرجوش استقبال ڪيو، ذاڪر ٻہ خادمائون زرين جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو.

"مون کي ڪنهن خادم جي ضرورت نہ آهي،" زرين چيو، "مان اوهان جي خدمت پنهنجي هٿن سان ڪرڻ چاهيان ٿي. مون ڏنو آهي تہ رات جو ڪير بہ اوهان کي خادمہ ڏئي ٿي. هاڻي مان پاڻ توهان کي ڪير ڏيندس.

## چهڪ

هڪ ٿلهي عورت پنهنجي پلنگ تي سمهڻ لڳي تہ اوچتو زلزلو آيو. هوءَ پلنگ کان هيٺ ڪري پئي، ويجهو ئي مڙس ستو پيو هو. تنهن اک کوليندي چيو "زلزلو اچڻ سان تون ڪري آهين يا تنهنجي ڪرڻ سان زلزلو آيو آهي."

مون کي خبر آهي تہ اوهان کير ۾ ماکي وجهي پيئندا آهيو."

ذاڪر جي عمر پنجاهہ سال کن ٿي چڪي هئي. هن کي اها اميد ڪا نہ هئي تہ سترنهن جي حسين ڇوڪريءَ هن کي ايترو چاهيندي. هن زرين کي رات جو کير پاڻ ڏيڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ زرين، ذاڪر کي چيو تہ جنهن شخص مون کي طوفان کان بچايو، ايڏي پيار ۽ محبت سان پاليو آهي، مون کي هن جي بغير زندگي اداس ٿي لڳي، مان چاهيان ٿي تہ ذاڪر کيس اجازت ڏئي هو ڪجهہ وقت هتي اچي رهي. ذاڪر احمد بن عطاش کي گهرائي کيس چيو تہ هي سندس گهر آهي، جڏهن بہ جيترو بہ وقت هت رهڻ چاهي، هو رهي سگهي ٿو. مطلب تہ هي نوجوان ڇوڪري ذاڪر جي دل و دماغ تي ڇانئجي چڪي هئي. ذاڪر کي ذرو برابر بہ شڪ ڪو نہ ٿيو تہ احمد بن عطاش بہ پڻ اهو چاهيو پئي، تہ هو هتي اچي رهي ۽ اهڙي نموني هو پنهنجي سازش کي اڳيئن مرحلي ۾ داخل ڪري.

(هن ناقابل يقين پر سچي داستان جو باقي احوال آئنده مهيني پڙهندا)

ٻن مختلف انسانن جي پاڻ ۾ موتمار ڪشمڪش جو داستان

# هابيل ۽ قابيل

ٻين قسط

جيفري آرچر

سنڌيڪار: نصرالله عباسي

"وليم لؤويل ڪين" بوسٽن جي هڪ ارب پتي ماڻهوءَ جو پٽ آهي ۽ "آبيل روزنوسڪي" هڪ ڪنگلو آهي جيڪو پولينڊ مان آيل آهي..... ٻئي هڪ ئي ڏينهن پيدا ٿيا آهن، پر اهي ٻئي هڪٻئي کان مختلف آهن. انهن ٻنهي کي پنهنجو مقدر ٺاهڻ لاءِ اڻ ٿڪ جستجو ڪرڻي آهي. انهن ٻنهي جي زندگي هڪ حيرت ڪندڙ ڪهاڻي آهي، جيڪا اصل ۾ سٺ سالن تائين ٻن طاقتور ماڻهن جي وچ ۾ نفرت جي داستان آهي. قسمت انهن کي هڪ ٻئي کي بچائڻ لاءِ منتخب ڪري ٿي..... ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ ٻئي کي تباهه ڪرڻ ۾ جتجي وڃن ٿا. هيل تائين 30 لک ڪاپيون هن ناول جون ڇپجي چڪيون آهن.





جڏهن تہ ٻين سيني ٻارن جي سيني تي هن ۾ ٻبڙيون ڏٺيون هيون ۽ هڪ مڪمل انساني جسم جڻ گهرج بہ اها هئي. ڪنهن وقت هي پنهنجي بستري تي ستل هوندو هو ۽ ڪيس ننڊ نہ ايندي هئي تہ هو آگر سان پنهنجي ڪليل سيني کي ڇهندو هو. ان وقت قدرت جي ان بي واجبي تي زارو قطار روئندو هو. روئندي روئندي اها دعا ڪندي ننڊ ڪندو هو تہ جڏهن هو صبح جو جاڳندو تہ هر شئي بدليل هوندي، پر هن جي اها دعا قبول ڪونہ ٿيندي هئي. ولادڪ ، هر رات هڪ مخصوص وقت تي ورزش ڪندو هو.ڪيس ٻيو ڪير تہ نهيو پر فلور نٽاشا بہ ڪونہ ڏسي سگهندي هئي. پڪي ارادي سان هي پاڻ کي جهلي ٻيهندو هو ۽ ٻگهو نظر ايندو هو. هن پنهنجا ڏورا ۽ ٽنگيون مضبوط ناهي ورتيون ۽ پنهنجي سمهڻ واري ڪمري جي ڪامر کي آگرين سان پڪڙي ڪيتري دير تائين ان اميد تي لٽڪندو هو تہ ايئن ڪرڻ سان هي ٻگهو ٿي ويندو، پر لي اون جو قد تہ ننڍ ۾ بہ وڌندو هو. ولادڪ کي اهو ڪڙو سچ قبول ڪرڻو پيو تہ هي سڄي عمر ٻئرن (نواب) جي پٺ کان هڪ فٽ بندرو رهندو ۽ دنيا جي ڪابہ شيءَ سندس ٻي ٻبڙي پيدا نہ ٿي ڪري سگهي.

ولادڪ کي پاڻ ٿي پنهنجو جسم ڪونہ وڻندو هو، حالانڪ سندس دوست لي اون ڪڏهن بہ هن جي باري ڪا تنقيدي رائي ڪونہ ڏني هئي، ٻئرن (نواب) روسنو وسڪي کي هي ڪارن وارن وارو ٻار هاٺي گهڻو وڻڻ لڳو هو، جيڪو هن جي زال .جي ويم دوران موت ڪانپوءِ لي اون جو ننڍو ڀاءُ پئي لڳو.

روزانو ٻئي ٻار، پٿر جي ٻيتين واري عاليشان هال ۾ هن سان گڏ رات جي ماني کائيندا هئا، جڏهن تہ ميڻ بتين جي روشني سان ڀت تي ٽنگيل جانورن جي منڍين جا پاڇا هال جو ماحول عجيب بڻائيندا هئا ۽ نوڪرن جي هٿن ۾ چاندي جي ٿال ۽ سون جي پليٽن ۾ ڪاز، سوئر جو گوشت، مختلف مڇيون، عمدي شراب ۽ ميوا ۽ بعضي، ماذوريڪ، جيڪا ولادڪ جي من پسند هئي، هوندا هئا ۽ جڏهن اونده ڪجهہ وڌندي هئي تہ ٻئرن (نواب) نوڪرن کي هال مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو هو ۽ ٻارن کي ڊانزنگ ووڊڪا پيئڻ جي اجازت ڏيندو هو، جنهن ۾ سونا ورق چمڪندا رهندا هئا. ولادڪ هميشہ وانگر، انتهائي نرم لهجي ۾"ٿاڊيوس ڪوسيز ڪو" جي ڪهاڻي ٻڌائڻ جي درخواست ڪئي.

"هڪ محب وطن ۽ هيرو"، ٻئرن (نواب) ٻڌائيندو هو". اسان جي آزاديءَ جو اهڃاڻ، جنهن فرانس ۾ تربيت ورتي.....

"جتان جي رهواسين کي اسين چاهيون ٿا ۽ تعريف ڪريون ٿا، ساڳئيءَ طرح جيئن اسين روسين ۽ آسٽرين سان نفرت ڪريون ٿا." ولادڪ چوڻ شروع ڪندو هو.

"ولادڪ.ڪهاڻي مان پيو ٻڌايان يا تون؟" ٻئرن (نواب) ڪلندو هو... ۽ پوءِ جارج واشنگٽن جنهن وقت آمريڪا ۾ آزادي ۽ جمهوريت لاءِ جنگ وڙهي رهيو

هو ، تنهن وقت "تاڊيوس ڪوسيز ڪو" 1792 ع ۾ ڊيو بينڪا جي لڙائيءَ ۾ پولينڊ واسين جي اڳواڻي ڪئي ۽ جڏهن اسان جو بدنصيب بادشاهه "اسٽاينلاس آگسٽس". اسان کي ڇڏي روسين سان وڃي مليو، تہ ان وقت اهو ڪوسزڪو ٿي هيو جنهن وطن واپس اچي"زار" جي شهنشاهيت مان ڇوٽڪارو ڏياريو، لي اون تو کي خبر آهي تہ هن کهڙي لڙائي ڪئي؟"

"زاڪلاوائس" سائين ۽ پوءِ هن"وارسا" کي آزاد ڪرايو."

"بلڪل صحيح، منهنجا ٻچا، پوءِ، افسوس!، روسين، ماسيجو وائس، وٽ لشڪر ڪشي ڪري هن کي شڪست ڏني ۽ قيدي ڪيائونس. منهنجي پڙ ڏاڏي جو پڙ ڏاڏو انهن ڏينهن ۾ ڪوسزڪو سان گڏ وڙهيو ۽ پوءِ عظيم شهنشاهه پنولين بونا پارٽ خاطر، ڊابرو سڪي جي لشڪر سان گڏجي وڙهيو."

۽ پوءِ پولينڊ خاطر ڏنل ان قرباني لاءِ توهان جي خاندان کي ٻئرن (نواب) روسنو وسڪي جو لقب عطا ڪيو ويو." ولاڊڪ ايئن چيو ڄڻ هڪ ڏينهن اهو لقب ڪيس ملندو.

"اهي عظيم ڏينهن ٻيهر ايندا.منهنجي فقط اها دعا آهي تہ مان اهي ڏينهن ڏسڻ لاءِ جيئرو هجان."

☆......☆......☆

ڪرسمس جي موقعي تي، سڄي جاگير جا هاري پنهنجي ڪٽنب کي ساڻ ڪري قلعي ۾ برڪتن واري رات ملهائيندا آهن. ڪرسمس واري ڏينهن سڀ وڏا روزو رکندا هئا. جڏهن تہ ٻار آسمان ۾ پهريون تارو ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جنهن جي نظر اچڻ سان کين خبر آهي تہ وڏا طعام کائڻ لاءِ ملندا.

ٻئرن (نواب) ان وقت وڏي آواز ۾ اخترام مان دعا پڙهندو هو ۽ جڏهن سڀ ويهي رهندا هئا تہ ولاڊڪ جاسيو جي هيڄ تي شرمندو ٿيندو هو، جيڪو دستر خوان تي رکيل ڪابہ شئي نہ ڇڏيندو هو ۽ واپس گهر موٽندي، هر سال وانگر بيمار ٿي پوندو هو.

دعوت کان پوءِ ولاڊڪ کي ڪرسمس وڻ مان تحفا هارين جي ٻارن ۾ ورهائڻ ۾ مزو ايندو هو. هن کين ميوا ۽ ميڻ بتيون، صوفيہ کي گڏي، جاسيو کي جهنگلي چاقو ۽ فلور نتائنا کي هڪ نئون وڳو ڏنو. اهو پهريون ڀيرو هو جو ولاڊڪ ٻئرن (نواب) کان ان تحفي جي گهر ڪئي هئي.

"امان! هو صحيح آهي" جوزف کي ولاڊڪ جڏهن تحفو ڏنو تہ هن ماءُ کان پڇيو." تہ هي اسان جو ڀاءُ نہ آهي"

"نہ ،" ماڻس جواب ڏنو،"پر هيءُ سدائين منهنجو پٽ رهندو. "

☆......☆......☆

1941 ع جي سياري ۽ بهار ۾ ولاڊڪ طاقت ۽ پڙهائيءَ ۾ وڌندو رهيو ۽ اوچتو، جولائيءَ ۾ جرمن استاد خدا حافظ چوڻ بغير قلعو ڇڏي هليو ويو، ڪنهن بہ ٻار کي خبر ڪونہ پئي تہ ڇو.

ٻنهي ڪڏهن بہ اهو نہ سوچيو تہ، سرائيو، ۾ هڪ انارڪسٽ شاگرد هٿان قتل ٿيل "ڊيوڪ فرڊيننڊ" سان ان جو

ٽيڻ لڳو پر رچرڊ جون ڪيتريون ئي راتيون حرام ٿي ويون.

ٻئي پاسي وليم زلزلن ۾ بند ٿيندڙ بئنڪن کان بيخبر سڪون سان ستو رهيو. هن لاءِ هنج پڪين ڪي ڏاڍو وجهڻ ۾ مختلف علائقن ۾ پنهنجن مائٽن وٽ گهمڻ وڌيڪ ضروري هو.

ايندڙ سال بهار جي مند ۾ رچرڊ، هينري فورڊ نالي هڪ همراهه جي هڪ منصوبي ۾ سيڙپ ڪئي، جنهن جي دعويٰ هئي ته هو ماڻهن لاءِ هڪ موٽرڪار تيار ڪندو. بئنڪ، مسٽر فورڊ جي مان ۾ مانجهاندو ڏنو. رچرڊ ڪي مني چري سان ڪٺو ويو ۽ ڪيس اٺ سؤ پنجاهه ڊالر جي وڏي رقم عيوض ،ماڊل ڪار ڏني وئي. هنيري فورڊ، رچرڊ کي پڪ ڏياري ته هن جي بئنڪ جي پنيرائي جي ڪري ڪار جي رقم ٿي سئو پنجاهه ڊالرن تائين گهٽجي ويندي، جنهن ڪري گهڻا ماڻهو گاڏي خريد ڪندا، جنهن سان منافعو وڌندو ۽ آخرڪار بئنڪ ٠ کي پڻ فائدو ٿيندو. رچرڊ هن جي پنيرائي ڪئي ۽ اهو پهريون پيرو هو جو هن هڪ اهڙي شخص لاءِ وڏي سيڙپ ڪئي هئي، جيڪو پنهنجي شئي جي قيمت اڌ جيتري ڪرڻ ٿي چاهي ته جيئن وڌيڪ گاڏيون وڪڻي سگهي.

رچرڊ شروع ۾ ڪجهه سوچ ۾ هو ته ڪاري رنگ جي اها ڪار، هڪ بئنڪ جي چيئرمين طور مناسب نه هوندي، پر جڏهن ماڻهو هن جي ڪار کي شوق منجهان ڏسندا هئا ته هن جي سوچ تبديل ٿي وئي. مسٽر فورڊ سان هن جو سدائين هڪ ڳالهه تي جهيڙو هو ته ڪار ڪيترن ئي رنگن ۾ تيار ڪئي وڃي. پر فورڊ جو چوڻ هو ته اگر ڪار جي قيمت گهٽائڻي آهي ته اها صرف هڪ ڪاري رنگ ۾ تيار ڪئي وڃي. ايني پنهنجي مڙس کان وڌيڪ احتياط پسند هئي، هن ان وقت تائين ڪار ۾ سفر نه ڪيو، جيستائين سندس ڪئبوٽ خاندان پڻ اها خريد نه ڪئي.

وليم کي ڪار ڏاڍي پسند آئي، جنهن جي اچڻ سان هن جي ٻارن واري گاڏيءَ مان جند ڇٽي. ڪار هلائڻ لاءِ ڊرائيور رکيو ويو. وليم کي هن جو چشمو ۽ سدائين گڏ رهندڙ نرس جي "هيٽ" وڻندي هئي. سندس ناني ۽ ڏاڏي پڪو پهه ڪيو ته هو ان نياڳي مشين ( ڪار) ۾ ڪڏهن به سفر نه ڪنديون ۽ ان ارادي تي قائم رهيون. بهرحال سندس ڏاڏيءَ جو جنازو موٽر ڪار ۾ رکي قبرستان نيو ويو پر هن کي اها خبر پئجي ڪونه سگهي.

☆......☆......☆

ايندڙ ٻن سالن ۾ بئنڪ سان گڏوگڏ وليم به طاقت ۽ سائز ۾ وڌندو ويو. آمريڪين هن جي بئنڪ ۾ ببهر پيسو سيڙائڻ شروع ڪيو هو جيڪو وري رچرڊ ميساچوسيٽس ۾ واقع پنهنجي چمڙي جي فئڪٽري کي وڌائڻ لاءِ سيڙايو. رچرڊ جي خواهش هئي ته هن جو پٽ ۽ سندس بئنڪ حير انگيز حد تائين ترقي ڪن ۽ وڌن. وليم جڏهن پنجن سالن جو ٿيو، ته پٽس ڪيس عورتن جي هٿن مان ڇڏائي، ذاتي استاد"مسٽر منرو"

ناني ۽ ڏاڏي هڪ سال کان اڳ ماتم مان نہ نڪتيون. اپني اجان اٺاويهہ سالن جي هئي ۽ اهو پهريون پيرو هو جو هو پنهنجي عمر برابر لڳي رهي هئي.

اپني جي بر خلاف ٻنهي پوڙهين وليم کان پنهنجو غم لڪائي رکيو هو. جيستائين وليم ان بابت پڇيو.

"چا توهان بابا کي ياد ڪو نہ ٿيون ڪريو." وليم ڏاڏيءَ کان پڇيو. هن جون نيريون اکيون ڪيس پنهنجي پٽ جي ياد ڏياري رهيون هيون.

"بلڪل ياد آهي منهنجا ٻچا! پر رچرڊ کي اسانجي ايئن افسوس ڪرڻ تي ڪڏهن سٺو ڪو نہ لڳي ها."

"پر مان چاهيان ٿو تہ اسان ڪيس رڳو ياد ڪريون. هميشہ" وليم ٿڙڪندڙ آواز ۾ چيو.

"وليم، هاڻي جيئن تہ تون وڏو ٿي چڪو آهين. ان ڪري مان توکي ٻڌائڻ ٿي چاهيان تہ اسان سڀ رچرڊ کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهنداسين. پر هاڻي توکي پنهنجي ڪردار چڱيءَ طرح ادا ڪرڻو پوندو تہ جيئن تون اهو ڪجهہ ڪري سگهين جيڪو تنهنجي پيءُ چاهيو پئي. تون هاڻي هن خاندان جو سربراهہ ۽ وسيع ملڪيت جو مالڪ آهين"

وليم ڪجهہ نہ ڪڇيو. هينئر ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو مقصد هو. هن ڏاڏيءَ جي نصيحت هئينءَ سان هنڊائي ڇڏي. هن تڪليف ۾ بنا شڪايت جي جيئڻ جو گر سکي ورتو. ان ڏينهن کان هن وڏي محنت سان پنهنجي پڙهائي شروع ڪئي. وليم ان وقت ٿي مطمئن ٿيندو هو جڏهن ڏاڏي هن جي تعريف ڪندي هئي.

هر موضوع ۾ هي مهارت حاصل ڪرڻ لڳو. حسابن ۾ نہ رڳو پنهنجي هم ڪلاسين پر سڄي اسڪول کان اڳيرو هو. هر اها شئي جيڪا هن جي پيءُ حاصل ڪئي هئي، هن چاهيو پئي تہ ان ۾ اجا بہ اڳتي نڪري. وليم سدائين پنهنجي ماءُ جي ويجهو رهندو هو ۽ ٻارن سان ميل ميلاپ گهٽ رکندو هو.

☆......☆......☆

وليم جي ستين جنم ڏينهن تي ناني ۽ ڏاڏي صلاح ڪئي تہ هن کي هاڻي پيسي جي قدر بابت هدايت ڪجي.

هنن وليم کي هڪ ڊالر في هفتو خرچي ڏيڻ جي اجازت ڏني پر ڪيس چيائون تہ خرچ ٿيندڙ رقم جو حساب ڪتاب لکندو وڃي. وليم کي سائو چمڙو چڙهيل هڪ ليجر بڪ ڏنو ويو جنهن جي قيمت پنجانوي سينٽ هئي. اها رقم هن جي پهرين هفتي جي خرچي واري هڪ ڊالر مان ڪٽي وئي. ٻئي هفتي کان پوڙهين هر ڇنڇر تي هڪ ڊالر کي ورهائڻ لڳيون. وليم پنجاهہ سينٽ جي سيڙپ ڪئي. ويهہ سنيٽ خرچ ڪيا، ڏهہ سينٽ پسند جي خيراتي اداري کي ۽ ويهہ سينٽ ياڻ وٽ بچائي رکندو هو. ٽن مهينن کان پوءِ پوڙهين ليجر بڪ ۾ ان ۾ لکيل تفصيل چڪاسيا. جڏهن پهريان ٽي مهينا گذريا تہ وليم پنهنجو حساب ڪتاب رکڻ جي قابل ٿي چڪو هو. هن ان وقت اعلانيل بوائي اسڪائوٽس آف آمريڪا، کي هڪ ڊالر ۽ ويهہ سينٽ ڏنا ۽ چار ڊالر بچت ڪئي هئي. هن پنهنجي ڏاڏي کي چئي اها رقم جي - پي مورگن بئنڪ ۾

# حضرت اليسع عليہ السلام

محبوب سمون

حضرت اليسع ع رب پاڪ جو نبي هو. پر هن جي نالي جي باري ۾ تمام ٿورن ماڻهن کي ڄاڻ آهي. اسان جي اها ڪوشش آهي تہ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ اهو ادب ڏيون جنهن جي اسان کي ضرورت آهي ۽ جيڪو يا تہ موجود نہ آهي يا وري ان مٿان گهڻو نہ لکيو ويو آهي. هي مذهبي سلسلو بہ انهيءَ ڏس جي هڪ ڪڙي آهي جنهن ۾ اسان اهڙن مضمونن تي لکائي رهيا آهيون جيڪي اسان جي پڙهندڙن کي ڪا نئين شيءِ يا ڄاڻ ڏيندا. اميد تہ پڙهندڙن کي هي لکت بيحد پسند ايندي.

## رب پاڪ جي نبيءَ اليسع جي باري ۾ دلچسپ لکت

**بحر ميت** ۽ بحر گليلي جي وچ ۾ هڪ شهر "ابيل محولہ" واقع هو. هن شهر جي ڪناري "اردن" درياهہ وهي رهيو هو. اتي جي ماڻهن ٻيا ڪيترائي ڌنڌا اختيار ڪيا هئا. اتي کيتي ٻاري عام هئي. زمين زرخيز هئي ۽ پاڻيءَ جي اڻاٺ ڪا نہ هئي. اتي "ساقط" نالي شخص جي چڱي خاصي زمين هئي ۽ وٽس چوپائي مال جي بہ ڪا کوٽ ڪا نہ هئي. هن زمينون خاندان جي هڪڙي نوجوان جي حوالي ڪيون هيون. اهو نوجوان انهن ۾ هر هلائيندو ۽ ٻج ڇٽيندو هو ۽ فصل جي تياريءَ ۾ ڏاڍي محنت ڪندو هو. اهو شريف نوجوان پنهنجي سچائيءَ ۽ سچائيءَ جي ڪري گهڻو مشهور هو. سندس نالو "اليسع ع" هو.

هن کي ڪم ايمانداري ۽ ديانتداري سان ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ڪنهن شيءِ جي گهٽتائي محسوس ٿي رهي هئي. ائين لڳي رهي هوس ڄڻ ڪيس ڪا شيءِ ملڻ واري آهي پر ملي نہ رهي هجي. جيڪو ڪم پاڻ ڪري رهيو هو اهو سندس نظر ۾ ڪم نہ هو. ڄڻ جيڪو ڪم ڪيس ڪرڻو هو اهو اڃا ڪيس مليو ئي نہ هو. ڪيس اهڙي شخصيت جو اوسيئڙو هو جنهن کان واقف تہ نہ هو پر اهو يقين هئس تہ اها هستي هڪ ڏينهن ڪيس ضرور پنهنجو ديدار ڪرائيندي.

هڪڙي ڏينهن پاڻ پنهنجي ڪم ۾ رڌل هئا ۽ ٻارنهن جوڙا ڏاندن جا هر هلائي رهيا هئا تہ اوچتو هڪڙو شخص سندس سامهون نمودار ٿيو. جنهن جي بت تي وڏا

رهيو آهيان."

حضرت الياس ع ڪجهه اباڻڪو نظر اچي رهيو هو ۽ حضرت اليسع ع محسوس ڪري رهيو هو ته الياس عَ ساڻس وڌيڪ وقت رهي نه سگهندو ۽ هر هر هئين چوندو هو ته "خدا جو سُنهن! آئون توکي نه ڇڏيندس."

حضرت الياس ع ڪيترائي ڀيرا اليسع ع کان الڳ ٿيڻ گهريو. پر اليسع ع سندس ساٿ نه ڇڏيو. ايتري قدر جو حضرت الياس ع شهر مٽيندو رهندو هو ته اليسع ع به ساڻس هلڻ لاءِ تيار ٿي پوندو هو. نيٺ ٻنهي جڻن کي گس ۾ پنجاهه پيغمبرن جا پٽ مليا . هي ٻئي ساڻن هلڻ لڳا. تان جو مڙيئي اردن درياهه جي ڪپ تي وڃي پهتا. هتي پنجاهه پيغمبر زادا هلڻ کان نابري واري بيهي رهيا ۽ ڪناري کان پري بيهي ٻنهي کي ويندي ڏسندا رهيا. درياهه جي ڪپ تي پهچي ٻنهي هيڏانهن هوڏانهن تي ڪري ٻيڙيءَ کي ڳولهڻ شروع ڪيو. جڏهن ٻيڙي نظر نه آئي ته حضرت الياس ع پنهنجي ڪلهن مان ڪٽي لاٿي ۽ ان کي ويڙهي پاٽيءَ تي هنيائين ته پاڻي ٻن ٽٽين ۾ ورهائجي ويو ۽ ان وچان پيچرو نهي پيو. حضرت الياس ع حضرت اليسع ع کي ساڻ ڪري پترڻ ٽپي هن پار پهتو ۽ کانئس پڇيائين ته "اي اليسع! ٻڌاءِ ته آئون تنهنجي واسطي ڇا ڪريان. ان کان اڳ جو آئون توکان ڌار ٿي وڃان!"

حضرت اليسع ع جواب ڏنو "آئون اوهان کي منٿ ٿو ڪريان ته اوهان جو ساٿ مون سان سدائين هجي."

حضرت الياس فرمايو ته "اهو ته ڏاڍو ڏکيو آهي. تڏهن به جيڪڏهن تون مون کي پاڻ کان ڌار ٿيندين ڏسين ته تنهنجي لاءِ ائين ئي ٿيندو. جيڪڏهن نه ته پوءِ ائين نه ٿيندو!"

اجان پاڻ ۾ ٻئي ڳالهائي رهيا هئا ته اوچتو هڪڙو باهه جو گولو مٿان کان هيٺ لهندي نظر آيو. ان مان باهه جو رٿ ۽ باهه وارا گهوڙا نمودار ٿيا. حضرت اليسع ع حضرت الياس ع کي رٿ ۾ وهندي ڏٺو ۽ پوءِ اهو رٿ باهه جي گولي ۾ غائب ٿي ويو. حضرت الياس ع، اليسع ع کان هميشه جي لاءِ ڌار ٿي چڪو هو. هيءُ نظارو پري کان پنجاهه پيغمبرزادا پڻ ڏسي رهيا هئا.

جهڙي طرح حضرت الياس ع، پاٽيءَ تي پنهنجي ڪٽي هڻي اليسع ع کي درياهه جي ٻئي پار وٺي ويو هو. اهڙي طرح حضرت اليسع ع پڻ حضرت الياس ع واري چادر لاهي پاٽيءَ کي هڻي درياهه پار ڪيو ۽ اچي پنجاهه پيغمبرزادن کي سمورو قصو ٻڌايائين.

پيغمبرزادن چيو "اوهان جيڪو ڪجهه اسان کي ٻڌائي رهيا آهيو تنهن کي اسان پاڻ هتان ڏسي رهيا هئاسون ۽ ويساهه نٿو اچي ته اوچتو رٿ ۽ اهي گهوڙا ڪٿان آيا. باهه جو گولو امالڪ ڪٿان آئيو ۽ اهو رٿ ۽ گهوڙا منجهس ڪيئن گم ٿي ويا. اسان ڀانئيون ٿا ته الياس ع اجا به انهن ٻهڙن ۽ جبلن ۾ هوندو يا ٻيلن ۽ رڻن پٽن ۾ ڪٿي هوندو اسان کيس ضرور ڳوليندا سون."

حضرت اليسع ع فرمايو "هاڻي توهان کين ڳولهي نه سگهندا جو انهيءَ کي

آئون ئي چاڻان ٿو يعني حضرت الياس ع کي آسمان تي نيو ويو آهي."

پر انبيازادا سندس ڳولها ۾ نڪري پيا. پوءِ ته گهڻا ڏونگر ڏوريائون ۽ جبل جهاڳيائون. رڻن پٽن ۾ رُليا ۽ ٻيلن ۽ جهنگن ۾ گهميا پر ڪٿي به الياس ع نظر نه آيو. نيٺ تڪجي اليسع وٽ پهتا ته سندن وات مان رڙ نڪري ويئي "ايلياه!" الياس ع جو روح اليسع ع جي مٿان ڪين نظر اچي رهيو هو.

هاڻي انبيازادن جو ٻيو رستو هو ۽ اليسع ع جي منزل ڪا ٻي هئي. پاڻ ڪجهه ڏينهن ريحا ۾ ترسيو پوءِ بيت ايل هليو ويو. اتان پوءِ ڪوه ڪرمل پهتو ۽ اتان ڪان سامرير ڏانهن منهن ڪيائين. هتي اخزياه بادشاهه جي موت ڪان پوءِ يورام جي تخت نشيني جو غلغو لڳو پيو. يورام به اخياب جو پٽ هو. اهو واقعو 488 ورهيه قيام مسيح ۾ پيش آيو.

*......*......*

يورام کي بادشاهه بنجڻ ڪانپوءِ "بعل ديوتا" تي خاص ڌيان ڏيڻو پيو. هو ڏسندو پئي آيو ته بعل ديوتا جي ڪري سندس محل ۾ ڪيتريون تباهيون اچي چڪيون هيون ۽ هيءُ پڻ ڏٺائين ته بني اسرائيلين مان ڪو به ماڻهو سندس سلطنت ڪان مرعوب نه ٿي رهيو هو. اليسع ع بعل ديوتا کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهندو هو پر کيس ڪجهه به ڪو نه ٿيندو هو. اهي مڙيئي مشاهدات کيس بعل ديوتا ڪان بدظن ڪري رهيا هئا. تنهن ڪري يورام جيئن ئي بادشاهه بڻيو تيئن پهرين ڪم اهو ڪيائين جو بعل ديوتا جو ٿنڀ پيچي چڏيائين ۽ حضرت اليسع ع اڳيان اهو ظاهر ڪيائين ته هو بعل ديوتا کي پسند نٿو ڪري.

جيستائين سندس پيءُ اخي اب جيئرو هو مواب جو بادشاهه ميشا، اخي اب کي هر سال 100000 (هڪ لک) رڍن ۽ 100000 (هڪ لک) گهيٽن جي ان ڏن طور ڏيندو هو پر اخي اب جي مرڻ شرط ئي هن اهو نذرانو ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو هو.

يورام پنهنجي اقتدار ۽ وقارکي برقرار رکڻ واسطي شاهه يهوداه ۽ شاهه ادوم کي سهڪار لاءِ چيو. انهن ٽنهي گڏجي مواب جي بادشاهه تي حملو ڪري ڏنو. اجا جنگ جاري هئي ته شاهه يهودام شاهه ادوم کي چيو "يورام کي ساڻ ڪري پاڻ ٿيئي جڻ الياس ع جي جانشين اليسع ع وٽ هلون ۽ کانئس پڇون ته اسان ٽنهي موڙيُ مٿ تي مواب جي بادشاهه ميشا تي جيڪا چڙهائي ڪئي آهي، ان جو انجام ڇا ٿيندو؟"

يورام چيو، "ها اليسع ع کان پهرين به جڏهن ڪو مسئلو درپيش ايندو هو ته الياس ع ڏانهن رجوع ڪندا هئاسون ۽ جيڪو ڪجهه ٻڌائيندو هو سو اکر به اکر سچ ثابت ٿيندو هو."

ٽيئي ڄڻا حضرت اليسع ع وٽ پهتا ۽ هاڻي ٽنهي ۾ بحث ٿيڻ لڳو ته اهو سوال ان ڪان ڪير ڪندو؟ ٻنهي ڄڻن يورام کي چيو "الياس ع به جلعاد کان هلندي سامرير ۾ ترسيو هو ۽ هاڻي اليسع ع به هتي ئي ٽڪڻ فرمايو آهي، تنهن ڪري توکي اليسع ع کان سوال ڪرڻ

سو يورام تي حملو ڪري ڏنائون.

يورام يهوداه جي بادشاهه ۽ ادوم جي بادشاهه سان گڏجي مواب جي بادشاهه جو مقابلو ڪيو. ڇتي ويڙهه تي، نيٺ يورام کي سوڀ حاصل ٿي. پاڻ خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو. فتح جا نغارا وڄي ويا. جشن ٿي ويا. يورام حضرت اليسع ع جي خدمت ۾ حاضر ٿي سندس ٿورا مڃيا ۽ هٿ پير چميا.

يورام، حضرت اليسع ع جو اهو معجزو ته پنهنجن اکين سان ڏٺو هو جنهن جي دعا ۽ مدد سان مواب جي طاقتور بادشاهه کي اچرج جوڳي هار نصيب ٿي. تنهن ڪري هو حضرت اليسع ع جي تبليغ ۽ تلقين ۾ اتڪاءُ وجهڻ پسند نه ڪندو هو جنهن کي حضرت الياس ع کانپوءِ روحاني ڪمالات حاصل ٿي چڪا هئا. انهن سان پاڻ مخلوق کي فائدو پهچائي رهيو هو. پاڻ غريبن ۽ مسڪينن جو هڏڏوکي ۽ همدرد هوندو هو ۽ بادشاهن جي مسئلن ۾ پوڻ کان پاسو ڪندو هو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو پاڻ خلق ۾ تمام گهڻو مقبول ٿي ويو. عوامي مقبوليت جو اثر ان دور جي بادشاهن تي پيو. يورام به ساڻس هرو ڀرو وڇڙندو نه هو. حضرت اليسع ع جو نڪاڻو ڪو هڪڙو نه هوندو هو. ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي. پر سامريه ۾ سندس قيام گهڻو رهيو. اتي پاڻ پنهنجن ساٿين ۽ عقيدتمندن سندن واسطي هڪڙي عارضي عمارت ٺهرائي ۽ جڏهن اها عمارت سندس ساٿين لاءِ ننڍي ٿي پئي ته پوءِ ان کي وڌائي ويڪرو ڪيائين.

***.......***.......***

اريحا ۾ حضرت الياس ع کانئس وڇڙي ويو هو. پاڻ پنهنجي روحاني رمز خاطر اتي ايندو ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ اريحا ۾ ڪني پاڻي جي ڏاڍي شڪايت هئي. ماڻهوان پاڻي پيئڻ ڪري بيمار ٿي پيا هئا. اتي جي زمين پڻ ڪلراٺي ٿيندي پئي وئي. اريحا واسين سوچيو ته جيڪڏهن اهو حال رهيو ته هتان جي آبادي ختم ٿي ويندي. حضرت اليسع اريحا کي اجڙندي ڏسي نٿي سگهيو. جڏهن ڪيس اريحا جي ڪلراٺي زمين ۽ ڪني پاڻيءَ جي سڌ پيئي ته پاڻ ستت اتي پڄي ويو. پاڻ اجا ريحا ۾ پير مس پاتائين ته ڏتڙيل ماڻهو سندس خدمت ۾ اچڻ لڳا ۽ کيس پنهنجيون پريشانيون ٻڌائڻ لڳا.

پاڻ فرمايائين، "گهبرائيو نه! الله کان مايوس نه ٿيو. الله چڱي ڪندو" پوءِ پاڻ انهن کي چيائين ته توهان مان ڪو وڃي پيالو ڪٽي اچي.

جڏهن ماڻهو پيالو ڪٽي آئيا ته پوءِ پاڻ فرمايائين ته " هاڻي مون کي لوڻ جو اڪو آڻي ڏيو." ماڻهو جهٽ پٽ لوڻ به ڪٽي آيا. پاڻ پيالي ۾ پاڻي وجهي لوڻ جو اکوان ۾ وجهي ڳارڻ شروع ڪيائين. جڏهن لوڻ ڳري ويو تڏهن چيائين ته، "هيءُ لوٽيارو پاڻي اتي وڃي وجهو جتي ڪنو ۽ ڏپ وارو پاڻي هجي، جنهن سان بيماريون پکڙجنديون هجن. الله گهريو ته هن جي برڪت سان اريحا جو سمورو پاڻي مٺو ٿي ويندو ۽ ڪلر پڻ ختم ٿي ويندو."

ماڻهن اريحا جو هڪڙو ڪارو

چشمو جنهن جو پاڻي ڪسارو پاڻي هو ۽ جيڪو ماڻهن واپرائڻ ڇڏي ڏنو هو. تنهن ۾ اليسع عہ جو ڏنل پيالي وارو ڪارو پاڻي وجي وڌائون. ڪجهه دير کان پوءِ چشمي جو پاڻي چکي ڏٺائون تہ اهو منو ٿي چڪو هو.

اريحا واسين پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ هيءَ تہ رڳو هڪڙي چشمي جو پاڻي سنو ۽ منو ٿيو آهي. باقي بين چشمن جو پاڻي تہ صحت واسطي هاڃيڪار آهي. تنهن ڪري اليسع عہ کي عرض ڪيو وجي تہ سمورن چشمن جو پاڻي صاف ۽ شفاف بڻايو وجي تہ کهڙو نہ چڱو ٿي پوي!

پر ان جي نوبت ئي ڪا نہ آئي. هو جنهن بہ چشمي جو پاڻي پيئڻ ٿي ويا، ان کي منو ۽ سرهو ٿي ڏٺائون. اهڙي طرح اليسع عہ جي نظر ڪرم سان نہ رڳو هڙيئي کارا چشما اڇا اُجرا ۽ سنا منا ٿي ويا پر اريحا جي سڄي ڪلراٺي زمين زرخيز بڻجي ويئي. ماڻهن حضرت اليسع عہ جا ڏاڍا ٿورا مڃيا ۽ کيس وينتي ڪيائون تہ ،"سائين! اوهان هاڻي اسان وٽ ترسي پئو. اوهان جي هر سک ۽ آرام جو خيال رکيو ويندو." پر حضرت اليسع عہ سندن اها آڇ قبول ڪا نہ ڪئي ۽ اريحا ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪرڻ پسند ڪو نہ ڪيائين.

✲......✲......✲

پاڻ پوءِ اريحا مان سامريہ هليو ويو. اتي مواب جي شڪست کان پوءِ مواب جا ڪيترائي ماڻهو سامريہ ۾ اچي آباد ٿيا هئا. هي اهي ماڻهو هئا، جيڪي ديندار هئا ۽ کين معلوم ٿي چڪو هو تہ يورام حضرت اليسع عہ جي روحاني مدد سان سوپ ماڻي آهي. انهي ڪري اهي حضرت اليسع عہ جي ويجهي رهڻ کي غنيمت ڀانئي رهيا هئا. انهن ۾ هڪڙي بيوهہ اهڙي هئي، جنهن جا ٻہ پٽ هئا. هن سامريہ ۾ سڪونت تہ اختيار ڪئي پر مڙس جو موت انهيءَ نيڪ زائفان کي بيوس بڻائي ڇڏيو هو. سندس مڙس جو ماڻهن کان ڪو قرض کنيل هو ۽ هو انهيءَ قرض جي ادائگيءَ کان اڳي ئي گذاري ويو. هاڻي لهڻيدار بيوهہ جي در تي ڏيهاڙي بيٺا هوندا هئا ۽ تنگ ڪندا هئا. هوءَ ويچاري ڪانئن تنگ اچي چڪي هئي پر زائفان ذات ويچاري ڇا ٿي ڪري سگهي؟ لهڻيدارن کي بہ متس ڪو قياس نہ ٿي آيو. جيترو بيوهہ کان ٿي سگهيو انهن کي ڏتا ڏيندي رهي. پر آخر ڪيستائين؟ هاڻي لهڻيدارن بہ مائي جو ڪو لحاظ ڪو نہ رکيو ۽ بيوهہ بہ لڄي ٿيڻ لڳي.

هاڻي لهڻيدارن هن مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ پاڻ ۾ صلاح ڪري مائيءَ جي گهر پهچي ويا. سڀ کان پهريائين انهن مائيءَ تي دباءُ وجهڻ لاءِ وني دمچر ڪيو. جنهن تي پاڙيسري گهرن کان ٻاهر نڪري آيا. لهڻيدارن وڏي واڪي مڙني ماڻهن کي چيو تہ "اي لوڪو! ٻڌايو تہ هن بيوهہ جي مڙس اسان کان قرض ورتو هو ۽ ادا ڪرڻ کان اڳيئي مري ويو. هاڻي اسان هن بيوهہ کان پنهنجا پئسا گهرڻ اچون ٿا تہ هيءَ اسان کي ڏتا ڏيئي ٽاري ڇڏي ٿي. هاڻي توهان ٻڌايو تہ اسان ڪيستائين هن جو در ڪڙڪائيندا رهنداسين ۽ هيءَ اسان کي ڪيستائين ٽڙڪائيندي رهندي. آخر صبر جي بہ ڪا حد هوندي آهي؟"

پاڙيسرين، بيوهہ جي بدران لهڻيدارن جو پاسو ورتو ۽ مائيءَ کي چيائون تہ هي ڳالهہ تہ سچي ٿا ڪن. هاڻي هنن کي ڏٺا نہ ڏي پر ساڻن هڪڙو ئي اهڙو واعدو ڪر جو ان کان پوءِ وري ڪو واعدو ڪرڻو نہ پوئي."

بيوهہ چيو "حيرت آهي جو توهان پاڙيسري منهنجا آهيو. پر پاسو هن هنڌ جو پيا وٺو!"

هڪڙي پاڙيسري چيو "مائي! سمجهہ جو ڦير آهي. تون پائئين ٿي تہ اسان لهڻيدارن جو پاسو کڻي رهيا آهيون پر ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان حق جو ساٿ ڏيئي رهيا آهيون. تنهنجي مڙس قرض ورتو ۽ قرض لاهڻ کانسواءِ ئي مري ويو. هي تہ پنهنجي پونجي ٿا گهرن. ان لاءِ تون ڪو بلوءِ بندوبست ڪر."

بيواهہ ڪجهہ مهلت گهري تہ پاڙيسرين لهڻيدارن کان پڇيو تہ "چا توهان ڪجهہ وقت هن مائيءَ کي ڏيندؤ؟"

هڪ لهڻيدار چيو "اسان تہ اڳ ئي وقت ڏيندا پيا اچون. هاڻي بہ جيڪڏهن هن کي مهلت ڏيون تہ ان جي ضمانت ڪير ڏيندو تہ پيهر جڏهن اسان اچون تہ اسان کي پنهنجا ڏوڪڙ واپس ملندا؟"

بيواهہ چيو "آئون پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪنديس تہ جيئن توهان ٺلهين هٿين نہ وڃو."

ٻئي لهڻيدارچيو "چڱو اسان توکي ڪجهہ وقت ڏيون ٿا، پر جيڪڏهن تو پنهنجو واعدو نہ پاريو تہ پوءِ چا ٿيندو؟"

بيواهہ وبچاري ماٺ ٿي ويئي. پوءِ لهڻيدارن پاڙيسرين کي چيو "ها اسان وٽ انهيءَ جو حل بہ آهي. جيڪڏهن هن مائيءَ پنهنجي واعدي مطابق قرض واپس نہ ڪيو!"

پاڙيسرين پڇيو تہ. "جيڪڏهن توهان وٽ انجو حل آهي تہ پوءِ جلدي ٻڌايو تہ ٻنهي جي جند ڇٽي پوي"

بيواهہ حيرت مان پڇيو تہ، "جيڪڏهن هن پيري آئون پنهنجو واعدو پاري نہ سگهيان تہ توهان چا ڪندؤ؟"

هڪ لهڻيندار چيو "اسان ان سلسلي ۾ جيڪا پاڻ ۾ صلاح ڪئي آهي، سا ڏيان سان ٻڌ. ايمانداريءَ سان انهيءَ تي عمل ڪندينءَ تہ مسئلو حل ٿي ويندو."

بيواهہ چيو "آخر مون کي بہ تہ اهو حل ٻڌايو تہ آئون بہ ان تي ويچار ڪري ڏسان تہ اهو منهنجي حق ۾ بهتر آهي يا نہ؟"

لهڻيدار (ٽهڪ ڏيندي) چيو "اي مائي! توکي بہ پٽ آهن. جيڪڏهن تو هاڻي پنهنجي واعدي پٽاندر اسان کي پنهنجي پونجي واپس نہ ڪئي تہ اسان تنهنجا ٻئي پٽ تو کان کسي ونداسين ۽ انهن کي غلامن وانگر ونگار ۾ وهائينداسين. ان کان پوءِ وري تنهنجي در تي ڪڏهن بہ ڪو نہ ايندا سين."

بيواهہ (دانهون ڪندي) چيو "نا نا آئون ائين ٿيڻ ڪو نہ ڏينديس. آئون قرض جي بدلي ۾ پنهنجا ٻچا لهڻيدارن جي حوالي نہ ڪنديس."

پاڙيسرين چيو "اي مائي! اهي تو بي واجبي ٿي ڪرين. جيڪڏهن تو قرض واپس نٿي ڪرين تہ ان جو ڪو حل ٻڌاءِ يا هنن جي ڳالهہ مڃ!"

بس ہہ ٿي ڦڙا تہ آهن.“
پاڻ سختي سان حڪم ڏنائين تہ
”بحث نہ ڪر.جيڪو ڪجهہ توکي چيو ويو آهي، اهوئي ڪر!“

بيواهہ سوچيندي ماٺ رهي ۽ اچي ٿانون ۾ تيل وجهڻ لڳي. هڪڙو ٿانو ڀريو ٻيو ڀريو ٽيون ڀرجي ويو پر ڏنائين تہ تيل نہ کٽو! اچرج ۾ پئجي ويئي. پنهنجي گهر جا سمورا ٿانو ڀرجڻ کان پوءِ پنهنجي پاڙيسرين جي ٿانون ۾ تيل وجهڻ لڳي، پر تيل اوتري جو اوترو!

هڪڙي ڇوڪري چيس تہ ”امان! پاڙيوارن کان ٻيا ٿانو بہ وٺي اچ تہ اهي بہ تيل سان ڀريون.“ پر پاڙيسرين کي شڪ پيو تہ هيءَ سچي عورت آهي. الائي ڪٿي ٿانو وڪڻي ڪائي وڃي تہ پوءِ ڇا ڪنداسون. اڳيئي لهڻيدار پنهنجي قرض جي واپسي لاءِ سندس در جهليو بيٺا آهن. تنهن ڪري پاڙيوارن وڌيڪ ٿانون ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پوءِ بيواهہ سڌو اليسع عہ وٽ آئي ۽ سمورو سربستو احوال ٻڌايائين.

حضرت اليسع عہ فرمايو ”اي مائي! هاڻي اهو سمورو تيل وڃي وڪڻ، ڪجهہ پنهجي گهر لاءِ پڻ بچائي رک. انهيءَ تيل وڪڻڻ سان تون ايترو ڪمائيندينءَ جو قرض جي ڪوڙ مان آجي ٿي ويندينءَ ۽ لهڻيندارن مان تنهنجي جند ڇٽي پوندي.“

بيواهہ حضرت اليسع عہ جي چوڻ پٽاندر عمل ڪيو ۽ وڏو ناڻو ڪمايائين. پوءِ پاڻ پنهنجي پاڙيسرين جي موجودگيءَ ۾ لهڻيدارن کي گهرايائين تہ هنن ايندي ئي چيو تہ ”ڇا ڳالهہ آهي، اسان تہ تنهنجي ڏنل تاريخ تي اچون ها. اسان کي تو تاريخ کان اڳي ڇو گهرايو آهي. لڳي ٿو تہ وري ڪجهہ وڌيڪ وقت گهرڻ چاهين ٿي. جيڪو هاڻي ڪنهن بہ صورت ۾ توکي نہ ملندو.“

بيواهہ چيو ”مون سوچيو تہ مون توهان کي ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون ۽ توهان سان وعدي ڀڃڪڙيون ڪيون. تنهنڪري توهان مقرر تاريخ کان اڳوات گهرائي توهان جو قرض لاهي آجي ٿيان.“

بيواه پنهنجن پاڙيسرين کي چيو ”هاڻي توهان هنن کان واري واري سان پڇندا وڃو تہ سندن ڪيترو قرض آهي. پوءِ توهان جي سامهون ۽ توهان جي ئي ذريعي کين پئسا واپس ڪريان.“

هاڻي هيءَ بيواهہ لهڻيدارن جي نظر ۾ معزز عورت بڻجي ويئي. سڀ ڪيس عزت جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳا ۽ پاڙيوارا پڻ سندس احترام ڪرڻ لڳا. کين پنهنجا سمورا ٿانو واپس ملي ويا. پاڙيسرين کي اچي هورا ڪورا ٿي تہ مائيءَ وٽ ايترو ناڻو ڪٿان آيو. هيءَ هڪدم مالدار ڪيئن بڻجي ويئي. پوءِ کين خبر پئي تہ اهو سڀ ڪجهہ حضرت اليسع عہ جي نظر جو ڪمال هو. پوءِ تہ هڙيئي اليسع عہ ڏانهن ڊوڙندا آيا. پاڻ مڙني کي هڪڙي ئي هدايت ڪيائون تہ ”بت پرستي مان هٿ ڪڍو. بعل ديوتا جي پنهنجي ڪا بہ حيثيت ڪانهي. هڪڙي الله جي عبادت ڪريو. انهيءَ کان ئي سڀ ڪجهہ گهرو. بتن ۾ ايتري طاقت ناهي جو هو توهان کي ڪجهہ ڏين.“

*.......*.......*

هڪڙي مالدار عورت وٽ تمام گهڻو مال ۽ ملڪيت هئي، تنهن کي اليسع

ع جون ڳالهيون وٽيون. پر حضرت اليسع ع سامريہ ۾ هو ۽ اها دولتمند عورت شونيم شهر ۾ هئي. سندس سامريہ ۾ پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هو. امالڪ حضرت اليسع ع پنهنجن پيروڪارن کي چيو تہ "مون کي شونيم شهر وڃڻو آهي. اتي ڪنهن کي منهنجي ضرورت پيش آئي آهي." پاڻ انهيءَ عورت سان گڏ گهر ويو. هوءَ ڪيترن ڏينهن تائين سندس خدمت چاڪري ڪندي رهي.

حضرت اليسع ع سان گڏ سندس خادم حجازي بہ هو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پاڻ حجازيءَ کي چيائين تہ هيءَ مالدار عورت مون کان حجاب پيئي ڪري ۽ پنهنجو مسئلو مون کي نہ ٿي ٻڌائي. تون منهنجي پاران کانئس پڇ تہ مون ۾ سندس ڪهڙو مطلب آهي ۽ مون ۾ ڪهڙي اميد رکي ٿي. جيڪڏهن بادشاهہ يا ڪنهن امير وزير ۾ ڪو ڪم هجي تہ آئون انهن کي سندس پارت ڪريان."

جڏهن حجازيءَ پنهنجي پر ۾ انهيءَ مالدار مائيءَ کان پڇيو تہ هوءَ چوڻ لڳي،" منهنجو بادشاهہ يا ڪنهن وزير ۾ ڪو بہ ڪم ڪو نہ آهي، جنهن لاءِ اوهان کي تڪليف ڏيان."

حضرت اليسع ع گهڻو ئي ويچار ڪيو پر ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آئيو. پاڻ پنهنجي خادم حجازي کي چيائين، "تون انهيءَ زائفان کان نويڪلائيءَ ۾ پڇڻ جي ڪوشش ڪر تہ سندس ڪهڙو ست موڙهيو آهي. جنهن جي پڌري ڪرڻ ۾ شرمائي رهي آهي."

خادم حجازي ڪيترائي ڏينهن انهيءَ زائفان جي ويجهو رهيو تہ من انهيءَ مالدار مائيءَ جي مام کي پروڙي سگهي. ان کان سواءِ هن سندس مڙس سان پڻ ملاقات ڪئي جيڪو پوڙهو هو.

خادم حجازيءَ گهر واري کان پڇيو، "هن گهر ۾ ڪو ٻار ٻچو نظر نٿو اچي، ڇا ڳالهہ آهي؟"

گهر وارن ٻڌايس تہ "سائين! هيءَ عورت جوان آهي ۽ موچاري ملوڪ پڻ. هن هڪ پوڙهي سان پرڻو انهيءَ ڪري ڪيو جو انوت مال ۽ ملڪيت تمام گهڻي آهي. مائيءَ سوچيو تہ زندگي سک ۽ آرام سان گذرندي. شاديءَ کانپوءِ انهيءَ عورت کي گهڻو ڪجهہ مليو ويو. پر اولاد کان محروم رهي. مڃاڻ (شايد) اهو ئي غم عورت کي اندر ۾ اڏوهيءَ وانگي کائيندو رهي ٿو. جيڪڏهن ڪيس حاجت آهي تہ فقط اولاد جي. پر مڙس پوڙهو آهي، ان مان اولاد پيدا نٿو ٿي سگهي. تنهن ڪري مائي اوهان سان دل جي ڳالهہ ڪندي شرمائي ٿي."

جڏهن حضرت اليسع ع کي اهي مڙيئي ڳالهيون معلوم ٿيون تہ پاڻ انهيءَ مائيءَ سان مليو ۽ فرمايائين، "اي مائي! تو گهڻيئي اسان جي مهمانوازي ڪئي ۽ گهڻيئي خدمتون چاڪريون ڪيون. آئون انهيءَ اوسيئڙي ۾ رهيس تہ تون پنهنجي حاجت بيان ڪرين تہ آئون الله کان انهيءَ باري ۾ تنهنجي لاءِ دعا گهران. پر تون ماٺ ۾ رهينءَ ۽ آئون ڪنهن بہ وقت سامريہ هليو ويندس."

مائيءَ چيو "سائين! هاڻي اوهان کي ڇا ٻڌايان. اوهان کان ڪا ڳالهہ ڳجهي ڪانهي. اوهان کي تہ منهنجو حال معلوم

ٿي چڪو آهي. مون کي هڪڙي پٽ جي سڌ آهي. پر ڇا ڪريان جو مال ۽ دولت جي هوس ۾ اچي هن پوڙهي سان پرٺو ڪري ويهي رهيس. هاڻي هنن مان اولاد جي خواهش رکڻ ناداني آهي.“

حضرت اليسع عہ فرمايو ”اي مائي! تون ڏاڍي شريف ۽ حياءَواري لڳين ٿي. آئون توسان ملي گهڻو خوش ٿيس. آئون تنهنجي واسطي ڏڻيءَ در دعا ڪندس تہ تنهنجي من جي مراد پوري ڪري.“

انهيءَ رات ئي پاڻ انهيءَ عورت واسطي بارگاهہ رب العزت ۾ دعا گهريائين ۽ کيس چيائين تہ ”اي مائي! آئون سامرير واپس وڃي رهيو آهيان. مون تو لاءِ دعا گهري آهي. الله گهريو تہ توکي هڪڙو پٽ ضرور ٿيندو جيڪو نهايت ئي صالح ۽ سدورو ٿيندو!“

مائيءَ پڇيو تہ ”اهو ڪڏهن ٿيندو؟“

پاڻ فرمايائين. ”ايندڙ بهار جي مند ۾ هن گهر ۾ بهاري اچي ويندي ۽ اوهان سڀئي انهيءَ ابهم جا آواز ٻڌندا.“

پوءِ حضرت اليسع عہ واپس سامرير هليو ويو. جڏهن ايندڙ سال جي بهار جي موسم آئي تہ انهيءَ مالدار مائيءَ کي هڪڙو موچارو ملوڪ پٽڙو ڄائو ۽ سڄو گهر خوشيءَ سان ٻهڪي ويو ۽ سندن خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي.

☼......☼......☼

ارام جو بادشاهہ پنهنجي سپهہ سالار نعمان کي بهادريءَ ۽ سهڻن لڇڻن جي ڪري گهڻو پسند ڪندو هو. پر کيس نعمان جي باري ۾ ڪنهن ٻڌايو تہ تنهنجو سپهہ سالار ڪوڙهہ جو مريض آهي ۽ سندس پهريل لباس هٽائڻ بت تي ڪوڙهہ جو مرض وڌندو پيو وڃي. انهيءَ وچ ۾ شاهہ ارام جو مقابلو سندس دشمن سان ٿيو. جنگ جي ميدان ۾ نعمان بهادريءَ جا جوهر ڏيکاريا ۽ بادشاهہ کي پنهنجن ڪارنامن سان خوش ڪري ڇڏيو. سوبي ماڻڻ کان پوءِ نعمان کي بين انعامن اڪرامن ڪانسواءِ هڪڙي ٻانهي پڻ ڏني ويئي. جنهن کي بادشاهہ حڪم ڏنو هو تہ هو نعمان جي لٽن جي هيٺان نوبڪلائيءَ ۾ سندس بت تي ڪوڙهہ جا نشان ڏسي ٻڌائي تہ اهو مرض کيس ڪيستائين وڪوڙي چڪو آهي.

ٻانهي نعمان جي گهر پهتي تہ نعمان جي گهرواري ڪانئس گهر جو ڪم ڪار وٺڻ لڳي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ٻانهيءَ بادشاهہ کي ڳجهو نياپو موڪليو تہ نعمان سپہ سالار جي سيني تي ڪوڙهہ جا نشان ايترا تہ وڌي ويا آهن جو اهي سگهو سندس ڳچيءَ تائين پهچي ويندا ۽ هيءَ مرض تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. تنهن ڪري انجو ترت بلو ڪرڻ گهرجي.

بادشاهہ کي هاڻي پنهنجي سپهہ سالار نعمان سان ملاقات ڪندي بہ ڪراهت محسوس پئي ٿي. ٻانهيءَ کي حضرت اليسع عہ جي باري ۾ معلوم ٿي چڪو هو تہ اهو نعمان کي چاق چڱو ڀلو ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري ڪانئس پڇيائين تہ ”ڇا اوهان کي خبر آهي تہ مون کي اوهان ڏي ڇو موڪليو ويو آهي؟“

نعمان وراڻيو ”مون جنگ ۾ غير معمولي خدمت سرانجام ڏني هئي. انهيءَ

جي عيوض ۾ مون کي جيڪي انعام ڏنا ويا، تن ۾ تون بہ شامل آهين.“

ٻانهيءَ چيو ”اها ڳالهہ ڪانهي پر بادشاهہ اوهان جي بيماريءَ جي باري ۾ چاٽڙ تي گهريو. هاڻي هو منهنجي ذريعي سڀ ڪجهہ معلوم ڪري چڪو آهي تہ تون ڪوڙهيو آهين. تنهن ڪري هو توکي سپهہ سالاريءَ تان لاهي ڇڏيندو!“

نعمان گهبرائجي ويو ۽ ٻانهيءَ کي ٻڌايائين تہ ”مون ڏاڍا حيلا ڪيا آهن پر ڪو بہ فائدو ڪو نہ ٿيو. هاڻي هر طرف کان مايوس ٿي ماٺ ڪري ويهي رهيو آهيان.“

ٻانهيءَ کيس صلاح ڏني تہ ”هاڻي اوهان ائين ڪريو جو سامرير شريف هليا وڃو. اتي اليسع نالي شخص سان ملاقات ڪريو ۽ کيس چئو تہ اوهان کي چاق چڱو ڀلو ڪري.“

نعمان چيو ”اهو تہ مون کي سڃاڻي ئي ڪو نہ ٿو ۽ مون ٻڌو آهي تہ اهو بعل ديوتا جي مخالفت ٿو ڪري ۽ هڪڙي خدا جي عبادت جي تلقين ٿو ڪري، هو منهنجو ڪم ڀلا ڪيئن ڪندو؟“.

ٻانهيءَ چيو. ”اوهان منهنجي صلاح وٺو. اوهان جو بادشاهہ يورام کي خط لکي تہ هو اوهان جو علاج اليسع عہ کان ڪرائي. اهڙيءَ طرح اوهان جو ڪم ٿي ويندو.“

بادشاهہ چيو تہ ”مان تنهنجي مرض کان واقف آهيان. مان يورام کي تنهنجي خاطر خط لکان ٿو.“

بادشاهہ يورام جي نالي هڪ خط لکيو. هو اهو خط کڻي سامرير روانو ٿي ويو.

يورام خط ملندي ئي نعمان کي حضرت اليسع عہ سان ملايو ۽ کيس چيائين تہ ”اوهان هنن لاءِ پنهنجي خدا کان دعا گهرو ۽ کيس چاق چڱو ڀلو ڪري هتان روانو ڪريو.“

يورام تہ شاهي محل ۾ واپس هليو ويو ۽ نعمان اليسع عہ جي خدمت ۾ رهڻ لڳو.

پاڻ نعمان کي فرمايائين. ”هاڻي تون اردن درياہ مان ست ٽٻيون هڻي واپس مون ڏي اچ ۽ ٻڌاءِ تہ ڪجهہ فائدو ٿيو يا نہ؟“

پر نعمان کي سندس ڳالهہ تي ڪو يقين نہ اچي رهيو هو ۽ سندس پريشاني وڌندي نظر اچي رهي هئي. تنهن ڪري اليسع عہ اتي هليو ويو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ پنهنجي خادم حجازي کي موڪليو تہ وڃي ڏس تہ نعمان ڇا ڪري رهيو آهي؟

حجازي موٽي اچي ٻڌايو تہ ”هو اڃا تائين ڪجهہ سوچي رهيو آهي.“

پاڻ وري حجازي کي حڪم ڏنائين تہ ”نعمان کي چئو تہ اردن درياهہ ۾ ست ٽٻيون هڻي اچي مون کي احوال ٻڌائي.“

جڏهن هيءَ حڪم حجازيءَ نعمان تائين پهچايو تہ هو ڪاوڙجي پيو. ”واهہ سائين واهہ! ڪهڙي ڳالهہ ٿو ڪرين. مون ڀانئيو هو تہ اليسع عہ منهنجي ڪوڙهيل بت تي هٿ ڦيرائي مون کي دعا ڪندو. پر هتي تہ معاملو ان جي ابتڙ آهي. هو تہ هاڻي مون سان ڳالهائڻ لاءِ ئي تيار ڪونهي. بس رڳو تنهنجي ذريعي ڳالهيون ٿي رهيون آهن. مان هتان ئي واپس هليو ويندس.“

حجازيءَ چيس. ”تون ائين نہ ڪر. اردن درياهہ ۾ ست ٽٻيون تہ هڻي ڏس.“

نعمان چڙي پيو ۽ چيائين، "نہ! مان تہ واپس دمشق هليو ٿو وڃان. اتي بہ درياهہ آهي. اليسع عہ ستن غوطن جي ڳالهہ ٿو ڪري. جڏهن تہ مان اتي وڃي چوڏهن ڀيرا ٽٻيون هڻندس."

نعمان جون اهي ڳالهيون سندس دوست پڻ ٻڌي رهيا هئا. تن ڪيس منع ڪئي تہ هو واپس نہ وڃي ۽ اردن درياهہ ۾ ست غوطا لڳائي ڏسي.

جڏهن ماڻهن نعمان کي مجبور ڪيو تہ هو اردن درياهہ ۾ وهنجڻ واسطي پهچي ويو. ان ۾ سنان ڪيائين ۽ ست ٽٻيون پڻ هنيائين ۽ هڪ وڏي چادر ويڙهي واپس پنهنجي تنبوءَ ۾ آيو. جتي هن جا ڪجهہ دوست هن سان ڪچهري ڪرڻ لڳا. نعمان چيو "هيءُ عجيب شخص آهي، جيڪو نہ علاج ڪري ٿو ۽ نہ دعا ڪري ٿو. پوءِ پلا اگها سگها ڪيئن ٿيندا؟"

هڪ دوست چيس ،"حضرت اليسع عليہ السلام توکي اردن درياهہ ۾ ستن ٽٻين ڏيڻ جو حڪم ڏنو ۽ وهنجڻ واسطي پڻ حڪم فرمايو. اهائي اليسع عہ جي دوا آهي ۽ دعا پڻ. آئون تہ سمجهان ٿو تہ تون هاڻي سگهو ئي صحتياب ٿي ويندين ۽ هڏيئي درد رفع ٿي ويندئي."

انهيءَ رات هو سنگتين ساٿين سان بحث ڪري سمهي رهيو. صبح جو جڏهن اٿيو ۽ پنهنجي لڱن تان چادر هٽايائين تہ ڪوڙهہ جا نشان غائب هئا. بس پوءِ تہ چرين ۽ ديوانن جيان ڊوڙندو ڊڪندو حضرت اليسع عہ جي قدمن تي اچي ڪريو ۽ پنهنجو مٿو اليسع عہ جي پيرن تي رکي معافي گهرڻ شروع ڪيائين.

حضرت اليسع عليہ السلام فرمايس، "هاڻي تہ بعل ديوتا جي پوڄا ڇڏي ڏي ۽ بني اسرائيل جي خدا جي عبادت ڪر. جو تہ اهو ئي سڄي سرشتي جو خالق ۽ مالڪ آهي."

ڪجهہ وقت کان پوءِ نعمان ڪجهہ قيمتي شيون کڻي حضرت اليسع عہ وٽ آيو ۽ چيائين تہ، "سائين! هيءُ منهنجي پاران غريباڻو ۽ سادو سودو نذرانو آهي. انهيءَ کي قبول فرمائي منهنجي عزت افزائي فرمايو."

حضرت اليسع عليہ السلام فرمايو "خداوند قدوس جو قسم! جنهن جي سامهون آئون بيٺو آهيان، آئون ڪجهہ بہ نہ وٺندس."

نعمان گهڻيون ئي آزيون نيازيون ۽ ميڙون منٿون ڪيون، پر تنهن هوندي بہ پاڻ ڪجهہ بہ نہ ورتائين. جڏهن سندس بيحد اصرار جي باوجود بہ اليسع عہ ڪا شيءِ قبول نہ ڪئي تہ نعمان وينتي ڪئي تہ، "سائين! جيڪڏهن اوهان اجازت ڏيو تہ آئون اوهان جي در جي مٽيءَ جا ٻہ خچر تبرڪ طور پرائي کڻي وڃان."

پاڻ اجازت ڏنائين ۽ جڏهن نعمان سندس در جي چانئٺ جي مٽيءَ جا ٻہ خچر پرائي هلڻ لڳو تہ آخر ۾ ويندين ويندين السيع عہ کي چيائين، "سائين! اوهان جو هيءُ غلام اڄ کان بعل ديوتا کي نہ پوڄيندو ۽ نہ ان جي آڏو ڪا قرباني ڪندو."

حضرت اليسع عہ جو خادم حجازي اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هو. تنهن کي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ پاڻ نعمان جو نذرانو قبول ڪو نہ ڪيائين. نعمان جي وڃڻ کان پوءِ

انهيءَ خادم حجازيءَ لڪي ڇپي نعمان جي ڪڍ لڳو ۽ ڳس ۾ وڃي ساڻس مليو. ڪيس چيائين، "مون کي منهنجي آقا موڪليو آهي ۽ چيو اٿس تہ تون مون کي هڪ ٿنطار چانديءَ ۽ بہ ڪپڙن جا وڳا ڏي."

نعمان کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ چيائين، "مون تہ تنهنجي آقا (ڏٽي) کي نذرانو ۽ سوکڙيون پاکڙيون آڇيون هيون. پر هن تہ انڪار ڪري ڇڏيو. هاڻي جيڪڏهن هن مون کان ڪجهہ طلب ڪيو آهي تہ آئون توکي بہ ٿنطار چاندي ۽ بہ وڳا ڏيان ٿو."

خادم حجازي اهي ٻئي شيون وٺي ماٺ منوڙ ۾ اچي پنهنجي جڳهہ تي لڪايون.

رات جو حضرت اليسع عليہ السلام حجازي کي پاڻ وٽ گهرائي ڪانئس پڇيو تہ، "ڏينهن جو ڪجهہ وقت تون غائب ٿي ويو هئين. ڪيڏانهن ويو هئين؟"

خادم حجازي ڪوڙ ڪڇيو پر حضرت اليسع عہ مٿس افسوس ڪندي چيو "تو نعمان کان منهنجي نالي تي نذرانو ورتو آهي. ارمان اٿم تہ تو مون سان خيانت ڪئي ۽ ٻيو تہ مون سان نسورو ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين؟"

خادم حجازي معافي وٺڻ گهري تہ پاڻ فرمايائين، "افسوس جو تو لوڀ ۽ لالچ ۾ منهن وڌو ۽ مون سان ويساهہ گهاتي ڪئي. مون نعمان کي ڪوڙهہ جي مرض مان نجات ڏياري پر هاڻي انهيءَ بڇڙي مرض مان تون اڙجي ويندين ۽ تنهنجو نسل پڻ انهيءَ مرض ۾ مبتلا رهندو."

حجازيءَ گهٽيئي گهوڙا گهوڙا ڪئي پر ڪجهہ ڪو نہ وريو. اليسع عہ جي زبان سيف الرحمان هئي. جنهن مان حجازيءَ جو بچڻ محال هو. ڪيس هيچ ۽ حرص مارايو. سڄي رات لڇي پڇي گذاريائين. صبح جو ماڻهن ڏٺس تہ برف جهڙو اڇو لڳو پيو هو. هاڻي هو ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي لائق نہ رهيو هو.

*.....*.....*

حضرت اليسع عليہ السلام جو نالو قرآن شريف ۾ فقط ٻن هنڌن تي آيو آهي. هڪ سورت الانعام ۾ ٻيو سورت "ص" ۾.

جيئن تہ حضرت اليسع عليہ السلام حضرت الياس عليہ السلام جو نائب ۽ خليفو هو. ان جي وصال کانپوءِ الله تعاليٰ ڪيس بني اسرائيلن جي رهنمائي واسطي نبوت سان سرفراز فرمايو ۽ پاڻ الياس عليہ السلام جي طريقي تي بني اسرائيلين جي رهبري فرمائي. اهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ سندس ڄمار ڪيتري هئي. ۽ پاڻ بني اسرائيل ۾ ڪيترو عرصو تبليغ فرمائي.

قرآن مجيد ۾ صورت انعام ۾ حضرت اليسع عہ جو ذڪر هن طرح آيو آهي:

"۽ اسماعيل، اليسع، يونس ۽ لوط کي هدايت عطا ڪئيسون ۽ انهن سڀني کي اسان پنهنجي زماني ۾ اقوام عالم تي فضيلت ڏنيسون."

اهڙي طرح سورت "ص" ۾ حضرت اليسع عہ جي باري ۾ ارشاد خداوندي آهي تہ، "اي منهنجا حبيب صہ! اسماعيل، اليسع ۽ ذوالڪفل کي پڻ ياد ڪر. اهي مڙئي نيڪن ۽ صالحن مان هئا."

*.......*.......*


آمريڪي اداڪار اينٿوني
هاپڪنس
جان پوپ (ڇهون)
جنهنجو گهڙيال سندس موت تي اوچتو خود بخود وجڻ لڳو
هڪ ماڻهو جانور
تي ڪنٽرول ڪندي
بادشاهه ايمرتو جي همشڪل تي قاتلاڻي حملي جو ڏيک
خوابن ڏسڻ ۾ مصروف هڪ ماڻهو
انساني دماغ کي ڪنٽرول ڪندڙ
رشين ماس مائنڊڪنٽرول اسٽيشن

خواب ڏسي تہ ان کان ڪين باخبر رک. پر جيڪڏهن جانور تمام وڏو، هيبت وارو ۽قدبت ۾ حد کان وڌيڪ آهي تہ ڇوڪر ان جو مقابلو نہ تو ڪري سگهي تہ پوءِ هن کی همٿايو وڃي تو تہ هو اهڙي صورتحال ۾ ان خوف واري جانور سان مقابلي لاءِ پنهنجن يائرن يا دوستن کي گهرائي سگهي تو. اهڙي طرح سان سندس ذهن مقابلي ۽ برابري واري مقام تي رسي وڃي تو ۽ هو دماغی طور مطمئن تي وڃي تو ۽ پوءِ کيس اهڙا خواب گهٽ نظر اچن تا ۽ نيٺ آخر ۾ تہ بلڪل خواب ختم تي وڃن تا. سنوئی قبيلی جا ٻار پنهنجن انهن دوستن سان تعلقات ختم ڪري ڇڏيندا آهن، جيڪی سندن خواب ۾ ڊيڄاريندڙ هوندا آهن ۽ اهڙي طرح سان اهي خواب انهي قبيلي وارن لاءِ صلاح ڪار ۽ مددگار بنجي وڃن تا.

سنوئي جي ماڻهن اهو تسليم ڪيو آهی تہ انهن خوابن ذريعي گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو آهي. جيتوڻيڪ هنن اهو تسليم ڪيو آهي تہ هنن جي خوابن ۾ جانور، ڀوتا، وڻن جا ڀاڇا، روح ، ندين ۽ ماترين جا خوفناڪ نظرا، موتمار ڪاهيون وغيره اچن تا. ان قبيلي ۾ ڪو بہ ماڻهو اهو مڃڻ لاءِ تيار ناهي تہ جيڪڏهن اهي خواب ڪين نہ اچن ها تہ هوند هو ڪڏهن بہ حد کان وڌيڪ پهچندڙ فائدو حاصل ڪري سگهن ها. ڇو تہ سندن جو تعلق هڪ پوئتي پيل ماڻهن ۽ تهذيب سان آهي جتي جون ريتون رسمون، رهڻي ڪهڻي ۽ اهي عمدا ۽ نواڻ سان پر خيال نہ آهن جيڪي انهن پنهنجي خواب ۾ ڏٺا آهن يعني دماغ جی حواسن کان اعلیٰ ۽ مٿيرو تي، انهن اهو حاصل ڪيو. مثال طور تي هڪ ماڻهوءَ خواب ۾ ندي جي روح سان دوستي ڪري تو، عمومن هن کي اهو معلوم تئي تو تہ کيس ڪٿي وڏيون مڇيون ملنديون، پوءِ هو حقيقت ۾ ان علائقی ۽ جڳهہ تي ڇان بين ڪري تو تہ کيس واقعي وڏيون مڇيون شڪار لاءِ ملن تيون. هڪ ٻئي مثال ۾ هڪ ماڻهو خواب ۾ مڇين کي ڦاسائڻ لاءِ هڪ نئين فن طريقي ڪار Techniqueکان واقف تئي تو ۽ حقيقت ۾ اها ٽيڪنڪ استعمال ڪري وڏو فائدو حاصل ڪري تو. اهڙي طرح سان هڪ تئين ماڻهوءَ کي وري خواب ۾ جانورن جا روح نظر اچن تا جيڪي سندس دوست بنجي وڃن تا. هو خواب ۾انهن جڳهين کي ڏسي تو جتي کيس وڌ ۾ وڌ شڪار جانور ملن تا. يعني قبيلي جا ماڻهو انهن خوابن ذريعي گهڻو ڪجهہ پرائي رهيا آهن.

پيٽ نُون ۽ ڊاڪٽر اسٽيوارٽ وڏي عرصی جی محنت ۽ تحقيقات کان پوءِ ان نتيجی تی پهتا تہ: "آيا حيرت ۾ وجهندڙ غير معمولی ڪهاڻيون يا قصا حواسن کي باساختہ (ساڪن) ڪري ڇڏيندڙ واقعا ۽ خيال هجن، اسان مڃون يا نہ مڃون..... پر اهی شاهديون ۽ طبعي نظر ايندڙ حقيقتون ئي تہ هونديون آهن جن جي ڪري ڪين قدر، اهميت ۽ مڃتا ملندي آهي. جيڪي وجد واري حالت ۾ ملن يا ان کان بغير ...... جيڪو هڪ وڏو سواليہ نشان بڻيل آهي."

☆......☆......☆

وي جو سفر ڪري رهي هئي تہ اوچتو سندس ڪار جو ريڊيو خاموش ٿي ويو ۽ان جي اوزار ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيڻ لڳي. اوچتوئي اوچتو ميريءَ هڪ ماڻهو جو آواز ٻڌو ۽ هن پنهنجو پاڻ کي هڪ وڏي Space aircraft ۾ پاتو. هو هتي ڪيئن پهتي اها هن کي خبر نہ هئي. هن جي اڳيان هڪ ڊگهو انسان بيٺل نظر آيو جنهن جا وار صاف هئا ۽ ڪيس سونهري رنگ جي پوشاڪ پهريل هئي هن مدهوشي واري انداز مان ان جا جواب پئي ڏنا. هن کي لڳي رهيو هو تہ ڄڻ ڪو هن کي ريموٽ ڪنٽرول تحت ڪنٽرول ڪري رهيو هجي. يا ڪنهن هن جي ڊائريڪٽ دماغ رستي ڪنٽرول ڪيو هجي. هن کي عجيب آواز سان ڪيڪاريو ويو هو "يلي ڪري آئين منهنجا دوست، يلي ڪري آئين ميري اينجل"ڪجهہ وقت تہ هن ان ايئرڪرافٽ ۾ گذاريو ۽ پوءِ جهٽڪي سان هن پنهنجون اکيون کوليون تہ هن پنهنجو پاڻ کي ڪار ۾ موجود ڏٺو، هو سخت حيرانيءَ ۽ مونجهہ مان پريشان هئي تہ آيا اهو خواب هو يا ڪا حقيقت، ڪيس چٽي طرح ياد آهي تہ هو جڏهن ڪار ۾ هئي تہ ان ڪان پوءِ ڪجهہ وقت ايئر ڪرافٽ ۾ هئي. اهو وقت هن چيڪ ڪيو تہ هن کي خبر پئي تہ هو پورو ڪلاڪ اتي هئي ۽ اڄ ڏينهن تائين هو حيران آهي تہ هن اهو خواب ڏٺو هو يا هن جو ڪنهن حقيقت سان واسطو پيو هو. ان لاءِ هن جو ذهن ڪم ڪو نہ ٿو ڪري.

انهن ناقابل واقعن جي چند چاڻ ڪرڻ واقعي هڪ ڏکئي ۾ ڏکيو عمل آهي. چاهي انهن واقعن جو تعلق روحن جهڙي وجودن سان هجي، پراسرار مخلوق سان هجي، جن يا غيبات سان هجي يا ڪائنات جي خلائي مخلوق سان هجي. چا اهي مخلوق اسان سان ڪنهن مقصد سان تعلق رکڻ چاهين ٿا يا اسان کي ڪو پيغام ڏيڻ چاهين ٿا. ان ئي صورتحال تي اٽليءَ جو مشهور نيورو سرجن هوجز Hodgesچوي ٿو:

"اهي لفظ .... اصل ۾ منهنجي ذهن مان ئي آيا آهن... تيز ۽ چٽا آواز.جيڪو مرداڻو آواز آهي پر آهي وڏو عجيب. اهو آواز ايئن ٿو لڳي جهڙو اهو ساڳيو ئي آواز آهي جيڪو منهنجي اندر مان نڪتو آهي..... جڏهن مان سوچيندو آهيان."

## Memoryڪيئن ٿي ڪم ڪري

حافظو ڇا آهي؟ ۽ اهي يادگيريون Recollectionsدماغ ۾ ڪٿي ٿيون جمع ٿين، ان متعلق منجهائيندڙ ۽ چرڪائيندڙ خيال ۽ تصور ڪافي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. اچو تہ هڪ گهڙي نظر ان تي وجهون.

جڏهن کان انسان دنيا ۾ قدم رکيو آهي، ان ڏينهن کان وٺي اهو اعتبار ڪري ويٺو آهي تہ يادگيريون Recollection دماغ ۾ جمع ٿين ٿيون. اهو هڪ پراڻو مڃتا ۽ عزت وارو خيال آهي. اسان مان ڪيترئي تہ اهڙا بہ آهن جيڪي ان معاملي تي سوچڻ بہ گوارا نہ ڪندا آهن. توڙي جو اها دماغ جي شروعاتي نشان ڇڏيل يادگيرين وارو نظريو Trace The-ory ۾ ڪافي شڪ ۽ شبها پيدا ٿيا آهن.

## نظم

نيڻ ننڊاکا سپنا جاڳيا،
سپنن ۾ ڪي الڪا جاڳيا.

هن جي ياڪر ۾ ايندي ئي،
منهنجا سارا جذبا جاڳيا.

رات جو اڪثر مون سان گڏجي،
دَرَ دريون ۽ پردا جاڳيا.

هو تہ هئا سڀ منهنجا پنهنجا،
پوءِ ڇو ڏاريا لهجا جاڳيا.

رات نہ اپريو چنڊ هو اُڀ تي،
الڪي ۾ تي تارا جاڳيا.

رات انڌاري، شهر خموشان،
قبرن جا تي ڪتبا جاڳيا.

سمنڊ ڪناري چنچل وينگس،
پايل جا تي ڇمڪا جاڳيا.

هن جو مرڪي ٿهڪ ڏنا هئا،
وڄ سندا تي ڇمڪا جاڳيا.

ڇا تہ خيال هيا شاعر جام
شعرن ۾ تي شعلا جاڳيا.

ڏيک سندو جو تيرُ ڏبائيم،
درد وندا سڀ نغما جاڳيا.

علي محمد سولنگي چئي،
ٿهڪن وچ ۾ سڏڪا جاڳيا.

## نظم

ڪاري رات گذرڻي آ،
باک بہ ساٿي ڦٽڻي آ.

ڪوڙ جي منهن ۾ ڏوڙ تہ پوندي،
سچ کي مات نہ ملڻي آ.

"دير آهي انڌير نہ آپر"،
رب جي ديگ بہ پچڻي آ.

همت هاري ڪينڪي ويهبو،
لوڪ کان بازي کٽڻي آ،

ڪوڙين ريتن رسمن واري،
ديوار آخر ڊهڻي آ.

جاتي پيار پريت هجي بس،
وستي اهڙي اڏڻي آ.

هيءَ وچوڙو ڪيسين رهندو؟،
منډ ملڻ جي اچڻي آ.

وقت جي گاڏي هلندي رهندي،
هوءَ نہ هرگز رڪڻي آ.

"ڏکن پٺيان سک اچڻا آهن"،
هيءَ وڏن جي وڻي آ.

ماٺهو وينڊو آهي مري پر،
ڳالهہ انهيءَ جي رهڻي آ.

روز نوان پيا گيت تہ رچبا،
ذات نہ ڪڏهين مرڻي آ.

## وائي

ويئي پرت پري،
ٻهراڙيءَ جي ڇوڪري.
پيٽ گذر جي واسطي،
پورهيو روز ڪري.
ٻهراڙيءَ جي ڇوڪري.
مردن جو تہ معاشرو
پيئي تي تہ ڏري،
ٻهراڙيءَ جي ڇوڪري.
قبر جهڙي ڪوٺ ۾،
پوريل آ جيئري.
ٻهراڙيءَ جي ڇوڪري.
ڏرَ ڪان جي پائي ليئو،
ڪاري تي تہ مَري.
ٻهراڙيءَ جي ڇوڪري.

## وائي

پيار مٺان پهرا،
ڪمپيوٽر جي دور ۾.
ٻڪ بدحالي ويئي وڌي،
ٽوٽ سڪل ڇهرا.
ڪمپيوٽر جي دور ۾.
هسٽيريا ڪي جِنُ ڇون،
بيٺن جا لهرا.
ڪمپيوٽر جي دور ۾.
چنڊ تي پهتو آدمي،
ڌرتي تي صحرا.
ڪمپيوٽر جي دور ۾.

## وائي

تون ڇا چاهين پيار
تولئہ سڀ ڪجھ پيسو آ.
مون وٽ محب مجاز آ،
تو وٽ آ وهنوار.
تولئہ سڀ ڪجھ پيسو آ.
توکي لالچ لوڀ جي،
مون کي دل درڪارُ.
تولئہ سڀ ڪجھ پيسو آ.
تون مان گڏجي ڪيئن هلون!؟
تولئہ سڀ ڪجھ پيسو آ.

## وائي

ڪيئن ڏيان مان ٿهڪ
گهايل منهنجو روحُ آ..
ائئي پهر اداس هان،
وسري ويئي آ مرڪ.
گهايل منهنجو روحُ آ..
لوڪ سچي ڪان مان لڪي،
لاڙيان وينو لڙڪ.
گهايل منهنجو روحُ آ..
سُتِيءَ ۾ شايد ملي،
سورن جي آ سُرڪ.
گهايل منهنجو روحُ آ.

## وائي

شڪر خدا جا لک،
گذري پئي ٿي زندگي.
وقت پنهنجي رفتار سان،
ڪٽي پيو ٿو وک.
گذري پئي ٿي زندگي.
محروميون مجبوريون،
گڏ آهن ڏک سُک.
گذري پئي ٿي زندگي.
ڏي اندر وئي آ وڏي،
بدحالي ۽ بُک.
گذري پئي ٿي زندگي.
ساپيا پويان ڊوڙندي،
سپنا ٿي ويا رک،
گذري پئي ٿي زندگي.
درد اچي دل ۾ وُڌا،
آهن بيلهون مون بک.
گذري پئي ٿي زندگي.

## غزل

اڪيون اچا بہ آتيون،
پائن پيون تہ جهاتيون.

اوسيئڙي ۾ تنهنجي،
جاڳي ڪٽيان ٿو راتيون.

ارمان ٿيا نہ پورا،
چڪتاڻ منجهہ چاتيون.

ائين ٿو وجود وڃي،
تن من ۾ اچڻ تہ ڪاتيون.

اڏما اٿن اندر ۾،
تڙپي اٿن ترتاتيون.

تون مان الڳ ڪٿي هون،
توڙي الڳ هون ذاتيون.

مان درد ۽ تنهائي،
يتين سان روز باتيون

## غزل

عشق جي باھہ ساھہ جي اندر،
ٿو سڙان تنهنجي چاھہ جي اندر.

جنهن ڏي مرڪي ڪٽين، ٿيو سوگهو
ڪجهہ تہ اٿئي نگاھہ جي اندر.

چنڊ چوڏهينءَ جي وانگي ٿو چمڪي،
چهرو وارن پناھہ جي اندر.

تنهنجي ڪاوڙ بہ ناھہ جهڙي آ،
بيرخي آهِہ، ناھہ جي اندر.

سڀ نمازون، ڇڏي ڏنم روزا،
اهڙي لذت گناھہ جي اندر.

درد اٿلي پَيو اٿين دل ۾،
جيئڻ پاٽي تہ واھہ جي اندر.

هت تہ هر ڪو آهي ويڙهائڻ لئہ،
ڪو بہ خوش ناهي ٿاھہ جي اندر.

## غزل

علي محمد پنٿي

دلربا! ڇا ڪيان؟؟
تون ٻڌا! ڇا ڪيان؟؟

ڪا نہ دل تي لڳي!
توسوا ڇا ڪيان!؟

ساھہ توتي ڏنم!
بي وفا! ڇا ڪيان!؟

سات تو آ چنو!
مان مٺا! ڇا ڪيان!؟

مُرڪ مون کان رُسي!
پو پلا، ڇا ڪيان!؟

دل تہ اڄ، هاريا!
حوصلا ڇا ڪيان!

آ حياتي سُڃي!
يا خدا! ڇا ڪيان!؟

بي خطا ڪي ملي!
اڄ سزا ڇا ڪيان!؟

تون پنٿي کان رُٺين!
بي خطا ڇا ڪيان!؟

## وائي

چاڪاڻ ڪئي تو دوري آ،
کهڙي تہ توکي مجبوري آ.
مون کي دل جو راز ٻڌائي.
پنهنجي وس ۾ پاڻ رهين تو
يا ٻئي جي هٿ ۾ ڏوري آ.
مون کي دل جو راز ٻڌائي.
تنهنجي سوچن سان گڏ لوچي،
مون رات نہ اک ٻي پوري آ.
مون کي دل جو راز ٻڌائي.
پنهنجي مرضيءَ ساڻ هئي دل،
يا پاڻ پلي تو زوري آ.
مون کي دل جو راز ٻڌائي.
الفت نوڙت ناز وساري،
چو ڏاري تو مغروري آ.
مون کي دل جو راز ٻڌائي.
کهڙي تو وٽ طلسم آهي،
سک چين ڪيو تو چوري آ.
مون کي دل جو راز ٻڌائي.
ڪيڏي چاهت پنهنجي هوندي،
چو قرب کهاٽي ڪوري آ.
مون کي دل جو راز ٻڌائي.
نو لفت اوهانجيءَ ۾ ٻي چو
مون جان اوهان تان گهوري آ.
مون کي دل جو راز ٻڌائي.
محبت جي گهرائي جڳ ۾
ڪنهن تارازيءَ ۾ توري آ؟
مون کي دل جو راز ٻڌائي.
جنهن مست بنايو آ مونکي،
هي کهڙي سوز ڪتوري آ
مون کي دل جو راز ٻڌائي.

## غزل

### بچل شيخ

بهارن جا دوڪا، نظارن جا دوڪا،
سهي ڪو نہ سگهبا، پيارن جا دوڪا.

تنهنجو هٿ لوڏڻ ۽ وارن جو جهٽڪڻ
اسان کي ٿيا پئي اشارن جا دوڪا

تنهنجي تہ چهري تي چلڪن جا ذرڙا،
ڏين ڏينهن جو ٿا ستارن جا دوڪا.

ڏنل تاج تنهنجو پيو ڪوڙنڪري،
سکيو آهين تون بہ سونارن جا دوڪا.

پيو ٻڪ ٻوڙي تہ پئي ير ڪري
اهي يار چٽبا ڪنارن جا دوڪا.



هڪ عورت جي ڪهاڻي جا گهر ۾ رهندي بہ پنهنجي سنڌورڪي پتيءَ (اهي سنڌي جيڪي پرديس وڃي روزگار ڪمائين ٿا ۽ سندن زالون هندوستان ۾ رهن ٿيون) ڪان زماني جي وهنوار ۾ وڏيڪ رسيل ثابت ٿئي ٿي ۽ هن ڪان گوءِ ڪڻي وڃي ٿي. هڪ ٻي عورت جي ڪهاڻي جيڪا سنڌورڪي پتيءَ جي غير حاضريءَ ۾ رستي تان ٿڙڪي وڃي ٿي ۽ پڇتاءَ لاءِ آپگهات جو سوچي ٿي. هڪ ٽين عورت جي ڪهاڻي جيڪا ٽانءِ ڦون ۾ پنهنجي سنڌورڪي پتيءَ جي بي عزتي ڪنديءَ امئج وڃائي وهي ٿي. ناول جي نائڪا جيڪا سنڌورڪين جي زالن جي حالت ڏسي سوچي ٿي پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟ ناول جو ٻيون حصو پيش خدمت آهي.

# پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟

ٻيو حصو

گوبند خوشحالاڻي

**انهن عورتن جي ڪهاڻي جن جا گهروارا روزگار جي ڪري ڪين اڪيلو ڇڏي پرديس هليا وڃن ٿا**



**هوٽل** تاج محل جي هڪ ويڪري ائر ڪنڊيشنڊ هال ۾ لعلچند جي ڪنهن دوست جي پٽ جي شاديءَ جي رسيپشن آهي. هال ۾ بتين جي جهرمر سٺي آهي. دلڪش نموني سينگاريل آهي. چپي چپي تي تازن گلن جا گلدستا رکيل آهن. رنگين پنين ۽ ڦوڪڻن سان ڇت سجايل آهي. سڄي هال ۾ هڪ وڻندڙ خوشبوءِ ڦهليل آهي. فرش تي تلهو قالين وڇايل آهي. هال ۾ ويهڻ جو بندوبست نہ آهي. بفيٽ پارٽي آهي. هلڪي ڦلڪي ناستي ۽ آئسڪريم جو بندوبست آهي. فوڊ ڪنٽرول آرڊر جي ڪري هئڙين پارٽين تي ڊنر ۽ لنچ جي منع آهي.

سامهون اسٽيج تي گهوٽ ڪنوار ويٺل آهن. پرسان ڪرسين تي ڪجهہ مرد ۽ عورتون ويٺل آهن. ڪجهہ ٿوريون ڪرسيون خالي آهن. ساڄي پاسي کان ڪاڏي جي شين جو ڪائونٽر لڳل آهي. پٺيان هڪ ويٽر بيٺو آهي. ٿورو پريان بار اسٽئنڊ آهي، جتان ٺڌو پاڻي، جوس ۽ سافٽ ڊرنڪس سَروِ تي رهيا آهن. ماحول رواجي شادين کان ڪجهہ الڳ لڳي رهيو آهي.

هال ۾ ڇهچٽو چانيل آهي. ماڻهو هال جي سائيز آهر گهٽ آهن. ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي آواز ۾ گوڙ نہ آهي. هلڪي ڪل ڪل، وڻندڙ ٿهڪ فضا کي مڌر بڻائي رهيا آهن. وڻندڙ فضا کي وڌيڪ خوبصورت بڻائي رهيا آهن. هال ۾ ڦرندڙ چهرا، سيني کي اوچا ڀڙڪندڙ ڪپڙا پيل آهن. مرد گهڻو ڪري فل سوٽ ۾ آهن تہ منجهن ڪي سوٽ تي جبا پائيندڙ پڻ آهن.

عورتن کي سليوليس بلائوزن سان ساڙهيون آهن تہ ڪي سوڙهيون ڊريسون، بيل باٽم ۽ فراڪ پائڻ واريون پڻ آهن. لپسٽڪ جي سرخي ۽ ڪاسميٽڪس جي جهجهي انداز ۾ واهپي سان ميڪ اپ ايري بيٺي آهي. لڳي ٿو گهڻو ڪري هر ڪو پنهنجن ڪپڙن جي سليڪشن ۽ ميڪ اپ جي آرٽ جو مظاهرو ڪرڻ آيو آهي.

ڪجهہ بہ هجي، هڪ دفعو هال اندر داخل ٿيڻ سان نند جي دل کي فرحت اچي وڃي ٿي. لعلچند هن جي واقفيت "آشا جي سليڪشن، ايم ڊي ڊاڪٽر" چئي ڪرائي رهيو آهي. جڏهن ڪو "خوب واهہ" چئي نند سان هٿ ملائي رهيو يا سندس پٺي ٺپري رهيو آهي تہ آشا گنڀير ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي نظر هيٺ ڪري ٿي چڙي، ڪملا جي چهري تي فخر جا اهڃاڻ نمايان ٿي وڃن ٿا.

اڪثر هرڪو ٻن چئن جي گروپ ۾ بيهي ڳالهائي رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو گروپ قدري وڏو آهي تہ ان ۾ هڪ چٽو ڪي ٽوٽڪا ٻڌائي رهيو آهيءَ ٻيا واهہ واهہ ڪري کلي رهيا آهن. يا ڪنهن سادي شخص کي ورائي ان سان ڪجهہ سمارٽ نموني ڳالهائي هڪ ٻئي تي پنهنجي حاضر جوابي ۽ هوشياريءَ جي ڇاپ هڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

لعلچند ۽ ڪملا بہ ڪنهن گروپ ۾ گويا اٽڇاٽائيءَ ۾ شامل ٿي وڃن ٿا. آشا ۽ نند سنئڪ بار طرف وڌن ٿا. آشا بہ پليٽون پنهنجي مرضي موجب نهرائي، هڪ نند طرح وڌائي ٿي. ان وقت هڪ نوجوان هنن

"هائو آر يو؟ آل آلون؟"

"اِٽ از آرائيٽ! ڪانٽ ووئي اسپيڪ اِن سنڌي؟"

"اوهه شوئر! پر معاف ڪجو مون کي سنڌي پوري نه ايندي آهي. غلط ڳالهايان ته ڪلجو نه." نند مشڪي ٿو. هن جا اچار سچ پچ ڪنهن غيرسنڌيءَ جا لڳي رهيا آهن.

نند. "معاف ڪجو مون توهان کي ڪو نه سڃاتو."

"واقفيت ئي ڪٿي هئي جو سڃاڻو. مان لعلواڻيءَ جي پيڻ آهيان." سندس اشارو گهوٽ ڏانهن هئو.

"لڳي ٿو انڊيا نه رهندا آهيو."

"توهان جو انومان برابر آهي. مان شروع کان ئي ٻاهر رهي آهيان. دراصل منهنجو جنم ئي هانگ ڪانگ ۾ ٿيو آهي. پڙهي به اتي آهيان. ڇهن سالن کان اسٽيٽس (آمريڪا) ۾ هئس. هاڻي مئنيجمينٽ ڊگريءَ جو امتحان ڏيئي آئي آهيان."

"ويري گڊ! سنڌين هاڻ ان وشيه ۾ چاهه وٺڻ شروع ڪيو آهي. سو به ڇوڪرين..."

هوءَ مشڪي ٿي. نند وري ڇوي ٿو.

"پلا اتي رهڻ جو بندوبست، آل آلون."

"ها، هاسٽل ۾."

نند پليٽ هن ڏانهن وڌائي ٿو. ڪيس عجب لڳي رهيو آهي بنا ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ جي هوءَ هن سان ايترو گهائل مائل ڪيئن ٿي رهي آهي. هوءَ پليٽ مان ڪجهه ڪٽي ڪاڻ لڳي ٿي.

"پنهنجي واقفيت نه ٻڌايوَ."

"مون سمجهو ضرور ڪجهه ڄاڻ هوندوَ تڏهن اچي مون سان بيٺا آهيو."

"ائين نه آهي. دراصل مان ڏسي رهي آهيان، توهان ڪيتري وقت کان اڪيلا گنڀير بيٺا آهيو. هت ته ٻيو ڪو اهڙي نموني بيٺل نه آهي ۽ نه ئي ڪو ٻيهندو آهي. ائنڊ يو آر لڪنگ ڪوئيٽ هنڊسم، سوچيم پاڻ ۾ ڪجهه ڳالهائي وقت پاس ڪيون. ڊونٽ مس انڊرسٽنڊ، آءِ ايم الريڊي اِنگيجڊ."

"سو ايم آءِ، چنتا نه ڪريو. منهنجي ڪيس ۾ اجا آفيشل ائنائونسمينٽ ٿيل ڪونهي."

"سو ته اجڪلهه ڪير ٿو ڪري. مڱڻو ڇا جو؟ سڌوئي شادي."

"معاف ڪجو ائين ڪرڻ سان پارٽين ڏيڻ جو هڪ موقعو هميشه لاءِ گهٽجي ويندو."

"ائين برابر آهي. هت ته پارٽين وٺڻ وارن کان ڏيڻ وارن کي وڌيڪ اتساهه هوندو آهي. خير هاڻي پنهنجي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو نه."

"جي، مون کي نند ڪشناڻي چوندا آهن. هن سال ايم ڊي ڪئي اٿم. هن وقت بامبي هاسپيٽل ۾ جونيئر آهيان. پنهنجي ڪلينڪ ٿوري وقت ۾ چالو ڪرڻ جو ويچار آهي."

"اوهه فائين!" هوءَ سرڪيون پيري رهي آهي. "منهنجو نالو لتا آهي پر هو مون کي لينا چوندو آهي. ان ڪري هاڻي سڀ مون کي لينا چوندا آهن. هت اڪيلا آيا آهيو."

"نه!" هو آڱر سان پريان بيٺل آشا

چور ٿوريئي آهي. اسان جي تہ شادي ٿيڻ واري آهي.“

”باقي مون هن جون ڳالهيون ٻڌيون تہ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟“

”اهائي تہ تنهنجي اڀوجهائي آهي، جا مون لينا اڳيان پڌري ڪرڻ ٿي چاهي. رومانس جون ڳالهيون جيڪڏهن ڪو بہ نوجوان پاڻ جيڏي ڇوڪريءَ سان ڪري تہ ان جومطلب اهو ٿي آهي جو مون سمجهيو ۽ لينا سمجهيو. مون لينا کي ٻڌائڻ ٿيَ چاهيو تہ تون سچ پچ اهڙين ڳالهين ۾ انوسينٽ آهين، انڪري ئي اهڙيون ڳالهيون ٻڌين ٿي.“

”مون کي انوسينٽ ثابت ڪرڻ لاءِ تو مون کي اڀوجهہ بڻايو.“

”ڪڏهن ڪڏهن ائين ڪرڻو پوندو آهي.“

نند ڪيس پاڻ طرف ڇڪي ٿو. چوطرف نهاري ٿو. هڪ مٺي ڏيڻ لاءِ هن کي اڳيان ڇڪي ٿو تہ آشا سندس ڇپن تي هٿ رکي چوي ٿي. ”رستي تي رومانس بلڪل نہ!“ هو ڪلي ٿو ڏئي. نند سندس هٿ تي مٺي ڏيئي ڪيس ڇڏي ٿو ڏئي. آشا جي چهري تي هاڻ رونق اچي وڃي ٿي.

”مون کي اڃان بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي. ڪڏهن انسان جي دل ٿيندي آهي تہ پنهنجي دک ۽ ساڳئي وقت سک جون ڳالهيون ڪنهن سان ونڊي.“

نند ڪلي ٿو. ”تڏهن تہ چوان ٿو سچ پچ اڀوجهہ آهين. هاڻي جيڪڏهن بلڪل صاف لفظن ۾ ٻڌڻ ٿي چاهين تہ ٻڌ. جيري پلي تنهنجو مامو هجي پر سندس نظر يا ڇڻ نيت نيڪ نہ آهي.“

”ڪيئن؟“

”هڪ تہ ڪو بہ پنهنجي اهڙي رومانس جي ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪندو آهي. هي تہ ايتري قدر ويو جو توکي اُها ڇوڪري پڻ ڏيکاريائين. توکي ائين چيو هونڊائين تہ ”هن سان اسان ٻنهي جي واقفيت جي ڳالهہ نہ ڪج.“

”اهو تہ سياويڪ آهي.“

”سياويڪ آهي، تڏهن تہ بنان ٻڌڻ جي مان چئي سگهان ٿو.“ نند جي آواز ۾ هلڪي طنز آهي. آشا طنز سمجهي خاموش ٿي وڃي ٿي.

نند، ”اهڙي نموني جون ڳالهيون. ڪوڙو سچو رومانس ٻڌائي جيريءَ جهڙا شخص خبر نہ ڪيترين ڇوڪرين جا جذبا جاڳائيندا آهن ۽ اڪيلائي ۾ اهڙيون ڳالهيون گهڻيون، وڌيڪ اونهيون ۽ تفصيلن سان ڪري، فائدو پڻ وٺي سگهندا آهن.“

”تہ تون سمجهين ٿو جيري اهڙي قسم جو شخص آهي؟“ آشا هن جي ڳالهين کان متاثر ٿيڻ لڳي ٿي.

”بلڪل! توکي خبر تہ آهي، هن ڪيترين ئي ڇوڪرين سان رومانس ڪيو آهي. ان وقت ئي توکي سمجهي وڃڻ کپندو هئو تہ هو ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي. مان تہ هن کي ڏسڻ سان ئي سمجهي ويس تہ هو ڪريل قسم جو جوان آهي.“

”پوءِ مون کي اوڏانهن وڃڻ ڇو ڏنئہ. يا گڏ ڇو ڪو نہ آئين؟“

”بنا دعوت اچڻ معنيٰ تنهنجي

ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن، جي جيڪڏهن هميشه لاءِ قائم رهن ته ڪير به بور نه ٿي سگهندو آهي.“

”مثال طور!“

هاڻي ظاهر آهي ته نند آشا جي سوالن جو جواب نه ڏئي رهيو آهي، بلڪل اهو ڪجهه دهرائي رهيو آهي جو هو گذريل ڪن گهڙين کان من ئي من ۾ سوچيندو پئي رهيو آهي

”رات جي هن وقت اسان ڪيتري نه فرحت محسوس ڪري رهيا آهيون.“

آشا منيون پڪوڙي چاتيءَ تي رکي اکيون بند ڪري ڪجهه پاڻ سيتي چوي ٿي . ”تڏي سمنڊ جي هير مون کي ته مست ڪري رهي آهي. هوا جو جهوٽو جڏهن منهنجي بدن کي ڇهي ٿو تڏهن دل ان مان پورو پورو لطف حاصل ڪرڻ چاهي ٿي، پر جن انگن تي ڪپڙا پيل آهن سي وانجهيل رهن ٿا، ته به ان جهوٽي جي ڪري ڪپڙن ۾ جا تڏي لرزش پيدا ٿئي ٿي سا بدن ۾ مٺڙ جذبا جاڳائي ٿي... (آهستگيءَ سان) ان جو هڪ سبب تنهنجي مؤجودگي پڻ آهي.“

”هر انسان هن وقت اهڙي فرحت چو ڪو نه و ماڻي سگهي؟ هي سڀ هميشه لاءِ چو ڪو نه ٿو قائم رهي.“

”چانڊوڪي نيم انوسار ايندي رهي ٿي. مٺڙ هوا سمنڊ تي هميشه لاءِ آهي.“

”غلط! صبح جو ڪم ... ڏنڊو... رات جو ٻن گهڙين جو سک، ... ڪجهه وقت گهاٽو ڪجهه وقت آسائش... آخر هي چڪر چو ٿي هلي،، ڪنهن لاءِ ٿو هلي ۽ ڪيستائين هلندو؟“ نند جو ڳالهائڻ بحث جي نوع ۾ نه آهي. هو بلڪل گنڀير آهي. ائين لڳي رهيو آهي گويا ڪنهن نشيدار دوا جي اثر هيٺ ڳالهائيندو پيو وڃي.

آشا، ”جنهن ماڻهوءَ عمر ۾ شراب نه پيتو هجي، ان کي شروعات ۾ بيئر پڻ اثر ڪندو آهي.“

نند ڪلي چوي ٿو ”چري، بيئر داروبندي جي ڪري پارٽين ۾ نه ملندو آهي. اندر هئو ڪٿي؟“

ڪجهه وقت پئي خاموش آهن. آشا کان وري رهيو نٿو ٿئي.

”اجان ڇا سوچي رهيو آهين؟“

”ساڳي ڳالهه آهي پنهنجي باري ۾.“

”پنهنجي باري ۾؟“

”ها... اسان شادي ڪنداسين... ٻار ٿيندا، اهي به اسان وانگر پيار ڪندا ۽ شادي ڪندا. وري اسان هجون يا نه، پر انهن جا به ٻار ٿيندا... اهي پڻ پيار ڪندا ۽ شادي ڪندا... وري تن جا ٻار ٿيندا....“

آشا کان ٽهڪ نڪري وڃي ٿو. ”ها، سو ڇا؟“

”اهو چڪر چو ٿو هلي؟ آخر ان جو مطلب ڇا آهي (ڪڙو ٿيندي) دراصل مان سوچي رهيو آهيان ته هي سڀ ڪجهه بي سود آهي. ڪنهن به ڳالهه جو ڪو مطلب نه آهي. تون پنهنجي ليکي ئي سوچي ڏس. هي اسان ڪائون پيون ٿا، گهمون ڦرون ٿا، پيار ڪيون ٿا ۽ جهڳڙا ڪيون ٿا... آخر سڀ ڪجهه ڇو؟“

”جيئڻ لاءِ“ آشا ٺهه پهه جواب ڏئي ٿي.

”جيئڻ لاءِ سبب؟ ... اول ته

"سو تہ مون سان ڪري ويو."

"پوءِ؟"

لعلچند سوچ ۾ پئجي ويجي ٿو. آشا جي ڳالهائڻ جي نوع مان هو سندس باغي رخ جو اندازو لڳائي ٿي سگهيو.

"آشا اسان ان سوسائٽيءَ ۾ ٿا رهون جتان هيٺ ڏسڻ واجب نہ آهي. ميجيان ٿو نند سان مائٽي ڪرڻ ۾ اسان لاءِ گهٽتائي نہ آهي، پر اهو فخر بہ تہ نٿا ڪري سگهون جو هڪ سشيل ۽ اڪيلي ڌيءَ جو پيءُ هيڏي ساري ملڪيت هوندي جيڪر ڪري خئر ڇڏ ان ڳالهہ کي. توکي اهو نيڪ ٿو لڳي تہ اسان جي پنهنجي ڪٽنب جا ياتي اسان جيترو يا ڪنهن سونهائيندڙ حد تائين چڙهيل نہ هجن؟ اج شانتيءَ لاءِ جيڪڏهن ڪو رواجي ڇوڪرو. ٿرڊ ڪلاس گورنمينٽ سرونٽ ڪٽجي تہ ملڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪو نہ ٿيندي، پر اهو مون کي نيڪ نٿو لڳي تہ هو غريبيءَ ۾ گذارن ۽ هر وقت سندن هٿ پنهنجن چڙهيل مائٽن ڏانهن هجي."

"توهان جو هيڏي ڏيتي ليتي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا آهيو. اها ڇا ڪافي ڳالهہ نہ آهي. بهتر پنهنجي سوسائٽيءَ ۾ ڳالهہ هلايو."

"پنهنجي سوسائٽيءَ ۾ وڏ ڪان سواءِ ڇوڪرو ملڻ مشڪل آهي. اها ڳالهہ مون کي پسند ڪونهي."

"وڏ سان وڏ بہ نہ، گهٽ گهر بہ نہ، تہ باقي توهان هٿ ڪهڙي ڳالهہ ۾ ڪس ڪائڻ لاءِ تيار آهيو جو هر هر ڪس ڪٿر جي ڳالهہ پيا ڪريو؟"

"توکي هن وقت هي سڀ ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ اينديون. ڪجهہ غور ڪري ڏس. اسان جو مقصد صرف هڪ هٽڻ ڪپي تہ ڪٽنب جا سڀ ياتي چڙهيل هجن، سکيا ستابا هجن."

"هڪ ڳالهہ چوان دادا؟"

"چئہ نہ؟"

"تہ پوءِ هنن کي ڪا فلئٽ، يلي سادي ڇو ڪو نہ ٿا وٺي ڏيو. هتي ڪالونيءَ ۾ ڇا حالت اٿن. صبوح جو تائليٽ لاءِ بہ لائين ۾ بيهڻو پوندو اٿن. سوڙها سڪورا وينا آهن."

"ائين تہ وينا آهن نہ حال. سيني کي سڀ سک ڪو نہ ملندا آهن. پهرين شانتيءَ جو ڪارج ٿي بهي پوءِ ڏسنداسين."

آشا مشڪي چوي ٿي. "مون کي هي سڀ غير منطقي لڳي رهيو آهي. سٺي جاءِ ۾ رهندا تہ سٺي مائٽيءَ ۾ سهوليت ٿيندي، هتي ايندي خئر هي توهان جو آخرين فيصلو آهي؟"

"بهرحال، هيو تہ ڪو چاڙهو ڪونهي."

"نيڪ آهي" چئي آشا ڏگهو ساہ کڻي ٿي. هوءَ اٿڻ هارڪي ٿئي ٿي تہ لعلچند کيس ويهڻ جو اشارو ٿو ڪري، هن جو سخت رخ ڏسي ڪجهہ موٽ ڪائڻ واجب ٿو سمجهي. چوي ٿو. "مون کي صرف ان ڳالهہ ۾ ئي سنتوش ٿئي ها جيڪڏهن نند "ها" ڪري ها. ياڻس نہ مجي سا بي ڳالهہ آهي. گهٽ ۾ گهٽ نند کي تہ انڪار نہ ڪرڻ کپندو هئو. کيس سچائي ڏيکارڻ کپندي هئي."

اچانڪ آشا سڏڪن ۾ ٿي اچي

